# مهراڻ

ABC CERTIFIED

نمبر 2/2022ع





# هيءَ جا لات ”لطيف“ جي

مون کي ڦرَ ڦرِيءِ، وار ڏِئين ڦَلهاءِ
توکي ساري سُپرِين آءُ پُندِيَسِ ماڳِ مَرِيءِ
توکي سَري سُپرين آسان تان نَہ سَرِيءِ
مُنهِنجي تو ريءَ ناهِ کا ڳُجهاندَر ڳَرِي.

(سُر ليلان)

***

## سمجهاڻي:

او منهنجا وڻ او ڦِڻ تون واپس اچ ۽ مون کي هڪ وڌيڪ موقعو عطا ڪر. او منهنجي ساهہ جا سپرين، آءٌ توکي سارينديِ ۽ سنڀاريندي مري پوندس. بيشڪ تنهنجو مون کان سواءِ گذر ٿي سگهي ٿو پر مان توکان سواءِ گهڙِي نٿي گهاري سگهان. منهنجي لاءِ توکان سواءِ ڳجهہ ڳرهڻ ۽ پنهنجي حال اورڻ جي ٻي ڪا واهہ ۽ واٽ نہ آهي (توکان سواءِ منهنجو ٻيو ڪو حال ڀائي نٿو ٿي سگهي).

(شاهہ جو رسالو) محقق: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
**شارح: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو**
ڇاپو پهريون: 2016ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار

دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين

## نياز همايوني



# التجا

اڳ هئي دُعا، علم ۽ رزق اي رحمان ڏي،
اڄ التجا، اي ڏڻي! ڪجھ نه ڏي، ايمان ڏي!

داناءَ جي دانش ۽ فلسفي تختا ڪِديا،
جو پار اُڪاري اهو ناخدا نادان ڏي!

مرِّيخ ۽ چنڊ جون منزلون، الحمد: پر،
انسان کي خودشناسيءَ جو عرفان ڏي!

تقويٰ منجهان تو ملي، رُستگاريءَ جو ثمر،
بي فيض جي ذهن کي، تون اهو ايقان ڏي!

گهرجي نٿي فسق ۽ ريب جي ڪائي خوشي،
اُن جي عوض صدق ۽ خير جو ارمان ڏي!

هڪ جي خطا ۾ نه ڏي، تون سزا مڙنيءَ کي،
حق جي صدا لاءِ ڪن کي ته ڪو غفران ڏي!

جيئرا جنازا ڏسي، روح تو ڏُرڙيون پيري،
ڏرتيءَ کي اي خدا، زنده دل انسان ڏي!

بيڪس "نياز" آهه بس طالب اِن اِحسان جو،
تاريڪ جي راهه تي، نور جو فيضان ڏي!

# ٽماهي مهراڻ

ABC CERTIFIED

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]


جلد 72 | اپريل- جون 2022ع | نمبر 2



سرپرست

**مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘**

چيئرمين

ايڊيٽوريل بورڊ:

**ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ**

**ڊاڪٽر نواز علي شوق**

**ڊاڪٽر اسد ’جمال‘ پلي**

سيڪريٽري

**سيد سڪندر علي شاهه**

ايڊيٽر

**ثمينه ميمڻ**






ڄامشورو، سنڌ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# سوچ-لوچ

'مهراڻ' 2022/2ع جو پرچو اوهان پڙهندڙن جي هٿن تائين پهتو آهي، رسالن ۾ پيش ڪيل مواد جو معيار ۽ ترتيب ڪيئن آهي؟ ان بابت اوهان پڙهندڙن ۽ لکندڙن جي صلاحن مشورن ۽ راين مان ئي معلوم ٿي سگهي ٿو، ڇو ته پڙهندڙ ئي نقاد ۽ منصف آهن، جيڪي ادب جي صحيح ڪارج ۽ اهميت جي ڪٿ ڪري سگهندا آهن.

سٺو ادب بهتر سماج جي جڙڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو، ۽ اهڙو ادب جيڪو هر ڪنهن ۾ پڙهڻ لاءِ اُتساهي ۽ لکڻ لاءِ پڻ آماده ڪري ۽ اهڙو ادب جيڪو سماج جي سنوار ۾ پُل جيان جوڙي مضبوط ڪري جنهن جي ڪري اسان جو سماج ترقي يافته سماجن جي صنف ۾ ڳڻيو وڃي. اهڙي ادب سِرجڻ جي بهرحال هر دؤر ۾ ضرورت پوي ٿي، جيڪو سماج جي اوڻاين ۽ ڪوتاهين جي نشاندهي ڪري صحي دڳ لائي ۽ سماج ۾ سجاڳيءَ سان گڏ اجتماعي سوچ پيدا ڪري.

**بورڊ آف گورنرس جو اجلاس:**

تاريخ 12- اپريل 2022ع تي چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' جي صدارت هيٺ بورڊ آف گورنرس جو اجلاس ٿي گذريو. اجلاس جي شروعات ۾ مخدوم خليق الزمان 'خليق' لاءِ فاتح پڙهي وئي ۽ مغفرت جي دعا گهُري وئي. ان کان پوءِ اجلاس ۾ اداري جي گذريل ٽن سالن جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺندي ميمبرن جي گڏيل راءِ سان بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' جي اداري لاءِ ذاتي دلچسپي ۽ بورڊ کي وقت ڏيڻ ۽ ڪيل ادبي علمي خدمتن کي واکاڻيندي خراج تحسين پيش ڪيو، ۽ اداري جي بهتريءَ ۽ ترقيءَ لاءِ پڻ مختلف تجويزون پيش ڪيون ۽ اداري جي ٽنهي رسالن 'مهراڻ'، 'سرتيون' ۽ 'گل ڦل' جي معيار ۽ وقت تي شايع ٿيڻ تي اطمينان جو اظهار پڻ ڪيو.

**بورڊ جي ملازمن سان چيئرمين صاحب جي گڏجاڻي:**

تاريخ 12- اپريل 2022ع تي سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' بورڊ جي سيني ملازمن سان بورڊ جي ڪم ڪار جي سلسلي ۾ تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ ان کان پوءِ شعبن جي سربراهن سان پڻ گڏجاڻي ڪئي ۽ ڪجهه تجويزون ۽ هدايتون پڻ ڏنيون، ۽ ٽنهي رسالن جي ايڊيٽرن سان پڻ ملاقات ڪري ڪارڪردگيءَ جي حوالي سان رسالن جي معيار ۽ وقت تي شايع ٿيڻ تي واکاڻ ڪئي.

**پڳهه ڇوڙي پنڌ پيا:**

**سهيل فيصل ابڙو:**



سنڌ جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي مرڪز حضرت مخدوم غوث الحق نوح ؒ جي نگري هالا نوان سان تعلق رکندڙ نوجوان ڪمپيئر، صداڪار، شاعر، باڪمال آواز جو مالڪ، باڪردار شخصيت ۽ تعليمدان سهيل فيصل ابڙو 12- مئي 2022ع تي 46 ورهين جي ڄمار ۾ انتقال ڪري ويو. سهيل ابڙو 28- فيبروري 1976ع تي ڳوٺ هالا ۾ پيدا ٿيو. ننڍپڻ کان ئي ذهين ۽ محنتي شاگرد رهيو.

سهيل ابڙو ڪاليج جي زماني کان ئي هالا جي علمي، ادبي ۽ سماجي اُفق تي پنهنجي نالي جيئان جرڪندڙ ستارو بڻجي اُڀريو ۽ ايف.ايم ريڊيو تان نشر ٿيندڙ مشهور پروگرامن خوشبو جي سنگ سنگ، ريڊيو ڊاڪيومينٽريز توڙي پروفائيلز پنهنجو مَٽ پاڻ رهيا آهن. انهن پروگرامن ۾ ڪمپيئر طور پنهنجون خدمتون پڻ سرانجام ڏنيون. پاڻ ٻن ڪتابن 'غلام سندر نالو' جو سهيڙيندڙ ۽ 'خانا بدوش جو خواب – گورک' سفرنامي جو سرجيندڙ هو.

سال 2011ع کان وٺي سهيل ابڙو کي جگر جي بيماري ظاهر ٿي ۽ 17- مارچ 2022 تي پاڪستان ڪڊني اينڊ لور انسٽيٽيوٽ لاهور ۾ ٽرانسپلانٽ ڪرايو، پر 55 ڏينهن اسپتال ۾ جهيڙيندي 12- مئي 2022ع تي 46 ورهين جي ڄمار ۾ خالق حقيقي سان مليو.

**عبدالقادر منگي:**

ناليوارو ليکڪ ۽ ثقافت کاتي جو اڳوڻو سيڪريٽري عبدالقادر منگي صاحب 11- اپريل 2022ع تي ڪراچيءَ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. 26- نومبر 1947ع تي رتيديري ۾ جنم وٺندڙ عبدالقادر منگيءَ جو اصل نالو محمد بچل هو ۽ سندس والد جو نالو علي شير خان منگي هو.



پاڻ پرائمري تعليم ۽ مئٽرڪ فرسٽ ڪلاس ۾ رتيديري جي هاءِ اسڪول مان پرائي. ۽ 1968ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻي مان انٽر سائنس ڪيائين ۽ ڪميشن پاس ڪرڻ کان پوءِ پاڪستان فاريسٽ انسٽيٽيوٽ ڪاليج پشاور مان 1970ع ۾ ڊپلوما بي.ايس.سي (B.s.c) فاريسٽري پاس ڪري سنڌ ۾ رينج فاريسٽ آفيسر مقرر ٿيو. 1978ع ۾ صوبائي سول سروس ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ اسسٽنٽ ڪمشنر ٿيو. ڪجهه عرصي کان پوءِ سنڌ جي مختلف شهرن ڪنڊيارو، گهارو، ٽنڊوالهيار ۽ سجاول ۾ اي.سي ۽ ايس.ڊي.ايم رهيو. 1988ع ۾ 18 گريڊ ۾ لاڙڪاڻي جو ايڊيشنل ڪمشنر پڻ مقرر ٿيو.

عبدالقادر منگي صاحب جو علم ۽ ادب سان شغف ۽ سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت سان محبت هئڻ ڪري تاريخي ماڳن ۽ مشاهيرن تي ڪانفرنسون ۽ سيمينار پڻ ڪرايا. سنڌ جي شهر گهاري، ٽنڊوالهيار ۾ پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ڀنڀور، ديبل ۽ وتائي فقير تي سيمينار ڪرائي انهن پڙهيل مقالن کي ڪتابي صورت ۾ شايع پڻ ڪرايائين. جيڪي تاريخ ۽ ثقافت جا اهم دستاويز آهن.

1992ع ۾ ٿر ۽ مٺيءَ جي نئين قائم ٿيل ضلعي ۾ ٿرين کي سهوليتون ۽ بهتر زندگي مهيا ڪرڻ لاءِ سيمينار ڪرايائين، ۽ انهن پڙهيل مقالن تي هڪ ڪتاب 'ٿر' جي نالي سان شايع ڪرايائين، ۽ انهن خدمتن عيوض سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن پاران 1994ع ۾ (Services to down Trodden of Thar) ايوارڊ سان نوازيو ويو. 2009ع کان 2011ع تائين گورک هل ڊولپمينٽ اٿارٽيءَ جو ڊائريڪٽر جنرل پڻ رهيو.

ويجهڙائيءَ ۾ 2019ع کان 2021ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جو بورڊ آف گورنرس جو ميمبر پڻ رهيو. سندس آخري پوسٽنگ سيڪريٽري و ڪلچر، ٽوئرزم ۽ سوشل ويلفيئر طور ٿي، جتان 27- نومبر 2007ع تي رٽائر ڪيائين.

سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين، بورڊ آف گورنرس جا ميمبر، سيڪريٽري ۽ ٽماهي 'مهراڻ' جي سمورو سٽ سهيل فيصل ابڙو ۽ عبدالقادر منگي صاحب جي ڪُمهلي موت تي پونيئرن سان سندن غم ۾ شريڪ آهن.

**پڙهندڙن لاءِ ڪجهه گذارشون:**

(1) ليکڪ مهرباني ڪري مواد جي ڪاپي پاڻ وٽ رکن، موڪليل مواد جي واپسيءَ جي تقاضا نه ڪئي وڃي ۽ اداري طرفان پيشگي معذرت قبول ڪئي وڃي.

(2) ٽماهي 'مهراڻ' ۾ جيڪو به مواد موڪلجي اهو ڪنهن به ٻي رسالي يا اخبار ۾ اشاعت لاءِ نه موڪلجي جيستائين اداري طرفان مدلل معذرت نه پهچي.

(3) هڪ ئي وقت ساڳيو مواد مختلف ادارن کي موڪليندڙ معزز ليکڪن کان اداري طرفان مستقل معذرت ڪئي ويندي.

(4) مواد جو انتخاب ۽ اشاعت جو وقت اداري کي طئہ ڪرڻ جو اختيار رهندو، معزز ليکڪ هن سلسلي ۾ انتظار ڪن ۽ اداري سان تعاون ڪن، اسان جا مانائتا محقق بهترين ڪهاڻيڪار ۽ سُلڇڻا شاعر 'مهراڻ' جي معيار تي برقرار رکڻ جا بنيادي نميوار آهن، ۽ سندن ڪاوشن کي پيش ڪري اسين فخر محسوس ڪريون ٿا، اميد تہ اداري 'مهراڻ' سان سندن تعاون هميشہ برقرار رهندو.

(5) "مهراڻ" جي مواد ۾ ڇپيل راين، تجزين، نتيجن ۽ علمي فڪري زاوين جي سموري نميواري مانوارن ليکڪن جي هوندي. سندن راين کي "سنڌي ادبي بورڊ" جي راءِ نہ سمجهڻ کپي.

(6) پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت "مهراڻ" جي معيار ۽ روايتن کي خيال ۾ رکڻ کپي ۽ اِها خاطري ڄاڻائڻ لازمي آهي تہ اُهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ جي لاءِ ڪنهن بہ رسالي يا اخبار کي نہ موڪليل آهن.

(7) تحقيقي مواد موڪلڻ وقت، مقالي جي اندر حوالن جا نمبر ۽ آخر ۾ جن ڪتابن تان حوالو ڪنيل هجي، ان ڪتاب جو صفحو محقق جو نالو، ڇپجڻ جو سال ۽ ڇپائيندڙ اداري جو نالو ڏيڻ تمام ضروري آهي تہ جيئن حوالا پيڻڻ ۾ آساني ٿئي. ترجمي جي صورت ۾، جتان مواد ترجمو ڪيو وڃي، اُن اصل لکت جي صاف فوٽو ڪاپي ساڻ موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح واضح حوالو پڻ ڄاڻائجي، جتان اهو مواد ترجمو ڪيو ويو آهي.

(8) ڪتاب تي تبصري ڇپائڻ لاءِ اُن ڪتاب جون بہ عدد ڪاپيون ايڊيٽر 'مهراڻ' کي موڪليون وڃن، ٻي صورت ۾ مواد ڇاپڻ کان معذرت ڪئي ويندي.

(9) فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ پهتل مواد ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ڪونہ ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانہ ڪئي ويندي ۽ لڪيرن وارو پنو استعمال نہ ڪجي.

(10) مانوارن شاعرن کي خاص استدعا آهي تہ هڪ ئي صفحي تي هڪ کان وڌيڪ ڪلام لکي موڪلڻ بہ کان پرهيز ڪندي، هر ڪلام لاءِ الڳ ڪاغذ استعمال ڪرڻ واري مهرباني کي هميشہ قائم رکن.

(11) مواد سمجهہ ۾ ايندڙ صاف ۽ سُٺن اکرن ۾، مس سان، A-4 سائيز ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس ڄاڻائڻ نہ وسارجي. فون نمبر، موبائيل نمبر يا اي ميل هجي تہ اُهو بہ لکجي. (نئون نڪور فوٽو موڪلڻ نہ وسارجي).

(12) پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ کپي، ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ ٻَڌل نہ رهندو.

(13) ايڊيٽر کي مواد ۾ ضروري درستين ۽ گهربل ڦيرڦار ڪرڻ جو پورو اختيار آهي. البت ان ڳالهہ جو خيال رکيو ويندو تہ جيئن ليکڪ جو مخصوص اُسلوب ۽ مواد جو اصل مفهوم قائم رهي.

(14) نظرثاني کان سواءِ ۽ تڙ تڪڙ ۾ رَهڙي موڪليل مواد جي ڪري هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو تہ ٻئي طرف درستين لاءِ بنهہ گهڻو وقت سيڙائڻو پوي ٿو. جيتري قدر ٿي سگهي، پنهنجي طرفان آخري طرح پورو اطمينان ڪجي تہ مواد صاف ۽ واضح، مڪمل ۽ صحيح آهي.

(15) اهو ضروري ڪونهي تہ ڪوبہ مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. چونڊ ۽ اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نہ ڇپجڻ جي حالت ۾، سبب ڄاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر ٻَڌل نہ رهندو.

**ثميند ميمڻ**
ايڊيٽر 'مهراڻ'

فتح محمد عرف ڦوٽو شهوڪ ولد نور محمد شهوڪ بلوچ 1932ع ڌاري ڳوٺ جمع شهوڪ لڳ ڪيبر تعلقہ هالا، ضلع حيدرآباد ۾ ڄائو. نور محمد شهوڪ کي فتح محمد کان سواءِ ٻہ فرزند محمد سومار شوڪت ۽ لٺونگ شهوڪ ٿيا. فتح محمد ڪيبرن ۾ پنجين جماعت تائين تعليم ورتي، سندس استاد صابو ميمڻ هئو، اڃا ننڍڙو هئو تہ سندس والد انتقال ڪري ويو. اُن ڪري 1935ع ۾ ڳوٺ جي ڪنهن شخص ڪيس حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر سائين جن وٽ پيش ڪيو ۽ عرض ڪيو تہ قبلا سائين ! هيءُ يتيم ٻار آهي، هِن جو سنڀاليندڙ ڪير بہ نہ آهي. جيئن تہ پاڻ خدا ترس شخص هئا ۽ لِڪ ڇپ ۾ مستحق ماڻهن جي مدد ڪندا رهندا هئا، اُن ڪري پاڻ فرمايائون تہ هن ٻار کي اسان وٽ ڇڏيو هِن جي پرورش اسان پاڻ ڪنداسون. پاڻ سندس رهڻ، کائڻ پيئڻ ۽ تعليم ڏيارڻ جو حڪم ڏنائون. الين درجي تائين تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ سندس، تعليم ڏانهن دلچسپي گهٽ نظر ايندي قبلا سائين جن ڪيس پنهنجن خدمتگارن ۾ شامل ڪيو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ سندن حڪم تحت ڪيس حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سائين جن جي خدمتگارن ۾ شامل ڪيو ويو. حضرت قبلہ طالب الموليٰ سائين جن سندس شادي، ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻيءَ جي رهواسي محمد عارب بن قادر بخش نظاماڻيءَ وٽان ڪرائي جنهن مان ڪيس ستَ نياڻيون ۽ چار فرزند، مشتاق حسين شهوڪ (ولادت: 9، ڊسمبر 1953ع)، الطاف حسين شهوڪ (ولادت: 4، جنوري 1962ع)، اشفاق حسين شهوڪ (ولادت: 15، ڊسمبر 1975ع) ۽ امتياز حسين شهوڪ (5 سالن جي عمر ۾ 4 جنوري 1981ع تي گذاري ويو) ٿيا. فتح محمد جو وڏو فرزند مشتاق حسين شهوڪ بينڪ آفيسر آهي. قبلا طالب الموليٰ سائين جن سندس ذهانت ۽ وفاداريءَ کي مدِ نظر رکندي "يادِ رفتگان" ڪتاب جي ڇپرائڻ جي سلسلي ۾ ڪيس پوري سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ڏانهن وڃڻ جو حڪم ڏنائون تہ جيئن اُتي جي شاعرن جي زندگيءَ جي باري ۾ معلومات ۽ تصويرون وٺي اچي. جيتوڻيڪ اُن وقت رستن روڊن ۽ سوارين جون سهولتون بہ نہ هيون پر پاڻ قبلا سائين جن جي حڪم جي بجا آوريءَ ۾ ڏينهن رات هڪ ڪيائين ۽ گهربل مواد ۽ تصويرون ڪٺي اچي قبلا سائين جن جي خدمت ۾ پيش ڪيائين. فتح محمد شهوڪ جيترو وقت بہ زنده رهيو قبلا طالب الموليٰ سائين جن وٽ، بااخلاق ۽ وفادار ملازم ٿي رهيو ۽ زندگيءَ جو پهريون عمرو بہ ساڻن گڏ 1950ع ۾ ڪيائين. پاڻ مختصر علالت کان پوءِ 7، شوال 9/1428، نومبر 2007ع تي رات جو 1-بجہ راجپوتانہ اسپتال حيدرآباد ۾ 75 ورهين جي عمر ۾ وفات ڪيائين. ڪيس درگاهہ شريف جي پويان دفن ڪيو ويو.

**مخدوم جميل الزمان**
ڪتاب 'درناياب عرف يادرفتگان'
صفحي 23-24 تان ڪنيل

# لافاني ڪلام

برصغير جي اڳين عالمن مان قرآن مجيد جي سڀ کان اڳ ۾ خدمت ٽين صدي هجريءَ ۾ سنڌ ۾ ٿي، جو منصوره سنڌ ۾ قرآن حڪيم جو سنڌي ترجمو لکيو ويو. اڳتي هلي پاڻ سنڌ جي هڪ وڏي عالم شيخ طاهر محدث تفسير مجمع البحار عربيءَ ۾ لکيو. علامه طاهر، علامه شهاب الدين سنڌيءَ جو شاگرد هو. هن جي ٻين استادن مان سندس سؤٽ شيخ معروف، علامه عثمان سيتاپوري علائقي بکر ۽ علامه عبدالڪريم ميران بوبڪائي وڏي شهرت جا مالڪ آهن. ٻيو تفسير مخدوم عيسيٰ جندالله سنڌي پاٽائي جو تفسير انوار الاسرار آهي. هن تفسير ۾ تصوف جي اسرارن ۽ نڪتن کي گهڻو آندو ويو آهي. هن جو هڪ جلد سنڌ يونيورسٽيءَ جي مکيه لائبرريءَ ۾ آهي. شاهه حسن ارغون جي استاد شيخ مصلح الدين سنڌي تفسير بيضاويءَ تي هڪ بسيط حاشيو لکيو. مدارڪ تفسير علامه نسفيءَ جو دنيا ۾ مشهور آهي. شيخ طاهر سنڌي هن جو اختصار لکيو، جنهن جو نالو آهي خلاصة المدارڪ. ڏهين صديءَ ۾ مخدوم نوح هالائي عليه الرحمة قرآن پاڪ جو فارسيءَ ۾ ترجمو لکيو ۽ درميان ۾ مختصر تفسيري نوٽ لکيا. هيءُ ترجمو سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپائيءَ جي آخري مرحلي ۾ آهي. هن جي وڏي خوبي اها آهي جو قرآن مقدس جي مقطعات جا اسرار بيان ڪيا ويا آهن ۽ بسم الله الرحمٰن الرحيم جيترا پيرا آئي آهي ان جي اڪثر مختلف معنيٰ ڪئي وئي آهي. ان کانسواءِ سنڌي زبان ۾ ڪئين تفسير ۽ ترجما لکيا ويا آهن. هن صديءَ ۾ تفسير بيضاويءَ تي عربيءَ ۾ هڪ طويل حاشيو علامه استاد ڪُورائي سنڌيءَ ۾ لکيو جو ڪارخانه تجارت ڪتب ڪراچيءَ طرفان گهڻا پيرا ڇپيو آهي.

**علامه غلام مصطفيٰ قاسمي**

رسالو مهراڻ 1981/1ع تان کنيل

**تحقيق**



ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# معلمن، ملاحن ۽ وڻجارن ذريعي اسلام جي تبليغ

محترم جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب هيءُ مضمون ”سنڌ هجري ڪانفرنس“ ۾ پڙهيو هو، جيڪو انهي ڪانفرنس جي ڇپيل ڪاروائيءَ ۾ آيل آهي. هيءُ ڪانفرنس انٽرميڊيئيٽ بورڊ ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن بورڊ حيدرآباد جي آڊيٽوريم ۾ 18 ۽ 19 ڊسمبر 1981ع تي منعقد ٿي هئي، هن ڪانفرنس جي صدارت جناب اي.ڪي بروهي صاحب (چيئرمين هجري ڪميٽي ڪئي ۽ خاص مهمان جناب عبدالرحيم طوجي (سفير الجزائر) هو. (ايڊيٽر)

عرب ملڪ ۾ اسلام ڦهلجڻ شرط اهل ايمان، استادن، مجاهدن، جهازرانن، تاجرن ۽ سياحن جي روپ ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا. شروعاتي دؤر ۾ اسلام جي علمبردارن ۾ خاص ڪري هجرت جي نظريہ اهو جذبو اڀاريو هو تہ اسلام ۽ ايمان خاطر متحرڪ رهجي ۽ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ منتقل ٿجي. ان جذبي تحت هو بنا چون چران جي پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي ڪري بر ۽ بحر جا سفر ڪري، انسان ذات کي خداءِ واحد جي بندگيءَ جي دعوت ۾ لڳي ويا ۽ مختلف اطراف ۽ اڪناف ۾ الله جي عظمت جو نعرو بلند ڪيائون. جيئن تہ هنن جو اهو مضبوط عقيدو هو تہ بر ۽ بحر الله جي ئي ملڪيت آهن ۽ هن جي ٻانهن لاءِ اهي کليل آهن، ان ڪري جتي هو ويا ٿي تہ اتي هنن پاڻ کي محفوظ ۽ سلامت ٿي سمجهيو. انهن صالح ٻانهن الله تي ڪامل ڀروسو رکي اسلام جي خاطر جيڪي بحري سفر ڪيا، تن جو ئي اهو اثر ٿيو جو ايشيا ۽ آفريڪا جا ساحلي علائقا سڀ کان اول اسلام ۾ داخل ٿيا. هنن علائقن ۾ اسلامي حڪومتن جو سياسي اثر گهٽ رونما ٿيو.

تاريخ ۾ گهڻو ڪري مسلمان مجاهدن جي خشڪيءَ ذريعي پيش قدميءَ جو ذڪر ملي ٿو ۽ نو آبادياتي دؤر جا مؤرخ جن جي ذهن تي فتوحات ئي ڇانيل هونديون آهن سي تہ هر حال ۾ خشڪيءَ ذريعي اسلام جي ڦهلاءَ کي بہ جنگي فتوحات جو ئي نتيجو سمجهن ٿا. حقيقت اها آهي تہ ان دور جي مظلوم ۽ بد اعتقاد معاشرن ۾ جن شين اسلام کي ڦهلائڻ ۾ مدد ڏني سي هيون مسلمان جو ذاتي اخلاق، سندن جديد عقائد ۾ سندن انقلابي اقدار.

سمنڊ جي سفرن ذريعي اوائلي مسلمانن جيڪي تبليغي ڪارناما سرانجام ڏنا آهن، تن تي هيل تائين تہ پورو توجهہ ڏنو ويو ۽ نہ انهن جو پوري طرح احاطو ڪيو ويو آهي. موسيٰ بن نصير جي مغرب طرف پيش قدمي ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪري رڪجي وئي آهي، پر طارق بن زياد اهو عظيم ڪارنامو سرانجام ڏنو جو هو سمنڊ پار ڪري اسپين ۾ وڃي وارد ٿيو. جنهن شيءِ اسپين ۾ اسلام پهچايو سا محض طارق جي فوجي قوت نہ هئي بلڪ اهو هن جو ڪامل ايمان بالله ئي هو جنهن هن کي سمنڊ پار ڪرڻ ۽ ٻيڙين کي ساڙائڻ لاءِ آماده ڪيو.

هيءُ ناقابل ترديد حقيقت آهي تہ سامونڊي ٻيٽن، ساحلن ۽ سامونڊي ڪناري وارن ملڪن ۾ اسلام جي ڦهلاءَ جو مکيہ ڪارڻ اسلام جو منصفانہ، روادارانہ ۽ آفاقي نظام حيات ۽ مومنن جو ذاتي ڪردار ئي هيو. مسلمانن ايشيا ۽ آفريڪا جي سامونڊي ڪنارن سان جيڪي عظيم الشان بحري سفر ڪيا سي ان حقيقت جي نشاندهي ڏين ٿا.

**ڏوراهان ساحل ۽ پرانهان پنڌ:**

مسلمانن مردن ۽ عورتن تاجرن ۽ ملاحن ايمان جي قوت ۽ زور تي ڏورانهن ساحلن ۽ پرانهين منزلن لاءِ نهايت ڏگها ۽ هولناڪ سامونڊي سفر ڪيا. هنن اوير آفريڪا ۽ ايشيا جي ساحلن تي نهايت دور دراز منزلن لاءِ لنگر ڪنيا. هن سلسلي ۾ تاريخ جي

ممڪن آهي ته انهن مهمن ۾ مقامي حاڪمن پڻ مسلمانن جي مدد ڪئي هجي.

عثمان جا بحري بيڙا سنڌ جي ”ديبل“ گجرات جي ”ڀڙوچ“ ۽ اڃان به ڏکڻ ۾ بمبئيءَ جي ويجهو ”ٿاڻي“ جي بندرن تي لنگر هڻڻ ڪانپوءِ سلامتيءَ ۽ ڪامرانيءَ سان واپس پهتا.

سن 15 هجري مطابق 636 عيسويءَ ۾ مسلمانن قادسيه جي جنگ ۾ ساسانين کي شڪست ڏني ان ڪانپوءِ ڏهن سالن جي عرصي اندر ايراني سامونڊي ڪنارو ۽ ان جا بندر اسلام جي دائري ۾ شامل ٿي ويا.

عرب ۽ ايراني ملاح ۽ وڻجارا ديني رشتي ۾ پاڻ ڳنڍجي ويا ۽ هنن پاڻ ۾ گڏجي ڪري، اسلام جو پيغام ۽ وڻج واپار ڏورانهن ڪنارن تائين وڃي رسايو.

اهڙيون قوي شاهديون موجود آهن ته اسلام جا علمبردار پهرين هجري صديءَ ۾ ئي ايشيا جي ڏکڻ سامونڊي ڪنارن کي جهاڳي چيني ساحل تي وڃي پهتا هئا. انهيءَ زماني ۾ عربستان کان ويندي سيلون تائين اولهه ايشيا جي ساحلي حڪمرانن سان دوستانه تجارتي تعلقات قائم ڪري ورتا هئا. سلون مسلمانن جي هڪ مکيه منزل هوندي هئي ۽ اتي هنن پنهنجي هڪ وڏي بستي پڻ قائم ڪئي هئي. سن 15 هجري مطابق 636 عيسويءَ ڪانوئي هڪ طويل مدي تائين هن سامونڊي ڪناري تي مسلمانن جي آزادانه ۽ مفيد تجارت جاري رکي. پر 75 سالن گذرڻ ڪانپوءِ يعني سن 90 هجري مطابق 709 عيسويءَ ڌاري سامونڊي ڌاڙيلن وري منهن ڪڍيو ۽ سلون کان عرب علائقي ڏانهن ايندڙ مسلمان تاجرن جي جهازن تي حملا ڪري ڦرمار ڪري ڪيائون. انهن جهازن تي مسلمانن جو تجارتي سامان، عورتون ۽ ٻار سوار هئا. جڏهن سنڌ جي راجا ڌاڙيلن جي خلاف ڪنهن به اقدام ڪرڻ ۽ مسلمان قيدين جي واپسيءَ کان نابري واري، تڏهن آخري علاج طور، عراق جي گورنر حجاج بن يوسف، محمد بن قاسم جي قيادت هيٺ هڪ مضبوط لشڪر روانو ڪيو. سن 93 هجري مطابق 712 عيسويءَ ۾ سنڌ جي راجا ڏاهر شڪست کاڌي ۽ خود قتل ٿي ويو. انهيءَ سال کان سنڌ پنهنجي مشهور ديبل بندر سميت بني اميه خلافت جو هڪ پرڳڻو بڻجي ويئي.

هن واقعي جي ڪري نه فقط ڌاڙيلن کي عبرتناڪ سبق مليو پر بصري کان وٺي ديبل تائين سمورو سامونڊي ڪنارو اسلامي حڪومت ۾ شامل ٿي ويو. اهڙي طرح هڪ طويل ۽ پرامن سامونڊي ڪنارو مسلمانن جي قبضي هيٺ آيو ۽ ان تي ابله (بصره) سيراف ۽ ديبل جي بندرن وڏي ترقي ڪئي. هاڻي مسلمانن ان ڪناري کي پنهنجو مرڪز بڻائي سلون کان به اڳتي پنهنجي تجارت ۽ سفر شروع ڪيا. جيئن هو وڌيڪ ڏکڻ طرف هليا ته هندوستان جي سامونڊي ڪناري جي ڪيترين ئي حڪومتن ۽ روشن خيال حاڪمن هنن جي حمايت ڪئي ۽ ساڻن تعاون ڪيو.

مسلمانن انهن علائقن ۾ ڀڙوچ، ڪنياته، ٿاڻه ۽ ڪولم جي بندرن کي وڏي ترقي ڏياري اهم تجارتي مرڪزن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ انهن مان هرهڪ بندر ۾ مسلمانن جون وڏيون بستيون قائم ٿي ويون.

جهڙي طرح پهرين صدي عيسويءَ ۾ سيلون تائين سفر ۽ تجارت چالو ڪيئي وئي هئي تهڙيءَ ريت ٻي صدي هجريءَ ۾ سلون کان مليشيائي ملڪن (موجوده انڊونيشيا، مليشيا، ڪمبوڊيا ۽ ويٽنام) سان نهايت ڪامياب سامونڊي تجارت شروع ڪئي ويئي آهي.

بنگلاديش جي سامونڊي ڪناري تي مسلمان سڀ کان پهريائين چٽگانگ جي علائقي ۾ پهتا. هن علائقي ۾ ئي سڀ کان پهريائين مسلمانن پنهنجون بستيون قائم ڪيون. چٽگانگ جي مقامي ٻوليءَ عربي لفظن جي موجودگي، مقامي ماڻهن جا عربن جهڙا مهانڊا ۽ اتان عباسي دؤر جي سڪن جو ملڻ اسان جي ان دعوىٰ جو ثبوت آهي. ياد رهي ته پهاڙ پور مان هڪ مئنامتيءَ مان به عباسي سڪا هٿ آيا آهن پر انهن کي نقط هڪ اتفاق به سڏي نه ٿو سگهجي. هن ملڪ ۾ مسلمانن جي سياسي قوت گهڻو وقت پوءِ تيرهين صدي عيسويءَ ۾ محمود بختيار خلجيءَ جي بهار ۽ بنگال فتح ڪرڻ سان رونما ٿي هئي.

هن دور ۾ اڃان به وڌيڪ اوپر ۾ سوماترا، جاوا، مليشيا ۽ موجوده ڪمبوڊيا ۽ ويٽنام جي ساحلن تي

---

جا جوان! تون هڪ بند تي ڪيڙن ماڪوڙن کي ويهاري سمنڊ جي ڇولين جي حوالي ڪري رهيو آهين؟“

جنهن راجا پهرين اسلام قبول ڪيو ان جي قبر ظفار [9] جي شهر ۾ موجود آهي. هن جي قبر تي هڪ ڪتبو لڳل آهي جنهن تي لکيل آهي ته متوفي عبدالرحمان السامري سن 212 هجري مطابق 827 عيسويءَ ۾ مليبار مان نڪتو هو ۽ 216 هجري مطابق 831 عيسويءَ ۾ وفات ڪيائين. جيئن ته راجا جا مسلمان ساٿي سندس وفات کان پوءِ مليبار ڏانهن موٽيا هئا تنهن ڪري هو ڪدن ڪلور ۾ 219 هجري يعني 834 عيسوي سال ۾ آيا هوندا اهو پڻ امڪان آهي ته اها قبر پوئين دور جي ڪنهن راجا جي هجي ڇو ته عام روايت موجب مليبار ۾ اسلام ان کان اڳ پهتو هو ۽ ڇيو وڃي ٿو ته حضور جن جي زندگيءَ جي زماني جي آهي.

**علم ۽ تعليم:**

ايمان، علم ۽ تعليم اسلام جا بنيادي اصول آهن. انهيءَ ڪري مسلمان جتي به وڃي آباد ٿيا اتي تعليمي ادارا قائم ڪيائون ۽ علم جي روشني پکيڙيائون ايشيا جي سامونڊي ڪناري تي ديبل (سنڌ) ڀڙوچ، ڪنبات ۽ سورت (گجرات) ماهم (بمبئي) ۽ فانان ۽ پونانی (مليبار) جي بندرن وڏي ترقي ڪئي ۽ اهم تعليمي مرڪز بنجي ويا. ديبل جي درسگاهن علم حديث جا وڏا عالم پيدا ڪيا. ابو جعفر ديبلي غالباً اهو پهريون عالم آهي جنهن مڪاتيب المرسلين نالي پنهنجي تاليف ۾ رسول الله ﷺ جن جا خط جمع ڪيا. مهائم ۽ فانان جي ساحلي تعليمي گاهن پنهنجي دور جا نامور عالم ۽ فاضل پيدا ڪيا.

**شيخ علاؤالدين علي المهائمي:**

ابتدائي دور ۾ مسلمان بمبئيءَ جي ماهم واري حصي مهائم ۾ اچي آباد ٿيا هئا. هڪ روايت موجب قريشن جو هڪ ٽولو حجاج بن يوسف (متوفي 95 هجري) جي انتقامي ڪاروائين جي خوف کان عربستان مان نڪتو ۽ اچي هتي آباد ٿيو. هن جي اچڻ سان بندرگاهه وڏي ترقي ڪئي ڇو ته عربستان ۽ چين واري بحري شاهراهه جي وچ ۾ هئڻ ڪري اتي مسلمانن جي ذريعي بين الاقوامي تجارت زور ورتو. از انسواءِ مسلمانن جي اتي آباد ٿيڻ مان مهائم اسلامي علوم جو مرڪز بنجي ويو ۽ جيستائين برطانيه ان تي قابض ٿيو تيستائين هيءُ علائقو اسلامي ملڪن جي مرڪز واري حيثيت رکندو آيو. شيخ علاؤالدين المهائمي (776-835 هجري 1374-1432 عيسوي) ڪونڪاني مسلمانن جي نسل مان هو. هو پنهنجي دور جو نهايت مشهور ۽ نامور عالم هو.

هن قرآن مجيد جو تفسير لکيو ۽ شافعي اصول فقہ تي پڻ هڪ ڪتاب تحرير ڪيائين. [10]

**شيخ زين الدين ابو يحيٰ:**

وڌيڪ ڏکڻ طرف وڃبو ته مليبار جي سامونڊي ڪناري تي ڪوشان (ڪوچين) ڪالي ڪوٽ (ڪاليڪٽ) فانان (پوناني) ۽ شاليات ۾ اوائلي مسلمانن جون بستيون نظر اينديون. هي شهر علم ۽ هنر جا اسلامي مرڪز بنجي ويا هئا. اسلام جي ابتدائي زماني ۾ علي بن احمد المعبري نالي هڪ عالم ۽ اهل الله بزرگ ڪوشان ۾ اچي آباد ٿيو هو. هن جي نسل مان قاضي زين الدين ابراهيم بن احمد هن خاندان جي زين الدين شاخ جو جدامجد لکيو وڃي ٿو. هو ڪوشان مان منتقل ٿي فانان ۾ وڃي رهڻ لڳو، جتي هن جي خاندان ۾ 13 شعبان سن 873 هجريءَ تي شيخ زين الدين ابو يحيیٰ پيدا ٿيو. هيءُ صاحب هڪ شهره آفاق عالم ۽ اهل الله هو. هن فانان ۾ هڪ مدرسه، هڪ مسجد ۽ هڪ خانقاه جو بنياد وجهي هن شهر کي هڪ عظيم تعليمي مرڪز بنائي ودو. هيءُ مدرسو ترقي ڪري مليبار جي هڪ مرڪزي درسگاهه (امهات المدراس) بنجي ويو ۽ ساحلي علائقي، اندروني ملڪ ۽ پرڏيسي وارن هيٺن جي طالب علمن جي علمي پياس اجهائڻ لڳو. شيخ ابو يحيیٰ عربي ۽ فارسيءَ جو گوهر هو ۽ حديث جي علم ۾ کيس هڪ ممتاز حيثيت حاصل هئي. هن ڪيترن ئي اهم ڪتابن جون شرحون لکيون آهن.

---

[9] هيءُ يمن جي سامونڊي ڪناري جو شهر ۽ بندر آهي. صنعاء جي پرسان ظفار نالي سان پيو به هڪ شهر آهي. هڪ روايت اها به آئي آهي ته اهو خود صنعاء جي شهر جو قدير نالو آهي.

[10] هن جي تصنيفات بابت ڏسو نزهة الخواطر (1371 . 1951) 105 / iii، الزرڪيلي جو ڪتاب الاعلام جلد v ۽ معجم المؤلفين تصنيف ڪحالہ جلد vii سال 1959 . 1378 "علي" جي عنوان تحت.

**جهازراني ۾ مهارت:**

عربستان ۽ ايران جي ساحلن تي رهندڙ قومون ۽ قبيلا قديم زماني کان وٺي سامونڊي تجارت ڪندا هئا. اسلام جي آمد کانپوءِ عرب ۽ ايراني وڻجارا ۽ ملاح نئين جوش و خروش سامونڊي تجارت ۽ سامونڊي سفرن ۾ جنبي ويا. هنن ۾ علم جي حاصل ڪرڻ لاءِ تڙپ هئي. هنن جهاز رانيءَ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ علم نجوم جو مطالعو شروع ڪيو. هن ٽين صدي هجري ۽ پنجين صدي هجري (9 کان 12 عيسوي) جي وچ ۾ خاص قسم جي اوزارن ايجاد ڪرڻ، جهاز راني جي چارٽن تيار ڪرڻ، معلمن ۽ ملاحن کي تربيت ۽ سکيا ڏيڻ ۽ بندرگاهن جي بندوبست ۽ نظم جي سلسلي ۾ وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا. ڪتاب عجائب الهند جو مصنف بزرگ بن شهريار (955ع) البيروني (متوفي 443هه 1051ع) جا راوي الزنجاني الاماني، شادان ۽ بيا ڪيترائي نامور جهاز ران هن دور جي پئنلوار آهن. اينڊڙ ٻن صدين ۾ (6 ۽ 7 هجري 13 ۽ 14 عيسوي) يمن ۽ اومان جي ساحلن جا جهازران، جهازرانيءَ جي علم ۾ پنهنجي وڏن کان به گوءِ کٽي ويا سيني کان وڌيڪ ناموري ۽ شهرت اومان جي جلفار شهر جي رهندڙ ابن الماجد ۽ سندس هاڪاري ٻالڪي سليمان کي حاصل ٿي. هو مهر بن حيدان جي يمني نسل جا عرب هئا.

هنن کي جهازرانيءَ جي سائنس ۾ وڏو درڪ حاصل هو ۽ هنن قوس يعني ڪمان نالي هڪ اوزار ايجاد ڪيو. هنن قياس نالي هڪ اوزار ٺاهيو جنهن کي ڪمال پڻ سڏيندا آهن. هنن هڪ نهايت ئي ترقي يافته ۽ پيچيده قسم جو جهاز رانيءَ جو رهبر يا چارٽ تيار ڪيو ۽ ان کي "رهنما" سڏيائون. ان کي برڪت خاطر "رحماني" پڻ ڪوٺيندا هئا. ابن ماجد ۽ سليمان ملاحن ۽ جهاز رانن جو هڪ اهڙو گروهه تيار ڪيو جيڪو سترهين صدي تائين وچ اوڀر کان چين تائين بحري شاهراهه تي سامونڊي سفر ڪندو رهيو. جيتوڻيڪ پورچوگيزن مسلمان جهاز رانن کي ڪافي نقصان رسايو، پر هنن جا سامونڊي سفر جاري رهيا. ڏکڻ هندستان جي ڍاڪوس قبيلي جي ڪونڪاني شاخ ۽ تامل ٻولي ڳالهائيندڙ ڪوليا (چوليا) قبيلي جي مسلمانن جهاز رانن ڪجهه اهڙا رڪارڊ ڇڏيا آهن جن مان انهن حقيقتن جي توثيق ٿي ٿئي. بمبئيءَ جي جامع مسجد جي لائبريريءَ ۾ هڪ قلمي ڪتاب موجود آهي جنهن ۾ جهاز راني، بحري لاگ بوڪن، جدولن ۽ ٻين متفرق امور بابت وڏي معلومات موجود آهي هيءُ ڪتاب معلم (ڪپتان) عنايت ابن معلم شيخ ڍاڪوس سن 1108 هجري مطابق 26 - 1725 عيسويءَ ۾ لکي پورو ڪيو. مصنف هن ڪتاب ۾ هڪ اهم رحماني (بحري رهنما) جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان ۾ انهيءَ "قانون انبوش" جو پڻ بيان آهي جنهن تي شيخ احمد ابن ماجد ذالغازي ۽ استاد معلم سليمان ابن احمد المهريءَ جي زماني کان وٺي عمل ٿيندو پئي رهيو آهي.[11]

مسلمانن جهازرانيءَ جي سائنس ۾ ايتري ترقي ڪئي هئي جو وچ سمنڊ مان اعتماد سان سفر ڪري ٿي سگهيا. مثال طور هو نه فقط مشرقي آفريڪا جي ساحل کان 200کان 450 ميلن تائين سفر ڪري مڊاگاسڪر ۾ پهچي ٿي سگهيا، پر هنن ۾ اها به صلاحيت هئي ته هو شيراز ۽ ڪرمان مان نڪري، عربي سمنڊ کي لتاڙي زنج جي آفريڪي ساحل تي وڃي لهن. هنن ۾ اها به قابليت هئي ته هو هندستان جي ملبار واري ساحل تان پڳهه کٽي آفريڪي ڪناري تي سفالا ۽ ڪيپ تي وڃي لنگر هڻن. مليشيا ۽ انڊونيشيا جا مسلمان تاجر وچ مشرق ۽ چين جي وچواري بحري شاهراهه اڪري آفريڪا جي ڪيپ ۽ زنج واري علائقي سان سڌي تجارت ڪندا هئا.

1795 - 1652ع واري زماني ۾ ڊچن جي قبضي هيٺ اچڻ کان اڳ ملائي مسلمان واپارين جون ڪيپ ۾ بستيون موجود هيون. انهيءَ قبضي کان پوءِ ڊچن

---

[11] ڏسو نبي بخش بلوچ جي تصنيف Advent Of Islam in Indonesia صفحه 27 . 28 "قانون انبوش" جهڙن ٽيڪنيڪل اصطلاحن کي سمجهڻ ۽ ۽ تشريح ڪرڻ ضروري آهي. هڪ اندازو هيءُ به آهي ته "قانون انبوش" ڪاتب جي غلطي ڪري لکيو ويو آهي. اصل قانون آب نوش ٿي سگهي ٿو. جنهن جي لفظن مان سمجهجي ٿو ته پاڻيءَ جي چوسڻ يا ماپڻ جو قاعدو.

ابن بطوطہ پنهنجي سفرنامي ۾ لکي ٿو تہ هندستان ۾ ڪنباتہ ڪاليڪٽ ۽ ڪولم ۾ ۽ چين جي شهر زيتون (ڪئنٽان) ۾ هن سلسلي جي ڪيترن ئي اهم شخصيتن سان ملاقاتون ڪيون هيون.[13]

پڻ طريقن مان چشتي، سهروردي، قادري ۽ رفائي سلسلن جا پوئلڳ ڪافي تعداد ۾ ساحلي علائقن ۾ رهندا هئا. گجرات ۽ بنگال ۾ خاص ڪري چشتي ۽ سهروردي سلسلن جو زور هو جڏهن تہ قادري ۽ رفائي سلسلا ڏکڻ ايشيا جو علائقو ٽپي مليشيا ۾ انڊونيشيا ۾ داخل ٿي چڪا هئا. قادري طريقي جي درويشن ۽ عالمن پنهنجي تعليمات جو بنياد وحدت الوجود جي متي تي رکيو هو ۽ انهي متي جو غير اسلامي معاشري تي گهرو اثر پيو.

گجرات کان ڏکڻ طرف مهائم (بمبئي) ۾ ۽ مليبار جي سلمونڊي ڪناري تي فانان (پوناني) جي بندر ۾ صوفين جون خانقاهون موجود هيون. شيخ علاؤالدين علي المهائمي وڏي پهچ وارو ولي الله هو. جيتوڻيڪ هُو درويش سهروردي سلسلي جي وڏي تعظيم ڪندو هو ۽ الظوارف في شرح العوارف جي نالي سان عوارف المعارف جي هڪ تشريح پڻ لکي هئائين، پر هو ابن العربيءَ جي وحدة الوجود واري فلسفي جو پڪو پوئلڳ هو. هن فلسفي جي سمجهاڻ خاطر هن الفصوص جي شرح لکي ۽ ان کي ”مشرع الخصوص في شرح الفصوص“ جو نالو ڏنائين. ٻيءَ هڪ تصنيف ۾ هن ابن العربيءَ جي نقادن کي جواب ڏنا. هن عراقيءَ جي ”لمعات“ تي شرح لکي هن پنهنجي ڪتاب ”اجلة التاييد في شرح ادلة التوحيد“ ۾ واضح ڪيو آهي تہ ”توحيد“ ايمان جو سرچشمو ۽ دين ۾ يڪانگي پيدا ڪندڙ متو آهي. هيءُ صاحب 9 صدي هجري مطابق 15 صدي عيسويءَ جي پهرين اڌ ۾ مشهور ترين عالم ۽ صوفي درويش سمجهيو ويندو هو ۽ هن جون تحريرون گهڻي ملڪ ۾ اثر انداز ٿيون. هن بزرگ جي خانقاه عالمن، وڻجارن ۽ ملاحن جو مرڪز بنيل هئي.

فانان ۾ شيخ زين الدين ابو يحيٰ هڪ جليل القدر عالم هجڻ سان گڏوگڏ چشتي ۽ قادري طريقن جو عظيم صوفي پڻ هو. هو ٻنهي طريقن ۾ شيخ قطب الدين بن شيخ فريد الدين گنج شڪر جو مريد هو. تصوف تي هن هيٺيان ڪتاب تصنيف ڪيا: (1) مرشد الطلابہ (2) سراج القلوب و علاج الذنوبہ (3) ارجوزہ (4) هدايتہ الاذڪياء الي طريق الاولياء، ۽ هنن ۾ مؤخر الذڪر ڪتاب سيني ۾ گهڻو مشهور آهي. شيخ ابويحيٰ جي خانقاه سلون، مليشيا، انڊونيشيا ۽ چين جي سفر تي ويندڙ ملاحن ۽ سالڪن ۽ اندروني ملڪ مان ايندڙ عالمن ۽ درويشن جي لاءِ عقيدت جو مرڪز بنجي پيئي. چيو وڃي ٿو تہ جڏهن شيخ شهاب الدين احمد ابن حجر الهيثمي (سنہ 909 - 974 هجري) مليبار ۾ وارد ٿيو هو تڏهن هو هن خانقاه ۾ ئي ترسيو هو. شيخ ابو يحيٰ جون تصنيفون جاوا تائين پهتيون هيون. اتان جو مشهور عالم ۽ درويش عبدالمعطي ابن عمر النعوي الجاوي هن جي ٻين ڪتابن هرهڪ شعب الايمان ۽ هدايتہ الاذڪياء جون شرحون لکيون آهن.[14]

جاوا جو درويش ۽ اسڪالر حڪمران ملڪ مولانا ابراهيم آف گريسڪ جنهن 822 هجريءَ (1429ع) ۾ وفات ڪئي سو پنهنجي دور جو وڏوصاحب دل صوفي فقير هو. هن جي قبر جي ڪتبي تي اڄ بہ هي اکر اڪريل آهن ”محب المساڪين و الفقراء“ يعني مسڪينن ۽ فقيرن جو چاهيندڙ. ڏکڻ اوڀر جاوا ۾ گريسڪ جي مقام تي مولانا ملڪ ابراهيم ۽ ڏکڻ سيليبس جي مولاواسي علائقي ۾ مولانا شيخ المعمور خطيب جنهن ايثار ۽ جانفشانيءَ سان دين جي دعوت جو ڪم ڪيو تنهن جي نتيجي ۾ انڊونيشيا ۾ اسلام جون پاڙون پختيون ٿي ويون. هنن ڪانسواءِ ٻيا بہ ڪيترائي اهڙا زاهد ۽ درويش پيدا ٿيا جيڪي علم ماڻهن ۾ رهندا هئا ۽ هنن ۾ اسلام جي محبت جو جذبو جاڳائيندا رهيا. جاوا جا 9 مشهور اولياءَ جن اتي اسلام پکيڙيو تن کي اڄ ڏينهن تائين اتي جا ماڻهو محبت وچان ”ولي سونگو“ يعني ”نو ولي“ سڏيندا آهن.

---

[13] سفرنامون 2 . 88 . 92، 17/ 10

[14] هيءُ مختصر احوال شيخ زين الدين جي ڪتاب تحفة المجاهدين جي اردو ترجمي جي مند ۾ حڪيم شمس الله قادريءَ جي لکيل مهاڳ مان ورتل آهي جيڪو 1361 مطابق 1942 عيسويءَ ۾ عليگڑہ مان شايع ٿيو هو.

مان مليو ٿو جيڪو ابو ڪامل احمد راهدار (يعني ڪپتان يا نگران) جي قبر تان مليو آهي. هي صاحب ڏکڻ ويٽنام (قديم صنف يا چمپا) جي ساحلي شهر فان رنگ ۾ دفن ٿيل آهي ۽ هن جي وفات سال 431 هجري (1039ع) ۾ ٿي هئي. هن قبر جي ڪتبي تي فوتي ملاح جي موت جا جيڪي حالات لکيل آهن تن ۾ ڪٿي به هن جي ذاتي خوبين ۽ ڪمالات جو ڪو به ذڪر ڪيل نه آهي. هيءُ ڪتبو صاف لفظن ۾ تصديق ٿو ڪري ته صاحب قبر جو الله جي ذات تي پڪو ايمان هو. ان ريت هيءُ ڪتبو هن جي موت کان پوءِ به هن جي ايمان جو هڪ لازوال يادگار آهي. هيءُ ڪتبو عربي زبان ۾ ڪوفي رسم الخط ۾ لکيل آهي. ان جي عبارت جو ترجمو هيءُ آهي:

بسم الله الرحمان الرحيم

الله جي رسول محمد ﷺ جن تي سندس آل تي صلواتون ۽ سلام هجن. بلاشڪ الله هڪ آهي. هو هر شيءِ جو خالق ۽ هر جاندار جو جياريندڙ ۽ رازق آهي. هو هر نئين شيءِ جو موجد آهي ۽ هر جنم وٺندڙ کي هلاڪ ڪندڙ آهي هو ازل ۽ ابد جو خالق آهي. جڏهن هر شيءِ فنا ٿي ويندي تڏهن به هو باقي رهندو. هو سڀني عملن جو حساب وٺندو ۽ هن ئي سڀ تقديرون لکيون آهن. هو عظيم ۽ جليل آهي.

هيءُ قبر آهي ابو ڪامل احمد راهدار جي، پٽ ابو ابراهيم جو، پٽ ابو عراضه جو جنهن خميس جي رات تاريخ 29 صفر سال 431 ۾ وفات ڪئي.

۽ هيءُ احمد شاهدي ٿو ڏي ته الله ڌاران ٻيو ڪو معبود ڪونهي محمد ﷺ الله جو رسول آهي. هو اها به شاهدي ٿو ڏي ته بلاشڪ جنت ۽ جهنم، قيامت ۽ حساب برحق آهن".

**زوال جا اسباب:**

عام طور تي چيو ويندو آهي ته مشرق جو زوال ۽ خاص ڪري مسلم قوم ۽ اسلامي تمدن جو زوال اندروني سببن جي ڪري رونما ٿيو. گذشته چند صدين ۾ اسلامي دنيا تي جن سببن جي ڪري انحطاط طاري ٿيو تن تي ويچار ڪرڻ سان اندروني سببن واري نظريي کي وڌيڪ تقويت ملي ٿي. هن نڪته نگاه مان اهو فائدو آهي جو مسلم قوم پنهنجي عملن جو جائزو وٺندي ان مان ٻاهرئين کي وري اهو فائدو آهي جو ٻاهرين جارحيت، مداخلت ۽ تغلب تان مسلم قوم جو ڌيان ويندو. حقيقت اها آهي ته وچ مشرق، آفريڪا ۽ ايشيا جي ملڪن ۾ مسلمان قومون اندروني ڪمزورين جي ڪري، ٻاهرين جارحيت ۽ غلبي جو مقابلو نه ڪري سگهيون. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو انهن ڪمزورين کي ختم ڪرڻ جا امڪان ئي محدود ٿي ويا ۽ اهي ڪمزوريون دائمي طور هنن جي قسمت جو جزو بنجي ويون. غلام قومن ۾ اها عادت پئجي ويئي جو هو ٻاهرين جي تغلب کي جوابدار ٺهرائڻ جي بدران پنهنجي پاڻ کي ئي ڏوهاري سمجهڻ لڳا.

**(الف) پورچوگيزن جون قهري ڪارروايون:**

اسپين مان مسلمانن جي نيڪاليءَ جي ڪري، پورچوگال ۽ اسپين جي بحري طاقت وڌي ويئي. هنن کي خبر هئي ته ڪهڙيءَ ريت مسلمانن واپاري ايشيائي ۽ آفريڪي ساحلن تي نفعي بخش تجارت هلائيندا هئا. مصالحو ۽ ٻيو تجارتي سامان يورپ تائين پهچائيندا هئا. پندرهين صدي عيسويءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري جيئن ئي پورچوگيزن ڏکڻ ايشيا جي سامونڊي ڪنارن تي پير ڪوڙيا تيئن هنن فيصلو ڪيو ته ڏاڍ مڙسي ڪري مقامي تجارت تي قبضو ڪيو وڃي. هنن نه فقط آتشين هٿيار استعمال ڪري تجارت تي پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هنن انهن بنيادن کي ئي تباهه ڪري ڇڏيو جن مطابق ايشيائي تجارت هلندي هئي. هن وڻج واپار جو بنياد وچ مشرق، ڏکڻ ايشيا ۽ مشرق بعيد جي ساحلي حڪومتن جي باهمي اعتماد، دوستانه تجارتي ۽ ثقافتي تعلقات تي رکيل هو. مسلمانن وڻجارن، ملاحن ۽ تجارتي نمائندن انهن تعلقات کي مضبوط بنائڻ ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو هو. هنن تجارت جي بين الاقوامي اصولن قائم ڪرڻ ۽ آزاد ۽ سامونڊي تجارت جي شاهران کي پرامن رکڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪئي هئي.

پورچوگيزن پنهنجي اندر جي انتقام جي باهه اجهائڻ لاءِ نه فقط مسلمان واپارين ۽ ملاحن کي تباهه ڪيا، پر هنن ساحلن تي رهندڙ مسلم آبادين کي برباد ڪرڻ لاءِ پڻ وڏيون ڪوششون ڪيون. شروعات ۾ هنن کي گهڻيون مشڪلاتون پيش آيون. ڪيترن ئي صدين جي باهمي اعتماد جي ڪري مقامي هندو ۽ مسلمان

قومن جا پاڻ ۾ دوستاڻا تعلقات هوندا هئا. هنن ٻاهرين حملہ آورن خلاف هڪ گڏيل محاذ قائم ڪيو. انهيءَ جدوجهد جو هيرو ڪاليڪٽ جو هڪ نامور ملباري حڪمران هو جيڪو پنهنجو خانداني لقب "ساموري" سان مشهور هو. پورچوگيزن هن کي "زمورين" سڏيو آهي. هن پنهنجي هندو ۽ مسلمان رعايا جي گڏيل قوت سان پورچوگيزن خلاف نهايت دليراڻا جدوجهد ڪئي طويل مقابلن ڪانپوءِ جڏهن هن جو خاتمو آيو تڏهن پورچوگيز پنهنجي سفاڪاڻا پاليسين تي عمل ڪري سگهيا ۽ ملبار تي مستقل قبضو ڪيائون.

شيخ زين الدين ابو يحيٰ جو پوٽو، شيخ زين الدين ساڪن فانان (ملبار) جنهن 992 هجري 1584ع ۾ وفات ڪئي. پورچوگيزن جي تباهہ ڪارين جو پنهنجي اکين سان مشاهدو ڪيو هو. هن پنهنجي ڪتاب "تحفة المجاهدين في بعض اخبار البرتقالين" ۾ درمياڻا روي ۽ ضبط کان ڪم وٺندي، ملبار ۾ پورچوگيزن جي مسلمانن تي ڪيل ظلمن جو هيٺينءَ ريت ذڪر ڪيو آهي.[16]

" پورچوگيزن مسلمانن جي شهرن تي قبضو ڪري ورتو آهي ۽ ماڻهو هنن جي غلاميءَ ۾ جڪڙجي ويا آهن. هو رات توڙي ڏينهن ۾ ڪنا وجن ٿا. ڪيترن ئي مسلمانن کي زوريءَ مرتد ڪيو ويو آهي ۽ هنن جي ٻارن کي اها سکيا ڏني پئي وڃي تہ هو مسلمانن جو وڌيڪ قتل عام ڪن ۽ ڪين وڌيڪ برباد ڪن. (مهاڳ)."

" هنن مسلمانن جي قومي زندگيءَ جي هر معاملي کي نيست و نابود ڪري ڇڏيو آهي ۽ هنن سان اهڙو ذلت آميز سلوڪ ڪيو اٿن جيڪو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. هو ڪين سفر جي خاص ڪري حج جي سفر جي اجازت نٿا ڏين. هو مسلمانن جون ملڪيتون ۽ جائدادون زوريءَ ڦريو وڃن. هو مسجدن ۽ بستين کي باهہ ڏيو ڇڏين. هو مسلمانن کان ٻيڙيون کسيو وٺن......

هو مسلمان قيدين کي ڳرا زنجير پهرائي مارڪيٽ ۾ وٺيو اچن ۽ هنن کي غلام بنايو وڪڻيو ڇڏين. وڪامڻ ڪانپوءِ بہ هنن کي مجبور ڪيو ٿو وڃي تہ هو ڳريون رقمون ادا ڪن. ٻيءَ صورت ۾ ڪين هر طرح جي اذيت ڏني وڃي ٿي. مسلمان قيدين کي اونداهن ۽ بدبودار ڪمرن ۾ سٽيو وڃي ٿو. هنن جي قيدين ۾ معزز گهراڻن جون عورتون پڻ شامل هونديون آهن. هو اهي مظلوم قيدياڻيون نصراني مردن جي حوالي ٿا ڪن ۽ انهن مان جيڪي ٻار پيدا ٿين ٿا تن کي تربيت ڏئي اسلام جو سخت دشمن ۽ مسلمانن جو ويري بنايو وڃي ٿو. هنن علماءَ ۽ سيدن جو پڻ هڪ وڏو تعداد قيد ۾ رکيو آهي ۽ هنن کي سخت تڪليفون ڏئي ماري ڇڏيو اٿن. هزارين مسلمان مردن ۽ عورتن کي زوريءَ عيسائي بنايو ويو آهي. هنن ٻيا ڪيترائي وحشياڻا اقدام ڪيا آهن جن جو نہ ذڪر ڪري سگهجي ٿو ۽ نہ انهن کي بيان ٿو ڪري سگهجي."

**لاڳيتو ٻهنڪي راڄ**

سڀ کان اول پورچوگيزن ايشيا جي مسلمان حاڪمن، وڻجارن ۽ ملاحن خلاف جارحاڻا پيش قدمي شروع ڪئي. في الحقيقت هنن جي هندستان جي سامونڊي ڪناري تي آمد ۽ بعد ۾ قبضو، يورپ جي ايشيا خلاف پهرين جارحاڻا ڪاروائي هئي. جيئن تہ ان زماني ۾ ايشيا ۽ آفريڪا جي سياسي ۽ تجارتي سرحدن جو هر اول مسلمان ئي هئا تنهن ڪري ظلم ۽ ستم جو مکيہ نشانو هو ئي بنيا.

هڪ صديءَ کان بہ وڌيڪ پورچوگيزن جي حڪومت قائم رهي. پر پوءِ هو وڌيڪ وقت لاءِ سمنڊن تي پنهنجي بالادستي قائم نہ رکي سگهيا. سمنڊ تي هنن ترڪن جي بحري قوت ۽ ايشيائي ۽ آفريڪي ساحلن تي عربن، ايرانين ۽ هندستان جي مسلمانن جي تجارتي آرمانن کي تباهہ ڪري ڇڏيو. پورچوگال کان پوءِ هالينڊ، فرانس ۽ انگلينڊ کي بحري طاقت حاصل ٿي. هو

---

16 "تحفة" تان ورتل اختصار. هيءُ ڪتاب شهنشاهہ اڪبر جي زماني ۾ (1014 هہ 1663ع) لکيو ويو هو ۽ ان جا قلمي نسخا برٽش ميوزيم، انڊيا آفيس لائبرري ۽ رايل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ ۾ محفوظ آهن. رالنڊسن ان جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو جيڪو اورينٽل ٽرانسليشن فنڊ لنڊن طرفان 1833ع ۾ شايع ڪرايو ويو. 1898 ۾ لزبن جي شهر ۾ ان جو ڊي . لوپيز جو ڪيل پورچوگيز ترجمو شايع ڪيو ويو. پورچوگيز ۾ ڪتاب جو عنوان (Historia des Portagues no Malabar) آهي. فرشتہ تحفة جو ڪجهہ اختصار پيش ڪيو آهي.

نصيب ٿي. نو آزاد مسلمان ملڪ ايشيائي ۽ آفريڪي ساحلن تي نهايت ڪارآمد هئڻ تي واقع آهن ۽ هو تجارت ۽ سياحت جي ذريعي قديم زماني واري بين الايشيائي ۽ ايشيائي ۽ آفريڪي دوستي ۽ تعاون وري بحال ڪري سگهن ٿا.

اوائلي دور جي مسلم ملاحن ۽ وڻجارن باهمي اعتماد ۽ رواداريءَ جي بنياد تي تجارتي ۽ تهذيبي تعاون جون روح پرور ۽ شاندار تاريخي روايتون قائم ڪيون هيون. هنن پنهنجي سچائي، صداقت، ايمانداري، مقصد سان وفاداري، عدل ۽ احساس ذميواريءَ جي مثالن سان پنهنجي پاڻ کي ايشيا ۽ آفريڪا جي ساحلي ملڪن ۾ مقبول بنايو ۽ پاڻ وٽايو هو. ايشيا جي سامونڊي ڪنارن تي ابتدائي دور جي مسلمان تاجرن ۽ هندستان، سلون، مليشيا، انڊونيشيا، ڪمبوڊيا، ڏکڻ ويٽنام، چين ۽ ڪوريا جي عوام جي وچ ۾ مڪمل مفاهمت ۽ دوستيءَ وارا لاڳاپا قائم هئا. بيروني طاقتن جي مداخلت جي ڪري اهي لاڳاپا ڪمزور ٿي ويا يا بلڪل تباهه ٿي ويا، پر هاڻي انهن کي سياسي، معاشي ۽ ثقافتي سطحن تي وري جياري سگهجي ٿو. اهڙيءَ طرح عربيءَ ۽ هندي سمنڊن ۽ وچ اوڀر کان چين ڏانهن ويندڙ سامونڊي رستن کي ٻاهرين مداخلت کان بچائي آئينده جي استحصال کان محفوظ ڪري سگهجي ٿو. مسلمان ملڪن کي پنهنجي ماضيءَ جي روايتن جي عين مطابق هن ڏس ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ۽ پندرهين صدي هجريءَ ۾ هن مقصد جي حصول لاءِ پاڻ پتوڙڻ کپي.

پهريون قدم اهو کڻڻ گهرجي جو ايشيائي ۽ آفريڪي سامونڊي ڪناري تي واقع اسلامي ملڪن جي مکيه بندرن کي ترقي ڏيارجي ته جيئن هو بين الايشيائي ۽ ايشيائي آفريڪي سامونڊي تجارت کي منهن ڏيئي سگهن.

ٻئي نمبر تي، جيئن ماضيءَ ۾ ڪيو ويو تيئن هاڻي به اسلامي ملڪن جي مقامي ميربحر ۽ جهازران قومن جي وسائل کي مستحڪم ۽ متحرڪ ڪرڻ گهرجي. پاڪستان جي سنڌي ملاحن، بنگلاديش، مليشيا ۽ انڊونيشيا جي ميربحرن ۾ خوفناڪ سامونڊي سفرن تي وڃڻ جو جذبو ۽ جهازرانيءَ جي روايتي مهارت موجود آهي. انڊونيشيا جي سيليبس ٻيٽ ۾ سولو واسي علائقي جا رهاڪو بوگي مسلمان، اڄ به اڳئين دور وانگر نهايت جرئتمند جهازران ۽ اسلام جا علمبردار آهن. اٺويهين صدي عيسويءَ جي پڇاڙي ڌاري آرنولڊ پنهنجي تصنيف ”پريچنگ آف اسلام“ (Preaching of Islam) ۾ لکيو آهي ته ”هن قوم کي اسلام ئي اهو مرتبو عطا ڪيو آهي جنهن تي هو اڄ فائز آهن“.

علم ۽ تعليم جي ڦهلاءُ وارين عظيم اسلامي روايتن تي عمل ڪندي ساحلي اسلامي ملڪن کي سامونڊي علمن ۽ جهازرانيءَ جي اعليٰ تعليم ۽ تربيت جو انتظام ڪرڻ گهرجي. مسلمان ملڪن کي انفرادي طور يا باهمي اشتراڪ سان هنن ٻن ميدانن ۾ ماهر تيار ڪرڻ لاءِ خاص ادارا قائم ڪرڻ گهرجن.

ساڳئي وقت مسلم جهازرانن جي گذشته ڪارنامن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ تحقيقاتي پروجيڪٽ هٿ ۾ کڻڻ گهرجي. اسان کي خاص طور تي هن ڳالهه جي ضرورت آهي ته ابن الماجد جلفاري ۽ ۽ سليمان المهريءَ جي سڀني تصنيفن جو گهرو مطالعو ڪريون ۽ هنن کي سائنسي بنيادن تي ايڊٽ ڪريون. اهو پڻ بلڪل مناسب ٿيندو ته ”ابن الماجد انسٽيٽيوٽ آف اوشين گرافي“ ۽ ”المهري انسٽيٽيوٽ آف نيويگيشن“ جي نالن سان شاندار تعليمي ۽ تحقيقي ادارا قائم ڪيا وڃن.

اهم واقعن جو مرڪز پٽال (پتال) المعروف ديپ جو علائقو رهيو آهي.

مرحوم علي احمد بروهي جي اندازا ڪي اگر زميني حقائق جي روشنيءَ ۾ ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته پٽل (پتال)، بلر بريڪانس بعد المعروف ديبل يا ديپ، سڪاديپ عظيم تهذيبي روايات جي امانتدار سرزمين سنڌ جو هڪ ننڍو مگر بيش قدر علائقو هو، جنهن ۾ ذڪر ٿيل تاريخي مقامات قائم ۽ ان سان وابسته راويتون ۽ واقعات وقوع پذير ٿيا.

مرحوم بروهي صاحب جي وضاحت موجب لفظ ديبل ۽ ڏيبلو لسانياتي ۽ جاگرافيائي تبديلين جي شڪل آهي، جنهن جو بنيادي ماخذ 'ديپ' آهي، جيڪو رياست سڪاديپ جي لاءِ نهايت خوبصورت حوالو آهي. رياست جي نالي ۾ قوم جي قبائلي شناخت پڻ شامل آهي. اهڙيطرح رياست جو نالو قبائلي شناخت ۽ علائقي جي جاگرافيائي نالي جو مرڪب آهي.

مرحوم بروهي صاحب 'ديبل' جي قوم ڏانهن اشارو ڪندي انهي امڪان جو اظهار ڪيو آهي ته موجوده شهر 'ڏيبلو'، اُن قوم ديبل جي سمنڊ ۾ غرق ٿيڻ بعد ٻيهر آباد ڪيو آهي. لهٰذا اهو امڪان قوم جي پيش منظر جي بهتر وضاحت آهي، جنهن ته مٿي بيان ڪيل تاريخي روايتون انهيءَ جو پس منظر چڱيءَ طرح واضح ڪن ٿيون. انهيءَ لحاظ کان ڏيبلو ان قوم جي قديم روايتن جي عظيم نشاني آهي. اڄ هيءُ قوم نظرياتي طور تي 'ڏيبلي' کي پنهنجي نالي جو مرڪب ۽ تعارف جو اهم جز سمجهي ٿي.

'ديبل' جنهن جو ماخذ 'ديپ' آهي، اُهو ڏيبلو جو اصل روپ آهي ۽ سن 712ع جي ڪتابن ۾ به لکيل نظر اچي ٿو، تحريري تاريخ جي حساب سان هن لفظ جي ڄمار ٻارنهن سئو سالن کان مٿي آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته بندرگاهه 'بار بريڪانس' تجارت جي لحاظ کان 'سٿين' جي دور ۾ عروج کي پهتو. انهيءَ زماني ۾ عربن به پنهنجي واپار جو رُخ هن بندرگاهه ڏانهن ڪيو ۽ بندرگاهه جو نالو انهن وٽ به جاگرافيائي نالي سان رواج ۾ آيو. انهيءَ بنياد تي ئي عرب مورخين 'چچ نامه' ۾ به ساڳي نالي 'ديبل' کي آندو. انهيءَ لحاظ کان 'نالي' جي قدامت اڄان 712ع کان قديم بيهي ٿي.

هن قديمي شهر کي جنهن جي نالي تي اسان هيڏو مدلل بحث ڪيو آهي ان کي هڪ غريب هريجن جي نالي منسوب ڪرڻ ۽ ان کي 'لوءِ' جي لفظ جي نامناسب پڇاڙي لڳائڻ جيڪا ڪنهن به طرح نه هريجن 'ڪلچر' جي لساني، تهذيبي ۽ مذهبي بيهڪ جو حصو آهي ۽ نه وري جاگرافيائي طور 'ٿر' خواهه 'لاڙ' جي علائقن ۾ مستعمل آهي. هيءُ لفظ 'لوءِ' جنهن ۾ پيار ۽ عقيدت جو عنصر شامل آهي اُهو سنڌ جي اُترين علائقن ۾ ئي جهجهو استعمال ٿيل آهي. انهيءَ جي برعڪس هن علائقي ۾ پاڻيءَ جي نسبت سان سر، واءِ، ويرو، تلاءِ وغيره جا لفظ اڪثر استعمال ٿيا آهن، جن جي قدامت به پاڻي جي امڪاني تبديلي جيتري آهي. جنهن لاءِ شاهه صاحب فرمايو ته:

"سَر سُڪو سونگي گيا"

يعني پاڻي جي وڃڻ سان يا سُڪڻ سان آبادي جو نالو به تبديل ٿيو. هن پاڻي جي وهڪرن جي نشاني يعني بندرگاهن جي قدامت کي ايترو سطحي سمجهڻ تاريخي معلومات نه هئڻ، سبب آهي ۽ نه وري انهيءَ قدامت کي سمجهڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي.

فتحنامه سنڌ عرف چچ نامه ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، فوربس جي حوالي سان لکيو آهي ته هيءُ روايت بحوالہ هوڙي والا آهي جنهن موجب 1924ع تائين هندستاني سماج ۾ هريجنن ۽ شودرن کي اعليٰ ذاتي وارن طرفان ملڪيتن رکڻ جو حق ئي نه هو، نه صرف ملڪيت رکڻ جو حق نه هو پر انتهائي ناانصافي وارا رويا اختيار ڪيل هئا. فوربس ته راجپوتن طرفان جيڪي طور طريقا هنن غريب ذاتين (جن کي 'اُڇوت' يا 'شودر' جهڙي توهين انساني واري ٽائيٽل سان سڏيو ويو) سان روا رکيا هئا انهن جا درد انگيز داستان ڪولي بيان ڪيا آهن. ڊاڪٽر 'امبيڊيڪر' جيڪو شودرن ۽ هريجنن جو ليڊر هو، انهن فوربس جي بيان ڪيل سيني ڳالهين جي تصديق پڻ ڪئي آهي. انهي 'اڇوت' پسمنظر واري ڪلچر 'ڏيبلو جي 'ڏيبولوءِ' واري وضاحت ڪنهن به طرح غير تاريخي ۽ غير تحقيقي

آهي. معمور يوسفاڻي صاحب پنهنجي ڪتاب ’ڪلاءِ ڪمايوم‘ ڏيبولوءِ واري روايت سان گڏ ’ديپ‘ واري روايت جو پڻ ذڪر ڪيو آهي.

مٿي بيان ڪيل حقيقتن ۽ روايتن جي روشنيءَ ۾ بروهي صاحب جون ٻئي ڳالهيون روزِ روشن جيئن چٽيون ۽ نمايان آهن ته ڏيبلو يا ديبل، ديپ ۽ سڪاڊيپ جي جاگرافيائي شناخت سان منسوب حقيقت آهي، انهيءَ جا قديم خواه جديد دور جا باني ’ميمڻ‘ قوم سان تعلق رکن ٿا.

تاريخي روايتن ۽ تحقيقي مواد جي روشني ۾ اِها ڳالهه واضع آهي ته ڏيبلو نه ڪنهن هاري ناري جي زمين تي قائم ٿيو ۽ نه ڪنهن جي نالي سان منسوب آهي. هيءُ شهر پنهنجي پسمنظر ۾ عظيم تهذيب، تاريخ، ثقافت ۽ اتهاس جي روايتن جو امين آهي.

ڏيبلو عظيم عقائد، نظريات، فلسفه، تاريخ ۽ عظمت جي لاجواب نشانات جو مظهر آهي.

هن سچي تاريخي بحث کي تسلسل سان بيان ڪرڻ لاءِ اسان مشهور زمانه ۽ پري پري جي علائقن جي مصنفين جي تصنيفات مان استفادو ڪيو آهي ۽ انهن جا بيان ڏنا آهن. انهن قابلِ اعتبار تصنيفات ۾ ڏهين صدي قبل مسيح کان اٺين صدي قبل مسيح جا ويد، پنجين صدي قبل مسيح جا مذهبي پُستڪ خاص ڪري پارسي مذهبي ڪتاب ’بنڊش‘، مهاڀارت، هندي مهاڀاشا جو پنجتلي، ٻڌ ڌرم جو ’ٻڌ جا گُفتا‘ سنسڪرت جا چارئي پراڻ (وشنو، وايون، متسيه ۽ مارڪنڊ پراڻ) سڪندراعظم کان پهرين ۽ پوءِ جي يوناني محققن جا ڪتاب جن ۾ عظيم مؤرخ هيرودوٽس شامل آهي. اهڙي طرح نائين کان ٻارهين صدي جي عرب مورخن، تاريخدانن ۽ جاگرافيدانن جون تصنيفات پڻ رهنما رهيون آهن. جن ۾ يعقوب الحموي، ابراهيم الاصطخري، البلاذري ۽ البيروني (ڪتاب الهند) شامل آهن. ان کان پوءِ وري ماهر آثار قديمه جي تصنيفات جو دور آهن جن ۾ اهڙا ماهرين آثار قديمه پڻ شامل آهن جن قديم آثارن جي کوٽائي پڻ ڪرائي. ماهرِ آثار قديمه سان گڏ انجنيئرن جي روايتن ۽ ڪتابن جي مطالعي ۽ مشاهدي مان به استفادو ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ تاريخ جي جديد دور جي محققين جي ڪتابن جو پڻ مطالعو شامل آهي جن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ايم.ايچ پنهور، ڊاڪٽر لئمبرڪ، محترم معمور يوسفاڻي، محترم علي احمد بروهي ۽ ٻين محققين جا تحقيقي ڪتاب، مضمون ۽ مقالا شامل آهن.

**حرفِ آخر:**

محترم عبدالرزاق الديبلي صاحب جنهن محبت ۽ محنت سان هي تحرير رقم ڪئي آهي، ان جو قدر ڪرڻ لازمي آهي. اسان سنڌس جرائتمندانه تحرير جو ترجمو ڪرڻ وقت به اهو محسوس ڪيو ته هن نوجوان وٽ اختلافِ راءِ رکڻ ۽ مدلل جواز رکڻ جو ڏانءُ ۽ ڏات آهي. تاريخ جي هن محل وقوع جي اختلافي موضوع تي سنڌس تفصيلي بحث قابلِ غور آهي. ڏيبلي کي ديبل جي پسمنظر ۾ هن وقت تائين ڪنهن به محقق لکيو ناهي، سواءِ ڪنهن اشارن ڪناين جي، جن محققن ٻنڀور کي ديبل ناهي مڃيو، انهن به ڪو نعم البدل نه ڏنو آهي، انهيءَ لحاظ کان هيءُ پهرين ڪوشش چئجي. هن بحث جي پس منظر ۾ جن ٻين قديم وهڪرن ۽ آثارن تي تاريخن ۾ بحث آهي انهن جا محل وقوع ظاهر ڪرڻ تي تحقيق ڪرڻ گهرجي.

اسان ديبل جي هن اهم موضوع تي سنڌس نقطئه نظر پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيو آهي، جيڪو تحقيق لاءِ نوان دروازا کولي ٿو. ساڻس اختلاف راءِ ته رکي سگهجي ٿي، پر سنڌس محنت کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ٻي طرف سنڌس هن تاريخي بحث کي بنياد بڻائي اڳيان وڌائي پڻ سگهجي ٿو. **(مترجم)**



احمد خان کيريو
وهرو شريف

# ٿرپارڪر ضلعي جا فنڪار ۽ انهن جو فن

فنڪار لفظ وسيع ۽ وڏي معنيٰ رکي ٿو، جنهن ۾ ايترا ته فن اچي وڃن ٿا، جن جي وضاحت لاءِ ڪئين ڪتاب لکڻ جي ضرورت پوندي. هتي مون فنڪار جو دائرو مختصر ۽ محدود ڪندي پنهنجي هن ننڍڙي مقالي ۾ فقط انهن فنڪارن جي جهلڪ پيش ڪئي آهي، جيڪي ساز، آواز ۽ ناچ سان واسطو رکن ٿا.

هن وسيع ڪائنات ۾ جيڪڏهن غور ۽ فڪر سان ڏٺو وڃي، ته اهو ڏسڻ ۾ ايندو ته سڀني مخلوقن ۾ حضرت انسان ئي اهڙي مخلوق آهي جنهن پنهنجي آواز جي طاقت سان سڀني ساهوارن تي فاتح بڻيو آهي ۽ هن مختلف موقعن ۽ مهلن لاءِ آواز کي لاهي چاڙهي هلڪو يا ڳرو ڪري ان کان ڪم ورتو آهي ۽ سندس انهيءَ ڪاريگريءَ ڪري آواز تي جدا جدا نالا پيا آهن جيئن: هڪلون، دڙڪا، رڙيون، ڪوڪون، واڪا، سڏ، تنوارون، نالون، ڪوڪارون، ٻچڪارون، سيٽيون، سر ۽ راڳ وغيره.

انسان جڏهن مختلف جانورن جي آوازن ۽ ڪائناتي سرن کي ٻڌو ته هن کي انهن ۾ دلچسپي پيدا ٿي ۽ هن اهڙا آواز ۽ سُر ڪڍڻ لاءِ ڪوشش ڪندي پنهنجن عضون جهڙوڪ: وات، نڪ، نڙي ۽ هٿن ذريعي مختلف سُر ۽ آواز ڪڍيا.

هن جڏهن پنهنجي وات تي هٿ هڻي ڏٺو ته اندران پور مان هڪ قسم جو آواز نڪتو جنهن کي ٻڌي هن اهو پروڙيو ته پوريون شيون وڄنديون اهن. ۽ پوءِ هن اهڙيون پوريون شيون ٺاهي، وڄائڻ جي ڪوشش ۾ سڀ کان پهرين مٽيءَ منجهان "بوڙينڊو" ٺاهيو، جيڪو هِن ڪائنات جو پهريون ساز آهي.

هن جڏهن پنهنجي نڪ جي ٻنهي ڦرڙين تي آڱريون رکي انهن کي، واري واري سان کوليو ۽ بند ڪيو ته هن کي انهن مان مختلف نمونن جا سر نڪرندا معلوم ٿيا ۽ هن بوڙينڊي کي ٻه اهڙا ٻه سوراخ ڪري وڄائڻ شروع ڪيو ته اهو اڳوڻي کان وڌيڪ سٺو وڄڻ لڳو.

حضرت انسان، جڏهن ڪنگور جي ڪانيءَ کي پورو ڏٺو، تڏهن ان کي ڦوڪي، منجهس هوا ڀري، وڄايائين ۽ اڳتي هلي ان کي پهريائين ٻه ۽ پوءِ وڌيڪ سوراخ ڪري ٻيو نمبر ساز بنائي وڄائڻ شروع ڪيائين. جنهن جو شروعاتي نالو 'ڪاني' پوءِ 'نڙائي' ۽ وڏي ڪانيءَ جو نالو 'نڙ' مشهور ٿيو.

هاڻي ثابت ٿيو ته انسان جي شروعاتي ڪوجنا ساز 'بوڙينڊو' ۽ ڪاني ئي آهين. جن تان نقل ڪري، اڳتي هلي، ڦير ڦار ۽ گهٽ وڌائيءَ سان هن ٻيا ساز ٺاهيا، جن مان بوڙينڊي سان ملندڙ وارا ساز آهن: دلو، ٻير، طبلو ۽ نغارو وغيره جيڪي ٻيءَ منزل تي ڍُهل ۽ ڍولڪ پڻ ٺهيا. اهڙي طرح 'ڪانيءَ' سان مناسبت وارا ساز آهن: بين، نڙ، شرناءِ، مُرلي ۽ پاوا وغيره

اڳتي هلي انسان، جڏهن ٻنهي سازن سان گڏ ٻئي هٿ ملائي 'تارڙي' ايجاد ڪئي ته هن انهيءَ نموني تي ساز پڻ ٺاهيا، جن ۾ شروعاتي ساز آهي "چپڙيون" جيڪو سترڻ کان پوءِ 'ڪرتال' سڏجڻ ۾ آيون. لوهه واري دور ۾ ان سان مناسبت رکندڙ ساز ڪانسيا، جانجهه وغيره پڻ وجود ۾ آيا.

انسان جڏهن وات کولي پنهنجي هيٺين چپ کي آڱر سان ڇيڙيو ته منجهانئس عجيب سُر نڪتا،

---

مرحوم احمد خان هيءُ مضمون 1980ع ۾ لکيو هو، تڏهن جو ٿرپارڪر هاڻي ٽن ضلعن تي محيط آهي، هن سلسلي ۾ جيڪو فنڪارن جو تعداد وڌيو آهي، اهو ڪنهن ٻئي موقعي تي ڏبو. ادارو مرحوم احمد خان جي فرزند معشوق علي ڪيريو جو شڪرگذار آهي، جنهن هيءُ مضمون رسالي 'مهراڻ' ۾ اشاعت لاءِ موڪليو (ايڊيٽر)

سمنگ کي هن ضلعي جي عظيم شاعر 'صوفي صديق فقير "صادق" به اجهو هيئن ياد فرمايو آهي ته:

"چارڻ چوٽائيءَ مٽي، وئين سمنگ سٽي،
ساز ڌارج سٽرو، مڱڻهار مٽي."

هتي جي سچاڻ ماڻهن ۽ جهونڙن جي روايت موجب سمنگ نالي سان هتي به فنڪار مشهور ٿيا، جن مان پهريون ڏهين صدي عيسويءَ جو مشهور فنڪار هو جنهن 'سپڙ چوٽائي'، 'وڪڻي پنوائي' ۽ 'لاکي ڦلاڻي' جي درٻارين ۾ ڳايو. ۽ ٻيو سمنگ چوڏهين صديءَ عيسويءَ جي آخر ۽ پندرهين صديءَ جي شروع ۾ مشهور ٿيو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ٻين قديم شاعرن جي ڪلام ۾ پانن جو ذڪر عام اچي ٿو جن بابت اهو مشهور آهي ته اهي سپيئي اهڙا فقير ۽ فنڪار هئا، جن جو 'وهاڳ' اڄا تائين مشهور آهي.

پانن جي اها عادت هوندي هئي ته، اُهي اسر مهل ڪينرو ڪٿي ڪنهن سخيءَ يا سورهيه جي در تي وڃي وڄائيندا هئا ۽ ڪيرت ڪندا هئا. جنهن ۾ هُو انهيءَ سورهيه جي وڏن جا ڳڻ شجرو ۽ تاريخ بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ گهر ڌڻي کي دعا به ڪندا هئا، جيڪا ٻڌي گهرڌڻياڻي ڏونري جو وٽو ڀري اچي پان کي ڏيندي هئي ۽ چوندي هئي ته:

'تند تمهاري تان، ڪهيو سو قبول پيو."

گهر ڌڻياڻيءَ هٿان فقير کي ڏونرو ملڻ واري رسم کي 'وهاڳ ملڻ' چئبو هو جنهن بعد فقير کي اهو اطمينان ٿي ويندو هو ته منهنجو آواز گهر ڌڻيءَ تائين پهتو.

پان جي اها عادت تاريخي ۽ روايتي هئي، جنهن بابت ڪيس پٽ ڌڻي به اجهو هيئن ٿو نصيحت ڪري ته:

"ڪڙهه اڳيان ڪپُ، ڏهاڙي ڏاتار جي،
لنگها لاهه مَ لِڪ سين، متان چانئٽ چپُ
مڱڻهارن مَپُ، ڪونهي ٻيو ڪيرت ريءَ"

ڪيرت واري ريت ڪان جيڪي پاسي هئا ۽ ڪيرت ڪرڻ ڪان ڪيٻائيندا هئا يا ڪيرت ۾ سُستي ڪندا هئا تن کي لاکيڻي لطيف اجهو هيئن چيو آهي ته:

"اي، نه پانن پير جيئن ڪينر ڪيري، ٽنگيو،
سونهاري صبح سيين وجهي ويٺين وير،
ڪيرت ڌارن ڪير، توکي چوندو مڱڻو."

ڪيرت ۽ وهاڳ پانن جو ڏاج هو. جنهن بابت لاکيڻي لطيف 'وهاڳ' جو ذڪر ڪيترن ئي هنڌن تي ڪيو آهي ۽ هو هڪ وائي، ۾ فرمائي ٿو ته:

ورچي تون 'وهاڳ' ڪان، متان ڏيئن ٻاهين،
در داتا، مگ مڱتا، اندا، هوئج اوڏاهين،
ماڻڪ موتي، مال خزانا، ڏيندو ٻيلي سائين....."

ٻئي هنڌ چوي ٿو ته:

"اُبريو تارو، اٿي ور 'وهاڳ' ڏي
سپڙ ريسارو، چتا پرکي چارڻين"

وهاڳ واري رسم ٻن پاسن ۾ ورهايل هئي جنهن ۾ پهريون طرف هو "وهاڳ ڏيڻ" جنهن ۾ مڱڻهار يا پان پرهه مهل اٿي سخي يا ڏاتارجي در تي وڃي ساز وڄائيندو هو ۽ ڪيرت ڪندو هو. جنهن بابت ڀٽ ڌڻي اجهو هيئن چيو آهي ته:

"ڏنائون ڏاتار کي وڏيءَ وير وهاڳ،
صبح جو سهاڳ مڱڻهارن ماڻيو."

۽ ٻيو پاسو هو ڪيرت ڪرڻ ڪان پوءِ گهر ڌڻياڻيءَ ڪان ڏونري جو وٽو وٺڻ ۽ ان بعد گهر ڌڻيءَ ڪان لاڳ لهڻ جنهن کي 'وهاڳ ملڻ' چئبو هو.

وهاڳ واري ريت ۾ ڏونري جو وٽو وٺي جڏهن پانُ فقير ملڪ ڪري وهندو هو، ته ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو هو جو گهر ڌڻياڻي موٽي فقير کي اچي چوندي هئي ته:

"ميان مهربان چوري چنگ چئيج تون."

پانن فقيرن جي اها عادت هوندي هئي جو اُهي پرهه ڪان وٺي فقط سج اڀري تائين ڪيرت ڪندا هئا ۽ وهاڳ وٺندا هئا. سندن انهيءَ روش ڪان متاثر ٿي لاکيڻي لطيف پانن واري سر جو نالو ئي رکي ڇڏيو "پرڀاتي". جنهن ۾ وهاڳ جو بيان به اچي وڃي ٿو ۽ ٻئي طرف حضرت "صادق صوفيءَ" انهيءَ سُر کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي ٻه جدا سر بنائي ڇڏيا، جيڪي آهن "پرڀاتي ۽ وهاڳڙو"

ڪماچ جي ترقي يافته شڪل ۽ سڌريل صورت آهي. جنهن جي تارن جي تنوار تي ٻيجل چارڻ، ’راءِ ڏياچ‘ کان سِر ورتو هو. جنهن جو بيان ڀٽ ڌڻي وٽ اجهو هيئن آهي:

”محلين آيو منگتو ساز ڪڇي سُرندو،
سِر جي صدا سُر ۾، گهور هٽي گهرندو،
جهوناڳڙهه جهرندو، پوندي جهانءِ جهروڪ ۾.“

سرندي کي ڪينرو پڻ ڪوٺيو وڃي ٿو، جنهن جو ثبوت پڻ لطيف سائين وٽان ملي ٿو ته:

”جاجڪُ جهوناڳڙهه ۾ ڪو عطائي آيو،
ڪامل ڪڍي ڪينرو تنهن ويهي وڄايو.“

سازن واري ’ملڪ واري مدت‘ کان پوءِ هن علائقي ۾ جن سرندائي فقيرن جو احوال ملي ٿو سي سڀيئي انگريزن جي وچ واري دور جا مشهور سرندائي آهن، جن ۾ جمعون فقير، اهڙو فنڪار هو جنهن کي ٻيجل ثاني ڪوٺيو ويو ۽ ڪانئس پوءِ سندس شاگرد جيوڻ فقير ۽ عرس فقير پڻ سنڌ جا ملوڪ فنڪار ٿي گذريا آهن. اهڙيءَ طرح ساڳي دور جو ٿَتوُ فقير پڻ هن فن جو شهنشاهه هو.

ڪماچ ۽ سُرندي جي فنڪارن کان پوءِ ٻين سازن جا وڄائيندڙ ضمني فنڪارن ۾ شمار ٿين ٿا. جيتوڻيڪ اِهي پنهنجي فن ۾ وڏي حيثيت جا مالڪ هئا، پر اُهي ضِمني حصي ۾ انهي ڪري اچن ٿا جو هنن اهو فن ٻاهر جي فنڪارن کان سکيو هو. اهڙن فنڪارن ۾ همير فقير ستار نواز، اسماعيل فقير سارنگي نواز، ۽ اسماعيل شرنائي سٺا فنڪار هئا ۽ ڪانئن پوءِ الهڏنو فقير سارنگي نواز، امين فقير آچر فقير برهان فقير، ۽ سومار فقير شرناني، موجوده دور جا سٺا فنڪار آهن، جن مان آچر فقير جي پارٽي ريڊيو تي پنهنجي فن مظاهرو پيش ڪري.

**نڙ:** نڙ، قديم دور کان وٺي گهڻي ڀاڱي جتن جو ساز رهيو آهي. جيئن ڀٽ ڌڻي به شاهدي ٿو ڏي ته:

”جو وڄائين جتڙا نه تنهن نڙ جهڙي.“

قديم دور ۾ هتي مصري اوٺاري جيڪو مصري موڏي جي نالي سان مشهور هو سو نڙ جو وڏو ڪاريگر هو. ۽ ڏانهس منسوب ”نڙ ڙڙ نڙ ڙڙ“ نالي وارو لوڪ گيت، جيڪو لوڪ ادب جي گيتن واري ڪتاب ۾ به شايع ٿيل آهي تنهن جي وراڻي چڻ ’نڙ‘ جي ڦوڪ آهي.

مُصري موڏي‘ کان پوءِ برطانيہ دور ۾ هتي صوفي حاجي محمد سومرو، متو خاصخيلي، همير خاصخيلي، ميرڻ خان ۽ ٻيا ڪيئي نڙائي مشهور هئا. ۽ موجوده دور ۾ مير محمد خان لنڊ، علي بخش ماڇي، بهار رونجهو ۽ ٻيا انهي فن کي زنده رکيو اچن. جن مان مير محمد خان ريڊيئي ۽ ٽي.ويءَ جو ڄاتل سڃاتل فنڪار آهي، جيڪو هڪ ئي وقت ٽي ساز نڙ، دنبورو ۽ چيڙ وڄائي ٿو. جن کان سواءِ سنڌ جي قديم ساز بورينڊي وڄائڻ ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ آهي. اهڙي طرح بينون وڄائيندڙن ۾ ڀڳڙو مل ڀيل، ڪيرو ڀيل، مڏيو ڀيل ۽ لونگ ڀيل موجوده دور جا سٺا فنڪار آهن ۽ انهن سان گڏ هن ئي دور ۾ ڪارو رونجهو، حمزو رونجهو، علي محمد خان ۽ ٻيا پاون جا ڪاريگر ميجيا وڃن ٿا.

**مُرلي:** مرلي جيتوڻيڪ هن خطي جو پراڻو ساز آهي ته به انهي فن جي پراڻن فنڪارن جا نالا نٿا ملن. شايد انهي ڪري جو مرلين جا مالڪ يعني جوڳي فقير گهڻو ڪري سدا مسافر رهيا آهن ۽ انهي فن جي ڄاڻن جا نالا فقط موجوده دور ۾ مليا آهن. ۽ اُهي به ٿڌهن جڏهن جوڳي فقير عمرڪوٽ لڳ پنهنجو نئون ڳوٺ ’جوڳي ڪالوني‘ ناهيو ويٺا آهن. انهن فقيرن مان ڦوٽو فقير، خميسو فقير، مصري فقير، ۽ ٻيا ڪيئي فقير پنهنجي فن جا استاد آهن جن مان ڦوٽو فقير، ريڊيئي ۽ ٽي.ويءَ جو فنڪار پڻ آهي.

مرليءَ کي هن خطي جي عظيم شاعر صوفي صديق فقير صادق تمثيل طور اجهو هيئن ڪم آندو آهي.

”جيڪي آهي اڄ، سُڃان ناه ’صديق‘ چئي
واڄي وانگر وڄ متي کي ’مرلي‘ ڪري.“

پرتيءَ جي سازن مان هن پٽ ۾ راڻو ڀيل، ميوو ڀيل، ۽ ورو ڀيل ڪڙتال وڄائڻ ۾ چوٽيءَ جا فنڪار آهن، جن مان راڻو ۽ ميوو ٽي.ويءَ تي پڻ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا رهن ٿا. اهڙي طرح ڍولڪ وڄائڻ

سالو فقير، چترو، بصر، رتن ۽ ڏيالوا، يعقوب هاليپوٽو، راڻو ڀيل، اميدعلي فقير، حسن فقير، جان محمد ڪورائي، نوواپارڪري، شهمير فقير، منو فقير، خيرو فقير، آنند ڪمار پريم ڪمار، پيسومل، پارومل، ڪالو فقير، خيرو فقير، ماستراڪبر، ابراهيم فقير، عارب فقير، نهال اوڏ، ڏامون ۽ ستو ڀيل، محمد جمن ساند دربدر ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. جن مان هڪ ٻن کان سواءِ ٻين کي ريڊيو يا ٽي.وي؛ تي پهچڻ نصيب نه ٿيو آهي. جيتوڻيڪ هن گروپ ۾ ڪافي اهڙا فنڪار آهن جن جو ريڊيو ۽ ٽي.وي؛ تي پهچڻ لازمي آهي.

راڳ جي سلسلي ۾ هتي اهڙا فنڪار پڻ هئا جن تنبورن تي ۽ يڪتارن تي پٽ ڏٽي جو راڳ ڳائي محفلن کي زنده رکيو. اهڙن فقيرن مان بلال فقير ڪورائي، سرت علي فقير ڪورائي پنهنجو وارو وڄائي هليا ويا آهن ۽ باقي فنڪارن ۾ هاشم جت ۽ ساٿي انهي فن کي جياريو ويٺا آهن.

بيتاين جي سلسلي ۾ برطانوي دور ۾ گلو فقير، ماٺڪ بنگلاڻي، ۽ مانگيٽو رونجهو زبردست بيتائي هئا، جيڪي ٽڙ تي راتين جون راتيون بيت ڏيندي نه ڪٿندا ته نه ٿڪندا هئا. ۽ هن وقت جي بيتاين ۾ سوڍو لنجواڻي سنڌ جو ملوڪ بيتائي ليکيو وڃي ٿو.

سنڌ ۾ جهڙيءَ طرح ڀٽائيءَ جو ڪلام تنبورن تي ڳائڻ ۾ مشهور آهي، اهڙي طرح ميران پوري سلسلي جي راڳ ۾ صوفي ”صديق فقير صادق“ جو ڪلام سازن کان سواءِ ڳائڻ ۾ مشهور آهي. جنهن ۾ هڪ يا ٻه پارٽيون گڏجي حصو وٺنديون آهن. ۽ اهو راڳ عام طرح ”جهوڪ جي درگاهه“، ”قاضي احمد صاحب جي درگاهه“ ۽ ”صوفي صديق فقير جي درگاهه“ تي ڳايو وڃي ٿو. ۽ انهيءَ ڳائپي جي سلسلي ۾ هتي جي راڳاين مان ”حڪيم عبدالمجيد خاصخيلي“، ”جمعون خاصخيلي“ ۽ منگينلتو خاصخيلي“ مجيل راڳائي آهن.

سازن کان سواءِ راڳ ڳائڻ جي سلسلي جو وڏو ۽ اهم حصو مولود خواني آهي، جيڪا هتي به ايترو ئي مقبول آهي جيترو لاڙ ۾ آهي. انهي ڪري ئي هتي پڻ مولودين جيون ڪيئي پارٽيون مشهور ٿيون جن جي اڳواڻن کي سنڌ ملوڪ مولودي ڪوٺيو ويو. اهڙن مولودين ۾ ورڻو هاليپوٽو، ڪانديرو ماڇي، محمد عارف پلي، اسماعيل ماڇي، حاجي صالح ڪنڀار، محمد عمر پلي ۽ حاجي الونو ڪنڀار ڀهرين جوڙ جا مولودي هئا، جن سان گڏ ٻي جوڙ جي مولودين ۾ وري يعقوب هاليپوٽو، حبيب هاليپوٽو، مبارڪ ماڇي، سونهارو ڪنڀار ۽ محمد حسن پلي بهترين مولودي هئا. جن جون رهاڻيون ۽ مجلسون ياد ڪري اڄ به هن پٽ جا جهونڙا روئي پوندا آهن.

موجوده دور ۾ جيڪي مشهور ۽ مقبول مولودي آهن تن ۾ خان محمد پلي، محمد عالم ماڇي، پير ٽيپو چوڻي جا مولود خوان آهن. جن کان پوءِ ٻي جوڙ جي مولودين ۾ ملار نڪرچ، سانوڻ هاليپوٽو، حمزو پلي، قبول هاليپوٽو، محمد رمضان رند، محمد بخش چانديو، جيئو ڪنڀار، اسدالله پلي، ميرو ماڇي، سخي محمد ماڇي، الياس ڪنڀار، موچار ٽيپو، الهڏنو کهيري، محمد عمر ڪوري ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. جيڪي انهي فن کي زنده رکيو ويٺا آهن ۽ انهن کان سواءِ هتي مولودين جيون ٻيون پڻ ڪافي ننڍيون ننڍيون پارٽيون موجود آهن جيڪي پڻ انهي فن کي دائم قائم رکڻ ۾ حصيدار آهن.

اهڙي طرح جهنگن ۾، واهڻن ۾، پٽن تي، ڍهرن ۾ ڪيترا اهڙا گلوڪار لڀندا جيڪي سازن کان سواءِ ڪافيون ۽ لوڪ گيت ڳائيندا ڏسبا آهن. جيڪي پنهنجي مٺي ۽ سوزيلي آواز جي هوند سبب نه ڪنهن ساز جا محتاج آهن ۽ نه ڪنهن ٻي ڳالهه جي پرواهه اٿن، جن ۾ ڪي ته اهڙا سُريلا ۽ سٺا ڳائڻا هوندا آهن، جيڪي پنهنجي مٺي آلاپ ذريعي ڪيترن ٻڌندڙن کي واٽن تي ويندي ويندي بيهاري ڇڏيندا آهن.

ساز ۽ راڳ جو ٿيون پاءُ ناچ پڻ آهي، جيڪو قديم دور کان انهن سان گڏوگڏ هلندو پيو اچي. جنهن جو ذڪر ويدن ۽ ٻين قديم ڪتابن ۾ پڻ ملي ٿو. جنهن ۾ اڪثر عورتون ئي مختلف قسمن جا ناچ ڪنديون هيون ۽ مرد صرف انهن مان حظ حاصل ڪندا ٿا. جنهن کان پوءِ انهي سلسلي ۾ ڪٿي ڪٿي عورتن ۽ مردن جي گڏجي نچڻ جو پڻ پتو پوي ٿو ۽ اها پڻ معلومات

حاصل ٿئي ٿي ته ميلن ملاکڙن ۾ بازيون جيتڻ کان پوءِ مرد ڳڌجي نچندا ۽ هنبوچيون هڻندا هئا جيڪو سلسلو اڳتي هلندي ڪيترن ئي نرالن ۽ نون روپن ۾ ظاهر ٿيو آهي.

هن ضلعي ۾ ناچ جي محفلن جي پڪي پختي خبر برهمڻ گهراڻي واري دور ۾ ملي ٿي جنهن کان پوءِ ڏهين صدي عيسوي ڌاري هتي پڇڻ ساميءَ جي آکاڙي جا اهڃاڻ ملن ٿا، جنهن ۾ روزانو مختلف ناچڻيون اچي ناچ ڪنديون هيون. جن مان "ليلا ۽ رِسان" مشهور آهن.

هتي ساز ۽ راڳ جي واڌاري سان گڏ ناچ جي ترقيءَ ۾ پڻ ڌرمن ۽ متن جو هٿ رهيو آهي. جن جي ناچ جو رنگ ٻين ناچن کان نرالو هوندو هو.

قديم دور ۾ هتي جيڪي ناچ جا نمونا لڀن ٿا انهن ۾ 'جهمر' ۽ 'هنبوچي' وڌيڪ مقبول هئا، جيڪي ڏونڪن يا ڏانڊين تي پڻ ٿيندا هئا ۽ انهن کان سواءِ به انهن ناچن کان پوءِ 'هوجمالو' وجود ۾ آيو، جيڪو دراصل انهن ٻنهي ناچن جو گڏيل رنگ آهي.

'جهمر'، 'هنبوچي' ۽ 'هوجمالي' جي ناچ کان پوءِ هتي جيڪي نوان ناچ ايجاد ٿيا اهي آهن، 'مهري ناچ'، 'دلو ناچ' ۽ 'ٿالهي ناچ' جن کي ڏسندي حيرت وٺي ويندي آهي. اهڙي طرح هتي شيدي بادشاهن جو 'ٽانبن وارو ناچ' پڻ هن فن جو بهترين مظاهرو آهي.

هتي جيڪي ناچ ٻاهر کان آيا تن ۾ گجرات جي پوين جو ٿالهي ۾ ناچ ۽ واڳڙجي ڪولهين جو ڪانهوڙو ناچ ڏاڍا لاجواب ناچ آهن.

اهڙي طرح مارواڙ کان آيل نٽ قوم جو رسيءَ تي ناچ ۽ هٺن جي ترين پر ناچ بهترين مظاهرا هئا، جيڪي هاڻي لڳ ڀڳ ختم ٿي ويا آهن. چو ته نٽ قوم جن جو ٻيو نالو ڪبوترا آهي سي قدردانن جي اڻاٺ سبب مجبور ٿي پنهنجي فن کي ڇڏي روزگار جي ٻئين روپن طرف اچي ويا آهن.

موجوده ناچن جي سلسلي ۾ هتي نانگڻ ناچ، ڀڳت ناچ ۽ فلمي ناچ پڻ عام ٿي ويا آهن. جن عام ٺيٺ سان گڏوگڏ ناچ جي اصلي فن هنبوچي ۽ جهمر کي ڄڻ لتاڙي ڇڏيو آهي.

هن خطي جو نرالو ۽ مزيدار ناچ مسخرن جو ناچ هو، جيڪو هن پٽ جي مشهور مسخرن ڦل شڪاري، گل شڪاري ۽ يارو شڪاري ايجاد ڪيو هو: ۽ انهن جي وفات سان ئي ختم ٿي ويو. هي ناچ ڦيريءَ ۽ جُهمر جي بلڪل ابتڙ هڪ قسم جو اپو ناچ هو جنهن ۾ نچندڙ ڏاڪي به ڏاڪي اڳتي ٻوڙندو، مٿي ٽيندو ۽ مٿي ئي ڦرندو رهندو هو.

ناچ جي سلسلي ۾ هتي هن وقت جيڪي ڊانسر ملن ٿا. تن ۾ گمانو ڀيل، ڪرمون ڀيل، پارو مالهي، گوبند مالهي، پرتاب مالهي، گٽيس مالهي، رائمل ڪولهي، مکنو ۽ ڪيمون، منو فقير، منو جوڳي، محمد رحيم فقير، لقمان فقير ۽ ميرپورخاص جي "لاڪ شيوا منڊليءَ جا ميمبر" ۽ ٻيا ڪيئي فنڪار اچي وڃن ٿا، جيڪي پنهنجي پنهنجي اداڪاريءَ ۽ جسي ولوڙ ذريعي، انهي فن کي مختلف روپن ۾ زنده رکندا پيا اچن.

فنڪارن جي هن مختصر تعارف کان پوءِ ڪنهن خيال جي تحت آئون جيڪر ته "ميين شاهه عنات رضويءَ" جو هينئيون بيت چوندس ته:

"تن جيسلميرياڻين جَس، جي الله ڪارڻ لنديون،
هِت به رهائيئون رس هت به گڏيون هوت ڪي."

**مولوي عبدالحميد يوسفاڻي**
عمرڪوٽ



# حديث پاڪ جا چند راوي

حَدَّثَ (فعل ماضي) معنيٰ قول ڪيو يا ڳالهه ڪئي يا بيان ڪيو. يُحَدِثُ (فعل مضارع) معنيٰ چوي ٿو يا چوندو ڳالهه ڪندو. حَدِث (فعل امر) چئه، ڳالهه ڪر يا بيان ڪر. فعل نهي موجب لاتُحَدِث بيان نہ ڪر، تون نہ چئه. مُحدِثُ بيان ڪندڙ، ڳالهه ڪندڙ يا قول گڏ ڪندڙ.

حديث جي لغوي معنيٰ نئين شيءِ يا ڳالهه آهي. اصطلاحي طور نبي پاڪ ﷺ جن جي قول، فعل ۽ تقرير کي حديث چئجي ٿو، جنهن جو مطلب اهو ٿيندو تہ پاڻ جيڪي فرمايائون، يا جيڪو عمل ڪيائون يا سندن سامهون ٿيندڙ عمل تي خاموشي (بمعنيٰ رضا) اختيار ڪيائون، اهو سڀ حديث جي ضمري ۾ اچي ٿو.

محدث جي اصطلاحي معنيٰ ٿيندي حديث جي روايت ۽ درايت جي لحاظ سان حديث پاڪ ۽ ان جي راوين جي ڇاڻ رکندڙ فقيهہ جي اصطلاحي معنيٰ ٿيندي، قرآن مجيد ۽ حديث پاڪ مان مسئلا استخراج ڪندڙ.

بنيادي طور حديث پاڪ جا مشهور ڪتاب هيٺيان آهن: (1) صحيح بخاري (2) صحيح مسلم (3) سُنن نسائي (4) سنن ابوداؤد (5) جامع ترمذي (6) سُنن ابن ماجہ (7) موطا امام مالڪ (8) مسند احمد بن حنبل (9) سنن الدارمي (10 موطا امام محمد. هنن مشهور ۽ معتبر ڪتابن کان علاوه بيا بہ حديث پاڪ جا ڪافي ڪتاب آهن.

حقيقت هيءَ آهي تہ قرآن مجيد کي صحيح معنيٰ ۾ سمجهڻ لاءِ حديث پاڪ جو مطالعو لازمي آهي، انڪري جو قرآن مجيد جامع ڪتاب آهي، حديث پاڪ ۾ ئي ان جي باريڪين کي کولي سمجهايو ويو آهي، نبوت کان وٺي چند اصحاب سڳورن پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي هر قول ۽ فعل کي محفوظ ڪرڻ شروع ڪيو، ان کان علاوه بہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ننڍپڻ کان سندن ﷺ جن جي زندگي مبارڪ محفوظ آهي. اصحاب سڳورن پاڻ ڪريم ﷺ جن کان ڪا بہ ڳالهہ ٻڌي يا ڪو عمل ڏٺائون ٿي تہ يڪدم پنهنجي دلين ۾ محفوظ ڪري ٿي ڇڏيائون ۽ ائين ئي تواتر سان محدثين کان ٿيندو هيءُ علمي ذخيرو اسان تائين پهتو، انهن اصحاب سڳورن مان چند جو احوال ڏجي ٿو.

**(1) حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ:**

حضرت ابوبڪرؓ جو نالو عبدالله ۽ سندن والد جو نالو عثمان ابوقُحافہ آهي. سندن ڏاڏاڻو نسب نامو هي آهي ابوبڪر عبداللهؓ بن عثمان بن عامر بن عمرو بن ڪعب بن سعد بن تميم بن مره بن ڪعب بن لُوي القريشي التميمي سندن نسب نامو ستين پيڙهيءَ ۾ حضور اڪرم ﷺ جن سان ملي ٿو. پاڻ رضي الله عنہ ننڍي هوندي کان ئي نبي اڪرم ﷺ جن جا گهڻا دوست هئا ۽ سڀ کان اول اسلام قبول ڪرڻ جي سعادت بہ ڪيس حاصل آهي، حضرت ابوبڪر صديقؓ هر غزوي ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جن سان گڏ رهيا، پاڻ هجرت وقت نبي پاڪ ﷺ جن سان گڏ هئا، انهيءَ سفر ۾ غار ثور ۾ حضور ﷺ جن سان گڏ هئڻ سبب ڪين يار غار ڪوٺيو ويو، پاڻ حضرت بي بي عائشہؓ جا والد ۽ نبي پاڪ جن جا سُهرا پڻ هئا. سندن والدين ۽ پوٽي کي حضور ﷺ جن جي صحبت جو شرف پڻ مليو. فيل واري واقعي کان بہ سال چار مهينا ۽ ڪجهہ ڏينهن اڳ سندن جنم مڪي پاڪ ۾ ٿيو ۽ جمادي الثاني 13هہ

جا اڪ ڏينهن باقي هئا جو اڱاري جي رات عشاء ۽ مغرب جي وچ واري وقت ۾ سندن وفات ٿي وئي. سندن وصيت مطابق گهر واريءَ اسماء بنت عميسؓ غسل ڏيڻ فرمايو ۽ خليفي ثاني عمر بن خطاب رضي الله عنه سندن جنازي نماز پڙهائي. سندن تدفين روضي اطهر ۾ آهي. سندن خلافت جو دور ٻه سال چار مهينا رهيو. پاڻ رضي الله عنه کان 142 روايتون ملن ٿيون.

**(2) حضرت عمربن خطاب رضي الله عنه:**

سندن نالو مبارڪ حضرت عمرؓ والد خطاب ۽ ڏاڏي جو نالو نوفل آهي، سندن لقب فاروق ۽ ڪنيت ابو حفص ۽ والده جو نالو فتحه آهي. پاڻ عدوي قريشي آهن، حضرت عمرؓ نبوت کان چاليهه سال اڳ مڪي پاڪ ۾ پيدا ٿيا. مسلمان ٿيڻ کان اڳ پاڻ نبي اڪرم ﷺ ۽ اسلام جا سخت دشمن هُئا پر اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ پوري زندگي اسلام جي خدمت ڪندي گذاريائون پاڻ نبوت جي ڇهين يا ستين سال پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي، اسلام قبول ڪيائون. اسلام قبول ڪرڻ وارن ۾ سندن چاليهون نمبر آهي. سندن نياڻي بيبي حفصهؓ نبي پاڪ ﷺ جن جي عقد ۾ هئي. پاڻ تمام وڏا بهادر ۽ سخي هُئا حضرت ابوبڪر صديقؓ کان پوءِ خلافت جو دور فاروقي آهي سندن خلافت واري دور ۾ شام، ايران، عراق، بيت المقدس ۽ مصر فتح ٿيا، ۽ ان کان علاوه ٻه انيڪ فتحون حاصل ٿيون. زُهد ۽ قناعت جي اها حد هئي جو سندن ڪاڏو، بستر، لباس وغيره هر شيءِ سادي هئي. هڪ غلام ابو لُولُو مديني پاڪ ۾ 26 ذوالحج 23 هجري تي ڪين زهريلي خنجر سان زخمي ڪري ڇڏيو، پهرين محرم الحرام تي رسول پاڪ ﷺ جن جو هي عظيم جانثار شهيد ٿي ويو. حضرت صهيب رومي رضي الله عنه سندن جنازي نماز پڙهائي ۽ ڪيس روضي اطهر ۾ دفن ڪيو ويو. حضرت عمرفاروق رضي الله عنه کان 539 روايتون ملن ٿيون.

**(3) حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنه:**

سندن پورو نالو ابوعبدالله عثمان بن عفانؓ آهي. سندن والده جو نالو أروئ آهي. پاڻ عام الفيل جي ڇهين سال پيدا ٿيا. پاڻ رضي الله عنه حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي هٿن مبارڪن تي دار ارقم ۾ تشريف آوري کان اڳ اسلام قبول ڪيو، اسلام قبوليندڙن ۾ سندس چوٿيهون نمبر آهي، نبي اڪرم ﷺ جن جي نياڻي حضرت رُقيهؓ سندس نڪاح ۾ هئي جنگ بدر واري سال حضرت رُقيهؓ جي وفات کان پوءِ نبي اڪرم ﷺ جن جي ٻي نياڻي حضرت اُم ڪلثوم به سندس نڪاح ۾ آئي ان ڪري سندن لقب "ذوالنورين" ٿي ويو، حضرت عثمان غنيؓ جو رنگ ڳورو، قد وچولو مٿي تي گهٽا ۽ گهاٽا وار ۽ ڏاڙهي مبارڪ وڏي هئي. 24 هجري محرم الحرام ۾ ڪيس اسلامي سلطنت جو خليفو چونڊيو ويو. سندن خلافت جو دور ٻارهن سالن کان ڪجهه گهٽ رهيو، سندن عمر 82 سال ۽ ڪٿي 88 سال اچي ٿي. شهادت قرآن مجيد جي تلاوت ڪندي ٿي ۽ ڪيس جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو. حضرت عثمان غنيؓ تمام وڏا سخي ۽ زاهد هُئا، ڪانئس ٽوٽل 142 حديثون روايت آهن.

**(4) حضرت علي ڪرم الله وجهه:**

سندن ڪنيت ابوالحسن ۽ ابوتراب ۽ لقب حيدر آهي سندن والد محترم جو نالو ابوطالب والده جو نالو فاطمه اچي ٿو. نبي اڪرم ﷺ جن جو حقيقي سؤٽ آهي. پاڻ ڏهن سالن جي عمر ۾ ئي اسلام قبول ڪيائون. مڪي پاڪ ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏ ٿي رهيا. هجرت وقت نبي اڪرم ﷺ جن سڀ امانتون حضرت علي ڪرم الله وجهه جي حوالي ڪري ويا، حضرت عليؓ تمام وڏا بهادر، سخي، زاهد ۽

پرهيزگار انسان هئا، پاڻؓ اڪثر غزوات ۾ نبي ڪريم ﷺ جن سان گڏ رهيا، حضرت عثمان غنيؓ کان پوءِ کين خلافت لاءِ منتخب ڪيو ويو، اسلامي ڀائيچاري وقت نبي اڪرم ﷺ جن حضرت علي ڪرم الله وجهه کي سندن ڀاءُ ڪوٺيو هئو. پاڻ ننڍپڻ کان وٺي ٽيهن سالن تائين حضور ﷺ جن جي خدمت ڪندا رهيا، ڪيس نبي ڪريم ﷺ جن جي نياڻي حضرت فاطمه رضي الله عنها سان نڪاح جو به اعزاز حاصل آهي. شُجاعت جو مثال به پاڻ ئي آهن، تبوڪ واري موقعي تي مديني پاڪ جي مڪمل ذميواري نبي ﷺ حضرت علي ڪرم الله وجهه جي حوالي ڪئي ۽ ڪيس فتح خيبر جو اعزاز پڻ حاصل آهي، سن 40 هجري فجر جي نماز ۾ ابن ملجم حضرت عليؓ تي وار ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ پاڻؓ 20 رمضان المبارڪ تي شهادت جو عظيم جو رُتبو حاصل ڪيو. حضرت علي ڪرم الله وجهه کان 586 روايتون مِلن ٿيون.

**(5) اُم المؤمنين حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها**

سندس نالو عائشه رضي الله عنها لقب حُميره، صديقه آهي والد حضرت ابوبڪر صديقؓ ۽ والده جو نالو زينب ڪنيت ام رومانُ بنت عامر بن غويمر آهي. سندن نڪاح نبي اڪرم ﷺ جن سان ٿيو. حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها فقيهه، عالمه فصيحه ۽ فاضله هئي. قصص العربه جنگين ۽ شعر و شاعري ۾ ماهر هئي. اڪثر روزا رکندي هئي، ۽ غلام آزاد ڪرائيندي هئي. حضرت ابو موسيٰ اشعري رضي الله عنه فرمائي ٿو ته جڏهن ڪا مشڪل سامهون ايندي هئي ته اُن جو علم ۽ حل حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها وٽان حاصل ڪندا هئاسين. سندن وفات 57 يا 58 هه ۾ 17 سترهن رمضان آچر جي رات ٿي ان وقت سندن ڄمار ٽيهٺ 63 سال هئي، ڪيس وصيت مطابق رات جو دفن ڪيو ويو سندس جنازي نماز جليل القدر اصحابي سڳوري حضرت ابوهريره رضي الله عنه پڙهائي، سندس قبر مبارڪ جنت البقيع ۾ آهي ڪائنس روايت ڪيل حديثن جو تعداد 2210 آهي.

**(6) حضرت ام المؤمنين اُم سلمه رضي الله عنها**

سندس نالو هند ۽ ڪنيت ام سلمهؓ آهي پاڻ قريش جي مخزوم خاندان مان هُئي. سندس شجرو هن ريت آهي. هند بنت ابي اميه سهيل بن المغيره بن عبدالله بن عمر بن مخزوم سندس والد سخي مرد هو. سندس پهريون نڪاح عبدالله بن عبدالاسد سان ٿيو جيڪو ابوسلمه جي نالي سان مشهور آهي. شروع ۾ پنهنجي مڙس سان گڏ مسلمان ٿي ۽ حبشه ڏانهن هجرت به ڪيائين. غزوه اُحد ۾ سندس مڙس زخمي ٿيو ۽ جمادي الثاني سن 4 هجري ۾ وفات ڪري ويو، حضور ﷺ حضرت ام سلمهؓ کي فرمايو ته، صبر ڪر هن جي مغفرت جي لاءِ دعا ڪر ۽ چئو خداوند ڪريم مون کي هن کان بهتر جانشين عطا فرماءِ، حضرت عمر رضي الله عنه حضور نبي ڪريم ﷺ جن جي طرفان نڪاح جو پيغام کڻي وٽس ويا ته اُم سلمهؓ چيو ته مون ۾ چند ڳالهيون آهن (1) آئون غيور آهيان (2) صاحب عيال آهيان (3) منهنجي ڄمار وڏي آهي. حضور ﷺ انهن سڀني ڳالهين کي قبول فرمايو ۽ پوءِ حضور ﷺ ۽ اُمِ سلمهؓ جو نڪاح ٿيو. حضور ﷺ جن کي اُم سلمهؓ سان محبت هئي اُم سلمهؓ به حضور ﷺ جن جي آرام جو تمام گهڻو خيال رکندي هئي ڪجهه غزون ۾ به پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏ هئي. حضرت اُم سلمه رضي الله عنها کان 378 حديثون روايت آهن.

**(7) حضرت ابوهريره رضي الله عنه**

سندس نالو حضرت عبدالرحمٰن ابوهريره بن صخر رضي الله عنه آهي. جاهليت واري دور ۾ سندس نالو عبد شمس يا عبد عمرو هو، پر سندس ڪنيت ابوهريره وڌيڪ مشهور ٿي. حضرت

ابوهريره رضي الله عنہ اصل يمن جو رهاڪو هو ۽ تعلق قبيلي دوس سان هو. سندن ننڍپڻ ۾ ئي والد وفات ڪري ويو، يتيمي وارا ڏينهن گذاريندي وڃي بسره بنت غزوان جو ملازم ٿيو. خدا تعاليٰ جي مهر سان اها ئي بسره وري سندس ئي نڪاح ۾ آئي. سندن قبول اسلام ڪجهه هن طرح آهي جو طفيل بن عمرو دوسي رضي الله عنہ اڳي ئي اسلام قبول ڪري چُڪا هئا. پنهنجي قبيلي جي فردن ڪي جن ۾ ابوهريره رضي الله عنہ بن صخر هو ساڻ ڪري غزوه خيبر جي موقعي تي حضور نبي ڪريم ﷺ جن سان اچي مليا ۽ اسلام سان مشرف ٿيا. ابوهريره رضي الله عنہ ان ڏينهن کان وٺي حضور ﷺ جن سان باقي سڄي حياتي گڏ رهيا. خلافت فاروقي ۾ کيس بحرين جو عامل مقرر ڪيو ويو. ماڻهو نبي ڪريم ﷺ جن کان سوال ڪرڻ ۾ ڪيٻائيندا هئا پر ابوهريره رضي الله عنہ جو علمي ذوق اهو هو جو پاڻ دليري سان سوال پڇندو هو، انڪري ئي حديثن جي ڪتابن ۾ سڀ کان گهڻيون روايتون کانئس ئي روايت ٿيل آهن، بلڪ حديث جي راوين ۾ تعداد جي لحاظ کان پهريون نمبر بہ کيس ئي حاصل آهي، ڪجهه ماڻهن سندس ڪثرتِ روايت تي اعتراض ڪيو تہ جواب ڏنائين تہ "اسان جا مهاجر ڀائر بازار ۾ ڪاروبار ۾ لڳي ويندا هُئا ۽ انصار ڀني جي جانچ ۾ رهندا هُئا آئون محتاج هئس سمورو وقت رسول الله ﷺ جن جي صحبت ۾ گذاريندو هئس." سندس وفات سن 57هه ۾ مديني پاڪ ۾ ٿي مديني جي والي وليد سندس جنازو پڙهايو جنت البقيع ۾ مهاجرين سان گڏ دفن ڪيا ويا، حضرت ابوهريره رضي الله عنہ کان 5374 حديثون روايت ٿيل آهن.

### (8) حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنہ

سندس نالو عبدالله ڪنيت ابوالعباس رضي الله عنہ آهي والد جو نالو عباس رضي الله عنہ ۽ والده جو نالو ام الفضلؓ لبابہ بنت حارث آهي، جيڪا ام المؤمنين حضرت ميمونہ رضي الله عنها جي ڀيڻ آهي. سندس ولادت باسعادت شعب ابي طالب ۾ ٿي هئي. هجرت وقت پاڻ پنهنجي گهرجي ڀاتين ۽ والده سان گڏ هئا ۽ ان وقت سندس ڄمار ٻارهن سال هئي، پاڻ پنهنجي والده ام فضلؓ سان گڏ ئي مسلمان ٿيو. وڏا اصحاب سڳورا کيس وڏي قدر جي نگاهہ سان ڏسندا هئا خليفہ ثاني حضرت عمربن خطاب رضي الله عنہ کيس پنهنجي ڀر ۾ جڳهہ ڏيندا هئا ۽ جَليل القدر اصحابن جي شوريٰ ۾ کيس شريڪ ڪندا هئا. نبي اڪرم ﷺ جن کيس ديني فهم ۽ هنر ۽ تفسير قرآن جي دعا ڏني هئي. ابن عباسؓ امت جو هڪ تمام وڏو عالم، فقيہ، مفسر ۽ محدث آهي جڏهن ڳالهائيندو هو تہ وڏو فصيح ۽ بليغ لڳندو هو. سندس وفات سنہ 68 هجري ۾ ابن زبير رضي الله عنہ جي زماني ۾ ٿي سندن عمر ايڪهتر سال ٿي، سندس جنازي نماز محمد بن حنيفہؒ پڙهائي، کانئس صحابہؓ ۽ تابعين رحہ جو وڏو انگ روايت ڪندو آهي سندن روايتن جي تعداد 2660 آهي.

### (9) حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنہ

سندس نالو عبداللهؓ ڪنيت ابوعبدالرحمٰن والد جو نالو عمرؓ بن خطاب ۽ والده جو نالو زينب بنت مظعون آهي. سندس پيدائش نبوت جي ابتدائي دور ۾ ٿي ۽ اسلامي ماحول ۾ هوش سنڀاليائين. ٻارائڻ سبب کيس جنگ بدر ۽ اُحد ۾ شموليت نہ ملي البتہ جنگ خندق، بيعت رضوان، فتح مڪہ، غزوه حُنين محاصرة طائف، حجة الوداع، غزوه تبوڪ سميت انهن سڀني موقعن تي نبي اڪرم ﷺ جن سان گڏ رهيا، پاڻ انتهائي مدبر ۽ فتنن کان پري رهڻ وارا هئا. کيس ماڻهو سندس علم ۽ عمل جي ڪري مجمع البحرين سمجهن ٿا. پاڻ ملڪي انتظام ۽ عُهدا وٺڻ کان معذرت ڪندا هئا، ڪين قرآن سان تمام گهڻو شغف هو. خشيت الٰهي، عبادت ۽ رياضت، زهد ۽ تقويٰ، اختلاف اُمت کان بچڻ ۽ قرآن مجيد ۾ تمام گهڻو غور ۽ فڪر ڪندا هئا، ڪين سورة بقره جي تفسير ۽ غور ۽ فڪر ۾ چوڏهن سال لڳي ويا سندن وفات مڪي پاڪ ۾ ئي ٿي سندن روايتن جو تعداد 1630 آهي.

### (10) حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه

سندس نالو انس ڪنيت ابوحمزه لقب خادم رسول الله ﷺ، والد جو نالو مالڪ ۽ والده اُم سليم رضي الله عنها سهله بنت ملحان انصارية آهي. پاڻ اُنن سالن جي ڄمار ۾ اسلام قبول ڪيائون. جڏهن ڏهن سالن جا ٿيا ته سندس والده نبي ڪريم ﷺ جن کي عرض ڪيو ته هن کي پنهنجي خدمت ۾ قبول فرمايو ۽ نبي ڪريم ﷺ جن کيس پنهنجي خدمت ۾ قبول فرمايو. ڏهه سال حضرت انس رضي الله عنه نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت اقدس ۾ رهيا سفر ۽ حضر ۾ به هر وقت گڏ رهندا هئا. بيعت رضوان، خيبر، طائف ۽ حجة الوداع جي موقعن تي به نبي ڪريم ﷺ جن سان گڏ رهيا، پاڻ وڏا عالم ۽ مدبر هئا کيس حضرت ابوبڪر صديقؓ بحرين جو عامل مقرر ڪيو هو ۽ حضرت عمرؓ پنهنجي زماني ۾ کيس تعليم ۽ تربيت لاءِ بصره ڏانهن موڪليو، فتنن جي زماني ۾ پاڻ گوشا نشيني اختيار ڪيائون، سندس وفات سنه 93 هجري ۾ ٿي ۽ عُمر هڪ سؤ سالن کان به وڌيڪ هئي. ڪائنس 1286 روايتون مِلن ٿيون

### (11) حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه

سندس نالو سعد رضي الله عنه ڪنيت ابوسعيد آهي ۽ والد جو نالو مالڪؓ ڏاڏو سنان ۽ والده جو نالو اُنيسه رضي الله عنها بنت ابي حارثه آهي، سندس والدين بيعت عقبه کان پوءِ مسلمان ٿيا انهي ڪري حضرت ابو سعيد الخدري رضي الله عنه ٻاروتڻ ۾ ئي مسلمان والدين جي هنج ۾ تربيت حاصل ڪئي. غزوه اُحد کان پوءِ سيني غزون ۾ نبي اڪرم ﷺ جن سان گڏ هئا، نبي ڪريم ﷺ جن جي وصال کان پوءِ پاڻ مديني ۾ ئي مقيم رهيا. پاڻ عهد فاروقي ۽ عهد عثماني ۾ فتويٰ ڏيندا هئا. حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه وٽ هڪ وسيع حلقو هوندو هو، جڏهن کو ڪائنس فتويٰ وٺڻ ايندو هو ته ڪافي دير ڪانپوءِ ان جو نمبر ايندو هو ائين ئي هو پنهنجي زماني جا وڏا فقيه هُئا، حق گوئي، امربالمعروف ۽ نهي عن المنڪر، اتباع سنت، بردباري ۽ تحمل، سادگي بي تڪلفي ۽ يتيمن جي پرورش سندس خاص وصفون هيون. پاڻ رضي الله عنه 1175 حديثون روايت ڪيون آهن.

### (12) حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه

سندس نالو عبدالله ڪنيت ابوعبدالرحمٰن والد مسعود ۽ والده جو نالو اُم عبد بنت وڌ هو. اسلام قبول ڪندڙن ۾ سندس ڇهون نمبر آهي، هڪ دفعي نبي اڪرم ﷺ جن حضرت ابوبڪر صديقؓ سان گڏ وڃي رهيا هئا گس تي عبدالله بن مسعودؓ ٻڪريون پيئي چاريون حضرت ابوبڪر ڪائنس کير گهريو، حضرت عبدالله بن مسعودؓ وراڻيو ته هي ٻڪريون مون وٽ امانت آهن آئون کير نٿو ڏئي سگهان. حضور ﷺ جن فرمايو ته ڇا تو وٽ ڪا اهڙي ٻڪري آهي جنهن اڃان ڦرنه ڏنو هجي، ابن مسعودؓ عرض ڪيو ته هائو ۽ اها ٻڪري حاضر ڪيائين، پاڻ ڪريم ﷺ جن هٿ ڦيرايو ته ٻڪري جا ٿڻ کير سان ڀرجي ويا، حضرت ابوبڪرؓ اها ٻڪري ڏڌي ۽ حضور ﷺ، حضرت ابوبڪرؓ ۽ عبدالله جن مسعودؓ ٽنهي کير پيتو. انهي معجزي کان پوءِ حضرت ابن مسعود مسلمان ٿيو ۽ حضور ﷺ جن جي خدمت ۾ رهڻ لڳو. پاڻ مديني طرف هجرت به ڪيائون ۽ نبي اڪرم ﷺ جن کيس مسجد نبويءَ جي پرسان هڪ پلاٽ رهائش لاءِ عطا ڪيو. پاڻ تمام غزوات ۾ نبي اڪرم ﷺ جن سان گڏ رهيا. سنه 20هه ۾ ڪوفي جا قاضي مقرر ٿيا ۽ ڏهن سالن تائين قاضي طور خدمتون سرانجام ڏنائون. علمي ذوق به ڪمال جو هئس، پاڻ قرآن مجيد جا مفسر ۽ قاري هئا. پنهنجي زماني جا فقيه ۽ مجتهد هئا. حضرت شفيقؒ فرمائي ٿو ته اسين مسجد ۾ ويهي عبدالله بن مسعودؓ جو انتظار ڪندا هئاسين. سندن وفات

32 هجري ۾ ٿي. سندس جنازي نماز حضرت عثمان غنيؓ پڙهائي ۽ جنت البقيع ۾ تدفين ٿي ۽ کانئس 848 حديثون روايت آهن.

**(13) حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه**

سندن نالو جابر والد عبداللهؓ ۽ والده جو نالو نسيبه آهي سندس ڏاڏو عمرو پنهنجي خاندان جو رئيس هو. پاڻ عُقبه ثانيه ۾ پنهنجي والد سان گڏ اسلام قبول ڪيائون، اُحد کان پوءِ تمام غزوات ۾ شامل رهيا، پاڻؓ نبي اڪرم ﷺ جن کان پوءِ حضرت ابوبڪرؓ عمرؓ عليؓ ابو عُبيدهؓ طلحهؓ معاذ بن جبلؓ ۽ عبدالله بن اُنيسؓ کان علم حاصل ڪيائون. سندس شاگرد به ڪيترائي آهن. جن ۾ امام باقرؒ عبدالله بن منڪدرؒ حسين بن محمد بن حنيفهؒ وغيره جا خاص نالا اچن ٿا. پاڻؓ 94 سالن جي ڄمار ۾ نابيني کان پوءِ وفات ڪيائون. سندس تدفين جنت البقيع ۾ ٿي، حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه وٽان حديث پاڪ 540 روايتون مليون آهن.

**(14) ابومحمد عبدالله بن عمرو رضي الله عنه**

سندس نالو عبدالله ڪنيت ابومحمد ۽ ابوعبدالرحمٰن والده ريطه بنت مبنه آهي. مڪمل نالو ابو محمد عبدالله بن عمر وبن عاصؓ پاڻ پنهنجي والد کان اڳ مسلمان ٿيو. حضور ﷺ جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيندو هو ۽ جيڪي ڪجھ حضور ﷺ جن فرمائيندا هئا، هي ان کي فوراً قلمبند ڪندو هو، حضرت ابوهريرهؓ فرمائيندو هو ته وٽس مونکان وڌيڪ حديثون آهن ڇو جو هُو لکندو هو ۽ آئون لکندو نه هئس. حضور ﷺ جن سان گڏ غزوات ۾ شريڪ رهيو، جنگ يرموڪ ۾ حضرت عمرو بن عاصؓ قيادت وارو جهنڊو سندس هٿن ۾ ڏنو سندس درس جو حلقو وسيع هوندو هو، پنهنجي شاگردن سان محبت ڪندو هو، هو ٻئي ڏينهن روزو رکندو هو ۽ رات جو گهڻو حصو عبادت ڪندو هو. ٽن ڏينهن ۾ قرآن مجيد جو ختم ڪندو هو. سندس وفات مروان بن حڪم ۽ حضرت عبدالله بن زبيرؓ جي جنگ واري زماني ۾ ٿي انهيءَ ڪري ڪيس سندس ئي گهر ۾ دفن ڪيو ويو. پاڻ رضي الله عنه کان 700 حديثون روايت ٿيل آهن.

**(15) حضرت براء بن عازب رضي الله عنه**

سندس نالو براء ڪنيت ابوعماره ۽ خاندان حارثة آهي والد جو نالو عازب. مامي جو نالو ابو بُردة بن نبار رضي الله عنه بدري آهي سندس مامو آغاز ۾ اسلام قبول ڪري چڪو هو، جنهن جي برڪت سان سندس خاندان ۾ اسلام پکڙيو، مسلمان ٿي مدينه منوره ۾ مصعب بن عميرؓ ۽ ابن اُم مڪتوم رضي الله عنه کان قرآن مجيد سکڻ شروع ڪيائين حضرت براءِ بدر ۾ حاضر ٿيو هو، پر ٻار هو انهيءَ ڪري حضور ﷺ جن کيس واپس روانو ڪري ڇڏيو. ان کان علاوه اُحد، خندق، خيبر ۽ حُنين ۾ شرڪت ڪيائون. محاصره طائف ۽ حجة الوداع ۾ به حضور ﷺ جن سان گڏ هئا. حضرت براءؓ ٽوٽل پندرهن غزوَن ۾ شرڪت ڪئي. پاڻؓ حديثن جي روايت ڪرڻ ۾ تمام گهڻو محتاط رهندا هُئا.

حديثن ۾ احتياط جو سبب بيان ڪندي هڪ موقعي تي پاڻ رضي الله عنه فرمايو.

”جيڪي حديثون آئون بيان ڪريان ٿو ضروري ناهي ته اُهي سڀ رسول الله ﷺ جن کان ٻُڌيون هجن، اسين اُٺ چاريندا هئاسين تنهن ڪري هر وقت رسول الله ﷺ جن وٽ حاضر نٿي رهي سگهياسين.“ (مسند احمد)

تنهن هوندي بہ محتاط ٿي ڪري جيڪي پاڻ حديثون بيان ڪيون اُٺن انهن جو تعداد 305 اچي ٿو.

**(16) حضرت ابوذر غفاري رضي الله عنہ**

سندس نالو جُندبؓ ڪنيت ابوذرؓ والد جو نالو جنادة ۽ والده جو نالو رَمَلہ آهي ۽ قبيلي بني غِفار سان تعلق هئس. شروع ۾ مشهور ڌاڙو مڙس هو، پر هڪدم زندگي ۾ انقلاب آيو. پاڻؓ فرمائي ٿو تہ آئون اسلام کان ٽي سال پهرين نماز پڙهندو هئس. جڏهن رسول الله ﷺ جو ٻُڌائون تہ پهرين پڪ وٺڻ لاءِ پنهنجي ڀاءُ اُنيس کي موڪليائون پوءِ پاڻ رضي الله عنہ آيا ۽ حضرت عليؓ سان گڏجي حضور ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري اسلام قبول ڪيائون. حضور ﷺ ڪيس سندس قوم ڏانهن تبليغ لاءِ روانو ڪيو، ابوذر رضي الله عنہ پنهنجو سمورو وقت دعوت ۾ صرف ڪندا رهيا، اڌ قبيلو انهيءَ مهل مسلمان ٿيو ۽ باقي اڌ قبيلو بہ هجرت کان پوءِ مسلمان ٿي ويو. رسول الله ﷺ جي هجرت کان پوءِ ابوذرغِفاريؓ بہ هجرت ڪئي ۽ مديني ۾ رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ رهندا هُئا حضرت ابوذرؓ تمام وڏا زاهد، پرهيزگار ۽ تارڪ الدنيا انسان هئا. حضرت ابوبڪر صديقؓ جي دور خلافت ۾ مديني ۾ رهيا ان کان پوءِ شام ملڪ ڏانهن روانا ٿيا. سندس عقيدو هو تہ مال پاڻ وٽ جمع ڪرڻ جائز نہ آهي اهو مال ٻُڪين ۽ ننگن جو حق آهي، ان ئي معاملي تي سندس اختلاف ٿيندا رهيا. حضرت عثمان غنيؓ ڪيس مديني ڏانهن گهرائي ورتو هو، پر بعد ۾ پاڻؓ رَبذہ طرف هليا ويا ۽ اتي ئي قيام فرمايائون. رَبذہ ۾ سندس طبيعت خراب ٿي سندس گهر واري روئڻ لڳي جو هن صحرا ۾ ڪير انتظام ڪندو. ابوذرؓ چوڻ لڳو آئون توکي خوش خبري ٻڌايان ٿو تہ حضور ﷺ جن فرمايو توهان مان هڪ جو موت صحرا ۾ ٿيندو اُتي مسلمانن جي هڪ جماعت پهچندي ۽ اُها ڪفن دفن ڪندي، مون کان سواءِ جيڪي هُئا اُهي آبادي ۾ مري چُڪا آهن جيتوڻيڪ ائين ئي ٿيو، حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنہ هڪ جماعت سان گڏجي آيو، جيڪو مديني کان عراق وڃي رهيو هو انهيءَ ڪري عبدالله بن مسعود رضي الله عنہ سندس جنازي نماز پڙهائي پوءِ سندس تدفين بہ رَبذہ ۾ ٿي ٿي، حضرت ابوذر غِفاري رضي الله عنہ کان 281 روايتون مِلن ٿيو.

**مددي ڪتاب:**


1. روضتہ الصالحين (امام نووي جي رياض الصالحين جو اردو ترجمو شرح)، مترجم ۽ شارح مولانا محمد حسين صديقي.
2. مشڪواة شريف (اردو شرح امام ولي الدين محمد بن عبدالله الخطيب العمري جي مشڪواة المصابيح جي)، مترجم ۽ شارح: مولانا عبدالله جاويد غازي پوري.
3. اسدالغابہ (عربي)، عزالدين بن الاثير ابي الحسن علي بن محمد الجزري رحہ.
4. تاريخ اسلام (اردو)، اڪبر شاھ نجيب آبادي.
5. طبقات ابن سعد (اردو)، علامہ محمد سعد.
6. انعام المنعم (اردو)، مولانا محبوب احمد صاحب.
7. تهذيب التهذيب (عربي)، علامہ ابن هجر عسقلاني رحہ.



ڊاڪٽر الطاف جوکيو
محرابپور

# ڪليات احمد ۾ 'دل' سان سلهاڙيل اصطلاحن جو جائزو

مولوي احمد ملاح سنڌ جو ڀهڳڻو شاعر آهي. هن جي مزاج ۾ 'تجنيس حرفي' جو استعمال جهجهي مقدار ۾ ملي ٿو، جنهن سبب 'تجنيس حرفي' جو شهنشاهه سڏجي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ لفظن، لفظن جي ترڪيبن، محاورن ۽ اصطلاحن جو استعمال ڪافي سهڻي انداز ۾ ڪيل آهي. هن پيپر ۾ مولوي صاحب جي شاعريءَ ۾ 'دل' سان سلهاڙيل اصطلاحن جو جائزو مقصود آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ 'اصطلاح' ٻن معنائن ۾ ڪم ايندو آهي، هڪ: جملي جي اهڙي جز لاءِ جيڪو رواج پٽاندر ٻي معنيٰ رکي؛ ٻيو: ڪنهن خاص مضمون (Subject) سان سلهاڙيل، جنهن ۾ اهو لفظ لغوي اعتبار کان هٽي ڪري، ان مضمون جي عنوان سان ٺهڪايو ويو هجي. هتي سماجي معنيٰ سان سلهاڙيل، جملي جي جز واري اصطلاح تي مرڪوز رهبو.

اصطلاح جي سماجي معنيٰ سان سلهاڙيل هجڻ سبب، ان جي اهميت بابت پڻ سوال اڀري ٿو ته ان جي ٻوليءَ ۾ ضرورت ڇو ٿي پيش اچي؟ چاٽايل ٻوليءَ جي اصطلاحن جي اهميت ۽ ضرورت تي مختصر اهو ئي چئي سگهجي ٿو ته: 'مذڪوره اصطلاحن جي اهميت، ٻوليءَ ۾ صرف زيب و زينت جي نه پر، ٻوليءَ ۾ ڪنهن خيال/ قدر کي وڌيڪ زوردار ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ ۽ جملي يا گفتي کي وڌيڪ واضح ڪرڻ لاءِ ڪم آندا ويندا آهن.' (جوکيو، 2009: 106-143)

لفظ 'اصطلاح' عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جيڪو 'محاوري' جي بدل سان به ڪم آندو ويندو آهي، هيٺ ڏنل لفظن جي لغوي معنيٰ سمجهڻ لاءِ انهن جو اشتقاق ڪري پيش ڪجي ٿو:

- اصطلاح- افتِعال- اصتِلاح > اصطلاح- مصدر (صَلَحَ = هن درست ڪيو) ڪنهن لفظ يا تشريح جي استعمال کي عام لاءِ درست ڪرڻ- ڪنهن لفظ جي مفهوم جي استعمال تي مڙني جو اتفاق هجڻ- ڪنهن لفظ کي لغوي اعتبار کان هٽي ڪري عام رواجي معنيٰ طور ناهي ڪم آڻڻ. (جوکيو، 2009: 106- 143)

اصطلاح لفظ جي اشتقاق مان اهو ئي معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن لفظ جي استعمال کي درست ڀانئي مڙني جو اتفاق هجڻ. ظاهر آهي ته درستگيءَ تي اتفاق جي ضرورت تڏهن پيش ايندي آهي، جڏهن اهو استعمال لغوي معنيٰ کان هٽي ڪري رواج ۾ آندل واري معنيٰ ۽ مفهوم رکي.

لفظ اصطلاح بابت ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلي لکيو آهي ته: "اصطلاح معنيٰ صلح ڪرڻ، ڪنهن لفظ جي ٻي معنيٰ مقرر ڪرڻ. مثال: 1، 'پراڻو ٺڪر ڀڳو ته ڀلو ناهي'، 2، 'هن مون تي خوامخواه ٺڪر ڀڳو آهي'، تنهن جو ارمان آتم.' پهرين مثال ۾ 'ڀڳو' فعل پنهنجي حقيقي يا اصلي معنيٰ ۾ ورتل آهي، يعني ٺڪر جو ٽڪر ٽڪر ٿيڻ، ٻئي مثال ۾ 'ڀڳو' فعل پنهنجي حقيقي يا اصلي معنيٰ ۾ نه پر رواجي معنيٰ ۾ ورتل آهي يعني ڪوڙو الزام! واضح ٿيو ته اصطلاح جون ٻه معنائون ٿيون: هڪڙي مقرر ٿيل' جنهن کي 'لغوي يا اصلي' معنيٰ چئجي ٿو ۽ ٻي رواجي جنهن کي اصطلاحي معنيٰ چئجي ٿو. تنهن ڪري 'اصطلاح' جي معنيٰ ٿي: 'رواجي معنيٰ يا مطلب'. مطلب ته اصطلاح هميشه عام رواج مان ٺهندا آهن." (سنڌيلو، 1993ع: 12)

سنڌي ٻوليءَ ۾ جملي جي جز واري اصطلاح جو گهاڙيٽو 'فعلي صورت' ۾ هجڻ وارو سنڌيلي صاحب وارو رايو نهايت مناسب آهي؛ ڇاڪاڻ ته سندس نظر ڪنهن جملي ۾ استعمال تي آهي، جيئن: 'هن مون تي خوامخواه ٺڪر ڀڳو'. جيڪڏهن جملي ۾ اصطلاح 'ٺڪر ڀڳو' تي نظر ڪبي ته هي لفظ گرامر موجب ته 'ماضي مطلق' ئي آهي، ان جي مصدر 'ٺڪر ڀڃڻ' ٿيندي. ان لاءِ اصطلاح جو فعلي صورت ۾ هجڻ مناسب ڄاتو ويو آهي.

حقيقت اها آهي ته 'اصطلاح' جي حيثيت جو پتو به ڪنهن ڳالهايل يا لکيل جملي مان ئي پوندو آهي. فرض ڪريو ته 'اک لڳڻ' جو اصطلاح گهٽ ۾ گهٽ به معنائون رکندو آهي: 'ننڊ جو سوڀو اچڻ' ۽ 'ڪنهن سان پيار ٿيڻ'، جيستائين ان کي ڪنهن جملي ۾ استعمال نه ٿو ڪجي، تيستائين 'اک لڳڻ' جي معنيٰ واضح نه ٿيندي. ان لاءِ ان جي درست استعمال کي ئي اهميت ڏني ويندي آهي. ظاهري اصطلاح جي اڪيلي سر شڪل يقيناً 'مصدر' واري آهي، ليڪن ان کي هڪ جڳهه تي قيد ڪري نه ٿو سگهجي.

ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي صاحب اصطلاح جي وضاحت بابت ڄاڻايو آهي ته: ”اهو مروج استعمال جيڪو بيان ۾ ڪنهن جملي جو جزو ٿي ڪتب ايندو آهي ۽ اکري معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج مطابق ٻي معنيٰ ڏيندو آهي انهيءَ کي محاورو يا اصطلاح چئبو آهي ... ’پاڻي پاڻي ٿيڻ‘ هڪ محاورو يا اصطلاح آهي، جنهن جو مطلب آهي: ’لڄي ٿيڻ، شرمسار ٿيڻ.“ (جيتلي، 1996: 54)

ڊاڪٽر جيتلي، اصطلاح ۽ محاوري کي ساڳي ڳالهه سمجهي ٿو، ان جي اهم سبب ۾ هندي/ اردو ٻوليءَ سان واهپو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ’محاوري‘ جي اها مراد ناهي، جيڪا هندي يا اردوءَ ۾ ورتي وڃي ٿي.

لفظن جي ڄاڻايل حوالن جي ڇنڊ ڇاڻ آڌار اصطلاح جي وصف هيٺين ريت بيهي ٿي:

ٻوليءَ جي ڳالهايل يا لکيل بيان/ جملي جو اهڙو جز جيڪو فعلي صورت ۾ ڪنهن جملي ۾ لغوي معنيٰ کان هٽي ڪري ٻوليءَ ۾ رواج پٽاندر يعني لغوي اعتبار کان ٻي معنيٰ ڏئي، ان کي ’اصطلاح‘ چئجي.

ٻوليءَ ۾ جملي جي جز ’اصطلاح‘ جي دائري جي بيهڪ تي مختصر واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته جيئن مولوي احمد ملاح جي ڪتاب ’ڪليات احمد‘ مان ’دل‘ سان سلهاڙيل اصطلاحن جو جائزو وٺي سگهجي.

**ڪليات احمد مان ’دل‘ سان سلهاڙيل لفظن جو جائزو**

لفظ ’دل‘ سنڌي ٻوليءَ ۾ فارسيءَ کان آيو آهي، جنهن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ’هنيانءُ/ هنيون- هِردو- مَنُ‘ چيو ويندو آهي. ان کان علاوه ’خواهش- راضپو- همت- بهادري- خيال- ارادو- نِيَت- ڌيان وغيره‘ وارين سماجي معنائن ۾ پڻ ڪم ايندو آهي.

ڄاڻايل لفظ، ايئن ته مولوي صاحب جي شعرن ۾ ڪافي هنڌن تي ملندو، جيڪو محاوري يا ڪنهن ترڪيب سان ڪم آندو ويو هجي، جيئن: ”دِل نِهوڙي ساڻ نيڻن، ٿو ڪَرين ڪامڻ ڦريبَ“؛ ليڪن هتي سندس شاعريءَ مان ’دل‘ سان سلهاڙيل مرڪب فعل واري صورت وارا اهڙا لفظ مقصود آهن، جيڪي اصطلاح جي صورت ۾ ڪم آندا ويا هجن.

- دل ۾ پوَڻ: [اصطلاح (خيال ۾ اچڻ- اندر ۾ تصور جڙڻ- ياد پوَڻ)] ”مَڪي ڏي مَرد مَنزِل ۾، دَغا آن کي پيئي دِل ۾“
- دل ۾ داغ ٿيڻ: [اصطلاح (ساڙ ٿيڻ- اندر جلڻ- تڪليف ٿيڻ)] ”دُشمن کي دِل ۾ داغ ٿيا، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن“
- دل ۾ دغا هڻڻ: [اصطلاح (بدنيتي هڻڻ- اندر ۾ بغض رکڻ)] ”دَغا جِن کي دِل ۾، دُعا تِن کي ڪِهڙي؟“
- دِل ۾ دَليلَ ڊوڙائڻ: [اصطلاح (ويچار ڪرڻ- تصور ڪرڻ- اجايا خيال پچائڻ- شَڪ ڪرڻ- وسوسي ۾ پوَڻ)] ”دوستَ، تو کان دُور ٿيو، پيو دِل ۾ ڊوڙايان دَليل“
- دل ۾ ديرا اڏڻ: [اصطلاح (ڪنهن جي اندر ۾ نرم گوشا پيدا ڪرڻ- مطيع ڪرڻ- محبت ۾ گرفتار ڪرڻ- اندر تي قابض ٿيڻ)] ”آچي دِلگير جي دِل ۾، وينو دِلبر اَڏي ديرا“
- دل ۾ ڏيڻ: [اصطلاح (وهم پيدا ڪرڻ- ذهن ۾ وهارڻ)] ”ڏٺي داتا دوئي ڏي شل! مَ دِل ۾“
- دل ۾ ڪرڻ: [اصطلاح (ڏک ڪرڻ- ارمان ڪرڻ- ويچار ڪرڻ- ڪاوڙ ڪرڻ- ياد ڪرڻ- اندر ۾ هنڊائڻ- ڳجهه رکڻ- محبت سان سارڻ)] ”دِل ۾ ڳالهيون دوست سان ڪَن، ٻَهر گُنگا گودڙيا“
- دل ۾ وجهڻ: [اصطلاح (خيال ۾ آڻڻ- تصور ۾ اچڻ- نينهن جا نشتر هڻڻ)] ”ڏک لڳن ڊِيدن مَنجهان، دِل ۾ وِجهي دِيدار وَڍ“
- دل ۾ وَڍَ پوَڻ: [اصطلاح (ڏکارو ٿيڻ- تڪليف ٿيڻ- اندر اڌ ٿيڻ)] ”دَرد دُکيَس جان تي، ٻيو دِل ۾ پُونس ڏار وَڍ“
- دل ۾ ويهارڻ: [اصطلاح (عزت ڏيڻ- قرب ڏيڻ- پيار ڪرڻ)] ”ويهاريان ڪٽي هيڪ دِل ۾ ٻه دوست، ته ڪِڏري ٻه ڦاڙون وِچان هيڪ وَڍ.“
- دل اڌ ٿيڻ: [اصطلاح (گهٽو ڏکارو ٿيڻ- پريشان ٿيڻ)] ”اَڌ دِلو ٿيو دِل ٻه اَڌ ٿِي، رَحم سان رَب! ريڙهيين“
- اڌ دلو ٿيڻ: [اصطلاح (نااميد ٿيڻ- مايوس ٿيڻ- ناڪام ٿيڻ- آس ٽٽڻ )] ”اَڌ دِلو ٿيو، دِل ٻه اَڌ ٿِي، رَحم سان رَب! ريڙهيين“

- دل امانت رکڻ: [اصطلاح (ڪنهن جي پيار کي دل ۾ سانڍڻ- حد کان وڌيڪ پيار ڪرڻ- پاڻ کي هٿي حوالي ڪرڻ)] "سَڄي دِل سَڄڻ وَٽ اَمانت رَکيَم"
- دل اندر ديرو ٿيڻ: [اصطلاح (اندر ۾ عڪس پيدا ٿيڻ- اندر ۾ گهر ڪري وڃڻ)] "دَم بَدم دَرڪار دَرسن، دِل اَندر ديرو ٿِئي"
- دل بِريانُ ٿيڻ: [اصطلاح (اندر سڙڻ- تڪليف ۾ هجڻ- طعني وغيره سان جيءُ جلڻ)] "بِرهه دِل بِريان ڪَئي، بيمار بُت بِستر مَٿي"
- دل بَهار ٿيڻ: [اصطلاح (خوش ٿيڻ- سرهو ٿيڻ)] "جِيئَن تَڙپن تِيئَن تانگهه تو ڏي، ڏک هَٽين تِيئَن دِل بَهار"
- دل ٻَڌَل هجڻ: [اصطلاح (واعد هجڻ- اقرار هجڻ- لاڙو هجڻ)] "دوستَ، ديکي مُنهن سَندوئي، دِل ٻَڌل تِي دِين سان"
- دِل ٻَڌڻ: [اصطلاح (همٿ ڪرڻ- جرئت ڪرڻ- دلير ٿيڻ- هائوڪار ڪرڻ- دل جو ناتو ڳنڍڻ- ٻئي سان هائوڪار ڪرڻ)] "چَيو دِلبر ٻُڌم ٻي سان ٻَڌئي دِل، چيَم چُغلن ٻَڌي چَب چَب اَهاها."
- دل ڀڄڻ: [اصطلاح (تنگ ٿي پوڻ- بيزار ٿيڻ- دلچسپي نه وٺڻ- اڪتائجي وڃڻ)] "ڏوڙ ۾ ڏِن گڏ نه ڏوڙي، ڏي دِلاسو دِل ڀَڳي"
- دل ڀَرجڻ: [اصطلاح (اطمينان حاصل ٿيڻ- ڍؤ ٿيڻ- ڏڪارو ٿيڻ- ارمان ٿيڻ)] "ڏي دِلاسو بي دِلي کي، دِل دَليلن سان ڀَري"
- دل ڀِري ڳائڻ: [اصطلاح (روئي ٻاڏائڻ- نوڙت سان آزيون نيازيون ڪرڻ- توجه سان چوڻ)] "جو ڏٺيءَ جا دان ڳائي، دِل ڀَري دِلگير جِي"
- دل تان لاهڻ: [اصطلاح (وِسارڻ- ڀلائڻ- ڇڏڻ)] "دِل تان نه لاهِج لفظ لا، اَلله ڀَلو يا اِي ڀَلا؟"
- دل تان لاهڻ: [اصطلاح (وسارڻ- ياد نه ڪرڻ- نالو ئي نه وٺڻ- اهنج وسارڻ- دک درد دور ڪرڻ- ڪنهن معاملي کي ختم ڪرڻ)] "ڏي دِلاسو دوست دِلبر! لاهِه دِل تان دُک دَليل"
- دل تان لَهَڻُ: [اصطلاح (وسرڻ- وسري وڃڻ- ياد نه رهڻ- خيال ۾ ئي نه اچڻ)] "دِل مَٿان ويندو لهي دِلدار ڪو اَڄ، ڪو صَباح"
- دل تي بار هجڻ: [اصطلاح (ڳڻتي هجڻ- وهم هجڻ- هورا کورا هجڻ- فڪر هجڻ)] "بي قَراري، زير باري، بار دِل تي بار بار"
- دل ٿڌي ڪرڻ: [اصطلاح (طبيعت ۾ ماٺار آڻڻ- امن ۾ رهڻ- ڪاوڙ نه ڪرڻ)] "سَڄ ڳالهه سالِڪَ، ڪَري دِل ٿَڌي"
- دل ٽنگڻ: [اصطلاح (موهت ٿيڻ- لاڙو ٿيڻ- مايا سان محبت ڪرڻ- دنيا تي ساهه ڏيڻ)] "دَمڙيءَ ڏانهن دِل ماٺهن ٽَنگي، ديک دُنيا جِي دوستَ، دورنگي"
- دل جا داغ ميٽڻ: [اصطلاح (دک درد دور ڪرڻ- دلجوئي ڪرڻ- دلداري ڏيڻ- اندر مان غير ڪڍڻ- مزاج کي ٿڌو ڪرڻ)] "دوستَ، مُون دَرسن پَسي، دِل جا اڳيان ميٽيا نه داغ"
- دل جو انڌو هئڻ: [اصطلاح (عاشق هجڻ- بيحد پيار ڪرڻ- حق ۽ ناحق جي تميز نه هئڻ)] "جو ڏٺيءَ جو دَر مَٿي، دِل اَن دِيواني جِي اَنڌي"
- دل بيهارڻ: [اصطلاح (مطمئن ٿيڻ- ذهني ٽڪاءُ ڪرڻ- راضي ٿيڻ- سڪون ٿيڻ)] "نه بيهي دِل بيهاريان جِت، هَنجُهون هَر روز هاريان هِت"
- دل جو دل ۾ رکڻ: [اصطلاح (ڳجهو رکڻ- ظاهر نه ڪرڻ- اندر نه اورڻ- ڪجهه نه سلڻ)] "رَهيَن دِل جو دِل ۾ ايرادا دِلي"

- دل جو دلمل ٿيڻ: [اصطلاح (دلين جو گڏجڻ- ڪنهن سان محبت ٿيڻ- دلي لاڙو ٿيڻ)] "ڏم ڏڪڙ لاٿا، دِلي تي، دِل به دِلمل ٿِي پيئي"
- دل جو دهلجڻ: [اصطلاح (هراسجڻ- هيسجڻ- ڊڄڻ- ڪنبڻ)] "ويئي دِل ڏشمنن ڏهلي، لٿو دُنيا مَٿان ڏوڪو"
- دل ڍهڻ: [اصطلاح (بي همت ٿيڻ- سست ٿيڻ- ٿڪجي پوڻ- ڦاسڻ)] "دِل ڍَهي دِلگير ٿِي، آيو ڏليلن ۾ دِلو"- "ڍَٺي دِل دِليرن، مَٿا ويا مَٽيرن"
- دل ڦاسڻ: [اصطلاح (محبت ۾ گرفتار ٿيڻ- پيار ۾ وڪوڙجڻ- مائل ٿيڻ- موهت ٿيڻ)] "يَلا چو دِل نه ڦاسي دوستَ، داٿو دام سانبارا"
- دل جو موڪلائڻ: [اصطلاح (هراسجي وڃڻ- خيالن ۾ ٻڏي وڃڻ- بيوس ٿيڻ- بي خود ٿيڻ- مرڻ هارڪو ٿيڻ- سست ٿيڻ- مرجهائڻ- پريشان ٿيڻ- حواس ڪسجڻ)] "مُنهن ڏِسي مَحبُوب جو، دِل موڪلايو مُون ڪَنان"
- دل چڪجڻ: [اصطلاح (سڪ لڳڻ- اڪير ٿيڻ- جهڄو ڪائڻ- چِڪ ٿيڻ)] "دوستَ، دَرسن ڏانهن تُنهنجي، دِل چِڪي دائم مُدام"
- دل ديواني هجڻ: [اصطلاح (دلي لاڙو هجڻ- عشق هجڻ- ڪنهن تي فدا ٿيڻ)] "هِڪ ڏٺيءَ لئي دِل دِيواني، چَئو ته ڪانيءَ مان ڪَڍِن"
- دل ڏاهڻ: [اصطلاح (ڏيان هٽائڻ- واسطو ٽوڙڻ- سلسلو ٽوڙڻ- ايذاءُ ڏيڻ)] " سُبحان تيري صاحِبي، دِل ڪِينَ تو دَر ڏاهِبي"
- دل ڍاپڻ: [اصطلاح (سيراب ٿيڻ- پُرباش ٿيڻ- قرار ٿيڻ)] "ڍائِي نه دِل دَرشن ڏِسي، اَي شاهِ عالَم اَلوداع"
- دل ڍارڻ: [اصطلاح (نا اميد ٿيڻ- سست ٿيڻ- ڍرو ٿيڻ- پاڻ ڇڏڻ)] "نه دِل ڍار دِلدار! لا تقنطُوا"
- دل ڏيڻ: [اصطلاح (محبت ڪرڻ- ڏيان ڏيڻ- عاشق ٿيڻ- دل ڦاسائڻ)] "دان بَخشي دِين جو، تُون دِل ڏِيين داوَن ڇِتي"
- دل ڏتارڻ: [اصطلاح (پرچائڻ- راضي ڪرڻ- ريجهائڻ- )] "ڏتاري دِل دِيوانيءَ کي، وِڌو دِلدار مَنجهه دامن"
- دل رجهڻ: [اصطلاح (اندر سڙڻ- تڪليف ٿيڻ- اندر ۾ اڌما اٿڻ)] "روڪ يا رَب! رَهزنن کي، دِل رَنجاڙي ۾ رَڌي"
- دل سان پڙهڻ: [اصطلاح (ڏيان سان پڙهڻ- شوق سان اچارڻ)] "دِل سان پَڙهيَم دِيدار ٿيو، صَلُوا عَلَيہِ وَسَلِمُوا"
- دل سان ياد ڪرڻ: [اصطلاح (محبت سان سارڻ- پيار سان ذڪر ڪرڻ)] "ڪاٽي خوديءَ کي ڇَڏ ڪَٽي، ڪَر ياد دِل سان هِڪ ڏَٽي"
- دل ستل هئڻ: [اصطلاح (غافل هجڻ- پتڪيل هجڻ- ڦِڪل ذهن هئڻ)] "اَي سَتر وارا، سَتر تي، دِل سُتل ٿِئي مَس سُجاڳ"
- دِل ڦُٽڻ: [اصطلاح (ڪنهن کي ايذاءُ ڏيڻ- ڏکارو ڪرڻ- عشق ۾ مبتلا ڪرڻ)] "دِل ڦُٽيَل دَر تي ڦِٽو، دِلبر دَوائون ڏي ٻيَن"
- دِل ڦُرڻ: [اصطلاح (محبت ۾ مبتلا ڪرڻ- ڪنهن کي اڪن شڪن ڪرڻ- محبت جي انگ ۾ ڦاسائڻ- پنهنجو ڪرڻ)] "دِل ڦُرڻ جي لاءِ دِلبرَ، آهِ داٿو تِر دَوام"
- دل ڦِسڻ: [اصطلاح (دهشت ٿيڻ- ڊپ ٿيڻ- مونجهارو ٿيڻ- ڏکارو ٿيڻ- اندر ڇيهون ڇيهون ٿيڻ)] "ڏار سِر ڏڙ ڏوڙ ۾، دَهشت ڪَنان پَئي دِل ڦِسي"

- دل ڪٽڻي وڃڻ: [اصطلاح (وسارڻ- يادگيري نہ ڪرڻ- محبت ۾ مبتلا ڪرڻ- موهت ڪرڻ)] ”دوست، ڪنهن دَستُور سين، دَستن مَنجهان وئين دِل ڪٽي“
- دل کي دلاسو ڏيڻ: [اصطلاح (آٿت ڏيڻ- اهنج مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪرڻ- همراهي ڪرڻ)] ”دِل دِلاسو ڪو ڏِيين، دِلدار تُون هِڪ، ٻيو نہ ڪير.“
- دِل کي سامهون هجڻ: [اصطلاح (اکين آڏو هجڻ- سِر تي هجڻ- قريب هجڻ- عڪس هجڻ)] ”سُور دِل کي سامهان، تنهن جِي نہ توکي سُڌ سَماءُ“
- دل ڳنڍڻ: [اصطلاح (محبت ڪرڻ- لنئون لائڻ- ناتو رکڻ)] ”لِکيا ’لام‘ هِي لَفظ لوياريَن، تہ مارُئي! ڳنڍيَئي دِل وَجي ڌاريَن“
- دل لاهڻ: [اصطلاح (همٿ هارڻ- سست ٿيڻ- آسرو پلڻ- دهشت ٻيهارڻ- ڊيڄارڻ)] ”ڪَمالي فوج پَئي ڪاهي، وِڌئين دِل دُشمنن لاهي“
- دل لَڏي وڃڻ: [اصطلاح (جهبو اچڻ- دهلجڻ- ڊڄي وڃڻ- هيسجي وڃڻ- ڳڻتي ٿيڻ)] ”دَلن جِي دِل لَڏي چا تي؟ سَندن ٻيڙي ٻُڏي چا تي؟“
- دِل لڳڻ: [اصطلاح (محبت ٿيڻ- قرب ٿيڻ- پيار ٿيڻ- ڪنهن ڏانهن لاڙو ٿيڻ- چاهہ پيدا ٿيڻ)] ”دِل لَڳي، تَهدل تَڳي، مَنزل پُڳي، مَحفل مَڳي“
- تهدل تڳڻ: [اصطلاح (قرار ڪرڻ- ڍؤ ڪرڻ)] ”دِل لَڳي، تَهدل تَڳي، مَنزل پُڳي، مَحفل مَڳي“
- دل لوڙهڻ: [اصطلاح (همٿ هارڻ- سست ٿيڻ- غمگين ٿيڻ- پوئتي پِرڪڻ- هينئون هارڻ)] ”تہ لِک دِل نہ لوڙهيان، لڳن خواهہ لَک“
- دل لَهڻ: [اصطلاح (دل لڳڻ- پيار ٿيڻ- ويجهو ٿيڻ- ناتو ڳنڍجڻ)] ”دوستَ، ڳوليَم ديسِيون، پَر دِل لٿم دِلدار وَٽ“
- دل ميري ٿيڻ: [اصطلاح (بدنيتي ڪرڻ- اندر پليد ٿيڻ- اندر ۾ دغا رکڻ- شڪ ڪرڻ)] ”مُوافق دِل نہ ٿِي ميري، مَڪر جا لُٽ وَهي ڇُٽندا“
- دل نرم ڪرڻ: [اصطلاح (طبيعت ۾ رحم پيدا ڪرڻ- مزاج ۾ مانار پيدا ڪرڻ- اندر مان ڪروڌ ڪڍڻ)] ”ڪا گهري دِلبر! دُعا، دَرگاهہ مان دِل نَرم ڪَر“
- دل لوڏڻ: [اصطلاح (جهبو کائڻ- دهلجي وڃڻ- پرواهہ ڪرڻ- دل کي لوڏو هجڻ)] ”ڪنهن دَٻاءَ پَر دِل نہ لوڏيان، دِلستانو، آفرين“
- دل نهوڙڻ: [اصطلاح (محبت ۾ زخمي ڪرڻ- قابو ڪرڻ- جهُوري وجهڻ- محبت ۾ گرفتار ڪرڻ- درد ۾ مبتلا ڪرڻ)] ”دِل نِهوڙي ساڻ نيڻن، ٿو ڪَرين ڪامڻ فَريب“
- دل نِيَڻ: [اصطلاح (ڪنهن کي موهت ڪرڻ- محبت جي انگ ۾ آڻڻ)] ”دِل نِهارڻ سان نِهوڙيو نِئين، نِهاريان ڪنهن طرح؟
- دل وَٺڻ: [اصطلاح (موهڻ- ڪنهن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ- خوش ڪرڻ- ريجهائڻ- پيار ڪرڻ- محبت ۾ مبتلا ڪرڻ)] ”دِل وَٺي دِلبر! نہ تُون پوءِ، ڌاريَن جِيئن ڌار هُج“
- دل وڻان هئڻ: [اصطلاح (وڻڻ- پسند هئڻ- ڀلو لڳڻ- مرضيءَ موجب هجڻ)] ”دوستن جي ديس ۾ دَستُور سَڀڪو دِل وَڻان“
- دل وياڄ ڪرڻ: [اصطلاح (اندر سان اورڻ- اندر ۾ وندر ورونهن ڪرڻ- پاڻ سان ڳالهائڻ)] ”ڪَر دِل وِياڄي ڪو ڏِيان، مَحشر اَٿئي مَهندان مِيان“

● دل هَٽڻ: [اصطلاح (هٻڪڻ- پَهُ پچائڻ- ڳڻتي ڪرڻ- وهم ڪرڻ- خيال ڪرڻ)] "دَم هَٽان، پڻ دِل هَٽان، نہ تي مَتان مَون دَم پَڇي"

(نوٽ: مٿيان اصطلاح 'ڪليات احمد' 2017، ڀاڱي پهرئين ۽ ٻئين مان ورتل آهن، جنهن کي پروفيسر ضرار رستماڻيءَ سهيڙيو آهي.)

● حاصل مطلب/ نچوڙ

● اصطلاح جي مراد ٻوليءَ جي ڳالهايل يا لکيل بيان/ جملي جو اهڙو جز جيڪو فعلي صورت ۾ ڪنهن جملي ۾ لغوي معنيٰ کان هٽي ڪري ٻوليءَ ۾ رواج پٽاندر يعني لغوي اعتبار کان ٻي معنيٰ ڏئي.

● سنڌي ٻوليءَ ۾ جملي جي جز واري اصطلاح جو گهاڙيتو 'فعلي صورت' ۾ هجڻ، مناسب ڄاتو ويو آهي، جيئن: ٺڪر ڀڄڻ. جملو: هن مون تي ٺڪر ڀڳو.

● 'اصطلاح' جي حيثيت جو پتو ڪنهن ڳالهايل يا لکيل جملي مان ئي پوندو آهي. فرض ڪريو تہ 'اک لڳڻ' جو اصطلاح گهٽ ۾ گهٽ ٻہ معنائون رکندو آهي: 'ننڊ جو سوپو اچڻ' ۽ 'ڪنهن سان پيار ٿيڻ'، جيستائين ان کي ڪنهن جملي ۾ استعمال نہ ٿو ڪجي، تيستائين 'اک لڳڻ' جي معنيٰ واضح نہ ٿيندي.

● مولوي احمد ملاح بيشڪ مختلف ٻولين جو ماهر هيو ليڪن مادري ٻوليءَ هجڻ نسبت، هن کي پنهنجي ٻوليءَ تي سٺي دسترس هئي، ان ڪارڻ سندس ڪلام مان 'دل' سان سلهاڙيل اصطلاحن جو جائزو ورتو ويو ۽ ان جو استعمال ڏاڍو ڀلو ۽ وزندار محسوس ڪيو ويو، جيئن: دل اڌ ٿيڻ (گهٽو ڏڪارو ٿيڻ- پريشان ٿيڻ) "اَڌ دِلو ٿيو، دِل بہ اَڌ ٿِي، رَحم سان رَب! ريڙهيين"

**حوالا/ ذريعا**

✓ جوکيو، الطاف حسين (2009) سنڌي ٻوليءَ جي اهم اصطلاحي جزن جي تنقيدي اڪيڙ. ايڊيٽر تاج جويو. سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل، 2 (3)، 106- 143. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.

✓ جيٽلي، مرليڌر (1996ع) سنڌي پهاڪا ۽ محاورا- روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.

✓ سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر (1993ع) اصطلاحن جي اصليت- ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو اڪيڊمي ڪراچي/ لاڙڪاڻو.

**مددي ڪتاب**

✓ بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1960- 1985) جامع سنڌي لغات {جلد 1 کان 5} سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

✓ رستماڻي ضرار پروفيسر (2017) ڪليات احمد (مولوي احمد ملاح) ڀاڱو پهريون ۽ ٻيون. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.

پروفيسر ڊاڪٽر محمد اشرف سمون
راڄو ڳوٺ- سال



# چوڏهين صديءَ جا ست عالم سونڊا ۾

ٺٽي ضلعي جو مشهور شهر ’سونڊا‘ هيءُ ننڍڙو شهر جهرڪن کان چند ميلن جي پنڌ تي نيشنل هاءِوي جي اوپر ڏکڻ ڪُنڊ تي گهڻي حد تائين پنهنجي پراڻي ساخت سان آباد آهي. 1969ع ۾ جڏهن آءٌ هن شهر کي ڏسڻ ويس ته گهڻي حد تائين مٽي ۽ سِرن جا گهر ڇتين تي هوا جي لاءِ بازيگر عجيب وٽنڊڙ ڏيک ڏيئي رهيا هئا، رستي جي پاسي ۾ هڪ وڏو پراڻو قديم ۽ تاريخي قبرستان آهي جنهن جي باري ۾ به ڪافي روايتون تاريخ جي ڪتابن ۾ ملن ٿيون. هڪ روايت موجب هتي سلطان محمود غزنوي جي فوج جا سپاهي پڻ دفن آهن. جيتوڻيڪ وڌي تشريح ۽ تفصيل ته نه آهي، پر روايتون ضرور آهن. شهر جي هيٺين پاسي سنڌو درياءَ آهي ڳنوڳڏ وڏو بيلو پڻ آهي، شهر ۾ مختلف برادريون رهنديون آهن، پر جن جو آءٌ تذڪرو ڪرڻ چاهيان ٿو انهن جو تعلق قاضي فاروقي برادريءَ سان آهي، جيڪا هتي جي قديم علمي ۽ ادبي برادري آهي. هن برادري جا ڪافي علمي ماڻهو ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ هن وقت به رهن ٿا ۽ مناسب عهدن تي فائز آهن، ٻهراڙي جا ماڻهو گهڻي حد تائين علم جي روشنيءَ کان محروم رهن ٿا. ڇو ته هنن کي اها سهوليت سنڌن ننڍن ڳوٺن ۾ نه ملي سگهي آهي، ان جي باوجود ڪن ڳوٺن مان ڪي وڏا آفيسر ۽ علمي ماڻهو پيدا ٿيا آهن. يقيناً اها ڳالهه قابلِ حيرت ته ضرور آهي ته اهڙن ڳوٺن مان آفيسر يا اهلِ علم ماڻهو ڪيئن نڪتا، گهڻي غور ڪرڻ ڪانپوءِ اها ڳالهه واضح ٿي ته ان ڳوٺ يا برادريءَ ۾ پوئين عهد ۾ ضرور ڪونه ڪو عالم هو جنهن جي تعليم ۽ ٻاريل شمع، پوکيل وڻ اڳتي هلي اِهو ثمر ڏنو، اهو تجربو گهڻي حد تائين منهنجو صحيح نڪتو. ڪيترا اهڙا مثال ملن ٿا، اهائي ساڳي حالت سونڊا شهر جي خاص طور تي قاضي برادريءَ جي رهي آهي، 1973ع ڌاري جڏهن آءٌ ڪراچيءَ ۾ رهندو هئس ته هڪ ايڊيشنل ڪمشنر ڪراچيءَ ۾ قاضي صاحب هو ڪراچيءَ جي قديم علائقي ڳاڏي کاتي ۾ رهندو هو، خبر پئي ته هيءُ سونڊا شهر جو رهاڪو ۽ مولانا عبدالحڪيم جو پٽ هو سندس والد ڪڏي جي مدرسي مان فارغ ٿيل هو. اهڙيطرح هن وقت به هڪ جج جيڪو حيدرآباد ۾ رهندو آهي ان جو تعلق سونڊا جي قاضي خاندان سان آهي. اسدالله قاضي اڪائونٽ آفيسر ٽريزري ڪراچي سونڊا شهر جو هو يا اسسٽنٽ رجسٽرار هاءِ ڪورٽ ۾ سونڊا جو هو، موجوده هڪ مختيارڪار قاضي حمودالرحمٰن ڪراچي جو تعلق به ساڳئي گهر سان آهي. اهي چند نالا ته مون کي اچن ٿا، ممڪن آهي ته ٻيا به ڪيترا آفيسر هجن، جن جو تعلق سونڊا سان هجي. هاڻي اچون ٿا مختصر تحقيق تي. تاريخ جي ورقن کي اٿلائڻ سان گڏ سرزمين تي وڃي مختصر معلومات حاصل ڪئي ته صرف گذريل صديءَ ۾ يعني چوڏهين صديءَ ۾ هتي وڏا عالم، علم ۽ معرفت جا صاحب پيدا ٿيا، جيئن مون شروع ۾ لکيو ته ٻهراڙي جي ڪنهن ننڍي شهر ۾ موجده وقت ۾ آفيسر نظر اچن ته پڪ سمجهو هنن جي پٺيان ڪا عالمن ۽ عارفن جي تربيت هئي.

ارغونن سان وڙهندي جنگ ۾ ماريا ويا. آثار قديمه جي طرفان ڪتبا ۽ نوادرات به محفوظ ۽ موجود آهن. اوپر پاسي جبل آهي جنهن جي باري ۾ آيو آهي ته ان جاءِ تي هندن جو وڏو تيرٿ هو جنهن جو ڪوبه هن وقت نشان اهڃاڻ نه آهي، روايتن مطابق پاسي ۾ قديم هيمون ڪوٽ جو به زڪر اچي ٿو پر ڪو نشان نه آهي.

جبل جي ٽڪريءَ تي پراڻي زماني جي عيدگاهه ٺهيل آهي جتي پوري علائقي جي عيد نماز ادا ڪئي ويندي آهي. ڪلهوڙن جي عهد کان پوءِ هيءُ شهر نه صرف ويران رهيو، پر ڪنهن علمي، ادبي ۽ روحاني شخصيت جو به ڏس پتو نٿو پوي. چوڏهين صدي هجريءَ جي شروع ۾ هن شهر کي وجايل بخت مليو، جيڪو عموماً گهٽو گهٽ مِلندو آهي، شهر سان واڳيل ۽ وابسته هڪ ئي فيملي جا ست وڏا عالم جن کي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان ‘سونڊا’ سان نسبت رهي، سڀ جا سڀ دارالعلوم ديوبند (انڊيا) جا فاضل ۽ فارغ التحصيل هئا. سيني جون دوره حديث جون سَندون سونڊا جي مدرسي جي ان قديم هجري ۾ آويزان ۽ زينت بنيل آهن جن تي اڪابرين ديوبند جا دستخط موجود آهن.

گهڻا سال اڳ راقم الحروف جو وڃڻ ٿيو جتي هن فيملي جي هڪ بزرگ فرد حافظ محمد موسيٰ صاحب مون کي نه صرف اهو حجرو ڏيکاريو جنهن ۾ حديث جون آهي سَندون آويزان هيون بلڪ ٻڌايائين ته شيخ الهند مولانا محمود الحسن هن ڪمري ۾ رهي چڪا آهن. جيڪو مسجد شريف سان متصل آهي. ۽ پاڻ مدرسي کي هڪ روپيه چندو به برڪت خاطر عنايت ڪيائون، مولانا محمود الحسن دارالعلوم ديوبند جا شيخ الحديث تحريڪ آزاديءَ جا عظيم رهنما ۽ اسير مالٽا جي حوالي سان مشرق ۽ مغرب ۾ مشهور آهن. مولانا عبيدالله سنڌي نه صرف سندن شاگرد هو پر ‘تحريڪ ريشمي رومال’ ۾ خاص طور تي ڪابل ۽ روس جو دورو به سندن ئي مشوري سان ڪيو، بلڪه ائين چئجي ته اسير مالٽا جا سيلسي جانشين هئا. مولانا محمودالحسن سان گڏ سونڊا جي سفر ۾ مولانا عبيدالله سنڌي ۽ مفتي ڪفايت الله به گڏ هئا، مولانا محمودالحسن سنڌ ۾ صرف چئن جاين تي سڪونت ڪئي، ڪراچي کڏو مدرسو، سونڊا، پير آف جهنبو ۽ امروٽ شريف. غرض اهو ته سونڊا کي بيهر علمي ۽ روحاني عروج مولانا محمد ابراهيم جوناڳڙهيءَ جي آمد سان ٿيو نه ته جيڪي علمي شهر اجڙيا انهن کي وري بيهر عروج نصيب نه ٿيو.

مولانا ابراهيم جوناڳڙهي مدفون سونڊا جي ولادت 1275هه ۽ وفات 1345هه آهي، پاڻ شاهه رفيع الدين عثماني جا خليفا هئا. شاهه صاحب دارالعلوم ديوبند جو نائب مهتمم هو.

شاهه عبدالغني نقشبندي مجددي جا پاڻ خليفا هئا جڏهن ته دارالعلوم ديوبند جو مفتي عزيزالرحمٰن به شاهه عبدالغنيؒ جو خليفو هو، چڻ مولانا محمد ابراهيم جوناڳڙهي ۽ مفتي عزيزالرحمٰن ٻئي هڪ ئي مرشد جا خليفا هئا. راقم الحروف کي خود مفتي عزيزالرحمٰن جا لکيل خط سونڊا مدرسي جي انتظاميه ڏيکاريا، جن ۾ مدرسه دارالعلوم جي لاءِ مالي معاونت جي درخواست پڻ ٿيل هئي.

مولانا محمود الحسنؒ اسير مالٽا جي سونڊا اچڻ جو سبب به شايد اهو ٿو لڳي ته حضرت مولانا ابراهيم جوناڳڙهي جي مستقل رهائش گڏوگڏ قديم رفاقت. مولانا جوناڳڙهي جي ٻهرئين گهرواريءَ جي وفات کان پوءِ پاڻ ڪراچيءَ ۾ آيا، ٻهرئين زال مان ڪيس به پٽ ٽي نياڻيون ٿيون، ان زماني ۾ سونڊا جو هڪ قاضي ڪراچيءَ ۾ رهندو هو، جنهن جو نالو قاضي عبدالڪريم هو قاضي عبدالڪريم کي پنج پٽ هئا، جن جا نالا هن طرح هئا، احمد، محمود، حامد، محمد ۽ عبدالله.

جوناڳڙهي" سندس ٻن نياڻين جو ذڪر ان قاضي عبدالڪريم جي ٻن پٽن يعني احمد ۽ حامد کي ڏنو. مولانا ابراهيم پنهنجي نائي احمد کي ديوبند دارالعلوم موڪليو، جنهن جي سَند فراغت جو سال 1313هه مطابق 1894ع آهي هيءَ سَند هن وقت به مدرسي جي هال ۾ آويزان آهي. ان وقت مولانا احمد سان گڏ مولانا انور شاهه ڪشميري محدث دابيل ۽ مولانا محمد صادق ڪڏي واري گڏ فارغ التحصيل ٿيا، سندن قبر به سونڊا جي قديمي قبرستان ۾ والد سان گڏ ڪتبي سان موجود آهي.

هتي ضمناً اهو تذڪرو ڪرڻ به ضروري ٿو سمجهان ته سنڌ جي اوائل سيد فيملي يعني امير علي شاهه چاموٽ سابق ميمبر قومي اسيمبلي، غلام قادر شاهه چاموٽ (نائي سردار ممتاز ڀٽو مرحوم) ۽ مرحوم آفتاب شاهه چاموٽ مرحوم جي والده ماجده مولانا احمد صديق بن مولانا محمد ابراهيم جوناڳڙهي جي نياڻي هئي. مولانا احمد صديق جي وفات لاهور ۾ ٿي، شايد ايوب خان جو دور هو. ان وقت فلمي دنيا جي وڏي اهميت هئي ۽ وڏو ماڻهو ان کي سمجهيو ويندو هو جو فلمي ايڪٽر هجي. مٿيارين جي سيد چاموٽ فيمليءَ ۾ ايس گل چاموٽ اصل نالو فضل علي شاهه فلمي دنيا جو وڏو ايڪٽر ۽ فلمساز هو. لاهور ۾ رهندو هو پر جيئن ته مذڪوره سيدن جو سوٽ هو، مولانا محمد صديق، امير علي شاهه ۽ سندس برادرن جو نانو هو، جيڪو لاهور ۾ ترسيل هو وفات ڪري ويو. ان زماني ۾ جناب ايس گل چاموٽ جي مدد سان انور شاهه چاموٽ لاش جهاز ۾ کڻائي ڪراچي آيو ۽ ڪيس سونڊا جي قبرستان ۾ سندس والد مولانا محمد ابراهيم جي پاسي ۾ دفن ڪيو ويو. مولانا ابراهيم جوناڳڙهي ٿٽي اچڻ کان پوءِ ٻي شادي ڪئي جيڪو حاجي روشن جي گهران ڪئي، مولانا ابراهيم" پنهنجي سهري يعني حاجي روشن کي ديوبند موڪليو، جيڪو 10 سال دارالعلوم ديوبند ۾ رهي، سَند الفراغ وٺي فارغ التحصيل ٿي آيو. ان جي سَند به مدرسه سونڊا جي حجره ۾ آويزان آهي، جنهن تي شيخ الحديث محمود الحسن جو دستخط بنده محمود سان آهي، حاجي روشن مڪي ۾ مدفون آهي، حاجي اسدالله سان به ملاقات جو شرف حاصل هو.

حاجي روشن جو فرزند مولانا عبدالعزيز دهليءَ جي مدرسي "مدرسه عبدالرب" مان فارغ التحصيل ٿيو ان جي سَند به مدرسو سونڊا جي حجره ۾ آويزان آهي.

مولانا محمد ابراهيم" جي ٻي گهرواريءَ مان مولانا عبدالله ٿيو، جيڪو سنڌ مدرسة الاسلام ۾ استاد هو، ۽ ڪراچيءَ ۾ رام سواميءَ ڪي ويجهو رهندو هو، سندس اولاد اڄ به اتي رهائش پذير آهي، اهو دابيل ۾ پڙهيو ڪجهه عرصو دارالعلوم ديوبند ۾ به پڙهيو، پر فارغ التحصيل دابيل مان ٿيو ڪيس ٻنهي مدرسن جون سَندون مليل هيون، سندس فرزند اسدالله قاضي اسان جو به دوست رهيو آهي تاحال حيات آهي ۽ وڏن جي يادگار آهي.

"الطاف ربانيه" مولانا عبدالله جو مرتب ڪيل ڪتاب آهي. جيڪو دارالعلوم ڪراچيءَ جي لائبريري ۾ موجود آهي، ڪنهن طالب العلم ان جو عڪس راقم الحروف کي ڏنو هو، جيڪو مون مرحوم آفتاب شاهه چاموٽ کي ڏنو.

جڏهن ته مولانا احمد قاضيءَ جو فرزند مولانا عبدالڪريم سنڌ جي مدرسن ۾ يعني لاڙ ۾ تعليم حاصل ڪئي، والد مرحوم مولوي عبدالله سمون سان گڏ اڪ مگسيءَ ۽ ٻني ۾ به پڙهيو، پوءِ دوره حديث دارالعلوم ديوبند مان ڪيائين ۽ سموري عمر دين جي تبليغ ۽ توحيد جي تدريس پنهنجي علائقي ۾ ڪيائون، سندس سَند تي مولانا حسين احمد مدني" جو دستخط آهي اها سَند سونڊا جي مدرسي ۽ حجري ۾ موجود آهي.

هنن بزرگن عالمن ۽ صالحن جون قبرون سونڊا جي قديم قبرستان ۾ گڏ آهن، خادم کي فاتحه خوانيءَ جو به شرف حاصل رهيو آهي. جڏهن ته راقم کي مولانا عبدالڪريمؒ سان شرف ملاقات جو به موقعو مليو. سونڊا شهر ۾ هڪ قديم مسجد پڻ هئي جيڪا هاڻي مختلف مرحلن سان تعمير ٿيندي پئي اچي، جنهن تي هڪ ٽائل تي هيءُ ڪتبو لڳل آهي، فارسيءَ ۾ لفظ "خود گفت" تحرير آهن، اسان جي بزرگ حافظ محمد موسيٰ قاضي صاحب جو چوڻ آهي ته ابجد جي حساب سان انهن لفظن جو انگ 1110هه بيهي ٿو، جنهن مان معلوم ٿيو ته اهو شاهجهان مغل بادشاهه جو زمانو آهي عين ممڪن آهي ته ان جي تعمير به مغل حاڪم جي حڪم تي ٿي هجي، چو ته ان زماني ضلعي ٺٽي کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي ۽ سنڌ جو "دارالخلافت" هو.

ڪوشش ڪيم ته هنن چند بزرگن عالمن جي باري ۾ ڪجهه معلومات معلوم ۽ محفوظ ٿي وڃي انهن تي بزرگن جو الحمدلله اڄ تائين فيض جاري و ساري آهي، چو ته ڪافي عالم سنڌ جي مختلف مدرسن مان پڙهي فارغ التحصيل ٿيا آهن، جن ۾ مولوي احمد سومرو صاحب جون ڪوششون ۽ ڪاوشون لائق تحسين ۽ تعريف آهن، گڏوگڏ حافظ محمد موسيٰ قاضي صاحب جي روحاني تربيت پڻ سندن شامل حال رهي. جيئن ته مون مٿي ذڪر ڪيو ته حافظ محمد موسيٰ صاحب به ان خاندان سان تعلق رکي ٿو سائين جي عمر صديءَ کي ويجهو آهي سندن روايت مطابق ته سنڌ جا صرف به عالم سڀ کان اول دارالعلوم ديوبند مان فارغ ٿي آيا، انهن ڪان پهريائين ڪير نه ويو هو، هڪ مولانا عبيدالله سنڌي 1308هه ۽ ٻيو احمد بخاري سنه 1318.

14 صديءَ ۾ سونڊا سان نسبت ٿيل 4 عالم سڳورا دارالعلوم ديوبند ۽ دهليءَ جا فارغ التحصيل.

1. مولانا محمد ابراهيم جوناڳڙهي فاضل ديوبند
2. مولانا احمد صديق قاضي فاضل ديوبند
3. مولانا عبدالله مصنف لطائف ربانيه فاضل ديوبند دابيل
4. مولانا محمد روشن نسبت سونڊا (مدفون مڪ پاڪ) فاضل ديوبند
5. مولانا عبدالعزيز نسبت سونڊا، دهلي فراغت فاضل ديوبند
6. مولانا عبدالڪريم قاضي مدفون سونڊا فاضل ديوبند
7. مولانا عبدالحڪيم فاضل مظهرالعلوم ڪٺو
8. نيز سيد غلام علي شاهه، مولوي طاهر جاکرو ۽ مولوي سليمان جاکرو به سونڊا جا عالم ٿي گذريا آهن.

## مددي ڪتاب:


1- تحفته الڪرام، فارسي
2- تحفته الطاهرين.
3- سنڌ جا اسلامي درسگاهه
4- خانداني روايت محترم حافظ محمد موسيٰ، محترم مولانا محمد هارون قاضي.
5- ڊاڪٽر محمد اشرف سمون- ذاتي تحقيق
6- غلام قادرشاهه جلموٽ ۽ آفتاب شاهه جلموٽ ملاقات و انٽرويو، خانداني روايات



ڪريم بخش خالد/محمد عثمان عباسي
چنياٽي

# شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو

ادبي اڪابرن جو ذڪر ڪندي اسانکي انهن جي علم ۽ ڏاهپ جو تجزيو ڪرڻو پوندو ڇو ته اڪابر جي لغوي معنيٰ ۾ نه پر اصلاحي معنيٰ ۾ ئي انهن جي حياتيءَ ۽ آثارن جو مطالعو مراد آهي. جيئن ته مون شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، علامه آءِ آءِ قاضي، حڪيم مولوي فتح محمد سيوهاڻي، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، مولوي دين محمد وفائي، پير حسام الدين راشدي ۽ شمس العلماء ڊاڪٽر عمربن محمد دائودپوٽي سنڌي ادب جا ست ستارا (گرهه هئا)، ڪي ذهن ۾ رکيو. انهن صاحبن جو ادبي اڪابرن ۾ شمار ٿئي ٿو. هي سنڌي ادب جا محسن هئا ۽ انهن جي روشني ۽ اندر ۾ پيهي وڃڻ وارو ۽ اثر ڪندڙ ڪردار رهيو آهي، علم ۽ ڏاهپ جي اعتبار کان اڄ ڊاڪٽر دائود پوٽي جو تذڪرو ئي منهنجي موضوع جو عنوان آهي. ڇو ته هيءُ بزرگ گفتگو ۽ ڪردار، عقل ۽ دانائي، قديم ۽ جديد علمن کان واقفيت جي ڪري قداور شخصيت آهي. پاڻ فلسفي، تاريخ، ادب، دينيات ۽ منطق وغيره کان چڱي طرح واقفڪار هئا. انڪانسواءِ هن پنهنجي علمي، عقلي، فڪري ۽ تخليقي صلاحيتن جي زور تي انهن علمن جي سرحدن کي اڳتي وڌائڻ ۾ پنهنجو انفرادي ڪردار ادا ڪيو. فڪري بلندي ۽ گهرائي، نظر جي ڪشادگي ۽ وزنائتي ڳالهه ڪرڻ، ان جي علمي ۽ عمليءَ جي نرالي سڃاڻپ هئي. ڪنهن علم سان حقيقي تعلق هن شخص جي علمي ڪارنامن ۾ ملي سگهي ٿو، جنهن جو ان علم جي ترقي ۽ روشنيءَ ۾ دخل هجي. انڪري فڪري ۽ دليل بازيءَ جي حد کي پهچڻ ۽ موقعي مهل واري سهڻي گفتگو نهايت ضروري آهي ۽ اها ئي ان شخص جي دانشوريءَ ڏاهپ جي صحيح علامت به هئي.

سنڌي زبان جي قدامت جي باري ۾ ضروري طور تي ڪجهه به نه ٿو چئي سگهجي ڇو ته موئن جو دڙي مان هٿ آيل مهرون (Tablets) جن تي مختلف شڪليون اُڪريل آهن، اڃا تائين (رمز واري لکت (Decipher) نه پڙهجي سگهي آهي، پر تهذيبي ۽ ثقافتي آثارن ۽ روايتن جي بنياد تي دعويٰ ڪري سگهجي ٿي ته سنڌي زبان هن خطي جي پنهنجي زبان آهي ۽ علم السان جي اصولن جي مطابق هيستائين ڪيترن ئي ٻاهرين اثرن مثال جي طور تي آريائي، منگولي، يوناني، ايراني، عربي ۽ انگريزيءَ جي ڪري انجي صورت ۽ لفظن جي ذخيري ۾ تبديليون ۽ واڌارا ٿيندا رهيا آهن، پر ان جو ثقافتي مزاج اهو ئي رهيو آهي، جيڪو اڄ کان هزارين سال اڳ هو.

هر قوم جو تشخص ماڻهن جون تهذيبي روايتون ۽ ثقافتي مواد سان پرڪيو ويندو آهي، جيڪو ادب جي مختلف صنفن مان ظاهر ٿيندو آهي، نثر ۽ نظم ٻنهي شعبن ۾ سنڌي زبان جا شاهڪار ملن ٿا، جن جي لکتي تاريخ ڇهه سؤ سال پراڻي آهي ۽ هيءُ ثقافتي ورثو ماڻهن جي فڪري هيڪڙائي ۽ گڏيل سماجي روايتن جي مخبري ڪري ٿو. قاضي قاضن جي ڪلام ۽ ساهن پال (گجرات) جي حاجي نوشه جي "گنج" ۾ شراڪت فڪر جو ڪيترين جايون ڏسڻ ۾ اچڻ ۽ هي روايتون سچل سرمست تائين لڳاتار هلنديون پئي آيون آهن. اسلام جي اچڻ ڪانپوءِ سنڌ جي عوام دل جي سچائيءَ سان گڏ اسلامي تعليم کي پنهنجي روزاني حياتيءَ جي لاءِ رهنما ناهيو. سج، چنڊ، تارا، باهه، پاڻي، جانورن ۽ مورتين جي پوڄا ختم ڪري هڪ اڪيلي الله جي عبادت کي پنهنجو طريقو ناهيو. سنڌي زبان تي

صاحب سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتي، جتان 1917ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪئي، شاگرديءَ دوران هن سدائين پهرين پوزيشن حاصل ڪئي ۽ ميٽرڪ ۾ ته سڄي سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو ۽ ”سنڌ ايگزيبيشن پرائز“ حاصل ڪيو. اعليٰ تعليم جي لاءِ 1917ع ۾ هن ڊي.جي سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتي. 1921ع ۾ بي.اي (آنرز) ۽ 1923ع ۾ ايم.اي نمايان حيثيت سان پاس ڪئي ۽ پهرين پوزيشن حاصل ڪرڻ جي ڪري هنکي ”چانسيلر ميڊل“ مليو. سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾ رهائش دوران هن پنهنجو پاڻ کي محنت ۽ پورهئي جو عادي ڪري ڇڏيو. هو جونيئر شاگردن کي ٽيوشن ڏيڻ ڪانسواءِ هاسٽل جون ڪٽون واڻيندو هو ۽ هر قسم جي محنت ڪرڻ لاءِ سدائين تيار رهندو هو ته جيئن عزت نفس برقرار رهي ۽ ڪنهن جي سامهون هٿ ڊگهيڙڻو نه پوي.

ايم.اي ڪرڻ کانپوءِ ڪجهه عرصي لاءِ هن کي ڊي.جي سنڌ ڪاليج ۾ ئي عربيءَ ۽ سنڌيءَ جو اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ڪيو ويو ۽ 1926ع تي کيس اسٽيٽ اسڪالرشپ ڏئي ڪيمبرج يونيورسٽي لنڊن ۾ تحقيقي مطالعي جو ڪم حوالي ڪيو ويو. ان دوران دنيا جي وڏن وڏن مشهور عالمن ۽ محققن مثلاً پروفيسر اي.جي براؤن، پروفيسر اي اي بيون، پروفيسر آر، اي نڪلسن وغيره جي سامهون ادب سان ويهي شاگرديءَ جو موقعو مليو ۽ انهن جي خيالن ۽ تحقيق جي طريقي مان فائدو حاصل ڪيو. اتي ئي هن پروفيسر ڪوئيلو ڪوچ سان ارسطوءَ جي گفتگو تشبيهن جي قاعدن تي، پروفيسر رچرڊس هينوي ۽ اي.ايم فاسٽر جون عالمانه تقريرون ٻڌيون، انهن کانسواءِ پروفيسر ايس.ڊي مارگو لوٿ، پروفيسر ٽي.ڊبليو.آرنالڊ، پروفيسر ايف.ڪرنيڪو، پروفيسر وينسنڪ ۽ ٻيا مشهور مستشرقين (مشرقي ٻولي ۽ علمن تي عبور رکندڙن) سان ويجهڙائي رهي. دائودپوٽي صاحب جي تحقيقي مقالي جو عنوان هئو ”فارسي شاعريءَ جي ترقيءَ تي عربي شاعريءَ جو اثر“ جيڪو 1934ع ۾ شايع ٿيو ۽ علوم شرقيه (اوير جي عالمن) جي ڪيترن ئي ماهرن مثلاً آڪسفورڊ يونيورسٽي جو پروفيسر ڊاڪٽر ڊيوهرسٽ پنهنجي پسنديگيءَ جو اظهار ڪيو. پروفيسر براؤن پنهنجي ڪلاسڪ نيف ”تاريخ ادبيات ايران“ ۾ جنهن خواهش جو اظهار ڪيو هو. ڊاڪٽر دائود پوٽي ان کي پورو ڪندي واضح ۽ مضبوط دليل سان ثابت ڪري ڇڏيو ته فارسي شاعري تخيل ۽ بيان انداز ۾ عربي شاعريءَ کان متاثر ٿي آهي ۽ فارسي شاعرن جا استاد عربيءَ جا اهي شاعر آهن، جن جي انهن پيروي ڪئي آهي ۽ شاگرديءَ جو اقرار ڪيو آهي. جيئن انوريءَ، امراء القيس کي نذرانو عقيدت پيش ڪندي اقرار ڪيو آهي.

پي ايڇ ڊي ڪرڻ کانپوءِ ڊاڪٽر دائود پوٽو سيپٽمبر 1927ع تي ڪراچيءَ واپس آيو ته انکي سنڌ مدرسة الاسلام جو پرنسپل مقرر ڪيو ويو. ڪنهن کي وهم گمان به نه هئو ته مدرسي جو هڪ هوشيار شاگرد هڪ ڏينهن پنهنجي ”مادر علمي“ جي خدمت تي اهڙي طرح مقرر ڪيو ويندو. ڊاڪٽر دائود پوٽو ٽن سالن تائين مدرسي جو پرنسپل رهيو ۽ ان دوران تدريسي ۽ انتظامي ماحول جي اصلاح ڪئي. شاگردن جي دلداري ڪانسواءِ انهن جي رهنمائي ڪندو هو. ٽن سالن جي سخت محنت خدمتن کانپوءِ پاڻ بمبئيءَ ۾ نئين قائم ٿيل سر اسماعيل ڪاليج ۾ عربيءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو جتي نون سالن تائين نهايت سخت محنت ۽ خلوص سان عربيءَ جي واڌاري ۾ مشغول رهيو.

1939ع ۾ کين کي صوبي سنڌ جو ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن (D.p.I) مقرر ڪيو ويو. جتان هن آڪٽوبر 1950ع ۾ رٽائرمينٽ ڪيو. انکانپوءِ هنکي 5 سالن جي لاءِ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر مقرر ڪيو ويو. بعد ۾ ان وقت ۾ هڪ سال جو واڌارو ڪري کين کي اولهه پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر ڪيو ويو. 3 آڪٽوبر 1956ع تي ڊاڪٽر صاحب نوڪريءَ کي هميشه جي لاءِ ڇڏي ڪراچيءَ ۾ پنهنجي ادبي ۽ تحقيقي سرگرمين ۾ مصروف ٿي ويو.

**اعليٰ تعليمي ادارن جو قائم ڪرڻ:**

ڊاڪٽر دائودپوٽي نه فقط پرائمري تعليم کي لازمي قرار ڏنو، پر زميندارن جي ٻارن کي

تعليم مان فائدو حاصل ڪرڻ جي لاءِ 1942ع ۾ خاص انتظام ڪيو ويو ته ان طبقي ۾ علم دوستيءَ جي ناليءَ جي ڪا به شيءِ نه هئي. ان ڪانسواءِ 1939ع ۾ تعليم بالغان جو بندوبست ڪيو. ثانوي تعليم جي واڌاري جي سلسلي ۾ ڪوشش ڪرڻ سان گڏ هن سنڌ مدرسة الاسلام جي حدن ۾ سنڌ مسلم ڪاليج کي عملي جامو پارائڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي.

بمبئي پريزيڊنسي کان سنڌ جو الحاق ٽٽڻ کان پوءِ به سنڌ ۾ جدا يونيورسٽي قائم ڪرڻ جي باري ۾ سوچڻ شروع ڪيو ويو. هندن جي سخت مخالفت جي باوجود 1947ع تي هيءَ اسڪيم منظور ڪئي ويئي. ڊاڪٽر داؤد پوٽي ان تعلق ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو ۽ اهائي اميد هئي ته هنڪي وائيس چانسلر چونڊيو ويندو، پر ان وقت جي وزير تعليم سان اٽوٽنڌڙ تعلق جي ڪري فال ڪٽو پروفيسر اي-بي اي حليم جو نڪتو. جنهن کي علي ڳڙهه کان آڻي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائس چانسلر مقرر ڪيو ويو، پر ڪراچي يونيورسٽيءَ جي قائم ٿيڻ ڪري ان سنڌ يونيورسٽيءَ جي اعليٰ منصب ڇڏيو، ڪراچي يونيورسٽيءَ جو وي.سي ٿيڻ کي اهميت ڏني ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ علامه آءِ.آءِ. قاضي جي مقرري عمل ۾ آئي

**تحقيقي ڪارناما:**

ڊاڪٽر دائود پوٽو فقط علم جو ئي موتي نه هو. اهو قلم جو به ڌڻي هو. سنڌي علم ۽ ادب جي حوالي سان هُو اعليٰ حيثيت وارو هو. انجي هيءَ حيثيت فقط هڪ طرف تي مشتمل نه هئي پر ڪيترن ئي طرفن تي حاوي آهي، ان جي نگاهه نهايت گهري هئي. ان جو هڪ ڪارنامو هيءُ آهي ته هن سنڌي زبان جي تهذيبي ۽ ثقافتي تشخص جي حفاظت جي لاءِ جدوجهد ڪئي، انجي گنجائش ۾ واڌرو ڪيو ۽ صحتمند ادبي روايتن کي وڌايو. ان جو جيڪو ڪجهه ادبي ورثو اسانکي ورثي ۾ مليو آهي، اهو هڪ قيمتي سرمايو آهي ۽ ايندڙ دور ۾ به انجي اهميت گهٽ نه ٿيندي.

سندن تحقيقاتي ڪمن جي فهرست ڏکهي آهي (ضميمو الف) انکري ڪن خاص ڪارنامن جي مختصر ذڪر ڪرڻ تي ڪفايت ڪريان ٿو، جن جو تعلق سنڌي زبان ۽ ادب جي ترقيءَ سان آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو مجموعي ڪلام "رسالو" سنڌي زبان جو ڪلاسيڪ آهي. انجا تقريباً 50 نسخا مسودي طور ۽ ڇپيل حالت ۾ موجود آهن. سنڌي زبان جي هرهڪ عالم جي هيءُ ڪوشش رهي آهي ته "رسالي" جو صحيح ۽ مستند ايڊيشن مرتب ڪري ان تعلق ۾ پروفيسر ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي جو مرتب ڪيل "رسالو" ٽن جلدن تي مشتمل 1931- 1923ع دوران شايع ٿيو. هن عظيم ڪارنامي ۾ دائود پوٽي پنهنجي استاد گربخشاڻي سان گڏ رهيو. دائود پوٽي صاحب جي تعاون جو اعتراف ۾ ذيلي طور تي رسالي جي ٽنهي جلدن جي ديباچن ۾ ڪيو ويو آهي، پر بعد جي واقعن هي ثابت ڪري ڇڏيو ته ٽئين جلد جي اشاعت (1930ع) کانپوءِ پروفيسر گربخشاڻي سترهن (17) سال جيئرو رهيو. پر رسالي جو چوٿون جلد شايع نه ڪري سگهيو. چو ته انکي ڊاڪٽر دائود پوٽي جو تعاون نه رهيو هو. بهرحال دائودپوٽي صاحب پنهنجون تحقيقي سرگرميون جاري رکيون ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي چوڻ مطابق هن اعليٰ سنڌي شاعريءَ جي قديم ذخيرن کي گڏ ڪيو ۽ تحقيق سان شايع ڪيو.

1932ع ۾ ڊاڪٽر صاحب جو ڪتاب "سرها گل" شايع ٿيو، جنهن ۾ تمهيد، ترجمو ۽ تعليقات (واسطا) شامل آهن. شعرن جي هن گلدستي ۾ اخلاقي، اصلاحي، قومي ۽ نعتيه ڪلام شامل آهي ۽ ڪن گمنام شاعرن جو احوال ۽ ڪلام پهريون دفعو مليو آهي. ان ڪتاب جي تمهيد وجداني انداز ۾ لکي ويئي آهي، جيڪا نهايت دلچسپ ۽ وڻندڙ آهي، ان مان ثابت ٿئي ٿو ته ڊاڪٽر صاحب کي سنڌي زبان تي ايتري ئي ڄاڻ آهي جيترو عربي ۽ فارسي لکت تي عبور حاصل آهي.

1934ع ۾ هن "منهاج العاشقين" (فارسي) جو ترجمو ڪيو ۽ ضروري درستگين کانپوءِ شايع ڪيو. مولوي غلام محمد خانزئيءَ هي ڪتاب شاهه عبداللطيف جي هڪ معتقد (اعتقاد رکندڙ) طور لکيو هو، جنهن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي يا انجي تقليد ۾ بيت چيا ويا. ٻئي سنڌي ابيات ۾ ڪيل لوڪ ڪهاڻين

جي ڪردارن ۽ قاعدن جي باري ۾ سلوڪ جي روشنيءَ جي باري ۾ تشبيهه جي طور تي معنيٰ سمجهائي ويئي آهي. موضوع خواهه معنيٰ جي لحاظ کان هيءُ رسالو سنڌ ۾ سلوڪ ۽ تصوف جي فڪر ۽ فلسفي جي روايت جو نشان آهي ۽ سنڌ جي صوفيءَ شاعرن جي ڪلام ۾ اسلامي تصوف جي رنگ کي چٽو ڪري ٿو.

1937ع ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڀڙ ڏاڏي شاهه عبدالڪريم جي ملفوظات "بيان العارفين" (فارسي) جو سنڌي ترجمو شايع ڪيو. ان سبب ڪري سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي روايت تقريباً پنج سؤ سالن کان اڳ تائين وڃي پهچي ٿي. انڪانسواءِ ملفوظات ۾ سنڌ جي بنيادي شاعريءَ جي پهرين صوفي شاعر قاضي قادن جا ٻه ڪجهه بيت منظر تي عام آيا، جنهن سان سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي روايتن جو ڏهين صديءَ هجري ۾ تحريري ثبوت مليو. "ابيات سنڌي" ۾ نقشبندي مڪتبي فڪر جي هڪ نهايت معتبر ۽ اعليٰ دعوت ڏيندڙ خواجه محمد زمان جي شاعري آهي جيڪو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو همعصر هو ۽ سلوڪ جي رستي جو هڪ روشن ستارو هئو. ڊاڪٽر دائودپوٽي انهن بيتن کي شهيد عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي عربي تحرير ڪيل مان نهايت سخت محنت سان مرتب ڪيو ۽ 1939ع ۾ شرح سان گڏ انکي شايع ڪيو. هي ابيات تصوف جي اعليٰ روايتن جا نميواري قبول ڪندڙ آهن ۽ سنڌي بنيادي شاعريءَ ۾ انهن کي خاص مقام هاصل آهي.

1940ع ۾ ڊاڪٽر صاحب بمبئي يونيورسٽيءَ جي نصاب جي طور تي "سنڌي نثر ۽ نظم جي چونڊ" مرتب ڪيو، جيڪو انجي ادبي تحقيقي ۽ صحتمند فڪر جي شاهدي ڏئي ٿو. نصابي ڪتابن جي سلسلي ۾ 1944ع ۾ سنڌي نظم ۽ 1948ع ۾ "چونڊ سنڌي نثر ۽ نظم" (ٽن حصن ۾) شايع ٿيو.

ملازمت پوري ٿيڻ کانپوءِ ڊاڪٽر صاحب سنڌي ادبي سوسائٽيءَ کي نئين سرتيار ڪيو جنهن کي هن 1951- 1950ع ۾ قائم ڪيو هو. هن ئي سوسائٽيءَ جي انتظام هيٺ هن کي پراڻا سنڌي ڪتاب ٻيهر شايع ڪيا، جن ۾ "گل خندان" ٻه شامل هو. اسان ڄاڻون ٿا ته هيءُ اردو جو مشهور ڪتاب آهي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي "آتم ڪهاڻي" ۾ لکيو آهي ته مولود ۽ معجزن سان گڏ مونکي ڪافيون ۽ ڪهاڻيون پڙهڻ جو گهڻو شوق هو. شروعاتي اسڪول جي دور ۾ ئي گل خندان، اميرحمزو، ممتاز دمساز، الف ليليٰ، چار درويش، گل بڪاولي ۽ خورشيد جهڙا ڪتاب پڙهي چڪو هئو. هي هلندڙ صديءَ جي پهرين ڏهي جي ڳالهه آهي، هن هڪ مثال مان جتي هي ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته سنڌ ۾ اردو جو رواج پراڻو آهي اتي هي حڪم ٻه چٽو آهي ته ڊاڪٽر دائود پوٽو اردوءَ جو دشمن نه هو. جيئن ته "مولوي عبدالحق، پير حسام الدين خط و ڪتابت" ۾ جيڪا "قومي زبان" جي خاص نمبر 1964ع ۾ شايع ٿي آهي. مولوي صاحب تاثر ڏيڻ جي ٻي ڍنگي ڪوشش ڪئي آهي. الله تنهي مرحومن کي پنهنجي رحمتن سان نوازي ۽ جنت نصيب ڪري. 1957ع ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي سنڌي ادبي سوسائٽيءَ جي انتظام هيٺ "ڪلام گرهوڙي" شايع ڪيو جيڪو "حقيقت محمدي" جي تشريح ۾ تصوف جو ٻي مثال ڪتاب آهي. انڪري ڊاڪٽر صاحب مصر مان خاص ٽائپ ٻه گهرائي هئي. ڊاڪٽر صاحب عربي مخطوطي مان انهن شعرن کي نقل ڪيو آهي ۽ اصلاح ۽ مرتب ڪرڻ ۾ پنهنجي ايماني جوش ۽ ادبي صلاحتين جو مظاهرو ڪيو آهي.

**پنهنجي ڪهاڻي:**

هيءَ آتم ڪهاڻي سوانح عمري ڊاڪٽر صاحب جي ٻارائپ کان وٺي بي.اي پاس ڪرڻ تائين جي حالات تي مشتمل آهي. اصل ۾ ڊاڪٽر صاحب ماهوار "نئين زندگي" ۾ پنهنجي آتم ڪهاڻي قسطوار لکي هئي، جيڪا سندن وفات کانپوءِ ڪتابي صورت ۾ سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي يونيورسٽيءَ 1959ع ۾ شايع ڪئي.

سنڌي ادب ۾ آتم ڪهاڻي تي نهايت گهٽ توجهه ڏنو ويو آهي. دائودپوٽي صاحب هن ڪتاب ۾ جڻ پنهنجو اعمال نامو پيش ڪيو آهي. هن پنهنجي سوانح حيات ۾ آزادي هند جي شروعاتي تحريڪ، پهرين عالمي جنگ، خلافت تحريڪ وغيره جو مختصر ذڪر ڪيو آهي، جنهن جي ڪري ان ۾

وڌيڪ سرهائي پيدا ٿي ويئي آهي. مواد ۽ ترتيب جي خوبي ڪانسواءِ بيان ڪرڻ جو طريقو به معياري آهي، سنڌي ۽ فارسي شعرن جي موزون استعمال لکت ۾ عجيب قسم جي تازگي ۽ چاشني ميناج پيدا ڪيو آهي. زبان جي سادگيءَ جي باوجود ان ۾ غضب جي دل کي موهڻ واري روانگي آهي جيڪڏهن هيءَ سوانح حيات مڪمل هجي هان ته برطانوي دور ۾ مسلمانن جي تعليم جي تاريخ، صوبي سنڌ ۾ جدوجهد آزادي جون حالتون ۽ لساني، ادبي ۽ ثقافتي تحريڪن جو تفصيل قلمبند ٿي وڃي هان.

**مضمون ۽ مقالا:**

ماهوار "سنڌو" "نئين زندگي" ۽ روزانه "الوحيد" ۾ سندن مضمون، مقالا ۽ تنقيدون شايع ٿيون. پاڻ مشرقي اوير جي لسانيت خاص ڪري عربي ۽ فارسيءَ جو ماهر هئڻ سان گڏ انگريزي ۽ سنڌيءَ جا اعليٰ اديب ۽ مضمون نويس هئا. جرمني، فرينچ، سنسڪرت، ترڪي ۽ روسي زبانون به لکي پڙهي سگهندا هئا. سندن چاليهه سنڌي مقالن جو مجموعو جنهن ۾ گهڻائي مقالا شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي باري ۾ آهن ۽ ٻارنهن سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب بابت آهن. ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد طرفان 1978ع ۾ شايع ڪيا ويا آهن.

ڊاڪٽر صاحب جا ڪجهه ڪتاب مسودن جي صورت ۾ آهن، جنهن ۾ "شاهه جو رسالو"، ابن سينا جي تصنيف "ڪتاب النجات" جو سنڌي ترجمو، ابن خلدون جي تاريخ جي "مقدمه" جو اڻپورو انگريزي ۽ مڪمل سنڌي ترجمون ۽ "ميين عيسيٰ جو ڪلام" خاص آهن.

سنڌي زبان ۽ ادب جي ترقي ۽ واڌاري جي لاءِ آزاديءَ کان اڳ سنڌ حڪومت هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي هئي، جيڪا آزاديءَ ڪانپوءِ سنڌي ادبي بورڊ جي نالي سان نئين چارٽر، توسيعي پروگرام ۽ گهڻي سرڪاري مالي امداد سان اڄ تائين اشاعت، ادب جي سرگرمين ۾ مشغول آهي. انهن ڏينهن ۾ ادارن جي قائم ڪرڻ ۽ مضبوطي ڏيڻ ۾ ڊاڪٽر دائودپوٽي اهم ڪردار ادا ڪيو. انڪانسواءِ هن 57-1956ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي ٽماهي رسالي "مهراڻ" جي ادارت جا فرائض به سنڀاليا هئا.

سياسي بيداري ۾ ادب جو سرگرم ڪردار رهيو آهي، ادب به انهن تحريڪن کان متاثر ٿيو. 1939ع ۾ سنگهٽن تحريڪ جي اثر هيٺ برطانوي هندستان ۾ اردو، هندي تنازعي شدت اختيار ڪئي ته سنڌي ۾ به اردو جي تائيد ۾ زوردار تحريڪ شروع ٿي. آڪٽوبر 1938ع ۾ سنڌ صوبائي مسلم ليگ جي اجلاس ۾ اردوءَ جي حمايت ۾ قرارداد منظور ٿي ۽ ائين تحريڪ پاڪستان حوالي سان سنڌي ۽ اردو جا گڏيل رابطا وڌيڪ مضبوط ٿي ويا.

ان ئي تحريڪ جي اثر هيٺ سنڌ ۾ عربي رسم الخط ۽ زيرن زبرن جي استعمال تي هندن مخالفت جو طوفان مچايو. ڊاڪٽر دائودپوٽي جي ڪتاب "ابيات سنڌي" تي هندو اديبن ۽ اخبارن اعتراض ڪيا. هندو اعتراض ڪندڙن ۾ چيتمل پرسرام، رام پنجواڻي، ٽي- ايل- ٻنواني، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ۽ لعلچند امرڏنومل اڳيان اڳيان هئا.

ڊاڪٽر دائود پوٽي سنڌي زبان جي عربي رسم الخط جي تحفظ جي تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو جو ته هي سنڌي مسلمانن جي قومي تشخص جي نشانين مان هئي ۽ انجي ختم ٿي وڃڻ سان يا انکي سنسڪرت حرفن جي ملاوت يا رسم الخط جي تبديليءَ سان اسان جو قديم ادب جيڪو اڪثر ديني معاملن جي وضاحت تي مشتمل هو. فائديمند نه پيو رهي سگهي. ايندڙ نسلن جي لاءِ ان جي حيثيت فقط تبرڪ يا آثار قديمه جهڙي رهجي وڃي. جيئن ته هڪ طرف برطانوي هندستان جي ٻين صوبن هندي، اردو لساني تنازعي ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتي اردو جي حفاظت ڪئي ته سنڌ ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ڪوشش سان علامه اسدالله تڪڙائي، حڪيم مولوي فتح محمد سيوهاڻي، مولانا حاجي دين محمد وفائي، حڪيم مولوي حاجي عبدالڪريم چشتيءَ عربي/ فارسي حرفن جي املا (ٻوليءَ جو رسم الخط) ۽ عربي رسم الخط جي مخالفت ۾ پيش ڪيا ويا، اعتراضن جي خاموش ٿيندڙ ۽ مدلل جواب

ڏنا ۽ آخرڪار هي طوفان ٿمجي ويو. ان نقري ۾ سنڌي روزانہ "الوحيد" ۽ اردو روزنامہ "حيات" ڪراچي اثرائتو ڪردار ادا ڪيو.

**مجلس تاريخ سنڌ:**

آزاديءَ کانپوءِ سنڌ مان هندن جي لڏي وڃڻ جي ڪري سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي (مجلس تاريخ سنڌ) جون سرگرميون جهڪيون ٿي ويون هيون. ڊاڪٽر صاحب مجلس کي نئين سر زنده ڪيو ۽ تاريخي ليڪچرن جو انتظام ڪيو، پر پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي قائم ٿيڻ جي ڪري هڪ ئي شهر ۾ قومي مجلس تاريخ جي مقابلي ۾ صوبائي مجلس تاريخ سڏڪا پريندي هميشہ جي لاءِ دفن ٿي وئي. پوءِ بہ ڊاڪٽر دائود پوٽو تاريخ سنڌ جي تحقيق ۽ اشاعت جي سلسلي ۾ جيڪو ڪم سرانجام ڏنو هو انجو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي.

سنڌ جي تاريخ جي ماخذن جي سلسلي ۾ ڪوبہ معتبر ڪتاب شايع نہ ٿيو ۽ جيڪي ڪتاب مختلف ادارن طرفان شايع ٿيا اهي حڪايتن ۽ روايتن تي مشتمل هئا. يا انهن ۾ شوق مزو اٿلپ هئو. عربن جي حملي کان اڳ جون حالتون تمام ٿوريون مختلف ڪتابن ۾ ڪنڊڙيل هيون. ڊاڪٽر دائود پوٽي ان اهم ڪم ڏانهن توجهہ ڏنو. اڪبر جي دور جي هڪ امير، مير محمد معصوم شاهہ بکري جي فارسي تاليف "تاريخ سنڌ" جيڪا عرصي کان موجود نہ هئي. ڊاڪٽر صاحب ان جو هڪ نئون ايڊيشن 1938ع ۾ شايع ڪرايو ۽ پنهنجي طرفان تمهيد، حاشي، تعليقات، استدرڪات (سمجهاڻيون) ۽ فهرست جو واڌارو ڪيو، جيڪو نهايت محنت طلب ۽ تاريخي بصيرت (ڏاهپ) جو ڪم هئو. ان تاريخ سنڌ بابت هڪ ٻئي فارسي ڪتاب "فتح نامہ سنڌ" عرف "چچ نامو" کي بہ اهڙي طرح نظرثاني ڪانپوءِ 1939ع ۾ شايع ڪيو.

ڪتاب جي متن جي صحت جي سلسلي ۾ هن پٽنہ ۽ ڪلڪتي جو سفر ڪيو. مولانا ابوالڪلام آزاد هي ڪتاب ڏسي، ڊاڪٽر دائودپوٽي جي علمي لياقت ۽ تاريخي تحقيق ۾ مهارت جو داد ڏنو هو.

لاهور ۾ رهائش دوران ڊاڪٽر صاحب ادبي محفلن ۾ شريڪ ٿيندو رهيو عربي ۽ فارسيءَ ۾ پنهنجي عالمانہ تقريرن سان دانشورن ۾ اعليٰ مقام پيدا ڪيو. سندن دوستن جي حلقي ۾ مولوي محمد شفيع، مولانا غلام رسول مهر، مولانا عبدالمجيد سالڪ، شمس العلماء احسان الله خان، تاجور نجيب آبادي جهڙا مشهور علماء هئا. علامہ تاجور سان تہ دائود پوٽي صاحب جون ڏگهيون ڪچهريون رهيون چو تہ ٻئي عربي تعليم جي واڌاري جا جوشيلا مبلغ هئا.

اسلامي زندگيءَ جو خاڪو قرآن مجيد ۾ گڏ ڪيل آهي، جيڪو عربي زبان ۾ آهي. هن سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ عربي زبان جي واڌاري جو خاص بندوبست ڪيو، سنڌ جي ناظم منتظر تعليم جي حيثيت سان اعليٰ ثانوي جماعتن ۾ عربيءَ کي لازمي مضمون جي طور تي رائج ڪيو. عربي يونيورسٽيءَ جي قائم ڪرڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي جيڪا لاپائتي تہ نہ ٿي سگهي، پر هاڻي بہ جامعہ عربيہ هاءِ اسڪول حيدرآباد جي صورت ۾ هن جدوجهد جا آثار اڄا آهن.

1955ع ۾ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي گهر واريءَ سان گڏ حج جو فرض ادا ڪيو. انڪانسواءِ هن دمشق، بيروت، يروشلم ۽ مصر جو سفر ڪيو. واپسيءَ تي بغداد، ڪربلا، نجف ۽ بحرين ۾ بہ ترسيو.

ڊاڪٽر دائود پوٽي پنهنجي پياري عمر جا 62 سال علمي ادبي ڪاوشن ۾ گذاريا. پاڻ سنڌي ادب جي اڪابرن مان هئا ۽ سندن علمي فضيلت ۽ ادبي عظمت ٻاهرين ملڪن ۾ بہ مڃي وئي انڪانسواءِ پاڻ اسلامي علمن ۽ فنن جي سلسلي ۾ بہ مضبوط نقش ۽ يادگار ڇڏيا آهن.

پاڻ 10- جمادالاول 1378هہ مطابق 22 نومبر 1958ع تي وفات ڪئي ۽ ڀٽ شاهہ تي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي پيرن ۾ سندن آرام گاهہ ٺهي.

ضميمو الف- علامہ دائود پوٽي جون تصنيفون:

**شايع ٿيل ڪتاب:**

1. طيبات سعدي، متن، تعليقات ۽ انگريزي ترجمون 1923ع.

**قاضي مقصود**
• ٽياري



**(قسط پهرين)**

# مخدوم ميئنڏنو نصرپوري رحہ

نصرپور جي عالمن مان عارف ڪبير حضرت مخدوم قاضي حاجيؒ شهر نصرپور جو قاضي ٿي گذريو آهي. سندن مزار ٽنياري ويجهو ڳوٺ صاحب سمہ جي الهندي طرف آهي. (1) سندس اولاد نصرپور ۾ رهيو ۽ اتان ئي سنڌ ۽ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ پکڙيو. سندس اولاد مان چوٿين پيڙهيءَ ۾ سلطان العلماءُ حضرت مخدوم ميئنڏنو نصرپوري ٻارهين صدي هجريءَ ۾ پنهنجي وقت جو وڏو عالم، فاضل، فقيهہ، محدث ۽ صوفي ٿي گذريو آهي. پاڻ مشهور عالم مخدوم محمد امين ڊاسوڙيءَ واري جو مشهور شاگرد هو. (2) نقشبندي سلسلي ۾ مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جي بيعت ڪري ڪانئس فيض حاصل ڪيو هئائين. (3)

ميرعلي شير قانع پنهنجي مشهور تصنيف ’تحفتہ الڪرام‘ ۾ هن ريت لکيو آهي تہ مخدوم ميان ميدنه جامع فنون كمال، عالم متبحر، در فقه اكثر علماء (كذا) در سائر كمالات اشهر برايا، باسلوک آشنا درين تاز گيها بس كمال وفات يافت. پسر ارشدش ميان عبدالله از علوم ظاهرى بهره وافى برده متوجه معنى است. (4)

پنهنجي ٻي تصنيف ۾ مير قانع لکي ٿو تہ ”مخدوم ميان ميدنه اجل علماءَ و افضل اتقياءَ در طريقه نقشبنديه، مريد حافظ ابوالقاسم نقشبندى التوى و ارادتمند مخدوم محمد امين ساكن موضع پرش، ميان عبدالله علم علماءَ چون پدر بزرگوار واقف معالم باطنى پدر زنده كرد.(5)

1994ع ۾ علامہ غلام مصطفيٰ قاسميؒ مخدوم عبدالله نرئي واري جي خطن جو قلمي مجموعو ڏيکاريو هو، جنهن مان هڪ خط ۾ سندس ذڪر هنن لفظن سان ڪيل آهي. ”العالم الشهير و العارف الكبير المخدوم المرحوم ميدنه نصرپورى رحمته الله تعالىٰ.“ (6)

مخدوم ميئنڏنو، مخدوم روح الله ڪانڀوءِ شهر نصرپور ۾ قضا ۽ فتويٰ جو مالڪ بڻيو. (7) قريشي حامد علي خانائي صاحب لکي ٿو تہ سندس رهائش قاضين جي پاڙي ۾ هئي. (8) نصرپور جي ”دارالقضاءِ“ نالي مسجد شهر جي قاضين جي منصبي تصرف ۾ هوندي هئي. قريشي حامد علي خانائي صاحب پنهنجي ڪتاب ’تاريخ نصرپور‘ ۾ لکي ٿو ”مخدوم ميان ميئنڏنو قضا جي منصب تي فائز ٿيو تہ هو بہ انهيءَ ”دارالقضاء واريءَ مسجد ۾ فتويٰ نويسيءَ جا فرائض سرانجام ڏيندو هو.“ (9) قريشي صاحب هڪ خط ۾ اها بہ واقفيت ڏني تہ انهيءَ محلي ۾ مخدوم ميئنڏني نصرپوريؒ ”مدرسہ مظهرالعلوم“ جي نالي سان مدرسو قائم ڪيو هو. اهو مدرسو سندس فرزند مخدوم نورمحمد نصرپوريءَ تائين هليو. بعد ۾ مولوي تاج محمد قاضي صاحب، مولوي عبدالحق رٻانيءَ واري مدرسي ۾ جيڪو مدرسو کوليو، ان جو نالو بہ مخدوم ميئنڏني جي قائم ڪيل تاريخي مدرسي جي حوالي سان پنهنجي مدرسي جو نالو بہ ”مدرسہ مظهرالعلوم“ نالو رکيو.

مخدوم صاحب ڪافي وڏي عمر ۾ وفات ڪئي ۽ آخر عمر تائين چاڪ وچوبند هو. سندس ٽي فرزند مخدوم عبداللهؒ شيخ عبدالحقؒ ۽ مخدوم نور محمدؒ ٿيا، جن جو اولاد نصرپور ۾ قاضي، ملان، آخوند ۽ عالمائي سڏجي ٿو، خانائي صاحب جي روايت آهي تہ چون ٿا تہ جڏهن پاڻ پنهنجي وڏي فرزند مخدوم عبدالله سان گڏ هلندو هو تہ ناواقف ماڻهو ڪين پيءُ پٽ بدران ڀائر سمجهندا هئا.

معجل آهن، ان ڪري عورت جي ملڪيت آهن، جيئن بحوالہ مخدوم محمد هاشم ۽ بحوالہ مخدوم ميڏنو نصرپوري بيان ٿيو.“ (16) بياض هاشمي ۾ بہ مخدوم ميئنڏني جون ڪافي فتوائون موجود آهن، جيڪي پڻ اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن تہ مخدوم ميئنڏنوؒ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو شاگرد نہ، بلڪ وڏو همعصر عالم آهي. البتہ ان جو فرزند، مخدوم نورمحمد نصرپوري، مخدوم محمد هاشم جو شاگرد ضرور آهي.

هيءُ عنوان قائم ڪرڻ جي ضرورت هن ڪري پيش اچي رهي آهي جو تحفة الڪرام جهڙين قديم تحريرن کي پلسيرو رڪندي ڪجهہ ڏهاڪن کان ٿيندڙ تحقيق ۾ بنا ڪنهن ثبوت يا معياري تحقيق جي مخدوم ميئنڏنيؒ کي مخدوم محمد هاشمؒ جو شاگرد ڪوٺيو ويو آهي، هن سلسلي ۾ بي احتياطيءَ جي حد اها آهي جو پي ايچ ڊي جي ٿيسزن ۾ مخدوم ميئنڏني کي سندس فرزندن جي شاگردن توڙي پوٽن ۾ ڪانئس ڪافي پوءِ جي دور جي عالمن جو شاگرد ڪوٺڻ ۾ بہ ڪا هٻڪ محسوس نہ ڪئي وئي آهي. هن سلسلي ۾ منهنجو موقف اهو آهي تہ مخدوم محمد هاشم رحہ، مخدوم ميئنڏنيؒ کان عمر ۾ ڪافي ننڍو هو، پر اهي ٻئي بزرگ همعصر عالم هئا ۽ خود مخدوم محمد هاشم جي تحريرن ۾ مخدوم ميئنڏني جي تحريرن مان استفادو ورتو ويو آهي. هاڻي تہ اها روايت هر ڪو دهرائي رهيو آهي. مون جڏهن هن سلسلي ۾ تحقيق ڪئي تہ مون کي ان جو سرو ڊاڪٽر محمد اشرف سمي صاحب جي تحرير ۾ هٿ آيو. جيڪو لکي ٿو تہ: ”علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي تحقيق مطابق مخدوم ميئنڏنو، فقيہ سنڌ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو شاگرد هو. لکن ٿا تہ ”المحدث الفقيہ المخدوم محمد عثمان المتياري من تلامذہ المخدوم ميدنہ النصر پوري وهو ڪان من تلامذہ المحدث الامام المخدوم محمد هاشم التتوي“ (17) هن جو اصل حوالو قاسمي صاحب جي تصنيف ”امعان النظر شرح نخبة الفڪر“ جي ٻارهين صفحي تان ورتل آهي، جيڪو شاہ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد پاران 1982ع ۾ شايع ٿيل آهي. ان کان علاوہ ڊاڪٽر عبدالرسول قادري صاحب، ”مخدوم محمد هاشم ٺٽوي“ جي لکيل پنهنجي PH.D ٿيسز ۾ پڻ ساڳئي حوالي سان مخدوم ميئنڏني کي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو شاگرد قرار ڏنو آهي. (18)

هيءُ ڳالهہ محقق حضرات کي پليءَ پٽ معلوم آهي تہ مخدوم محمد عثمان متعلوي، مخدوم نورمحمد نصرپوريءَ جو شاگرد هو، جيڪو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم محمد قائم ٺٽوي جو شاگرد هو. خود قاسمي صاحب پڻ وضاحت سان اها سند لکي چڪو آهي. جيڪڏهن ”امعان نظر“ جي مقدمي ۾ مخدوم محمد عثمان ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي وچ ۾ مخدوم ميئنڏني جو نالو اچي ويو آهي تہ ان کي ”سهو“ کان علاوہ ٻيو ڪجهہ نہ ٿو چئي سگهجي ۽ هتي ان تحرير کي هن طرح صحيح ڪري پڙهڻ گهرجي. ”المحدث الفقيہ المخدوم محمد عثمان المتياري من تلامذہ ”مخدوم نورمحمد ابن“ مخدوم ميئنڏنہ وهو ڪان من تلامذہ المحدث الامام المخدوم محمد هاشم التتوي“ اهڙي قسم جي سهو ڪڏهن بہ، ڪنهن بہ عالم ۽ ليکڪ کان ٿي سگهي ٿي ۽ محققن جو ڪم ان کي خاموشيءَ سان صحيح ڪرڻ هوندو آهي، نہ ڪي ان جو ايترو ورجاءُ ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ نوان نوان نظريا ۽ جواز قائم ڪرڻ جو مونجهارو حل ٿيڻ کان مٿي چڙهي وڃي. جيئن ڊاڪٽر محمد اشرف سمون لکي ٿو تہ ”نصرپور شهر عالمن ۽ درويشن جو شهر هو. هن شهر ۾ ڪيترائي عالم ۽ محدث پيدا ٿيا. جهڙوڪ محمد اڪرم نصرپوري، قاضي عبدالرحمان نصرپوري، مولانا عبدالحق عالمائي، ممڪن آهي تہ علامہ ميڏني انهن بزرگن کان فيض پرايو هجي.“ (19) هاڻي انهن عالمن مان مخدوم عبدالحق تہ خود مخدوم ميئنڏنيؒ جو فرزند آهي ۽ مخدوم محمد اڪرم نصرپوري گهڻو ڪري پيدا ئي مخدوم ميئنڏنيؒ جي وفات کان پوءِ هوندو، جيڪو سندس پٽ جي شاگرد جو بہ شاگرد آهي. اهڙي ئي قسم جون بيان ”سنڌ جا اسلامي درسگاهہ“ ۾ بہ آيل آهي ۽ ڪن ٻين محققن بہ هن روايت کي نہ صرف ورجايو آهي، بلڪ ان ۾ وڌاءُ پڻ ڪيو آهي. جيئن ڊاڪٽر عبدالرسول قادري صاحب، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي تي لکيل PH.D ٿيسز ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو تہ ”مدرسہ مجدديہ عثمانيہ ننگر ٺٽي جي مهتمم ۽ مفتي عبدالرحمان ٺٽوي ٻڌايو تہ مخدوم صاحب سنڌ ۾ گهڻن ماڳن مڪانن جو سفر ڪيو هو. ان سلسلي ۾ نصرپور بہ ويو هو. روايتن مطابق نصرپور ۾ سندس شاگرد مخدوم مئيڏنو ۽ مخدوم نورمحمد نصرپوري رهندا.“ دراصل هن بيان جا بہ حصا

آهن. هڪڙو حصو ”مدرسہ مجدديہ عثمانيہ ننگرڻي جي مهتمم ۽ مفتي عبدالرحمان ٺٽوي ٻڌايو تہ مخدوم صاحب سنڌ ۾ گهڻن ماڳن مڪانن جو سفر ڪيو هو. ان سلسلي ۾ نصرپور بہ ويو هو.“ جيڪو راويءَ ٻاران بيان ڪيل آهي، ٻيو حصو ”روايتن مطابق نصرپور ۾ سندس شاگرد مخدوم ميئڏنو ۽ مخدوم نورمحمد نصرپوري رهندا هئا.“ جيڪو ڊاڪٽر صاحب پاران شامل ڪيل آهي، پر سڄي عبارت جي سلسلي ۾ مولوي عبدالرحمان ٺٽوي جو حوالو ڏنل نظر اچي رهيو آهي. ان ڪان ٿورو اڳتي فاضل محقق لکي ٿو تہ ”راقم گهڻن ڪتابن جا ورق ورايا، پر اهو حوالو لکت ۾ ملي نہ سگهيو آهي تہ مخدوم صاحب نصرپور جو سفر ڪيو هو. البت، تاريخ ۾ ايترو احوال آيل آهي تہ مخدوم صاحب جي مدرسي هاشمي جا پڙهيل بہ شاگرد مخدوم ميئڏنو ۽ مخدوم نورمحمد نصرپور جا رهاڪو هئا. ممڪن آهي تہ مخدوم صاحب پنهنجن فاضل شاگردن وٽ نصرپور آيو هجي، يا ديني تبليغ جي ڪري نصرپور جو سفر اختيار ڪيو هجي.“ (20)

اڳتي هلي خطبات هاشميہ جي سري هيٺ هن ريت لکي ٿو تہ ”مخدوم ميئڏنہ نصرپوري- مخدوم (يعني مخدوم محمد هاشم) صاحب جو شاگرد، مخدوم ضياءُ الدين ۽ ٻين عالمن جي تحرير نقل ڪري جمعي نماز پڙهڻ جي جواز ۾ لکيو آهي تہ ”جڏهن تہ هن زماني ۾ شريعت جي احڪامن جي اجراءَ ۾ سستي اچي وئي آهي ۽ حدود تہ بنهہ غائب ٿي ويون آهن، بلڪ قاضين کان بہ گهڻو ڪري اهڙا اختيارات کسيا ويا آهن. ان ڪري جي اصل مذهب جي روايتن تي فتويٰ ڏجي ٿي تہ ڪن ٿورين جاين کان سواءِ- جمعہ، جيڪو دين جي وڏن احڪامن مان آهي، جائز نہ ٿي سگهندو. بلڪ هن مسلڪ (سنڌ) ۾ مشڪل آهي. تنهنڪري ضروري آهي تہ هن بلبت ٻين روايتن تي عمل ڪيو وڃي تہ ديني شعائر ۽ احڪام هٿ کان نہ وڃن. جڏهن قاضي اجازت ڏئي تہ امام محمد جي روايت يا امام شافعي يا امام مالڪ جي قول تي اتفاق سان نماز جمعہ جائز ٿيندي“ (قادري صاحب هن جو حوالو هن ريت ڏنو آهي.“ مخدوم ميئڏنو نصرپوري ”تحرير“ ٹماهي الرحيم ”حيدرآباد سنڌ، نمبر 3، 1966ع، ص 69.“ (21) اصل ۾ اهو حوالو غلط آهي. ٹماهي ”الرحيم“ جي ڄاڻايل شماري ۾ ان صفحي تہ ڇا، ڪنهن بہ صفحي تي اهو حوالو ڏنل ڪونهي. ذڪر ڪيل حوالو بياض واحدي ۾ موجود آهي ۽ اهو دراصل ان کان پوءِ ايندڙ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي تحرير جو شروعاتي حصو آهي، جيڪا بياض واحدي مان ڪنئي وئي آهي. اصل حوالي لاءِ بياض واحدي جي ڀهرئين حصي جو سنڌي ترجمو ڏسي سگهجي ٿو، جنهن ۾ صفحي 395- 396 تي اها تحرير ”مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي لکت“ جي سري سان ڏنل آهي. (22)

هتي ڪنهن کي ڏوهاري ڪرڻ منهنجو مقصد ڪونهي. جن جا حوالا ڏنا ويا آهن. اهي پاڻ اسان جي وقت جا ناميارا عالم فاضل آهن، جن ماخذن جي گهٽ دستيابيءَ واري دور ۾ اهم ڪم ڪري ڏيکاريو آهي. منهنجو مطلب رڳو اهو آهي تہ ايندڙ محقق هن تحرير کي ڏسندي، هن غلطيءَ کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪندا تہ بهتر ٿيندو. مخدوم ميئڏنو، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ کان عمر ۾ ڪافي وڏو هو. ان ڪري ڪيس مخدوم هاشم جو شاگرد سڏڻ صحيح ڪونهي. هوندن بہ مخدوم محمد هاشم خود مخدوم ميئڏني جي تحريرن مان استفادو حاصل ڪيو آهي. مخدوم ميئڏنو، تحفة الڪرام واري جي بقول مخدوم محمد امين ڊاسوڙي واري جو مشهور شاگرد هو، جنهن کي هن ٽيسز واري سندس مرشد سڏيو آهي. جڏهن تہ سندن مرشد مخدوم ابوالقاسم نقشبنديؒ هو، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي.

سنڌي عالمن جي اڪثر فقهي بياضن ۾ مخدوم ميئڏنيؒ جون فتوائون موجود آهن، جن مان ڪي مٿي ڏنيون ويون آهن ۽ ڪن بياضن جا نالا هيٺ ڄاڻائجن ٿا. جن مان ڪجهہ حوالا هتي ڏنا ويا آهن.

اسلام آباد کان نڪرندڙ سنڌي رسالي ”السنڌ“ جي 90 شماري ۾ ڊاڪٽر عبدالقيوم سنڌي (مدني) جي هڪ مضموب مطابق سعودي عرب جي شاهہ عبدالعزيز لائبريري ۾ رکيل سنڌي عالم شيخ محمد مراد (شيخ محمد عابد مدني جو ڏاڏو) جي ڇئن جلدن واري قلمي ڪتاب ”دفينة المطالب“ يا ”بياض مرادي“ ۾ جن ٻين عالمن جي بياضن جو ذڪر ڪيو آهي، تن ۾ مخدوم ميئڏني نصرپوري ۽ مخدوم نور محمد نصرپوريءَ جا بياض پڻ شامل آهن. (صفحو

26) بياض مراديءَ جي ڇپيل نسخي جي ٽئين جلد ۾ مخدوم نور محمد ۽ مخدوم ميئڊني جي بياضن جا ڪجهه نقل ۽ حوالا به ڏنل آهن. (صفحو 35) فتاويٰ ملڪاڻي ۾ به مخدوم ميئڊني جي فتوائن جو ذڪر موجود آهي. مٿين بياضن کان علاوه سنڌ جي اڪثر قلمي بياضن ۾ مخدوم ميئڊني جون فتوائون موجود آهن. جيڪي سندس علمي لياقت جو جيئرو جاڳندو ثبوت آهن.

ايندڙ مهراڻ ۾ مخدوم صاحب جي فرزندن جو احوال ايندو جيڪو پڻ مطالعو ڪرڻ گهرجي. (ايڊيٽر)

## حوالا:


(1) هن بزرگ ۽ سندس اولاد جي باري ۾ مون محترم سائين قريشي حامد علي خانائي کي معلومات ڏني، جيڪا سندس تصنيف "تاريخ نصرپور" ۾ شامل ڪيل آهي. پر اتي صاحب سمه واري مزار سندس بجاءِ سندس ڏاڏي سان منسوب ڪيل آهي، جنهن کي صحيح ڪري پڙهڻ گهرجي.

(2) ميرعلي شير قانع، "تحفة الڪرام"، صفحو 374، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سال 1989ع.

(3) مخدوم محمد ابراهيم خليل، "تڪمله مقالات الشعراءِ "فارسي"، صفحو 246، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1958ع.

(4) مولانا دين محمد وفائي، "تذڪره مشاهير سنڌ"، ٻاڳو ٻيو، صفحو 187، سنڌي ادبي ڄامشورو، 1989ع.

(5) ميرعلي شير قانع، "معيار سالڪان طريقت"، ايڊٽ ڊاڪٽر خضر نوشاهي.

(6) هيءَ مجموعو "جوامع الڪلام في منافع الانام" جي نالي سان ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو تحقيق ڪيل سنڌي ادبي بورڊ پاران 2006ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي.

(7) مولانا دين محمد وفائي، "تذڪره مشاهير سنڌ"، ٻاڳو ٻيو، صفحو 181، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1985ع.

(8) ٽه ماهي، سنڌي ادبي شمارو سيپٽمبر 1979ع، پاران سنڌالاجي، قريشي حامد علي خانائي جو مضمون "نصرپور، سنڌ جو تاريخي شهر"، صفحي 63.

(9) قريشي حامد علي خانائي، "تاريخ نصرپور"، صفحو 132، ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ، حيدرآباد، 2014ع.

(10) قريشي حامد علي خانائي، "تاريخ نصرپور"، صفحو 146، 382 ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ، حيدرآباد، 2014ع.

(11) علي محمد شاهه دائرائي، "مصلح المفتاح"، صفحو 154، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سال 2004ع.

(12) علي محمد شاهه دائرائي، "مصلح المفتاح"، صفحو 465، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سال 2004ع

(13) هي حوالو ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو السنڌي کي استاد محمد پريل بيدار (سنگرار روهڙي واري) کان مليل هڪ قلمي بنام "بياض پير محمد" جي صفحي 42 تان اتاريل آهي.

(14) ٻارهين صديءَ جي سنڌي محدثن جون علمي خدمتون (قلمي) علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي نگرانيءَ ۾ ابوالخير محمد اشرف سمون جي 1989ع ۾ تيار ٿيل ٿيسز، جيڪا سينٽرل لئبريري سنڌ يونيورسٽي ۾ موجود آهي.

(15) مخدوم عبدالواحد سيوستاني، "بياض واحدي"، ٻاڳو ٻيو، صفحو239، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سال 2006ع. (نوٽ: ساڳيو حوالو 241 صفحي تي پڻ دهرايل آهي.

(16) مخدوم عبدالواحد سيوستاني، "بياض واحدي" حصو 2، صفحو 241، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2006ع.

(17) ٻارهين صديءَ جي سنڌي محدثن جون علمي خدمتون (قلمي) علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي نگرانيءَ ۾ ابوالخير محمد اشراف سمون جي 1989ع ۾ تيار ٿيل ٿيسز، جيڪا سينٽرل لئبريري سنڌي يونيورسٽي ۾ موجود آهي.

(18) هيءَ ٿيسز سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو پاران ٻهريون ڀيرو 1988ع ۾ ٻيون ڀيرو 2006ع ۾ شايع ٿي چڪي آهي.

(19) پارهين صديءَ جي سنڌي محققن جون علمي خدمتون (قلمي) علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي نگرانيءَ ۾ ابوالخير محمد اشرف سمون جي 1989ع ۾ تيار ٿيل ٿيسز، جيڪا سينٽرل لئبريري سنڌ يونيورسٽي ۾ موجود آهي.

(20) ٺٽي حوالن لاءِ ڏسو، عبدالرسول قادري جو ڪتاب "مخدوم محمد هاشم ٺٽوي"، صفحو 110، ڇاپو پيون، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2006ع.

(21) عبدالرسول قادري، "مخدوم محمد هاشم ٺٽوي"، صفحو 344، 345، ڇاپو پيون، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2006ع

(22) مخدوم عبدالواحد سيوستاني، "بياض واحدي"، صفحو 395-396، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2006ع

## نئون ڪتاب




ڪتاب: سنڌ بابت جنرل نالیج

مرتب: محمد عثمان عباسي

ڇاپو پهريون: 2020ع

قيمت: -/400 رپيا

ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

معنيٰ ۾ اسان کي ٻڌايو ته لوڪ ادب ڇا آهي؟ ۽ ان کي دهقاني ادب يعني ڳوٺاڻو ادب ڇو ٿا چون. ان سلسلي ۾ هُو لکي ٿو ته، "اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي اڃا ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نه ڪئي آهي، جو اها خواص جي زندگي ۽ تمدن جو يا معياري ادب جو سرچشمو بڻجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪز يا دائرو اڃا تائين ڳوٺ آهي، انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهو ئي آهي، جو عوام جي زندگي جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي لوڪ ادب ۽ معياري ادب جي وچ ۾ حد فاصل نٿي ڪري سگهجي. (2)

لوڪ ادب جي سهيڙڻ جي نميواري ملڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽر بلوچ نه صرف پراڻن ماخذن ۽ ڪتابن مان لوڪ ادب سان لاڳاپيل مواد هٿ ڪيو، پر هن سنڌ جي ڳوٺن، ٿرن، برن، وستين ۽ واهڻن مان وکريل مواد کي هڪ هنڌ تي جمع ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي. ڪڏهن ته وري پاڻ پنهنجي سر پيرين پنڌ ڪري جبل لتاڙي جوڳين، سناسين ۽ مالڪن سان دونهين دکائي رس رهاڻ ڪئي، ته ڪڏهن جهرجهنگ جهاڳي سُگهڙن سان مچ ڪچهرين تي راتين جون راتيون ويهي ڳجهارتن جي ڏي وٺ ڪئي. انهن سفرن دوران پاڻ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ سگهڙن، سالڪن سنپورن سان مليا ۽ صدين کان سندن سيني ۾ سانڍيل لوڪ ڏاهپ جا انمول ذخيرا دريافت ڪري هيءُ ثابت ڪري ڏيکاريو ته بظاهر هيءُ ساده ماڻهو، جن وٽ ڪابه ڊگري يا تعليمي لياقت ڪانهي، پر سندن سرجيل هيءُ ڳجهارتون، ڏٺ، هنر، ڏور ۽ معمائون وغيره سندن ڄاڻ، عقل، ۽ پرک جي ڪسوٽيءَ تي رکيل حيرت جا ڪيترائي راز افشان ڪندي نظر اچن ٿا، جيڪي عوام جي اجتماعي شعور جي ضمانت آهن. اهوئي سبب آهي، جو لوڪ ادب کي عوامي ادب به چيو وڃي ٿو، جنهن جي اهميت بيان ڪندي ڪنهن ڏاهي چيو آهي، ته "عوامي ادب اجنتا ۽ اهرام مصر آهي. جنهن جا تخليقڪار گمنام آهن ۽ جن جي فني وجاهت اهل نظر کان خراج وصول ڪندي آهي ۽ اهو ادب ايترو اهم آهي، جو ان کي ادب جو بنياد چيو وڃي ته بي بنياد نه ٿيندو." (3)

لوڪ ادب عوام جو سرمايو آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ گنريل روايتن ۽ وارتائن جي بازگشت شامل هوندي آهي ۽ شايد ان جي اهڙي اهميت کي محسوس ڪندي، سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان لوڪ ادب اسڪيم جي منظور ڏني وئي هئي جنهن جي نميواري بلوچ صاحب جي ڪلهن تي رکي وئي. بلوچ صاحب علم، ادب ۽ سنڌ سان پنهنجي محبت سبب ان کي نميواري کي دل سان قبول ڪيو، ڇاڪاڻ ته هو قومي درد رکندڙ شخص هو، ان سلسلي ۾ هن هڪ هيڊ آفيس جوڙي جتي نه صرف مطلوبه موضوع سان سلهاڙيل مواد موڪليو ويندو هو، پر اتي ان کي منظم تنظيم سازي ذريعي سوڌي سموهي هڪ هنڌ يڪجا ڪيو ويندو هو. امداد حسيني جيڪو پاڻ هڪ ڪارڪن جي حيثيت ۾ انهيءَ جي ٽيم ورڪ جو حصو هو لکي ٿو ته "ڇپيل ڪتابن مان مواد ڪڍڻ کان سواءِ، سڄيءَ سنڌ مان جيڪو به مواد ايندو هو، اهو ڇاڻي ٿيندو هو. پوءِ لاڳاپيل ٽيبل/ ڪارڪن تائين پهچندو هو، جتي ان جي پڙهڻيءَ سان گڏوگڏ ان ۾ درستگيون به ٿينديون هيون. مختلف روايتن جي ڀيٽا ٿيندي هئي، ائين پهريون اسڪرپٽ تيار ٿيندو هو. شيخ محمد اسماعيل ان کي چيڪ ڪندو هو ۽ پوءِ ڊاڪٽر صاحب جي آڏو رکندو هو. ڊاڪٽر صاحب ان کي پهرئين کان آخري لفظ تائين ڏسندو هو، ويچار ونڊيندو هو، هدايتون ڏيندو هو ۽ ان پٺاندڙ پريس ڪاپي تيار ٿي، پريس ۾ هلي ويندي هئي." (4)

ان ذريعي ڇنڊڇاڻ ڪري جدا جدا صنفن ۾ ورهائڻ ڪانپوءِ پوءِ پاڻ هڪ دفعو ٻيهر ان مواد کي چڱي طرح پروڙي پرجهي، انهيءَ تي رات ڏينهن پنهنجو نور نچوئي ان جي ڪوجنا ڪري هرهڪ روايت جانچڻ کان پوءِ انکي حتمي شڪل ڏيندا هئا. "صرف ڳجهارت واري پهلوءَ کي کڻون ته هوند سندس ڪشالن ۽ عالمانه تحقيق جو قائل ٿيڻو پوندو. ڊاڪٽر صاحب وڏي جاکوڙ کان پوءِ عالمي ادب جي ڀيٽ ڪندي، سنڌي ڳجهارت کي جنهن پد تي بيهاريو لاشڪ اسان چئي سگهون ته ان جو مٽ مشڪل آهي. سنڌي ڳجهارت جي باريڪ نڪتن کي ڊاڪٽر صاحب

جهڙيءَ طرح نروار ڪيو آهي ان جو مثال هند سنڌ ۾ ملڻ مشڪل آهي. اهو سنڌن محنتن ۽ ڪشالن جو ثمر آهي، جو هڪ نج ٻهراڙيءَ جي صنف کي اسان بجاءِ طور بين الاقوامي ادب جي صنف ۾ شامل ڪري سگهون ٿا.“ (5)

لوڪ شاعري خاص ڪري سينگار شاعريءَ تي سندس ڪيل تحقيق جو جائزو وٺبو ته معلوم ٿيندو ته سنڌي سينگار شاعري جي مواد هٿ ڪرڻ لاءِ هن نه رڳو ساري سنڌ جو ترو تانگهيو، پر لس ٻيلي ۽ بهاولپور جي دٿين/ ديرن تي به ويو ۽ ائين پاڻ مواد هٿ ڪري هن حقيقت کي تسليم ڪرايو ته لوڪ ادب جي شاعريءَ ۾ سينگار کان وڌيڪ ڪابه صنف لغوي مواد ڏئي نه سگهندي. بقول ڊاڪٽر سنديلي جي ته، ”سينگار ۾ آيل انوکا الفاظ جيترا قديم آهن. اوترا اوکا به آهن، ڇاڪاڻ ته منجهس پنج ڪٽي، مهر گهٽي جي چوٽي موجب سنڌي، هندي، سنسڪرت، عربي، فارسي، ڪوهستاني بلوچي وغيره جي ٻولين جا لفظ آيل آهن، جن کي سينگار ۾ پوري ريت بيهارڻ لاءِ ڪولي سمجهائڻ ضروري آهي. ڊاڪٽر صاحب سينگار کي هٿ ڪرڻ ڪرڻ ۽ سمجهائڻ ۾ اڌ صدي سجائي ڪئي. سندس لايا سجايا ٿيا، جو هو ڪتاب لکڻ ۾ هر طرح سان ڪامياب ويو.“ (6)

بلوچ صاحب لوڪ ادب جي هر جلد تي مفصل مقدمه پڻ لکيا آهن. اهڙي جامع مقدمه نگاري جو مثال سنڌي ادب ۾ گهٽ ملي ٿو، جنهن ۾ موضوع جو ڪوبه پهلو تشنه نظر نه ايندو. لوڪ ادب جي سيني جلدن جي موضوع وار تقسيم، مواد جي ترتيب ۽ رٿابندي ڏيان ڇڪائي ٿي ته لوڪ ادب جي هيءَ رٿا دنيا ۾ منفرد ۽ نشانبر آهي. لوڪ ادب جا بلوچ صاحب جي نگرانيءَ ۾ چاليهن کان وڌيڪ جلد شايع ٿيا، جن ۾ لوڪ ڪهاڻيون، عشقيه داستان، ڳجهارتون، سينگار شاعري، ڙُڙ جا بيت، ٽيهه اکريون، لوڪ گيت ۽ مناظره وغيره شامل آهن. مناظره سنڌن اهو ڪتاب آهي، جنهن تي پوءِ ڪنهن جي الزام هيٺ سنڌن مٿان مقدمو پڻ درج ڪيو ويو هو، جنهن سبب

لوڪ ادب جي هيءَ رٿا ڏهن سالن لاءِ رولڙي جو شڪار ٿي وئي، پر هن پنهنجو ڪم جاري رکيو. سنڌ جو هيءُ سلڇڻو عالم پنهنجي ڪنهن به تحقيق ۾ ڪڏهن به غير ذميدارانه راءِ جو قائل نه رهيو، سندس هر ڳالهه لاءِ مستند حوالو، دليل ۽ منطق لازمي شامل هوندو هو. هن ڏس ۾ توهان سنڌن لکيل مقدمه مقالا، مضمون توڙي لوڪ ادب تي لکيل ڪتاب ڏسي سگهو ٿا، جن تي انڪساريءَ کان ڪم وٺندي، پاڻ هر ايڊيشن ۾ پنهنجو نالو سهيڙيندڙ، سموهيندڙ ۽ سلجهائيندڙ لکندا هئا. ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته، ڊاڪٽر بلوچ سنڌي لوڪ ادب سهيڙي، ڇپرائي پاڻ کي لطيف ۽ سنڌ وانگر اسان سان گڏ رهڻ جو احساس ڏياريو آهي.

آديسي آديس هتان ڪري هليا،
ڪاپڙين قلب ۾، ڪيو ڏوراٿو ڏيس،
ويراڳي نئون ويس، رانول ڍڪي رهيا.

## حوالا:


1. الانا، غلام علي، مهراڻ بلوچ نمبر، 2012ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ص.
2. نئين زندگي، ڊسمبر 2002ع، اطلاعات کاتو، حڪومت پاڪستان، ص.
3. رئيس قمر، مرتب: اردو ۾ لوڪ ادب، شعبه اردو دهلي يونيورسٽي، 1990ع ص، 24.
4. حسيني، امداد، اڪادمي ادبيات پاڪستان، بلوچ نمبر 5.
5. ابڙو، آفتاب، نئين زندگي، ڊسمبر 2002ع، اطلاعات کاتو، حڪومت پاڪستان. ص. 72.
6. سنديلو، عبدالڪريم، لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص. 73.

ڊاڪٽر فريده ڏاهري
شاهپور چاڪر



# آغا سليم جي ڊرامن ۾ ٻولي، موضوع ۽ ڪردارنگاريءَ جو تحقيقي جائزو

قلم هجي يا تلوار ٻنهي جو ڪم هڪڙو آهي. تلوار سان جنگ جو ميدان فتح ٿئي، ته قلم سان ادب رستي سماج ۾ انقلاب اچي، سنڌي قوم جي بهادرن تلوار سان سنڌ جي حفاظت ڪئي، ته سنڌي اديبن وري قلم سان سنڌي ٻوليءَ جي حفاظت ڪئي. اهڙين مهان اديبن مان آغا سليم به هڪ هو، پاڻ ادب جي هر صنف کي وُسعت بخشائين، ناول هجي يا ڪهاڻي، ڊرامو هجي يا ترجمو هر ميدان ۾ اڳتي رهيو، سندس قلم جي جنبش ادب جي هر صنف ۾ واڌارو آڻيندي وئي پاڻ زندگيءَ جي آخري ساهه تائين به ادب جي ميدان ۾ سَلا پوکيندو رهيو. سندس انهن پوکيل سَلن جي خوشبوءِ ۽ ڇانوَ نسلن تائين رهندي.

سندس اصل نالو آغا خالد سليم هو. پاڻ شڪارپور جي آغا عبدالڪريم جي گهر ۾ 7 اپريل 1935ع تي جنم ورتائين، ابتدائي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪيائين، بي اي (B.A) تائين تعليم حاصل ڪري ريڊيو پاڪستان ۾ پروڊيوسر جي نوڪري اختيار ڪيائين ۽ پوءِ اسٽيشن ڊائريڪٽر طور تي ڪيترو عرصو فرض سر انجام ڏيندو رهيو، ۽ ڪنٽرولر جي عهدي تان رٽائرمينٽ ورتائين. ان کان پوءِ روزاني 'جاڳو' ڪراچي ۽ پوءِ روزاني 'سچ' ڪراچي اخبارن جو ايڊيٽر رهيو. سندس لکيل تصنيفون هن طرح آهن. 'روشنيءَ جي تلاش (ناولٽ: 1964)'، 'چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون: 1967ع)'، 'لذت گناهه (ڪهاڻيون)'، 'اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)'، 'درد جو شهر (ڪهاڻيون)'، 'همه اوست (ناول)'، 'پناهه (ذاتيون)'، 'ڌرتي روشن آهي (افسانا)'، 'اڌورو انسان (ناول)'، 'ٻولا مارو (تحقيق)'، 'صدين جي سدا (شيخ اياز جا مضمون)'، 'سنڌه ڪي موسيقي(اردو)'، 'بابافريد جا دوها'، ۽ ڪيترائي ڪالم لکيائين ڪابل تعريف آهن.

پاڻ شاهه لطيف جو پرستار ۽ پارکو به هو، پاڻ شاهه لطيف جو ڪلام اردو ۾ منظوم ترجمو 'لالن لال لطيف ڪهي' جي نالي سان ڪيائين. سندس هيءُ ڪتاب قومي اداري لوڪ ورثا وارن اسلام آباد مان شايع ڪيو. سر سورٺ جو انگريزي ۾ ترجمو (Mourning Melody) ۽ Melodies of Shah Abdul Latif Vol. 1, 2, 3 شايع ٿي چڪا آهن. سندس ٻي تحقيق بابا فريد گنج شڪر جي شاعريءَ مان سنڌي شاعري چونڊي هڪ الڳ ڪتاب ڇپرايو جيڪو سنڌالاجيءَ طرفان شايع ٿيل آهي. سندس بهترين ڪارڪردگي ڪري کيس شاهه لطيف ايوارڊ سان به دفعا نوازيو ويو. 2005ع ۾ کيس صدارتي ايوارڊ تمغہ حسن ڪارڪردگي ڏنو ويو ان کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي ايوارڊ ماڻيائين.

آغا سليم جو نالو سنڌ جي وڏن اديبن ۾ شمار ٿئي ٿو، سندس تحريرون حال ۽ ماضيءَ جو آئينو آهن، سندس تحريرن ۾ حقيقت نگاريءَ، رومانويت، وجوديت ۽ ترقي پسند نظرين جو فلسفو ملي ٿو، ان کان سواءِ قوميت جو رنگ سندس تحريرن ۾ چٽو ۽ واضح نظر اچي ٿو.

آغا سليم جي باري ۾ ڊاڪٽر نور افروز خواجه لکي ٿي ته:

"آغا سليم سنڌي ٻوليءَ ۾ فڪشن لکندڙ هڪ منفرد ليکڪ آهي، هن جو شمار، ترقي پسند ليکڪن ۾ ٿئي ٿو. ساڳي وقت هُو رومانوي ليکڪ پڻ آهي. اهڙيءَ طرح ڪي وري هن کي، وجوديت واري نظريي تحت لکندڙ اديب مڃين ٿا. هُو حقيقت پسند ليکڪ آهي، هن تقريبًا هر نئين نظريي ۽ نئين رجحان

ڪي اپنائي، انهيءَ ۾ ادب تخليق ڪيو آهي.“ (خواجه، 305:2010)

تحريرن ۾ تصور ۽ تخيل جي ڪيس ڏات مليل هئي، سندس تاريخي تحريرن ۾ تصور ۽ رومانوي نظريي کي بخوبي ڏسي سگهجي ٿو. پاڻ پنهنجي تحريرن بابت لکي ٿو ته:

”مون وٽ انقلاب جو تصور رومانوي آهي. منهنجي اڳيان رومانويت ڪان سواءِ فن اڻپورو آهي. منهنجي فن ۾ انقلاب جو تصور ڳاڙها جهنڊا، لڙڪيل لاش، يا رت جون نديون ڪٿي اچڻ وارو ڪونهي..... مون لاءِ انقلاب جو تصور پرينءَ جي روپ ۾ ٿو اچي ۽ مان ان لاءِ اٿين ٿو چوان ته منهنجو پرين ايندو، جنهن جي پيشاني پرهه جهڙي آهي، مون وٽ انقلاب جو اهڙوئي رومانوي تصور آهي ۽ سچ ته رومانويت ڪان سواءِ لکڻ جو تصور به ڪري نٿو سگهان.“ (آغا، 19:1994)

سنڌي ادب ۾ آغا سليم بهترين افسانه نگار، ناول نگار، ڊرامانگار، ترجمي نگار ۽ ڪالم نويس، جي حيثيت ۾ سڃاتو وڃي ٿو. پاڻ ڪيترائي اسٽيج، ٽي وي، ۽ ريڊيو ڊراما لکيائين جن ۾ طبع زاد ۽ ترجما شامل آهن جيڪي ٻولي ۽ ڪردار نگاريءَ جي فن سان ڀرپور ڏسجن ٿا. موضوعاتي حوالي سان سندس ڊراما سماجي ۽ تاريخي آهن.

آغا سليم جي شايع ٿيل ڊرامن جو تفصيل هيٺين ريت آهي:

دودو چنيسر، دولهه دريا خان، گل چنو گرنار جو، خواب جو سورج، سک جي وستي، پاڳل خانو، مان اُلن مان اٺان ٿو، ٽي پينر، تماشو، روپ ٻهروپ، گلن جهڙا گهاوَ، خواب جو سورج، بري هن پنيور ۾، ٽيليفون، پرهه جا مسافر، چانبوڪيءَ جو زهر، پاس ناپاس، پوپاڙيءَ جا پاڇا، بدمعاش شامل آهن. ڊرامي جي صنف تي سندس اُردو ۾ ڪتاب (سندهي ڊرامه ڪي صدي 1980ع) ۾ اداره ثقافت پاڪستان طرفان شايع ڪيل آهي.

آغا سليم جا پاڪستان ٽيليويزن تي نشر ٿيل ڊراما: 1970ع ۾، خواب جو سورج، پروڊيوسر عبدالڪريم بلوچ. 1971ع ۾، گل چنو گرنار جو، پروڊيوسر عبدالڪريم بلوچ. 1971ع ۾، بدمعاش، جمال ابڙي جي ڪهاڻي جي ڊرامائي تشڪيل، پروڊيوسر عبدالڪريم بلوچ. 1974ع ۾، سک جي وستي، غلام حيدر صديقي. 1975ع ۾، درد جا پڙلاءَ، پروڊيوسر هارون رند 1976ع ۾، بري هن پنيور ۾، پروڊيوسر هارون رند 1976ع ۾، اڻ ڳڻ فاصلا، پروڊيوسر منظور قريشي. 1977ع ۾، مانار، پروڊيوسر مرغوب احمد 1977ع ۾،پوپاڙيءَ جا پاڇا، پروڊيوسر هارون رند 1977ع ۾، چانبوڪيءَ جو زهر، پروڊيوسر هارون رند 1977ع، پورٽريٽ، پروڊيوسر هارون رند 1979ع، ۾ تماشو، پروڊيوسر هارون رند 1981ع ۾، ڪيڏا سپنا ڪيڏا خواب، پروڊيوسر ذوالفقار نقوي. 2002ع ۾، سرابن جا مسافر، پروڊيوسر سميع بلوچ.

آغا سليم جي ڊرامن جا موضوع اڪثر ڪري اسان جي سماج جا تاريخي ڪردار آهن، جهڙوڪ ’دودو چنيسر‘، ’دولهه دريا خان‘، ’گل چنو گرنار جو‘ جيڪي اسان جي سنڌي سماج لاءِ فخر جو باعث آهن، ان ڪان علاوه سندس ڊرامن جا موضوع هلندڙ زماني جي حالتن جي نمائندگي پڻ ڪن ٿا. سندس تحريرن جي موضوعن ۾ نفسياتي پهلو وڌيڪ نظر اچي ٿو.

سندس ڊرامن جا ڪردار بهادر، بيباڪ، ويڙهاڪ، جنگي، هٺيلا ۽ چست آهن. آغا صاحب جي ڊرامن جي ڪردارن جي چونڊ نيٺ سنڌي سماج مان ڪيل آهي. آغا سليم جي ڊرامن ۾ ڪردار جي ويڙهه ٻاهرين دنيا ڪان وڌيڪ پنهنجي پاڻ سان پنهنجي احساسن سان ۽ محرومين سان آهي. سندس پيش ڪيل ڪردارنگاريءَ ۾ خارجي پهلوءَ سان گڏ داخلي پهلو به ظاهر ظهور نمايان ٿي بيهي ٿو. هو ڪردار جي داخلي ڪيفيت اهڙي انداز ۾ بيان ڪري ٿو جو ڏسڻ ۽ پڙهڻ وارو ڪردار جي جذبن (Emotions) مان سندس احساسن جو بخوبي اندازو لڳائي وڃي ٿو.

آغا سليم جي ڊرامن ۾ استعمال ڪيل ٻولي، سنڌ جي ڌرتيءَ سان محبت ڪندڙ، سڻي گهاٽي ٻڙ جي ڇانوَن جهڙي آهي، جنهن جي لفظ لفظ مان سنڌ سان محبت ۽ سچائي حب الوطني پئي ڇلڪي، ڪٿي سندس لکيل مڪالما تيز تلوار وانگر آهن ته ڪٿي

محبت ڀريل نازڪ ۽ نفيس جيڪي ٻنهي حالتن ۾ ڏاڍا وڻندڙ ۽ دلچسپ آهن.

سندس ڊرامي ’دود چنيسر‘ جي باري ۾ ڊاڪٽر نورافروز خواجه لکي ٿي ته:

”سندس ڊرامو ’دودو چنيسر‘ جڏهن اڳوڻيءَ اورينٽ هوٽل ۾ اسٽيج ڪيو ويو، تڏهن وڻندڙ اديبن مان مرحوم حيدر بخش جتوئي ايتري قدر ته متاثر ٿيو جو هڪ نظم لکيائين، جنهن جو رديف هو، جيئي سنڌ، جيئي سنڌ. دراصل سنڌي نوجوانن ’جيئي سنڌ‘ نعرو، ان ڏينهن کان شروع ڪيو هو، جنهن ڏينهن حيدربخش جتوئيءَ سندس اهو نظم حاضرين جي سامهون پڙهيو.“ (خواجه:2010:304)

مطلب ته سندس انقلابي سوچ جي تخليق مان ڪيترين ئي تحريرون ڦٽيون، انهيءَ ڳالهه ۾ ڪو شڪ نه آهي ته آغا سليم هڪ انقلابي ليکڪ هو.

دودو چنيسر: آغا سليم پنهنجي هن ڊرامي ۾ سنڌ اندر سومرن جي دؤر جي سماج جو بهترين عڪس پيش ڪيو آهي، سندس هن ڊرامي جو موضوع تاريخي آهي، پاڻ سنڌ جي تاريخ جي اهم ڪردار، عظيم بهادر، دلير، غيرتمند هيرو، دودي سومري جي بهادريءَ جا ڳڻ خوب پيش ڪيا اٿس، سندس هن ڊرامي ۾ سنڌ جي اڳلي زماني جو سماج ڏسي سگهجي ٿو. ڊرامي جي ڪهاڻي دودي ۽ چنيسر جي پڳ ٻڌڻ سان شروع ٿئي ٿي، چنسر دودي جو وڏو ڀاءُ آهي پر سنڌ جا سڀئي سردار اهو فيصلو ڪن ٿا ته پڳ جي پَتِ ۽ سنڌ تان ساهه وارڻ جي اهليت دودي ۾ آهي، انهيءَ ڪري پڳ دودي کي ٻڌائي وڃي، اها ڳالهه چنيسر کي نٿي وڻي ۽ هيءُ دودي کان بدلو وٺڻ لاءِ سنڌ ڇڏي، هندستان جي بادشاهه علاؤالدين، کان مدد وٺڻ لاءِ دهلي پهچي ٿو ۽ علاؤالدين ٻاگهي جي سڱ لاءِ دودي ڏانهن پيغام موڪلي ٿو، جنهن تي دودو ٽامي وانگر تپي باهه ٿي جواب ڏياري موڪلي ٿو ۽ اتان جنگ جي شروعات ٿئي ٿي. ڊرامي ۾ ان صورتحال کي آغا سليم هن طرح تحرير ڪيو آهي، پاڻ لکي ٿو ته:

”دودو: سومرن جو ڪير ڪري نٿو سگهي، سنڌ جي ڌرتي اهڙو پٽ ڄڻي نٿي سگهي. اهو ڪوڙ آهي اسانجي ڀاءُ تي بهتان آهي. چنيسر ڪڏهن به ائين نه ڪندو. پر جي هن ائين ڪيو به ته علاؤالدين ڪڏهن به هن جي مدد نه ڪندو ڇاڪاڻ ته علاؤالدين سان اسان جا دوستيءَ جا ناتا آهن.

ٻاگهي: چنيسر توهي ڇا ڪيو. تون پنهنجي ديس تي، پنهنجي ماءُ تي ڪنڪ ڪاهي ايندين ۽ ملڪ جي ماٿرن جون جهوليون ويران ڪندين، سهاڳڻن جا ڳاڙها گهوٽ ڪهائيندين.

ننگر: ماٿرن جون جهوليون ان ڏينهن لاءِ ساوون ٿينديون آهن ته جيئڻ سنڌن ٻچڙا ملڪ لاءِ مرن. سهاڳڻيون ان ڏينهن لاءِ سهاڳ ماڻينديون آهن ته جيئڻ سنڌن گهوٽ وطن لاءِ رت ۾ ڳاڙها ٿين.

دودو: تنهنجي رت ۾ مهراڻ واري مستي آهي. جنهن ديس جون ماٿرون توجهڙا پٽ ڄڻي سگهن ٿيون، تنهن ديس ڏانهن ڪو به اک کڻي نٿو سگهي. (آغا، 2009: 19،18)

پاڻ ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

”دودو: نياءُ ازل کان انياءُ سان اٽڪندو آيو آهي، جي اڄ سنڌ پنهنجا ڪونتر نه ڪهايا ته پوءِ هميشه سنڌ جي نيائن جي لوئڻ ڏانهن هٿ وڌندا ۽ انهن هٿن کي وڍڻ وارو ڪونه هوندو.

ٻاگهي: هن جنگ ۾ هن انساني ڪوس جو ڪارڻ مان آهيان. مان پنهنجي پاڻ کي سنڌ تان قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“ (آغا، 2009:25)

ڊرامي جي پڇاڙي جنگ دوران دودي ۽ ننگر (ننگر، دودي جو ڀائٽيو ۽ چنيسر جو پٽ) جي شهادت تي ٿئي ٿي. آغا سليم هن ڊرامي ذريعي سنڌ ۾ سومرن جي دؤر جو اسان کي سير ڪرايو آهي، هن دؤر ۾ سنڌين جي حالت، ۽ سنڌ سان محبت جو اظهار دودي جي ڪردار وسيلي سامهون آندو آهي. ڊرامي ۾ دودي جي ڪردارنگاري ڪمال جي پيش ڪئي آهي، جيڪو پنهنجي وطن، ڀينن، ونين تان جان قربان ڪندي نٿو ڪيٻائي. آغا سليم دودي سومري جي ڪردارنگاري، هن طرح پيش ڪئي آهي، پاڻ لکي ٿو ته:

”ننگر جي شهادت کان پوءِ هُو زخمي شينهن وانگر. ميدان ۾ ٽپي پيو. هن جي هڪڙي هٿ ۾ سومرن واري تلوار هئي ۽ ٻئي هٿ ۾ ٽانگر هو ۽ هُو ايترو ته وزني هو جو دودي ڪانسواءِ ڏهه جوڌا به ان کي

ڪٽي نہ سگهن. دودو اهوتانگر ڦيرائيندو دشمن جي فوج ۾ ڪاهي پيو. پوءِ رڻ متو، راڙو ٿيو هر طرف دانهون، ڪوڪون، رت جون نديون وهي ڇڙيون. دودي جي دهشت کان ڏونگر ڏري پيا. مائن جا هانءَ ڦاٽي پيا. ڌرتي ڏان ڏان ڪرڻ لڳي. دودو دشمن کي گجرن ۽ مورين وانگر وڍيندو، دشمن جي فوج جو لاڀارو ڪندو سالار خان جي سامهون ٿيو. دودي جي دليري کي ڏسي سالار خان کان دانهن نڪري وئي تہ جنهن ديس جي ڌرتي دودي جهڙا دلير پٽ ڄڻي سگهي ٿي تنهن ديس کو بہ فتح نٿو ڪري سگهي. پوءِ چئني طرفن کان تيرن ۽ تلوارن جا مينهن وٺا ۽ دودي جو سَنڌ سَنڌ گهائجي ويو پر تہ بہ هو وڙهندو رهيو تان جو هن جا سنڌ ساٿا ٿيا، ساهن سٽ ڇڏيو ۽ دودو ڌرتيءَ تي ليٽيو. ڄڻ هماليہ جبل ڪري پيو ڌرتيءَ دانهن ڪئي تہ هاءِ منهنجو دلارو مئو. آسمان اوچنگار ڏني تہ مون سان سينو سهائيندڙ شهيد ٿيو ۽ عرش اونايو تہ مون کان اوچي ڳاٽ وارو دودو مري ويو.“ (آغا، 30:2009)

ٻاگهي سنڌ جي تاريخ ۾ خوددار، بهادر ۽ ذهين عورت جي علامت آهي، تنهن جو ڪردار پڻ آغا سليم سليقي دار انداز ۾ سٺن لفظن جي مڪالمن سان پيش ڪيو آهي. ڊرامي ۾ ٻوليءَ جي آسان ۽ خوبصورت لفظن جي استعمال سان مڪالما تحرير ڪيل آهن، جنهن مان سنڌ جي اڳاٽي سماج جي سڳنڌ اچي ٿي. اهي لفظ ڪردارن جي واتان نڪرندي سنڌ جي صدين کان نمائندگي پيش ڪن ٿا. مثال طور آغا سليم لکي ٿو تہ:

”ٻاگهي: اسان جي ماءُ تہ هن ديس جي ڌرتي آهي. اسان جي ماءُ جي ٿڃ تہ هن مهراڻ جو پاڻي آهي. اسان سڀني هن ڌرتيءَ جي ٿڃ پيتي آهي. اسين سڀ پاڻ ۾ سڳا ڀائر ۽ سڳيون ڀينرون آهيون.“ (آغا، 13،14:2009)

آغا سليم جو هيءُ ڊرامو سندس ڪامياب ڊرامن مان هڪ آهي. جيڪو ايندڙ نسلن تائين سنڌ جي هن بهادر ڪردار جي نمائندگي ڪندو رهندو ۽ سنڌ جي نوجوانن جو هن ڪردار کي پڙهي، ڏسي حوصلو بلند ٿيندو رهندو ۽ سنڌ سان محبت جو جذبو وڌندو رهندو.

دولهہ دريا خان: آغا سليم جي هن 'دولهہ دريا خان' ڊرامي ۾ سنڌ جي سرزمين تان سر قربان ڪندڙ، سنڌ جي مٽيءَ سان محبت ڪندڙ، سنڌ جي مٽيءَ سان سٽ نڀائيندڙ، سنڌ جي سرحدن، ٻارن ٻڍن عورتن جي حفاظت ڪندڙ قداور مڙس دولهہ دريا خان جو ڪردارپيش ڪيل آهي. پاڻ هن ڊرامي ۾ سمن جي پڇاڙيءَ ۽ ارغون دؤر جي شروعات واري سنڌي سماج جي سماجي ۽ معاشي صورتحال کي پيش ڪيو آهي. ڊرامي ۾ هڪ سچو سنڌي سپهہ سالار سنڌ مٿان قربان ٿي وڃي ٿو. هن ڊرامي جي ڪهاڻيءَ ۾ دولهہ دريا خان 'ڄام نندي/ ڄام نظام الدين' جو سپهہ سالار آهي، ڪيس ڄام نندو، پٽ جي حيثيت سان ڏسي ٿو. ڄام نندي جي راڻي 'مُرڪي' پنهنجي ڀاءُ ڪاهو ڏنور جي مڱ 'هيمون' جنهن سان دريا خان شادي ڪري ٿو. انهيءَ سبب ڪري ڪاوڙ ۾ اچي راڻي ۽ سندس ڀاءُ سازش ڪري شاهہ بيگ ارغون کي سنڌ تي حملي جي دعوت ڏين ٿا. 'ڄام فيروز' ڄام نظام الدين جو ولي عهد آهي، پيءُ جي وفات کان پوءِ هي عياش طبيعت هئڻ ڪري ٻين جي چوڻ تي حقيقت جي تحقيق ڪرڻ کان سواءِ دريا خان تي ڄامن جي حڪومت خلاف فوج ناهڻ جو الزام هڻي ڪيس سپهہ سالاريءَ جي عهدي تان لاهي ٿو ڇڏيءِ پر دريا خان ارغونن جي فوج کي روڪڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪري سنڌ تان قربان ٿي وڃي ٿو.

آغا سليم پنهنجي ڊرامي ۾ لکي ٿو تہ:

”دريا خان: ايئن نہ چئو هيمون، تہ دريا خان جو وار بہ ونگو نہ ٿئي، پر ايئن چئو تہ دريا خان جهڙا ڪيئي سنڌ تان صدقي ٿين ۽ سنڌ سونهاريءَ جو وار بہ ونگو نہ ٿئي.“ (آغا، 38:2009)

آغا سليم جي هن ڊرامي ۾ سمن جي دؤر جو عڪس سمايل آهي، پاڻ هن ڊرامي جي تاريخي ڪردارن ۾ روح ڦوڪي انهن کي حقيقت جو لباس پارائي عوام سامهون پيش ڪيو آهي. آغا سليم پنهنجي ڊرامي ۾ دولهہ دريا خان جي ڪردارنگاري هن طرح پيش ڪئي آهي. پاڻ لکي ٿو تہ:

”دريا خان: سنڌين جي تلوار ڪڏهن بہ مُڏي ٿي نٿي سگهي. مصيبت جي روهيءَ تي سنڌي جي تلوار وڌيڪ تيز ٿيندي آهي. سنڌيءَ جڏهن الفيون پائي، يڪتارا ۽ چپڙيون وڄائي جهومندا، نچندا ۽ ڳائيندا آهن

تنهن ساري ڪائنات هنن جي ساز ۽ آواز جي لهر ۾ لڙهي ويندي آهي، پر جڏهن سنڌي يڪتاره چيڙيو اجلائي، الڦيون لاهي، ڪفنيون پائي، تلوار کي مياڻ مان ڪڍندا آهن تڏهن رات جو سينو چيرجي ويندو آهي ۽ پرهه ڦٽندي آهي ۽ افق مان شفق جو ڳاڙهو رت ٽمندو آهي.“ (آغا، 37،2009)

سنڌس هن تاريخي ڊرامي ۾ ٻولي جو استعمال بہ باڪمال ڪيل آهي. سنڌين جي مهراڻ سان جي محبت واري انداز کي پنهنجي لفظن جي سجاوٽ ڏئي پيش ڪيو آهي، دريا خان جي سنڌين سان عشق جي ڪيفيت هن طرح تحرير ڪئي آهي. پاڻ لکي ٿو تہ:

”درياخان: ديس سمهندا آهن پر دل وارا جاڳندا آهن، پوءِ ارغونن راتاهو ڪيئن هنيو. اسين امير لاءِ ريشمي بسترا ۽ ارغونن لاءِ موت کٽي اچي رهيا آهيون.“ (آغا، 39:2009)

سمن جي آخري حاڪم جام فيروزالدين کي شاهه بيگ ارغون 1520ع ۾ شڪست ڏني، بکر ۽ سيوهڻ تائين سنڌ فتح ڪئي، شاهه بيگ جي وفات بعد سنڌس پٽ شاهه حسن سڄي سنڌ تي حڪومت حاصل ڪئي، 1554ع ۾ شاهه حسن بي اولاد وفات ڪئي سنڌس وارث نہ هئڻ ڪري سنڌ ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي، اتر سنڌ بکر کان سيوهڻ تائين سلطان محمود ڪوڪلتاش بکري جي قبضي هيٺ هئي. هيءُ دؤر سنڌ ۾ ظلم ۽ بربريت وارو دؤر هو، جنهن ۾ پورو سنڌي سماج گهاٽي ۾ پيسجو هو. اسان جا سنڌي اديب جس لهڻن جن اسان جي سنڌي سماج جي تاريخي ڪردارن کي ناول، ڪهاڻي، ۽ ڊرامي ذريعي زنده رکيو آهي، جيڪي اسان جي هر نئين نسل لاءِ آزاديءَ، بهادري، دليري، جوشائي، جنباتي، وطن ۽ ونين تان سر قربان ڪرڻ جا مثال آهن، هيءُ ڪردار هر دؤر ۾ نوان لڳن ٿا، هر دؤر ۾ زنده جاويد آهن. آغا سليم جي ڊرامي ’دولهه دريا خان‘ ۾ بہ سنڌي سماج جي تاريخ جو هڪ اهم باب شامل آهي، سنڌس هيءُ ڊرامو ٻوليءَ، ڪردارنگاريءَ مطلب هر حوالي سان ڪامياب ڊرامو آهي.

گل چنو گرنار جو: آغا صاحب جو هيءُ ڊرامو بہ تاريخي ڪردارن جي نمائندگي ڪري ٿو. هن ڊرامي ۾ سنڌ جي عشقيہ داستان، راڳ، ۽ ساز، جي قدر دان راءِ ڏياچ، سورٺ ۽ ٻيجل جو قصي کي ڊرامائي شڪل ڏنل آهي. آغا سليم پنهنجي ڊرامي ۾ سنڌ جي قديم روايتن کي اجاگر ڪيو آهي، ساز، راڳ، موسيقي، سنڌ جي ثقافت ۾ صدين جي تاريخ رکي ٿي. پاڻ هن ڊرامي ۾ راءِ ڏياچ جي ساز ۽ سنگيت سان محبت جو داستان پيش ڪيو آهي. پاڻ راءِ ڏياچ جي سورٺ سان گفتگو هن طرح تحرير ڪئي آهي. پاڻ لکي ٿو تہ:

”ڏياچ: هن جي صدا مان اسان کي سچي سنگيت جي سڳنڌ آئي آهي. اسان سمجهون ٿا تہ هن جو سنگيت تنهنجي آتما ۽ سرير کي سک پهچائيندو ۽ تون چڱي ڀلي ٿي وينديـنءَ. سورٺ راڻي اسان ترت انهن ڏينهن کي واپس ورائڻ ٿا چاهيون جڏهن تنهنجو سنگيت ٻڌي اسان جو من پکيڙي وانگر پرڙا ڦڙڪائي نيري آڪاش ۾ اڏامندو هو، جڏهن کان تون ناچاڪ ٿي آهين تڏهن کان راڳن ويراڳ ورتو آهي. سُر ساٿا ٿي ويا آهن ۽ اسان جو من موڳو ٿي پيو آهي، اسان جون اکيون توکي سرهو ڏسڻ لاءِ آتيون آهن ۽ اسان جو من تنهنجي سنگيت ٻڌڻ لاءِ ماندو آهي.“ (آغا، 79:2009)

آغا سليم پنهنجي هن ڊرامي ۾ سورٺ، راءِ ڏياچ ۽ ٻيجل جي ڪردارنگاري سهڻي انداز ۾ پيش ڪئي آهي. سنڌ جا هي امر ڪردار ڊرامي وسيلي عوام جي سامهون آندا آهن. تمام آسان وڻندڙ ۽ مٺڙن لفظن سان مڪالمہ تحرير ڪيا آهن جنهن سان سنڌ ۾ راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي صدين پراڻي ڪردارن کي اسين بلڪل پنهنجي ويجهو محسوس ڪيون ٿا. مثال طور، پاڻ لکي ٿو تہ:

”ڏياچ: سپنن کان ايترو پريشان ٿيڻ نہ گهرجي راڻي. اسان ستار وڄائي توکي ننڊ مان جاڳائڻ ٿي چاهيو جو هينئر ڪتين ڪر موڙيا آهن، ٽيڙن جو ٽمڪو جهڪو ٿيو آهي ۽ پريتي راڳڻيءَ جي ويل ٿي وئي آهي.“ (آغا، 73:2009)

آغا سليم سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت کي پنهنجي هن ڊرامي ۾ پيش ڪري ڏسندڙن ۽ پڙهندڙن کي وندر ۽ تفريح سان گڏ سنڌ جي اڳاٽي سماج کان پڻ واقف ڪرايو آهي.

پاڳل خانو: آغا صاحب جو هيءُ ڊرامو سماجي ۽ گهريلو قسم جو ڊرامو آهي، هن ڊرامي ۾ هڪ

اهڙي مسئلي جي نشاندهي ڪيل آهي، جيڪو فقط سنڌي سماج جو نه پر هر سماج جو، هر قوم جو، هر مذهب جو، هر ذات ۾ هيءُ مسئلو عام جام نظر اچي ٿو، پاڻ هن ڊرامي ذريعي سماج جي اهڙي پهلوءَ کي ظاهر ڪيو آهي، جنهن ۾ رشتن کان وڌيڪ دولت کي اهميت ملي ٿي. ڊرامي ۾ پيءُ ۽ اولاد جي اهڙي ڪهاڻي جنهن ۾ اولاد کي پيءُ سان نه پر دولت سان محبت آهي. ڊرامي ۾ اولاد فقط پنهنجي والد سان مصنوعي محبت جو ڏيک ٿو ڏيکاري، جڏهن ته سندس اصل محبت پيءُ جي دولت سان آهي. هن ڊرامي ۾ پيءُ جو ڪردارسيٺ غلام علي جو آهي هيءُ هڪ سرمائيدار آهي، جيڪو سموري زندگي غريبن مزدورن جو خون چوسي دولت جمع ٿو ڪري، ۽ زندگيءَ جو آخري وقت ڪيس سندس غلطيءَ جو احساس ٿو ڏياري جنهن تي سيٺ غلام علي هڪ اهم فيصلو ڪري ٿو.

آغا صاحب ڊرامي ۾ لکي ٿو ته:

"جميل: پر ديدي، اهو ڪو حل ناهي ته هڪڙو ماڻهو پنهنجي ملڪيت غريبن ۾ ورهائي ڇڏي. ان لاءِ اسان کي سماج بدلائڻو آهي."

سيٺ: هرڪو ماڻهو ائين ڪري ته سماج پنهنجو پاڻ بدلجي ويندو.

جميل: اوهان تي پنهنجي اولاد جا به فرض آهن. سيٺ: مون اهي سڀ فرض پورا ڪيا آهن. مون اوهانکي ايتري تعليم ڏياري آهي جو اوهين پنهنجو پيٽ پالي سگهو ٿا. مان ساري دولت اهڙن ماڻهن ۾ورهائڻ ٿو چاهيان جيڪي هڪ وقت جي ماني به کائي نٿا سگهن." (آغا، 161:2009)

سيٺ غلام علي کي سندس اولاد پاڳل قرار ڏئي گدو بندر ٿا موڪلين ۽ سيٺ پنهنجي اولاد جي اصليت سامهون آڻڻ لاءِ گدو هليو ٿو وڃي، سندس گدو وڃڻ کان پوءِ هيءُ سڀ دولت جي ورهاست تي پاڻ ۾ وڙهن ٿا. آغا صاحب جي هن ڊرامي ۾ اهو پيغام ڏنل آهي ته دولت هڪ اهڙو نشو آهي جنهن کي هڪ دفعو چکڻ سان ماڻهو ان جي پويان لڳي ٿا پون ۽ جنهن ڪري سندن سڀ رشتا ناتا وساري ٿا ويهن ۽ اهي ان مرض ۾ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ مبتلا ٿيندا ٿا وڃن.

آغا سليم جي هن ڊرامي جو موضوع سنڌي سماج مان چونڊيل آهي، جنهن ۾ اسان جي ئي سماج جا ڪردار پيش ڪيل آهن، جيڪي اسان کي پنهنجي آس پاس ۾ به ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڊرامي ۾ ٻوليءَ جو استعمال آسان لفظن جي ترتيب سان ڪيل آهي، خاص طور تي سيٺ غلام علي جي ڪردار نگاري تمام بهترين ۽ سٺي انداز ۾ ڪيل آهي، سندس هيءُ ڊرامو به ڪامياب ڊرامن مان هڪ آهي.

خواب جو سورج: آغا صاحب جو هيءُ ڊرامو ترجمو آهي جيڪو گورڪيءَ جي ڊرامي 'پاتال' تان ورتل آهي. سندس هن ڊرامي جا ڪردار سنڌي سماج جا محسوس ٿين ٿا ۽ انهن جي نالن جي چونڊ به سنڌي سماج مان ڪيل آهي. سندس ٽيليوزن لاءِ لکيل هيءُ پهريون ڊرامو آهي.

سک جي وستي: هيءُ ڊرامو ساڳئي رائيٽر مئڪسم گورڪي جي ڊرامي تان ورتل آهي، پاڻ هن ڊرامي کي سنڌي سماج جو ويس پارائي پيش ڪيو اٿس، جو بلڪل سنڌي سماج مان پيو لڳي، ڪردارن جا نالا ۽ ماحول به سنڌي پيش ڪيل آهي.

آغا صاحب جا ترجما به ڪمال جا ڪيل آهن، جن کي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن طبعزاد کان گهٽ نه آهن ڪيس ترجمن جي فن ۾ مهارت حاصل هئي.

آغا سليم بهترين سليس سنڌي ٻوليءَ جي استعمال سان پنهنجي هن ڊرامي ۾لکي ٿو ته: "اهڙي وستي ڪانهي ته ڇا ٿي پيو، اسان سڀ ڏکويل انسان گڏجي سک جي اهڙي وستي اڏينداسين جتي ڪو ڏک نه هوندو، ڪو اهنج ايذاءُ نه هوندو، جتي ماڻهو ۽ ماڻهپي جو مانُ هوندو.... اها وستي اسان ڏکويل ڏکاريل ۽ سماج ترڙيل انسانن کي اڏڻي آهي، هل منهنجي ڌيءَ ته سک جي وستي اڏيون." (آغا، 140،2009)

سندس هيءُ ڊرامو ترجمي کان وڌيڪ طبعزاد جو لطف ڏئي ٿو. هُوبهو ترجمي مان ڪردارن جي داخلي ڪيفيت، جذبات ۽ احساس ختم ٿي ويندا آهن پر سندس هن ڊرامي جي ڪردارن جي داخلي ڪيفيت پوري طرح اُڀري بيٺي آهي. آغا سليم هڪ ڪامياب ڊرامانگار هو، جنهن جو ثبوت سندس تحرير ڪيل ڊراما آهن.

نسب 'موڏو لاڙائي خط' ۾ لکيل آهي جنهن کي صرف وڏي چمار جو پان پڙهي سگهندو ۽ پنهنجي اولاد ۾ به سرف ان کي سيکاريندو جنهن کي هو لائق سمجهندو. هاڻي هن نسب نامي کي اهو ئي رد ڪري جيڪو اهو 'موڏو لاڙائي خط' لکي پڙهي ڄاڻي ۽ ابن سومار کان مٿي جون پيڙهيون ملائي ڏي.

اسانجا جيڪي اديب سومرن کي راجپوت نسل مان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. انهن وٽ نه ابن سومار کان مٿي پيڙهيون مڪمل آهن ۽ نه وري وٽن ڪا پانن جي لکيل روايت به آهي. جيئن ته پان ئي خانداني طور هن روايت جا امين آهن، ان ڪري 'پانن' جو ئي هيءُ نسب نامو تصديق ٿيل آهي. جيئن ته سومرن ڪانسواءِ پانن وٽ ٻين نسلن جا به نسب ناما موجود آهن ۾ ان ڪري هن فن کي ڪنهن لحاظ کان معاشي ڪرت به چئجي ته بجا ٿيندو. هن معاشي ڪرت سان ئي پانن جو روزگار منسلڪ آهي ان ڪري ئي هو ڪنهن کي سيکاريندا ئي نه آهن.

هن نسب نامي کي اهو شخص رد ڪري جنهن کي اها خبر هجي ته اگر سومرا پرمار هئا ته سلطان محمود غزنوي کان اڳ ۾ ڪهڙي پرمار راجا جي حڪومت هئي. ساڳي وقت ڪيس راجپوتن جي رسمن رواجن جي به پوري خبر هجي. پوءِ ويهي ڏسي ته پرمار راجپوتن ۽ سومرن جي رسمن رواجن ۾ ڪيڏو فرق آهي. انهيءَ فرق جي هوندي سومرا پرمار نسل ڪيئن ٿيندا، هن نسب نامي جي اڻهاڻائي سبب ئي سنڌ جي نسب نامن ۾ مغالطا پيدا ٿيا آهن. هڪ ليکڪ ڪنهن جو نسل غلط لکيو ٻئي ان جي ڪتاب تان حوالو کڻي انهيءَ مغالطي کي اڳتي وڌايو. ائين مغالطا وڌندي وڌندي سچ محسوس ٿيڻ لڳا آهن.

پانن پنهنجي نسب نامي ۾ سومرا عرب نسل لکيا آهن. پانن جو حوالو ئي قديم آهي ۽ نسل در نسل لکت ۾ آهي. هاڻي اُهي ڪيئن صحيح ٿيا جيڪي چون ٿا ته اڳيئين دور جي ماڻهن اهي نالا پرمارن مان تبديل ڪري عربي نالا لکيا.

اگر سمات جي نسل کي ڏسون ته انهن ته انهن جا قديم نالا انهن جي نسب نامي مان پانن تبديل ناهن ڪيا ته سومرن جا نالا تبديل ڪرڻ سان پانن کي ڇا ملندو. مثال طور سمن جي نالن ۾ راجا اجيئه پال- راجا پاڳرت، راجا رام، ڏروت، پوچراج وغيره کي ته پانن تبديل نه ڪيو آهي.

سومرن کي جن پرمار لکيو آهي انهن مان ڪن وري انگريز- ٽاڊ جي ڳالهه ڪئي آهي جنهن کي سڀ ڳالهيون راجپوتن جي دربار مان معلوم ٿيون آهن. هونئن به ٽاڊ صاحب راجپوتن جي ڳالهين کي نظريہ ضرورت سمجهي قبول ڪيو آهي.

پرمارن جون 35 نکون آهن. (1) پوچراج، (2) جگڏي (3) سرطان (4) رام (5) گنگداس (6) ڏلها (7) نرا (8) نبا (9) ڪيلهڻ (10) ڪيتا (11) ڏوڏا (12) پارمل (13) ساڏور (14) ورڻ (15) سائوند (16) ڪرن (17) پڇبو (18) ورجانگ (19) اوڏا (20) ساڪلا (21) گونگا (22) ڳيلهوا (23) آسڪن (24) پونر (25) بيڏا (26) سنگراسي (27) ٻاڻ (28) پاڻ پوٽا. (29) اڪا (30) ويرسين (31) لهندا (32) بجيرا (33) سونگل (34) بجا (35) ساک.

پرمارن جون اهي 35 نکون آهن. هن ساڪن يا نکن ۾ ڪٿي سومرن جو ذڪرئي ڪونهي.

سومرن جي نسل ۾ به پنهنجا ڪڙم ۽ نکون آهن. انهن جا نالا هي آهن. (1) ڪياسي (2) حمير (3) حمون (4) طائي (5) سنڪرپيا (6) خفيف (7) مَتو (8) جيئي پوٽا (9) ساجن (10) مرڪندا (11) چنيسر (12) جکرا (13) عمراڻي (14) سهسيا (15) پيان (16) مرزاڻي (17) گاگن (18) مناهي (19) عيسا

# شجرو سومرن جو

محمد حنيف بن حضرت علي ڪرم الله وجهه

↓

محمد عرف احمد

↓

امير جعفر

↓

امير صاحبدين

↓

امير ساهو

↓

ابن سومار

↓

پونگر

↓

دودو (ڪارو)

↓

خفيف (ورهيا)

↓

سراء الدين

- خفيف (لاولد)
- پارمل
  - پتريو دودو
    - خفيف (لاولد)
    - متو (جنهن مان متو سومرا)
    - عمر (جنهن مان عمراڻي سومرا)
    - ڪينئرو
      - طائي (جنهن مان طائي سومرا)
      - محمد
        - عمر
          - چنيسر(1)
      - دودو(2)

### (1) چنيسر (ست پٽ)

- پونگر (جنهن جا پيان سومرا)
- ٻپو (جنهن جا مرڪندا سومرا)
- طائي (جنهن جا خفيف سومرا)
- حمو (لاولد)
- ڪينرو (لاولد)
- جيئو (جنهن جا جيئي پوٽا سومرا
- پيئن

### (2) دودو

- شيخ رهياڻ (ريحان) (جنهن جا جڪرا سومرا)
- گولو جنهن گورچاڻي سومرا
- پيئن
  - حمير
    - خفيف
      - پونگر
        - دودو
          - ڏٽي پسايو(3)
          - ڪياسي (جنهن جا ڪياسي سومرا)
        - چنيسر (جنهن جا چنيسر سومرا)
- مرزو (جنهن جا مرزاڻي سومرا)

## ڏٺي پسايو(3)



کينئرو
محمد
گاگن
(جنهن جا گاگن سومرا)
لٺو
(جنهن جا لٺا سومرا)
سڪريو
(جنهن جا سڪريا سومرا)
حمو
ابراهيم
چنو
راوي
(جنهن جا راوي سومرا)
مرڪندو
محمد
پاري
ماجهي
(جنهن جا
ماجهي سومرا
ساهو
وهيون
مرڪندو
سمهيون
(جنهن جا سمهيا سومرا)
گبر
(جنهن جا گبر سومرا)
پارو
(جنهن جا پارو سومرا
سمسيو
(جنهن جا
سمسيا سومرا
پونگر
حمير
عمر
مبريو
ساهو
متو
ڪرن
بيسوتو
ساجن
قادو
چنو
منروپ
وسند
سجاول
علو

(20) ساهو (21) ونهيان (22) ڇُتا (23) گبر (24) گورجاڻي.

پهرين ڳالهه ته سومرن جا پاڙا پرمار راجپوتن کان ٿورو گهٽ آهن. ٻي ڳالهه ته هي نسل جيڪڏهن پرمار راجپوتن جي هڪ نک هجي ها ته باقي پرمارن جون 34 نکون بچن ها ته انهن مان وري ڪيترين نکون نکرن ها. اهڙي طرح ته راجپوتن جون نکون هزار کن هجن ها. اها ڳالهه به هڪ ثبوت آهي ته سومرا پرمار راجپوتن مان نه آهن.

سومرن جي هنن نکن ۾ سواءِ ٽي- چار نج سنڌي نالن جي باقي سڀ عربي سماج جا نالا آهن. چاڪاڻ ابن سومار به مسلمان هئو ۽ سندس اڳيان پويان سڀ مسلمان هئا ان ڪري سندن نالا به عرب مسلمانن واري سماج مان آهن.

پرمار راجپوت پنهنجي وڏن جا نال اڪثر واپس ڪونه ورائين ۽ ايندڙ نسلن ۾ اهي نالا وري ڪونه ملندا. سومرا ان جي برعڪس نج اسلامي طريقي سان نالا واپس ورائين، جيئن پونگر پهرين، ٻيون، ٽيون، عمر پهريون، ٻيون، ٽيون، چوٿون، لگ پگ ڏودو، خفيف ۽ ٻيا نالا به ائين نمبرن سان واپس ٿيا آهن. اهو به وڏو ثبوت آهي ته سومرا پرمار راجپوت نسل مان نه آهن.

هتي ڪجهه اهڙا سنڌي نج نالا به آهن، جيڪي خواهه مخواه به 'هندو' نسل جا سمجهيا وڃن ٿا. پر آهن ڪونه، اهو ئي سبب آهي جو عرب نسل جي ماڻهن خاص طرح سندن اُهي نالا پنهنجي اولاد تي رکيا. جيئن ڪنڙ شاهه، ڪنڙ شاهه، ٻلهڻ شاهه وغيره. ايئن سومرن ۾ به پونگر، ڏونگر، چنيسر، ڪينٽرو، پيئن اصلي سنڌي نالا آهن.

اجان هڪ ٻي به حقيقت آهي ته سومرا پرمار هجن ها ته، پرمارن جا پاٽ 'ڏان' ونڻ لاءِ سومرن ۾ به ائين اچن ها جيئن پرمارن جي ٻين نکن ۾ وڃن ٿا. جيڪي پرمارن جون نکون هن وقت مسلمان آهن انهن وٽ به اُهي پاٽ ۽ پان ڏان (دان) ونڻ لاءِ وڃن ٿا. پر سومرن جي ڪنهن به پاڙي ۾ نٿا وڃن.

سومرا عرب نسل آهن، انهيءَ ڪري قديم سنڌين وارا چارڻ هن نسل ۾ نه آهن. اِهو سنڌ جو خواهه سنڌ ۾ رهندڙ راجپوت نسل وارن جو مخصوص رواج آهي. پرمار راجپوت ۽ سومرن (عرب نسل) ڪانسواءِ سنڌ ۾ اصلي رهاڪن جو هڪ وڏو ۽ اهم نسل 'سما' آهي. سما بحيثيت ذات جي به موجود آهن ته سمن مان ٻيون ڪيتريون ئي ذاتيون ٺهيون آهن. رسمن مان وجود وٺندڙ هنن ٻين ذاتين ڪي گڏي هڪ نسل 'سماٽ' چئجي ٿو. جڏهن اسين سماٽ چئون ٿا ته ان نسل ۾ 'سمون' به شامل ڪريون ٿا. ڪن محققن سما ۽ سومرا ٻئي سنڌ جا قديمي 'راڄ' رهيا آهن. حالانڪ سومرا قديم راڄ نه آهن پر عربستان کان آيا آهن. جڏهن ته سما يا سماٽ قديمي نسل آهي. پر ڪنهن به طرح سومرا سماٽ جي نسل مان نه آهن.

هي سڀ ڳالهيون ۽ دليل اِهو ثابت ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا ته سومرا عرب نسل مان آهن نه ڪِ پرمارن مان آهن.

◙

"شاعرن جي سپ کان وڏيڪ شاھڪار تخليقن ۾ ھڪ بلند درجي جو آدرشي پيغام ھوندو آھي؛ مستقل عظمت واري اھا شاعري آھي، جنھن ۾ اھڙن جذبن جو اظھار ھوندو آھي. شاعر جو تجربو جيترو وسيع ۽ گھرو ھوندو، سندس شاعريءَ جي اھميت ۽ عظمت اوتروئي ئي زياده ھوندي.

ماضيءَ جي ڪن عظيم شاعرن جي تخليقن ۾ اسان جذبن جي دولت، حقيقت ۾ عميق نظر، ماڻھن جي زندگيءَ جي اھم واقعن جي تصوير ۽ وقت جي تيز سمجھ ٻوجھ ڏسون ٿا.

اڄ مون کي ان کان وڏيڪ يقيني سچائي ٻي ڪابہ ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي تہ ڪنھن سماجي پيغام کان سواءِ، سماجي مسئلن کي چيڙڻ بنان، ڪنھن بہ نظم جي تخليق ممڪن ناھي.... آءٌ اڄ عوام سان ڪلھو ڪلھي سان ملائي ھلڻ جي اھم ضرورت محسوس ڪيان ٿو."

**مرزا ترسون زاده**

رسالو مھراڻ 1975/4ع تان ڪنيل

# شاعري



## اقبال شاهين

جاتي

### غزل

محبت ۾ اونهن جا گهاءَ سَهي ٿي،
خبر ناهي سا دل ڇا قيمت لهي ٿي.

يقيناً جمالِ ڪشش خوب هوندو،
جو دنيا حسينن ڏي ڊوڙي ڪهي ٿي.

اها رمز سهڻا تہ سرڙو گهري ٿي،
تڏهن عشق ڪان ساري دنيا ٺهي ٿي.

پيو چنڊ چمڪي اسان سان گڏجي،
اها جر تي تصوير ڏاڍي ٺهي ٿي.

ڏسي وچ سا يادن جي برسات جانان،
اکين مان جاني نير جلِ ٿل وهي ٿي.

پڪارون ڪري ٿي برن ۾ ٿرن مان،
”هوا کي حسينن جي ڳولا رهي ٿي.“

خوشي جا کي لمحا تہ ’شاهين‘ ماڻي،
سوين سور سيني ۾ جا دل سهي ٿي.

### ترائيل

سونهن ڏسي پيار ڪيم يار ڪيم مال ڇڏي،
عشق سندي آڳ جلي داغ لڳي پاڻ پڇي.
حسن مٿان ساهہ ڏنم يار ڪيم مال ڇڏي،
سونهن ڏسي پيار ڪيم يار ڪيم مال ڇڏي
زلف سندو ڏنگ لڳم يار ڪيم مال ڇڏي،
ديد پري عيد ٿئي يار هلي پاڻ اچي.
سونهن ڏسي پيار ڪيم يار ڪيم مال ڇڏي،
عشق سندي آڳ جلي داغ لڳي پاڻ پڇي.



## خليل عارف سومرو

جوهي

### غزل

جسم هي سنڌ جي مِٽي آهي،
تنهنڪري روح روشني آهي
شاعري جنهنکي شاعري چئجي!
ڪِٿ الئہ سا وجي لِڪي آهي؟
هُن جي تصوير دل جي تختي تي،
جيئن ٺهي آ ٺهي پئي آهي
وِچ وراڪي جيئان ڏئي تجلا،
ڇا الائي تہ ڇوڪري آهي.
هُوءَ تہ ساجن جي سِڪ ۾ گُم سُم آ،
ڇو ڇون ٿا تہ هُو ڇري آهي.
وقت جا پير رُڪجي ويا آهن،
جيئنءَ آرس پيڻ لڳي آهي.
ماءُ ڌرتي شهيد پُٽڙي کي،
پائي ياکر ڏني چُمي آهي
شاعريءَ جو اکر اکر ’عارف‘،
روشني آهي آرسي آهي.

### غزل

مُرڪندي نهارجي، جيءُ کي جيارجي.
هيڪلو اڪيلو، ڪئين پَڪو گذارجي.
سڏ ٻُڌي تہ ڪونہ ٿو، ڪيترو پُڪارجي.
روز جانَ ٿي ٻري، درد کي وِسارجي.
سچ تہ بيٺو نچ سدا، ڪُوڙ کي ڌِڪارجي.
ختم باڻ ٿي وڃي، سِچَ کو اُڀارجي.
عشق جي پناهہ ۾ زندگي سنوارجي.
شهر ويو اجاڙجي، ڳالهہ ڇا پچارجي.
ننڊ مان ’خليل‘، هِن، قوم کي اٿارجي.

**قمر موراڻي**

مورو



## غزل*

منهنجي دل جي اڱڻ جي بهار آهين تون،
ماءُ ۽ پيءُ جي دل جو قرار آهين تون.
تنهنجي اچڻ سان آباد چمن دل جو ٿيو،
گلستانِ حيات جو نکار آهين تون.
گهرَ جي رونق تنهنجي طفيل آئي،
ڪيڏو نہ باوقار آهين تون.
زندگي تنهنجي هميشہ رهي شفاف،
صورت ۾ مثل آبشار آهين تون!
ڏيون محبت ۽ پيار توکي هردم،
جو اسان تحفہ پروردگار آهين تون!
دعائون سڀ تولاءِ تو وقف ڪريان،
زبانِ عام وِ خاص تي بي اختيار آهين تون!
’قمر‘ ۽ ’منور‘ ڪن پلي ناز توتي،
جو انهن جي اکين جو ٺار آهين تون.

## گيت

محبوب مٺا، جي آهن رٺا،
غم نہ ڪر، اي دل غم نہ ڪر!

اکين جي آهي رُنو، دامن جي آهي پِنو،
غم نہ ڪر، اي دل غم نہ ڪر!

رات ويندي، صبح ٿيندو
غم نہ ڪر، اي دل غم نہ ڪر!

روح کي ريلو ايندو، محبت جو ميلو ٿيندو
غم نہ ڪر، اي دل غم نہ ڪر!

پرين ايندا، نال تو نيندا،
غم نہ ڪر، اي دل غم نہ ڪر!

خزان ويندي، بهار ايندي،
غم نہ ڪر، اي دل غم نہ ڪر!

**نياز پنهور**

ڄامشورو



## غزل

پنڌ ۾ آهي پهتي ناهي،
دل جو ڌهڪو جاري آهي.

سارو شهر ئي چرڪيو آهي،
شايد سچ چيو ڪنهن ڏاهي.

توسان منهنجي چاهت ايئن آ،
پياسو ڪو جئن پاڻي چاهي.

هٿ تان ناتو مٽايو تو آ،
دل تان ناتو نہ سگهندينءَ ٻاهي.

هر هر آڏو لنگهندي آهين،
تنهنجي من ۾ آخر ڇا هي؟

## غزل

غلط ڳالهہ مون کاٻہ ناهي ڪئي،
چيو جو بہ دل سو ڏنو مون چئي.

پنيان چو گلائون ڪيائون شروع،
هئا دوست، سامهون ڏين ها چئي.

محبت جو عيوض محبت ڪٿي؟
رڳو درد ورتا اسان دل ڏئي.

اکيان خالي ڪاغذ ۽ خالي پٽو،
وئي هوءَ سڄي ذات ميڙي وئي.

وڇوڙا ڏنائين وڃائي ’نيازا‘،
هئي بيوفا پر هئي بي پئي.

* محمد روحان فهير جي ڄمڻ جي موقعي تي



## گلبدن جاويد

حيدرآباد

### هڪ لاش جو آواز...!

هر ڏينهن هر روز
هي عورتن جا چچريل لاش
مسخ ٿيل چهرا ڳپا ٿيل ڏيل
ڪڏهن پيڪن جي گهرن مان،
ملن ٿا تہ ڪڏهن وري
ساهرن جي گهرن مان
۽ وري روڊن تي
پيل عورتن جا لاش
۽ اڪثر درياهہ ۾ لڙهندڙ لاش
بس لاش ئي لاش ڏسي
ڪير نٿو ڪُڇي
ايڏي وڏي ڪيسَ تي
اڳواڻ عورت؟
هيترين سارين عورتن
جي زندگي ڳهائڻ ۾ پيڙجڻ جو
۽ بي گناهہ مارڻ جو حساب
نہ ٿيون وٺي سگهن؟
ڪٿي آهي سماج؟
جيڪو اسان جي قاتلن رهزنن کي
پڪڙي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي!
اسان جي ناحق خون جو
حساب وٺي سرخرو ٿئي
۽ هين مظلوم عورتن جو
آواز ٻڌجي پوي!!



## سلميٰ پنهور

آسٽريليا

### لفظ لفظ پيڙ

شعر اٿئي يا لُڙڪ- لفظ لفظ ۾ ايڏي پيڙا!

تنهنجي چهري تي اڄ تائين، ڪانہ پسي ٿم مُرڪ،
وِهُہ- امرت جي، امرت وهہ جي، سُرڪ مٿان پي سُرڪ

لڙڪ هئا يا آس هئي ڪا، ڪانہ پئي ڪا ڳُڙڪ،
لفظ لفظ ۾ ايڏي پيڙ- شعر اٿئي يا لُڙڪ!

### ڪٽيل رستا

بنا ٻڌائي هليو وئين
تن تڙپائي هليو وئين
مُرڪ کسي تو لڙڪ ڏنا
روح رُلائي هليو وئين

پند ۾ ها رستا
هَڪَ ڇڏائي هليو وئين
سات ڏنو تو پل ڪن جو
واڳ ورائي هليو وئين
تن تڙپائي هليو وئين!



**نسرين الطاف**
حيدرآباد

## غزل

توانو دل اندر تازو پراڻو پيار جو ناتو،
جيئين سهڻيءَ سان قائم، رهيو ميهار جو ناتو.

خيالن واري گلشن ۾ نہ ڪوئي گند جو تيلو
هوائن سان وفائن جو آهي هڪار جو ناتو.

حقيقت جي لڙائيءَ ۾ ڪڏهن نفرت ڪڏهن محبت،
وٽي بس وار جهڙي آ قلم، تلوار جو ناتو.

ڪڏهن دل کي اڪيلو ٿي، رهڻ آيو نہ آ جڳ ۾
سدائين ساهہ وانگي آ سڄڻ جي سار جو ناتو.

اهو نسرين ٽورو ئي رهيو آهي زماني ۾
ڪچو آ زندگي توسان سچي سنسار جو ناتو.

## غزل

ڪير هوندو هتي ڪير ڄاڻي نہ ٿو
پيار کي ڇو زمانو سڃاڻي نہ ٿو؟

دل تہ آهي اڃان انتظارن اندر
ڪو سنيهو سڄڻ ڀي اماڻي نہ ٿو.

ڏک تہ آهن گهڻا ساهہ جي پاڙ ۾
سک انهيءَ مان ڪٿي ڪوئي ڄاڻي نہ ٿو.

وقت سان سڀ سنورجي سگهي ٿو مگر،
ڪوئي اڄ کي ۽ سمجهي سياڻي نہ ٿو.

تنهنجي وئي زندگي گم ٿي اونداهہ ۾
محبتن جو 'نسرين' ماڻي نہ ٿو.

**سيما عباسي**
ڪراچي

## غزل

جدائي ڏنا ڇو سدا جهير دل تي؟
روئي ٿي پڇي ڪائي تصوير دل تي

نہ ميسارجي هئي سگهي ڪوششين سان،
امر اهڙي اڪريل هئي تحرير دل تي

اکين جا اجاڳا، ايامن کان اجڙيل،
سچا خواب پوڻن ٿا تعبير دل تي

ڪڏهن سمجهہ ڪنهنجي وٺي هوءَ بہ ڪائي،
اچي ڪا ڪيو، اهڙي تدبير دل تي

وفا جي دڳن تي ملي من کي منزل،
ڪٿي اهڙي ملندي ڇا جاگير دل تي؟

قصابن جهڙا ها رويا انهن جا،
ڏني تن زخم ڏيئي پو تڪبير دل تي

نہ واڪا ٻڌن ٿا، نہ درمان ڪن ٿا،
رکن بي حسي ڪا ٿا بي پير دل تي.

رقيبن جي رستن، تي خوش ٿي هلياسين،
محبت جي اهڙي هئي تنوير دل تي.

اهي زعم جي ذات مان ڪٽ ها نڪتا؟
اسان وٽ ظرف جي هئي تقدير دل تي.

قائم الدين قائم ماڇي
لطيف ننگر



## ڪافي

اڇي عشق اڙانگي نئون نينهن لاتو،
ويڙهي سڀ وجود کي پڪو پيچ پاتو.

هنئين نيش نينهن جا بلڪل پچائي،
انهي ڪان عاشق بدن کيئن بچائي،
وڏو نينهن نچائي، رکيم ناحق ناتو.

عشق اندر ۾ چڏيون جايون جوڙي،
ڪري قلب قابو ويٺو ڪيمان ڪوڙي،
ندوري نهوڙي ڪيو اندر آتو.

عجب رنگ عشق جو اصل ڪان جو آهي،
سوين مرد سورهيه چڏي بهادر ڀلائي،
'قائم' پيو ڪهائي، ڪري چاڻ چاتو.

## ڪافي

سٽج سڏ سڀاجها آهيان منجهه اونهي،
ڪرم ڪر تون قادر ٻيو يار ڪونهي.

خطادار آهيان بخش ڪر تون مولا،
ٿين مون ٽڪي جا سفر سات سولا،
ڪيم ڪئين ڪچايون هٺان منهن موني.

ڪر بخش بديون آهيان آسري ۾
لنگهائج لطف سان آهيان تاسري ۾
ڪر معاف مديون، ٻيو پار ڪونهي.

ڪرم ڪر 'قائم' تي ڏيکج تون ڏلايون،
سوالي تي سائين ڀلا ڪر ڀلايون،
ڏيو ڏان مون کي، ٻيو ڏاتار ڪونهي.

قادربخش 'مخلص' چانڊيو
دڙيلو



## غزل

عشق جي پالوٽ سان ڪاجوت جاڳائي چڏيون
همنشين هن بزم اندر، رنگ نئون لائي چڏيون
جا ڪري ڪاري چڏي، ڪيني ڪُدورت دل سچي،
سچ جي صيقل هٽي، سا صاف جرڪائي چڏيون
پاڻ مان ڪو غير چو ٿئي ۽ غير چو ٿئي پاڻ ڪان،
نئين نسل کي غير ڪان، آزادي وٺرائي چڏيون
نعرهء تڪبير سان، الحاد جا ٻاري اڌا،
هت امن، اخلاق جا، ڪي ڳوٺ ورسائي چڏيون
هي ڪيا ٽورن مٿي ٽورا، نه ٽورا سي چئو؟
جي نتا لاهي سگهون، ته به ڳڻ ڀلا ڳائي چڏيون
جو ٿو يارن کي وڇوڙي ۽ ڪري 'مخلص' جدا،
تنهن ڪم ظرف کي ڪُکين مان، ڪانَ ڪڙڪائي چڏيون

## نظم

سور سختيون پيو سهان، سهڻا شفا جي آسري
ڏي دوا ڪا درد جي، آهيان دوا جي آسري
راتيون ساريون مان روئندو پهه پچائيندو وتان،
مهربان محبوب مشفق مَهه لقا جي آسري
هاڻ هو منهنجوئي رهندو ٿي هميشه هم رفيق،
دل ڏني مون آ فقط هن کي وفا جي آسري
ڪونه آيو ڪوبه قاصد قرب واري ڪان ڪَهي،
"ورهيه ٿيا واٽن تي ويهندي بي وفا جي آسري".
هرڪجي ٻئي ڪنهن حسينن تي نه هيرايم هيئون،
دم رهيو تيسين پيو جيئندس دلربا جي آسري
توکي سارينِدا پُوڪاريندا رهن ٿا ڏينهن رات
در مٿي سائل سوين، ساجهر سخا جي آسري
مشڪلاتن مان به مُرڪي، پار ٿي، سي ٿا وڃن،
جي رهن ٿا پنهنجي مالڪ، جي رضا جي آسري
من ڪري ڪا مِهر جي، منڙو نظر 'مخلص' مٿي،
انتظاريءَ ۾ اچان اکڙيون عطا جي آسري



**ساگر علي ميراثي**
نوابشاهه

## غزل

مان جي حسين ناهيان افسانو منهنجو آ،
تون ناز ڀَو ڪرين ڪر زمانو تنهنجو آ.

بيٺو ڪري جو آهي اپ تي اچا اِهو،
چانداڻ وارو چنڊ سو خزانو تنهنجو آ.

توکي ڏسي پيار مان ڀَو ٿري پوان،
تون ڀَو پرين نہ پر سو ترانو تنهنجو آ.

’ساگر‘ ضرورت ۾ شامل آن تون مگر،
چاهين نٿو ملڻ سو بهانو تنهنجو آ.

## غزل

منهنجي دل جو راڻو ڏس،
موتين جهڙو داڻو ڏس.

درد ڏنو تو اڻليو هي،
دل جي چاڪ پراڻو ڏس.

رهندو منهنجو شام صبح،
تولئہ روح ويڳاڻو ڏس.

آندو تولئہ رات سکي،
پرت پريل هي وهاڻو ڏس.

پرديس ڇڏي تون ’ساگر‘ آ،
پنهنجو ديس اباڻو ڏس.



**ياسين ڪنير**
پنوعاقل

## خدا تي ايمان

جنهن جو خدا تي ڪامل ايمان ٿي ويو،
عزت پريو سو بيشڪ انسان ٿي ويو.

جو در ڇڏي ڌڻيءَ جو در غير جي ويو،
ان جو تہ سودو سارو نقصان ٿي ويو.

توحيد ربَّ جي من ۾ جنهن جنهن ويهاري آ،
رحمت سان ڀَرِ اُنهيءَ جو دامانُ ٿي ويو.

جيڪو خدا ڏي آيو جيڪو خدا جو ٿيو،
اُن جو تہ پڪ سان سارو رحمٰنُ ٿي ويو.

درجا بلند اُن جا ٿين ٿا جهان ۾
جيڪو خدا جي نالي قربانُ ٿي ويو.

جنت سِڪي ٿي اُن لئہ سنت تي جو هليو
مدنيءَ مٺي جو جيڪو مستانُ ٿي ويو.

الله پاڪ جو جيئن سهڻو رسولؐ ٿيو
بُوبڪرؓ عُمرؓ، حيدرؓ، عثمانؓ ٿي ويو.

نصرت پَڳي خدا جي ’ياسينُ‘ اڄي ويو،
الله جو اُنهيءَ تي احسانُ ٿي ويو.

**شمس صابر**

روهڙي

## غزل

سَدا سَهڻا لڳن دل کي، سندم دلدار جا سهرا،
مبارڪ يار منٺي مننار، نيٺن نار جا سهرا.

منٺي محبوب ماٺي آ، وصل جي رات اڄ يارو،
فِضا پڻ مسڪرائي پئي، پَسي مننار جا سهرا.

اَيامن کان هئي جيڪا، ٿي پوري آرزو پَل ۾،
وَسن بادل صحرا ۾ رُخ انوار جا سهرا.

نشيلا نيڻ نِرمل جا، مثل مهراڻ ٿلو پاڻيان،
گهٽا گهِرا ۽ پوتر پاڪ، هيئين جي هاڙ جا سهرا.
خوشين دامنُ ڦهلايو، خزان ۾ اڄ بهاڙ آيو،
محو رقص مالهي آ، گُل و گلزار جا سهرا.
ٿيو مشهور مُلڪن ۾ مقدر جو سڪندر 'شمس'،
ڪٽي چشمن تي ڇايا، جنهن سڄڻ سردار جا سهرا.

## قطعو

ظُلمتن جي رات ڪارِي ڪي ٽَڙي،
اَمَن جو سورج اُڀاريو دوستو!

وقت جي آهي ضرورت اڄ وري،
ڏاڍَ جو ڏائڻُ ڏڪايو دوستو!

نفرتن جي آبياري جن آ ڪئي،
تن مڪارن کي مٽايو دوستو!

**فريد گل شاعر**

سجاول

## غزل

دنيا نہ جيئڻ ڏيندئي ماڻهن کي ڇڏي ڏي تون،
دل جيڪو چوي ڪر سو ليڪن کي ڇڏي ڏي تون.

مضبوط ارادن کي ڪمزور نہ ڪر پاڻهي،
رک لڄ مَحبت جي رسمن کي ڇڏي ڏي تون.

اڄ تائين هُو توکي سمجهي نہ سگهيا آهن،
نظرون نہ پڙهي ڄاڻن اهڙن کي ڇڏي ڏي تون.

پنهنجو پاڻ کي تون ثابت ڇو چريو ڪرين ٿو پيو،
معمولي ڳالهين تي بحثن کي ڇڏي ڏي تون.

سالن کان پوءِ هُن کي اڄ ياد 'فريد' آيو،
خطڙي ۾ لکيئين منهنجين غلطين کي ڇڏي ڏي تون.

## غزل

سُتل آ گهر سمورو پر مون وارا نيڻ جاڳن ٿا،
اڃي ٿو ڪو خيالن ۾ ڪنوارا نيڻ جاڳن ٿا.

اکين جي خواب گاهن ۾ ڪري ٿي رقص بيتابي،
رڳو آ جاڳ جو منظر ستارا نيڻ جاڳن ٿا.

هزارين روپ ڌاري ٿي اکين جي شهر جي موسم،
بدلجن رنگ تصور جا نظارا نيڻ جاڳن ٿا.

حياتيءَ جي پيرن کي ٿو رولي مايوسيءَ جو صحرا،
صدين جي پياس ٿي پتڪي اُجارا نيڻ جاڳن ٿا.

اندر جي بيقراريءَ جو پُڌايان توکي عالم ڇا،
ورايان رات پر پاسا ويچارا نيڻ جاڳن ٿا.

هل پارڪ جون هوائون ڪائيندي ۽ ڪافي پيئندي هن کي مون ڪيترا دفعا ڳالهين ڪاڻ ڇيڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن ڇلڪڻ جو نالو ئي نہ ورتو هو. تڏهن مون دل ۾ سوچيو تہ مون کي منجهانئس اهڙي اميد ئي نہ رکڻ گهربي هئي، اَڪن ڪان اَنب گهرڻ وارا بيوقوف هوندا آهن، ۽ مون بہ تڏهن پاڻ کي بيوقوف پانيو هوا

پوءِ الائي ڪهڙيءَ ريت ڪو دلچسپ موضوع ڇڙيو هو. بحث ڇڙيو تہ هوءَ بہ کُلي پئي هئي، ائين جيئن سنڌوءَ جي پَوتر پاٽيءَ جا بند ڀڳا هجن. هن جي گفتار ۽ خيالي پرواز پسي مان دنگ رهجي ويو هوس. حيرت ڪاڏي هئم ان 'پراڻي شئي' تي، جنهن ۾ ايڏو علم ۽ عرفان، ادب ۽ تهذيب جو اَکٽ درياءَ موجزن هو. ان گهڙيءَ هن آڏو مون پاڻ کي حقير ڪک جيان پانيو هو، جو سنڌس وهڪري آڏو لڙهندي ٿي ويو. پر تڏهن بہ لڙهندي لڙهندي مون سنڌس لاءِ عقيدت وچان سوچيو هو، هيءَ قديم شئي پنج هزار سال اڳ بہ تازي هئي ۽ سپان بہ تازي رهندي، وقت جي هر وک هن جي قدامت کي نواڻ ۽ تازگي بخشيندي ۽ هن جي جوڀن کي جيارينديد. هيءَ شئي اَمر هئي ۽ اَمر رهندي. ماکي جيئن پوءِ ٿيئن مٺي!

تڏهن پانيو هوم تہ هن جي مقابلي ۾ منهنجي زندگي تہ ڇڙ ٺوٺ ۽ بنجر ڌرتيءَ جو حصو هئي، جنهن تي اُن پَوتر پاٽيءَ جي پالوٽ ئي نہ ٿي هئي، جنهن کي سنڌس ريج رکيو ويو هو، جنهن ۾ هيل تائين ڪو ساوڪ جو سلو سرجيوئي ڪونہ هو. سوچيم منهنجي حصي جا سلا تہ وچي انهن گسن تي اُيريا جت جت ان پوتر پاٽيءَ جا سهڪار هئا. ڀلا ريج بنا ڌرتي ۽ جوت بنا جيئڻ بہ ڪو جيئڻ هوا

**خيرالنساء جعفري**

رسالي 'مهراڻ' 2-1975/3ع تان کنيل

شبنم گل
حيدرآباد



# شل ڪا ٻاهه لڳئي!

نري ميرواهه جون مُنڊون به عجيب ٿين. ڏينهن گرم ته راتيون ٿڌيون. اڄ به ٻاهه ٿي وسي جڻ ته مٿان بجليءَ جي اچ وڃ بيزار ڪري وڌو هو. مهرالنساءِ جيڪڏهن بجلي نه هوندي ته وڃڻو هٿ ۾ هوندس ۽ اڱڻ ۾ نم جي وڻ هيٺان کٽ تي ليٽي الاءِ ڇا پئي سوچيندي هئي. شايد ڪا ماضيءَ جي ڳالهه ڪو پراڻو ڏک يا ڪجهه به.....

ماڻهوءَ جي سوچ ڪا ٽوروئي ٿي پڙهي سگهجي. انسان جي ذهن ۾ اڻ ڳڻ دنيائون ٿين. هڪ پل ۾ هو ماضيءَ ۾ هوندو ته ٻئي پل مستقبل ۾. مهرالنساءِ جي چهري جي تاثرن مان لڳندو هو ته هوءَ حال جي لمحن مان غائب آهي. هوءَ ان ڏينهن وجود وڃائي ويٺي جڏهن ابي اکيون پوريون. هوءَ پيءُ جي لاڏلي هئي. لاڏلا ٻار وري گهٽ ڪنهن سان ٺهندا آهن. پنهنجي مرضيءَ جي دنيا هوندي اٿن. ٻار کي لاڏ ڏيڻ کيس معذور ڪرڻ جي برابر آهي. مهروءَ کي هڪ ڌيءُ بختاور هئي، جيڪا ڪراچيءَ ۾ ميڊيڪل جي تعليم حاصل ڪري رهي هئي. هاسٽل ۾ رهندي هئي. البت ماما سارسنڀال لهندو هئس. ڪڏهن ڪڏهن پيءُ وٽ به رهندي هئي.

هُو ٻالڻ ۾ ئي پينرون هيون ۽ ڪين ئي پٽ هئا، جن مان هڪ پاڻُ ڪراچيءَ ته ٻيو ڪينيڊا ۾ رهندو هو.

سندس وڏي ڀيڻ فخرو بيواهه هئي. کيس چار ٻار هئا. سندس وڏي پٽ سارنگ کي لاهور ۾ نوڪري ملي هئي. ڪيڏن ڪشالن سان پڙهائي ڪيائين. ننڍيون وڏيون نوڪريون ڪري پنهنجي تعليم جو خرچ پورو ڪندو هو ۽ گهر به ڪجهه پئسا موڪليندو هو. ننڍي ڀاءُ کي به لاهور ۾ پڙهائي رهيو هو. هن هڪ نياڻيءَ جي شادي ڪري ڇڏي هئي، البته ننڍي زهره ميٽرڪ جي شاگرديائي هئي.

مهرالنساءِ جي زندگيءَ جو الميو اهو هو ته هن جي گهر واري ٻي شادي ڪري ڇڏي هئي، جنهن جو کيس سخت ارمان هو.

”شڪر ڪر اولاد اٿئي“. فخروءَ چيس.

”پٽ جو اولاد هجي ها جيڪر“. مهروءَ ڏکيو ساهه کنيو.

”پٽ وري ڪهڙو تاج پارائين ٿا“ فخروءَ ورائيو.

ڪمري مان ٻاهر مرڪندي بختاور نڪتي جڻ ٽاريءَ تي ڪو گلابي گل ٽڙيو.

”امان! منهنجي مٺڙي امڙ“، بختاور کيس پيار سان ڀاڪر پاتي، پر مهروءَ کيس ڪو جواب نه ڏنو ته هوءَ ٿوري ڪومائجي وئي.

”ها ڇڻ ڇا آهي؟“ مهرو سندس خاموشيءَ کي محسوس ڪندي پڇيس.

”امان مون سان ڪراچي هلي رهه نه ته ڊاڪٽر کي ڏيکاريئين، مامي جو گهر آهي اتي رهنداسين.“ لاڏ ڪندي بختاور چيو.

”ها ادي وڃي ڪراچي گهمي اچ نئين سنئين ٿي ايندينءَ ۽ خيال مٽبئي.“ فخروءَ صلاح ڏنس.

”نه ٻاهه ڏيان ڪراچيءَ کي.“ نفرت سان چيائين.

”ڪا وائي ته سٺائي ڪڍ وات مان ڪهڙي گهڙي ڪهڙي ڪا ساعت ڪهڙي“ فخروءَ لفظن جي الر ڪندي چيو.

”ٻاهه لڳيئي تون نه ڳالهائي وچ ۾ سڄو ڏينهن منهنجي ڪڍ ٻاهه ٻاري ڇڏي اٿئي.“ مهروءَ اکيون ڦوٽاريندي چيو.

فخرو سمجهي وئي ته حميد ٻي زال سان ڪراچي ۾ رهي ٿو انڪري ڪراچيءَ کان نفرت اٿس.

مان آسيس پئي ملندي آهي. ان ڪري ٻنهي ڀينرن کي اهو گهر ۽ نم جو وڻ جان کان به وڌيڪ عزيز هئا.

هوڏانهن بختاور کي ماسي فخروءَ مان ماءُ جي آسيس ايندي هئي ان تي مهرو کي ڪاوڙ لڳندي هئي. فخروءَ کي خبر هئي ته بختاور کي سارنگ پسند ڪندو هو. هوءَ به موقعي جي ڳولا ۾ هئي ته سڀ گڏ ٿين ته هوءَ ڳالهه کي اڳتي وڌائي.

شام جو سج ڪڪرن جي لامن ۾ اٽڪيو بيٺو هو، هوا جي جهوٽن تي رکي رکي تارين مان آزاد ٿي مڪمل تاب سان جرڪڻ لڳندو هو، جنهن جو هڪ حصو تلاءَ جي پاڻيءَ ۾ مور جيان رقص ڪرڻ لڳو، پوئين پهر جو سج گهر جي نم جي چوٽين تي سونين والين وانگر جرڪڻ لڳو، بختاور ماءُ جي وارن ۾ هوريان ڦڻي ڏيئي رهي هئي. شايد هن چڱي وقت کان وارن کي ڦڻي نه ڏني هئي. وارن ڇڏائڻ لاءِ بختاور هلڪي سٽ ڏنس ته رڙ ڪيائين.

"شل ڪا ٻاهه لڳئي!"

ان وقت بختاور ماءُ جي وارن مان هٿ ڪڍي اندر ڪمري ۾ هلي وئي. هونئن ته سدائين پئي پٽون پاراتا ٻڌندي هئي اڄ الاءِ ڇا ٿيس جو دل ڀرجي آيس.

"ڏائڻ ڪنهن جاءِ جي رڳو پئي بد شد بڪي. نياڻيءَ کي ائين چئبو آهي ڇا؟" منهن ڦٽائي فخروءَ چيو.

ڳوٺ جا منظر بختاور کي وڻندا هئا ۽ اونداهيون ستارن ڀريون راتيون جن ۾ چلولي ساوڪ جي سُرهاڻ پئي سُر وکيريندي هئي. ان گهڙي رات ۾ جيتن جي جهونگار جا سُر، رکي رکي ٽٽيهر جي ٻولي ۽ چُلهين مان اُٿندڙ دونهين ۾ لڙاٽيل رات جي مانيءَ جو هُڳاءُ ذهن کي خمار ۾ ويڙهي ڇڏيندا هئا. ڳوٺ ايندي هئي ته ڪڏ تي رکيل کٽ تي آهلجي پئي ستارن کي ڏسندي هئي. اباڻي ڳوٺ جا رنگ ئي الڳ ٿين، پر اها رمز هرڪو نه ٿو پرکي.

اڄڪلهه ته ماڻهن اباڻا شهر وساري ڇڏيا.....

لهندڙ سج جا ڪرڻا ساوڪ تي جرڪڻ لڳا ته سائو رنگ تهائين گهرو ٿي پيو. قدمن جي آواز تي چرڪي پوئتي نهارڻ سان سارنگ نظر آيس.

"سارنگ تون؟" حيران ٿي چيائين.

"هاڻ پهتو آهيان. مون کي پڪ هئي ته مٿي سج لهڻ جو لقاءُ ڏسندي هوندينءَ"

سارنگ مُرڪي چيو.

"ها هن ڳوٺ جي سج لهڻ جي منظر جهڙو شايد ڪو ٻيو منظر هجي!" بختاور ماڻ سان ورائيو. سندس ڳلن تي سج جا لهندڙ ڪرڻا ڏسي- ڪيس لڳو هن جي ڳلن تي صوفن جا رنگ وکري ويا هجن جڻ ته ساوڪ هن جي ڳلن آڏو آڻ مڃي ڇڏي. نگاهن ۾ گهڙيون امر ٿي ويون سدائينءَ لاءِ.....

محبت درد جو درمان ٿي پوي ٿي.

محبت اکين سان اکيوت کيڏڻ لڳي، خاموشين جا رنگ تکا ٿي ويا ۽ لفظ پنهنجو حسن وڃائي ويٺا. احساس، احساس سان ائين ملڻ لڳو جڻ، بادل هوائن سان ملندا آهن. گل جي نرم پنکڙين ۾ لڪل ڪو راز هو، جيڪو محبت تي هوريان هوريان ظاهر ٿيڻ لڳو.

بختاور کي ڪراچيءَ جي وڏي اسپتال انٽرويو لاءِ گهرايو هو، انڪري تمام گهڻي خوش هئي، سڀاڻي وڃڻو هئس. رات جو سڀ رڌڻي ۾ گڏجي ويٺا. رڌڻي ۾ گيس سان گڏ چلهه جو انتظام پڻ هو. ڇو ته بجليءَ سان گڏ گيس جي لوڊ شيڊنگ ٿيڻ لڳي هئي، چوڌاري موڙا رکيل هوندا هئا، بجلي نه هوندي هئي ته لالٽين طلسماتي اثر پيدا ڪري ڇڏيندي هئي.

"ماسي! مون جيڪي خواب ڏٺا سي پورا ٿيڻ وارا آهن. نوڪري ملڻ کان پوءِ مان گهر وٺندس جيئن امان مون سان هلي ته پوءِ مان سندس سٺن ڊاڪٽرن کان علاج ڪرائيندس. امان کي خوش رکندس."

خواب نه هئا پوپٽ جا رنگ هئا، درياءَ جون لهرون هيون، آسمان ۾ اُڏامندڙ اڇن پکين جا کنڀ هئا. سندس ڳالهه ٻڌي فخرو مرڪي، پر مهرالنساء خلائن ۾ ڪجهه ڳوليو ٿي. بختاور جو جيءُ جهري پيو.

مهروءَ جي مٺ محسوس ڪري فخرو ٿڌو ساهه ڀريو، ٻالڪپڻي ۾ مهرو زندگيءَ سان ڀرپور هُلر هئي. هوءَ جوانيءَ ۾ تمام گهڻي شوخ ۽ کلڻي هوندي هئي. گهر ۾ سندس ٽهڪ پيا گونجندا هئا، شاديءَ کانپوءِ خاموش رهڻ لڳي. ضرور ڪي مسئلا هوندا پر

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ
حيدرآباد



# زينان

زينان ڪڏهن جاڳندي ته چا، پر سُتي به ڪونه سوچيو هو ته ساڻس انهيءَ ريت دوکو ٿيندو، ظاهري طرح ته انهيءَ دوکي جو سبب ڪنهن به پاسي کان سمجهه ۾ نه پئي آيو. شفق تي قائم ٿيل سندس اعتماد چيهون چيهون ٿي ويو هو، ڪيس خبر ئي نه پئي ته کانئس ڪهڙي خطا ٿي آهي، جو اهڙي ريتن ٿي اٿس. سندن ڪنن ۾ نندِيءَ پيڻ فارينا جا چيل جملا ته، ”ادي خود کي سنڀال سياڻي پڇتائڻو نه پوئي“ تيزاب جيان ٻُرڻ لڳا هئا. هوءَ پاڻ کي تمام خوبصورت ۽ خوب ڏاهي سمجهندي هئي ۽ ٻين کي اهو ميڃرائڻ به چاهيندي هئي تنهن جو بانور لحظي ۾ پورا پورا ٿي ويو. ڪيڏي نه وڏي صدمي مان گذري رهي هئي. هاڻي اڳتي وڌڻ ايترو ته محال هو جيترو پوئتي هٽڻ ’پنهنجي ڪئي جو ويج نه طبيب‘ سندس چپهه ئي چِڄي ويا هئا. هوءَ هڪ اهڙي چوواٽي تي ٽنگيل هئي، جتي پهچي سندس سڀ گس گهيڙ بند ٿي ويا هئا. شفق جي ياءُ ڪيس ڪٿي به منهن ڏيڪارڻ جي لائق نه ڇڏيو هو. لڙڪن جو هڪ سيلاب هو جو نه چاهيندي به پئي وڏيو ۽ سندس وهاڻي کي پُسائيندو رهيو.

هوءَ انهيءَ ڏينهن کي پاراتو ڏيڻ لڳي جنهن ڏينهن شفق سندس ساهيڙي ٿي هئي. نئين نوڪريءَ جو آربر خوشيءَ سان ڪٽي جنهن اسڪول ۾ پهتي اهو هڪ صفا نئيو اسڪول هو، جتي ٻار گهٽ ۽ ماستريائيون وڌيڪ هيون، سي پڻ کانئس عمر ۾ وڏيون هيون هوءَ ته اڃان انٽرميڊيئيٽ ڪري آئي هئي. سندس عمر ئي ڪل اوڻيهه سال هئي. ٻئي ڏينهن رجسٽر تي حاضري لڳائيندي زينان جي ملاقات شفق سان ٿي جا هن اسڪول ۾ ڪجهه سال اڳ آئي هئي.

هن سرڪاري اسڪول ۾ شاگرديائيون سڀ گهڻي ڀاڱي غريب ۽ وچولي گهرن جون هيون، پر ته به صاف سٿريون ۽ پڙهائڻ جو شوقين هيون. زينان کي اسڪول ۾ نوڪري ڪرڻ جو تجربو سٺو لڳي رهيو هو. ٻارن کي دل سان پڙهائڻ لڳي. هوءَ پاڻ به سٺو تيار ٿي ايندي هئي، صفائي پسند ته شروع کان هئي ڇوڪرين کي به سٺي صاف سٿري ٿي اچڻ جو چوندي هئي. ايئن زينان جي ڪلاس جا ٻار پڻ سندس وانگر جرڪندا پيا هئا. رسيس ۾ سڄو وقت شفق سان ڪچهريءَ ۾ گذرندو هئو. سندس دل چاهيندي هئي ته اسٽاف جي ٻين ٽيچرز سان پڻ ميل جول رکي، پر شفق جڻ ڪيس پنهنجي ملڪيت سمجهي ڇڏيو هو. هوءَ ڪنهن کي به سندس جي ويجهو اچڻ نه ڏيندي هئي. پاڻ زينان جي فري پيريڊ ۾ پڻ پنهنجو ڪلاس ڇوڪرين جي حوالي ڪري اچي ساڻس ويهندي هئي. سندس لاءِ ڪاڏي پيتي جون شيون گهرائي دوستيءَ کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. زينان کي ڪاڏي پيتي جي ته ذري به لالچ ڪانه هئي، پر لحاظ ۾ ڪجهه چئي نه سگهندي هئي ۽ هوءَ ظاهري طور قرب به گهڻو ڏيکاريندي هئي. زينان جيتري خوبصورت هئي اوترو ئي عقل ڪُڙيءَ ۾ هئس، اهو ڪونه سمجهي سگهي ته آخر شفق سان سڄو اسٽاف ڪٽيل ڇو آهي؟ ۽ هوءَ ڇو ٻين سڀني سان گڏ ويهڻ پسند نٿي ڪري؟ ۽ فقط هِن جي پٺيان ڇو آهي؟ ڪڏهن ڪڏهن ڪيس محسوس ٿيندو هو ته اسٽاف ٽيچرز ساڻس ويجهو اچڻ چاهين ٿيون، پر شفق ڪيس مهلت ئي ڪانه ڏيندي هئي، جو ڪنهن سان ڪٿي دُعا سلام ئي ڪري. صبح جو شفق کانئس اڳ حاضري رجسٽر وٽ سندس انتظار پئي ڪندي هئي ۽ موڪل مهل پڻ هِن کان پوءِ ويندي هئي. اهڙيءَ ريت ريت شفق ۽ سندس ساٿ مظبوط ٿيندو ويو ۽ زينان پڻ شفق کان سواءِ هڪ پل گذارڻ پسند نه ڪندي هئي. ڳالهين ڳالهين ۾ ڪيس اها به خبر پئي ته شفق جو والد وفات ڪري ويو

فيصل ته خود ٻار هو، جو گهر سنڀالي سگهي، سو سؤنن مڙيئي دلجاءِ ڏنس سندن چوڻ وٽي رب جي رضا تي رهي ڪجهه سيبو ٽوپو ڪري پئي وقت ڪٽيندي هئي، پاڙي وارا ڏاڍي عزت ڪندا هئس.

زينان اٺن ٻن هئي ته سندس پيءُ گذاري ويو هو، سندس پيءُ کيس ڏاڍو پيار ڪندو هو. اجايا لاڏ ڪوڏ ڪٽي کيس ضدي پڻ ڪري ڇڏيائين شڪل جي موچاري ۽ رنگ جي اڇي هئي کيس ڪپڙو لٽو به ڏاڍو ٺهندو هو. جيڪو ڏسندو هئس سو سڪينه کي اهوئي چوندو هو ته، "ڌيءُ ته چوڏهين جو چنڊ اٿيئي الله شل نصيب به اهڙو سهڻو ڏيس." زينان کي پنهنجي صورت ۽ سونهن تي فخر ٿيڻ لڳو. سندس ملڻيون به اچڻ لڳيون هيون پر پٽس جي بيماريءَ سبب ماڻس ڪٽي ڳالهائي ئي ڪونه سگهي هئي. هاڻي ته اهڙا حالات ئي ڪونه هئا. هوءَ ملول رهڻ لڳي. پيءُ جي وفات سان سڄو گهر ڄڻ پُري پڇي ويو. نيٺ سڪينه اوڙي پاڙي جي چئڻ چڳين سان حال اوريو ته زينان کي ڪا نوڪري ملي. ترت ئي هڪ حيثيت واري جي چوڻ سان زينان کي ويجهي اسڪول ۾ نوڪري ملي ويئي، جتي ٻن سالن کان پوءِ فارينا کي به نوڪريءَ جو آرڊر مليو ۽ فيصل پڻ ماسيءَ جي گهر رهي ڪراچيءَ ۾ پڙهڻ لڳو. هاڻي سڪينه جو فڪر ڪجهه گهٽ ٿيو، بس هڪ ئي فڪر هئس ته نياڻين جي لاءِ سٺا سڱ اچن ته پنهنجي فرض مان فارغ ٿيان، پر قدرت کي شايد ڪجهه ٻيو منظور هو چوندا آهن "هڪڙي بندي مَنَ ۾ ته ٻي ڪري الله" سو زينان هوڏ ۽ لاپرواهيءَ ڪري پاڻ لاءِ ڏچو پيدا ڪري ڇڏيو.

هڪ ڏينهن شفق اصرار ڪري کيس گهر وٺي ويئي. سندس ماءُ ڪنهن شاديءَ ۾ ويل هئي. زينان، شفق جي ڪمري ۾ پلنگ تي ويهي ٽي. وي ڏسڻ لڳي. اوچتو شفق جو ڀاءُ ڪمري ۾ داخل ٿيو، زينان شفق کي گهڻائي سڏ ڪيا، رڙيون ڪيون، پر اهو ٿيو جو نه ٿيڻ ڪپندو هو. شفق جي دوستيءَ ڪانئس حياتيءَ جي وڏي پونجي کسي ورتي. جڏهن شفق ظاهر ٿي تڏهن ڪانئس پيرين پئي معافيون ورتائين کيس قسم ڏنائين ته ڪنهن کي نه ٻڌائج نه ته تنهنجو ئي نقصان آهي، پر زينان جو ته هر حال ۾ نقصان ئي نقصان هو. بيواهه ماءُ ۽ ڀاءُ کي ڪهڙو منهن ڏيکاري. پاڻ کان ننڍيءَ ڀيڻ سان ڇا اندر اوري. روئي پٽي گهر پهتي. ماڻس ننڊ پيئي هئي. سڄي رات روئيندي رهي. پنهنجو پاڻ کي ختم ڪرڻ جو سوچيائين، پر پوءِ نيٺ دل ٻڌي فارينا سان ڳالهه ڪيائين. هوءَ عمر کان ته وڏيڪ سمجهدار هئي کيس ڄاڻ هئي ته پاڙي جو هڪ شريف ڪمائو ۽ شڪل صورت ۾ پورو سارو ڇوڪرو عمران زينان ڀيڻ کي چاهي ٿو ۽ ماڻٽي ڪرڻ لاءِ نياپو به ڏنو هئائين. سندس ماءُ ۽ هوءَ پاڻ هن سڱ تي راضي به هيون سو زينان کي به سمجهائي راضي ڪجي ۽ هونئن به زينان وٽ هاڻي ڪا پسند يا ناپسند جي ڳالهه ڪونه بچي هئي ۽ فارينا سڄو شاديءَ جو ڪم همٿ ۽ بردباريءَ سان اُڪلايو جلدي زينان ۽ عمران جي شادي ٿي ويئي.

زينان جو فخر ۽ غرور ته مٽيءَ ۾ ملي ويو هو. سندس سمجهدار ڀيڻ هن جو گهر آباد ڪرائي ڇڏيو کيس ايترو ته سبق حاصل ٿيو جو سڄي حياتي عمران جي خدمت ڪندي گذاريائين. دل ۾ اها خلش ضرور پيدا ٿيندي هئس ته عمران کيس تمام گهڻو اعتبار ۽ پيار ٿو ڏئي تنهن کي انهيءَ حادثاتي واقعي کان آگاهي ڪريان، پر ڀيڻس کيس قسم ڏيئي روانو ڪيو هئس ته، "ڀُلجي به ڪڏهن اهو ذڪر زبان تي نه آڻجانءِ" هڪ سال اندر کيس پياري سهڻي نياڻي نويره پيدا ٿي. جڏهن نرس کيس چنڊ جهڙي حسين نياڻي هنج ۾ ڏني تڏهن سندس سهڻي مُک کي چُمندي پڪو عهد ڪيائين ته نويره کي ڪڏهن به 'زينان' ٿيڻ نه ڏينديس.

جڻ ساهه ڇڏائجندو محسوس ٿيو. مايوسيءَ جي ڪُن ۾ ٻوڏانيون کائڻ لڳس، پر اها ڪيفيت گهڻي دير نہ رهي. پاڻ کي سمجهايم تہ اڃان سوير آهي، هوءَ دير سان ايندي، پوءِ مون ٻوڙڻ شروع ڪيو، پر پير ئي نہ ٿي ڪڇيا. هر چڪر کان پوءِ ڪرسيءَ تي اميد ڀري نظر وڌم پئي، پر هوءَ نہ هئي. هن جي هڪ مُرڪ مون کي ڪنهن ڪم جو نہ ڇڏيو هو، نہ ٽهلڻ ۾ مزو ٿي آيو، نہ ننڊ ٿي آئي، نہ ڪنهن سان ملڻ تي دل ٿي چيو عجيب من ۾ اُڻ تُڻ هئي. آهستي آهستي پارڪ ۾ رش وڌڻ لڳي، ڦيرا وڌڻ لڳا. هن جي ڪرسيءَ کي پنهنجي نظر مان ڪڍيم ئي نہ پئي، پر هوءَ نہ آئي. مان بہ ساڻو ٿي آخر اچي ڪرسيءَ تي ويهي، اکيون بند ڪري سڪون وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، تڏهن ئي ڪا کُڙڪ ٿي، اکيون پٽي ڏسان تہ ساڳي ديد ساڳي مُرڪ سامهون. مون کي خبر ناهي تہ آس پاس جي ماحول کان بي خبر ڪيتري دير تائين مان هن کي ڏسندو رهيس. مان پنهنجي چريائپ کي ڪو نالو بہ تہ نہ ڏئي سگهيس. هوءَ بہ ڏسندي رهي، مرڪندي رهي. همت هن ۾ بہ نہ هئي ۽ همت مون ۾ بہ نہ هئي. ڪجهہ مهينا اهو سلسلو هلندو رهيو، ڪڏهن خوشي ڪڏهن اداسي. جڏهن اکين پڪ ڪئي ۽ مُرڪ سان راحت ملي تہ هڪ ڏينهن اوچتو هوءَ ڪرسيءَ تان اٿي مون ڏي آئي ۽ اشارن اشارن ۾ ڳالهائڻ لڳي، مون هن جي اشارن واري زبان سمجهي پئي، ”تون آخر آهين ڇا، تنهنجي دل ۾ ڇاهي، ٻڌائين ڇو نہ ٿو.“ منهنجا تاڪ لڳي ويا، هوءَ گونگي هئي. ايڏي سُندر ڇوڪري گونگي هئي. مان ڪجهہ گهڙيون ڪيس حيرت سان ڏسندو رهيس. هوءَ بہ پنهنجي همت تي حيران هئي، جڻ پنڊ پهڻ ٿجي وئي هئي. مون مُرڪي ڏنو ۽ هن جو هٿ جهلي ورتو. مون ڪيس سندس ئي اشارن واري ٻوليءَ ۾ ڪيس چيو: ”مون کي همت نہ ٿي هئي، مان توسان پيار ڪيان ٿو.“ ڇو تہ مان بہ گونگو هئس.

## نئون ڪتاب




ڪتاب: سنڌي ادب تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو

ليکڪا: ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

قيمت: 550/- روپيا

تعداد: 1000

ڇپائيندڙ: محمد موسيٰ ڀيلائي اڪيڊمي حيدرآباد

**مير سجاد اختر ٽالپر**
ٽنڊو جان محمد



# پن ڇڻ پُڇاٽان........

سپر هاءِوي تي نيري ڪار ۾ عابد، مهراڻ گروپ طرفان ڳايل پنهنجو گيت وڏي آواز سان ٻڌندو پئي آيو. اڄ ئي عابد کي ريشين ايمبيسيءَ مان پنهنجو پاسپورٽ ڪڍڻو هو، جيڪو هفتو اڳ، ايمبيسي ۾ جمع ڪرائي آيو هو، آندراپوف جي دعوت تي وڃڻو هئس. هونئن به هاڻي عابد وٽ گهمڻ ڪانسواءِ ڪو خاص ڪم نه هو، هُو ڪراچيءَ ۾ بندر روڊ وٽان گهُمي، عبدالله جي هارون روڊ تي چڙهيو ته سامهون ايندڙ حنا تي نظر پيس جيڪا تڪي تڪي وڃي رهي هئي. حنا کي ڏسي عابد هڪدم ڪار ليفٽ ڏانهن انڊيڪيٽر ڏيئي گاڏي بيهاري گاڏي تان لهي حنا کي سڏ ڪيائين.

"حنا........ حنا.........."

حنا پنهنجي پٺيان ڪنهن کي سڏ ڪندي محسوس ڪيو ته هلندي هلندي ئي ڪنڌ ورائي ڏٺائين ته عابد کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏسي، بيهي رهي. عابد ويجهو ايندي چيو:

"هيلو."

"هيلو."

"اوهان هتي....!"

سجاد حيرت وچان پڇيو.

"ها....بس!"

حنا وراڻي.

عابد پڇيو:

"ڪيڏانهن پيا وڃو؟"

حنا آهستگي سان وراڻي:

"گهر...."

عابد اهو لفظ ٻڌي ڇرڪيو.

"گهر!!!"

"هونئن...."

"هتي ڪڏهن کان لڏي آيا آهيو....؟"

"چار سال ٿيا آهن...."

"۽ نويد....!؟"

"طلاق ٿي ويئي اٿم...."

"ڇا....؟؟"

عابد کي ائين لڳو ڄڻ ڪا نازڪ شيءِ هٿن مان ڇڏائجي، زمين تي ڇناڪ ڪري، ڪِري ٽٽي پئي هجي.

"آئون هلان ٿي مون کي دير ٿي ٿئي."

"آئون ڇڏي ٿو اچان...."

"نه نه.... آئون پاڻهين هلي وينديس...."

"اڃان پراڻي نهڪر واري علات نه ڇڏي اٿئي."

"نه اهڙي ڳالهه نه آهي، هتي ويجهو ئي گهر آهي، آئون پنڌ ئي هلي وينديس، اوهان خوامخواهه پريشان ٿيندئو."

"نه، آئون پريشان ڪونه ٿو ٿيان.... اچ....!"

حنا، عابد ڏانهن نهاريو، جيڪو وڏي پاٻوهه سان، ڇيلهه کي ٿورو خم ڏيئي، حنا کي ڪار ڏانهن وڃڻ جو اشارو ڪري رهيو هو.

حنا، عابد جي انهي اسٽائيل تي مُرڪي پئي ۽ ڪار ڏانهن وڌي ويئي، عابد هڪدم اڳيان وڌي ڪار جو اڳيون دروازو کولي چيو:

"گيٽ دَ سيٽ، اي پرٽي وومين."

گاڏي هلندي، ٿوري دير پئي خاموش رهيا، شايد ڳالهه شروع ڪرڻ لاءِ لفظن جي اڳياڙي ڳولڻ ۾ رُڌل هئا.

"هي ڪيڏانهن پيا وڃو....؟"

حنا، عابد کي صدر ڏانهن ويندي ڏٺو ته پڇيو: "آئس ڪريم کائڻ."

"حنا، حرا کي جهٽڪ ڏني، حرا ڇنيي ملڪ ٿي ويئي.

"حنا ڪيترو روڪيندينءَ.....؟ اهو سوال ته هنن جي ذهن تي هميشه رهندو....."

"پليز..... اوهان مون سان انهي موضوع تي وڌيڪ نه ڳالهايو.....!!"

حنا ناگواري لهجي ۾ عابد کي چيو، سندس موڊ به آف ٿي ويو هو.

عابد حنا کي وڌيڪ ڏکوئڻ نٿي چاهيو سو نندڙين کي خرچي ڏيئي، ٻاهر نڪري آيو، ڪار ڪاهي رشين ايمبيسي وارن کان پاسپورٽ ڪٽي، هوٽل تي هليو آيو ۽ هوٽل جي ڪمري ۾، پنهنجو پاڻ کي صوفي تي ائين اُڇلايائين ڄڻ ڪي ڪوهين ڏور کان پنڌ ڪري آيو هجي.

"ٽرن..... ٽرن..... ٽرن....."

ٽيليفون جي گهنٽي ڪافي دير وڄندي رهي، گهنٽي جي وڄڻ ڪري، عابد خيالن جي دنيا مان واپس اچي ويو.

"هيلو....."

"سر، اوهان سان بخاطر شاهه ڳالهائڻ ٿو چاهي....."

"نه..... ان کي چئو ته ڪنهن وقت فون ڪري....."

"جيءُ سر....."

اهو بخاطر شاهه ئي هو جنهن سان گڏ هن کي آندراپوف ڏانهن وڃڻو هو، هن سگريٽ دُکائي پيتو.

"اڄ جي حنا ۽ پهرين واري حنا ۾ ڪو به فرق ڪونهي..... وقت ڪيڏو نه بيدرد آهي ڪيئن نه گذري ويو آهي، جواني مان پوڙهپ جو سفر ڪيئن نه جلدي طيءِ ٿي ويو آهي، ماڻهو چون ٿا ته وقت هر شيءِ کي ميساري ڇڏي ٿو، پر مون کان ته حنا هڪ پل به وسري نه سگهي آهي....."

"حنا، نويد جي گهر ۾ ڏاڍي خوش هئي، عابد اُن جي خوشي ڏسي، پري هٽي ويو، ايترو پري ڪي، متان هن جي پاڇولي پوڻ سان، حنا جو گهر نه تباهه ٿي وڃي ۾ ايترو سيڪجهه ڪندي به تڏهن به سيڪجهه وڪري ويو هو، عابد جي ذهن ۾ سڄي رات يادن جا سلسلا هلندا رهيا ۽ صبح جو سوير ئي، حنا جي گهر ڏانهن نڪري ويو، هن کي ڄاڻ هئي ته حنا 9 وڳي ڊيوٽي تي هلي ويندي، تنهنڪري صبح جو ستين وڳي اچي حنا جي فليٽن اڳيان گاڏي پارڪ ڪيائين، بيل وڄايائين ته حرا اچي در کوليو.

"ڪير آهي گڏي.....؟"

حنا رڌڻي مان ئي پڇيو..... شايد نندڙين جو ناشتو پئي تيار ڪيائين.

"انڪل.....!!"

حرا ٿورو ڏاڍيان چيو.

حنا ڪچن مان ٻاهر نڪري آئي، هوءَ سادي لباس ۾، نندڙاڪڙين اکين ۽ کُليل وارن سان بيحد خوبصورت لڳي رهي هئي، عابد ڪجهه گهڙيون ته ڏسندو ئي رهجي ويو.

"اوهان.....!!"

حنا گهڙيءَ ۾ ڏسندي چيو.

"جيءُ....."

"اچو....."

حنا چيو.

"نيرن پئي ٺهي ڇا.....؟"

عابد ڪچن مان ايندڙ خوشبوءِ کي سونگهڻ جي اسٽائيل ۾ پڇيو.

حنا مُرڪي چيو:

"ڏاڍو تيز نڪ اٿئو....."

عابد وراڻيو:

"خوشبو ئي اهڙي پئي اچي، اهو نيرن ضرور هنن پونيون پڌل ٻلڙين لاءِ ٺهندي هوندي."

حنا وراڻي:

"اوهان ويهو منٽ ۾ آئون نيرن ٺاهي وٺان ٿي....."

عابد، زهره ۽ حرا ڏانهن هليو آيو.

"منهنجي پين آهي....."

"ڪونهي..... ڪونهي..... ڪونهي.....، ممي مون کي وٺي ڏني آهي....."

"آئون ممي کي ٿي چوان....."
حرا جيئن ڊوڙي، حنا ڏانهن ڀڳي ته دروازي تي بيٺل عابد سان ٽڪرائجي ويئي، زهره کِلڻ لڳي.
"انڪل، زهره گندي آهي..... مون کي..... پين، او هو "آڱر سان اشارو ڪندي" نه ٿي ڏي"
"آئون گندي ڪونه آهيان..... تون گندي آهين."
"تون آهين....."
"تون آهين....."
"گندي..... گندي.....گندي....."
حرا چاپارا ڪيي، زهره سان وڙهڻ لڳي.
عابد وچ ۾ پوندي چيو:
"اڙي..... اڙي..... نه حرا نه..... ڀيڻ وڏي آهي..... ائين ٿوري ڪبو آهي."
"پوءِ انڪل، مون کي پين چو نٿي ڏي.....!"
"هل....، هيٺ هلي....، بلڪل زهره جهڙي پين وٺي ٿا اچون..... پوءِ پاڻ ٻه زهره کي ڪونه ڏينداسين.....!"
"ها انڪل، هلو....."
"ممي....، آئون ۽ انڪل زهره جهڙي پين وٺي اچون.....!"
حرا ڪچن جي دروازي وٽ بيهي حنا کي چيو.
عابد حنا کي اکين ۾ منٿ ڪئي ته نندڙيءَ کي انڪار نه ڪري، حنا ڪجهه دير عابد کي ڏسندي رهي، جنهن جون اکيون ڳاڙهيون لال هيون ۽ منهن ٿوٽڙ هئس، حنا ائين محسوس ڪيو ته عابد، سڄي رات شايد سُتو ڪونه آهي.
"ممي.....!!"
حرا، ماءُ جي ايپرن کي لوڏيندي وري پڇيو.
"يلي..... پر جلدي اچجو..... ۽ حرا انڪل کي وڌيڪ تنگ نه ڪجئين....."
"ها ممي....."
اڳتي هلي دروازي وٽان حرا، عابد کان هٿ ڇڏائي، ڊوڙي اچي حنا کي ڀاڪر پائيندي چيو:
"ٿئنڪ يو ممي، ممي تون ڏاڍي سٺي آهين....."
حنا، حرا کي پيار ڪندي وراڻي:
"منهنجي راڻي، توکان گهٽ....."
حرا، حنا کي چُمي ڏيندي چيو:
"ٿئنڪ يو ممي.....!!"
عابد ۽ حرا نڪري ويا، دوڪان فليٽن جي ڀر ۾ ئي هئا عابد حرا کي جهولي ۾ کڻيو پئي هليو.
"گڏي پيو ممي وٽ ڪير ڪير ايندو آهي.....؟"
عابد لولي پاپ حرا کي ڏيندي پڇيو.
"آنٽي صبا، آنٽي هما، آنٽي شمع واريون ايندون آهن آنٽي شمع مون کي جام پيار ڪندي آهي، ڏاڍي سٺي آهي ۽ پيو اوهان ايندا آهيو....."
حرا لولي پاپ جي پين لاهيندي وراڻي.
"يلا، ديدي ڪونه اچي چا.....؟"
عابد، حرا کان پڇيو.
"نه انڪل..... ابو گندو آهي، اسان وٽ ڪونه اچي، اوهان..... اوهان نه ان کي چئجو ته حرا جي ڪِٽي اٿس..... حرا آهي نه..... گندن ماڻهن سان ڪانه ٿي ڳالهائي....."
ٿوري ساهي وٺي، ".....انڪل..... چوندئو نه.....!!"
حرا جڻ تصديق لاءِ، عابد کان پڇيو.
جيڪو حرا لاءِ، زهره جهڙي پين وٺي چڪو هو ائين ئي ٻئي ڳالهيون ڪندا واپس فليٽ تي پهتا.
"اڙي پولڙي..... لولي پاپ کائين پئي ۽ هاڻ ماني ڪير کائيندو.....؟"
حنا، حرا کي لولي پاپ کائيندي ڏٺو ته چيو.
"انڪل.....!!"
حرا، عابد جي ڳل تي آڱر رکي چيو.
"جلدي جلدي اسڪول ڊريس پائي وٺو، اسڪول بس اچڻ واري آهي....."
حنا هڪدم، ٻنهي کي تيار ڪري اصل گڏي ڪري ڇڏيائين، سندن ٿيلهن ۾ لنچ باڪس رکيائين مس ته بس هارن ڏنو، ٻئي ڄڻيون باءِ باءِ ڪنديون ٻاهر نڪري ويون، حنا بالڪونيءَ وٽ وڃي بيٺي، جيستائين زهره ۽ حرا بس ۾ ڪونه چڙهي ويون.

بس جي وچڻ کان پوءِ، حنا پنهنجن ڳليل وارن جو جوڙو ٺاهيندي وراڻي:

"ڪالهه واري رويي تي....."

عابد، حنا جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي وراڻيو:

"ڪهڙو رويو.....؟ پنهنجن سان نه وڙهبو ته ٻئي ڪنهن کي چئبو آهي."

حنا، عابد ڏانهن نهاريندي چيو.

"اوهان واقعي مائينڊ نه ڪيو آهي.....!!"

"نه ته، هونئن ته تنهنجي ڪهڙي ڳالهه مائينڊ ڪندو هئس جو ڪندس."

"ڇو.....؟؟"

"الائي....."

"هاڻ مون کان چاهيو ڇا ٿا.....!؟"

"اها ڳالهه حنا تون خوب ڄاڻين ٿي....."

"پر..... پر..... عابد وقت تمام اڳتي نڪري ويو آهي، هاڻي ته ..... سڀڪجهه وڪري چڪو آهي....."

"وڪريل کي ٿي ته ميڙڻ لاءِ رب پاڪ کي ملايو آهي....."

"عابد، هڻ ڦٽيا، ملندئي ڪجهه ڪونه....."

"مون کي اڄ به توکانسواءِ ڪجهه به نه گهرجي....."

"اڃان عابد ايتروئي چاهين ٿو.....!!"

"وسري ڪڏهن هئين، جو آئون تنهنجي چاهت کي ڪا نئين معنيٰ ڏيئي سگهان....."

"ڏس، عابد، تون اڳ به ڪو فيصلو نه ڪري سگهيو هئين ۽ اڄ به تنهنجي اڳيان تنهنجن پنهنجن ٻارن جو مستقبل آهي..... عابد دنيا رڳي دلاسن تي نه هلندي آهي."

"حنا، اٿين به ڪونهي، ٻار وڏا آهن، گهر واري گذاري چڪي آهي، ٻهرين ته تنهنجي مجبوري هئي، هاڻ ته آزاد آهين ۽ اڄ به اٿين پئي چوين..... حنا منهنجو مستقبل تو سوا ڇا هو ۽ ڇا آهي.....؟ اهو ته تون ڄاڻين ٿي نه.....! پوءِ به آخر مون سان ايتري رنجش ڇو آهي.....؟"

"رنجش.....! ڪا به نه..... نه ٻهرين هئي..... نه هاڻ آهي..... عابد ٻهرين به زندگي گهارڻ لاءِ ڪوڙي سوڙي سهاري جي ضرورت هئي، رنجشون ۽ خوشيون ته اهي ڪندا آهن، جن کي ڪا پٽ هجي، جنهن جو ڪو اجهو يا آسرو هجي اسين عابد نڌڪيون هيونسين، سي ڪهڙيون رنجشون ڪنديونسين....."

حنا تقريباً روئڻهارڪي ٿي پئي هئي.

ڪجهه دير ٻئي خاموش رهيا.

"هاڻي ته فيصلو حنا تنهنجي پنهنجي هٿ ۾ آهي، منهنجي جهولي اڳ جيان..... اڄ به تنهنجي اڳيان ڦهليل آهي.....!!"

عابد، حنا کي التجا ڪندي چيو.

"عابد، هاڻ عمر ڪونهي ڪي فيصلا ڪجن، جيڪو ٿيو سو قسمت جو کيل سمجهي قبول ڪرڻو پوندو. هاڻ توهان پنهنجي زندگي جي رستي سان آهيو ۽ آئون پنهنجي.....!

هاڻ بس زندگي گهارڻي آهي..... گهڻي گذري ويئي آهي، باقي به گذري ويندي....."

حنا ڄڻ پنهنجو حتمي فيصلو ٻڌائي ڇڏيو هجي.

عابد حنا جي ويجهو ايندي چيو:

"منهنجو ڏوهه ڪهڙو.....؟ جو منهنجي سزا اڃان به ختم نٿي ڪرين....."

"عابد..... عابد..... تون سمجهڻ جي ڪوشش ڪر، هاڻ هرويرو تنهنجو گهر ڀڃندو..... نه..... آئون قطعي ائين نٿي چاهيان....."

عابد صوفي تي الهي پيو، سڄو جسم پگهرجي پيس.

"عابد، عابد، عابد....."

"پ..... پ..... پا.....ڻ .....ڻي.....!"

عابد جو آواز ڄڻ پاتالن مان آيو هجي، حنا ڊوڙي پاڻي کڻي آئي پر تيستائين عابد حنا کان ڪوهين ڏور وڃي چڪو هو، جتان اڄ تائين ڪو به واپس نه آيو آهي.

حنا ڊاڪٽر کي فون ڪيو، ڊاڪٽر پهچڻ شرط ٻڌايو "سوري مئڊم هي وڃي چڪو آهي، هارٽ اٽيڪ ايتري مهلت ئي نه ڏنس....."

حنا، عابد کي ڏسندي رهي، جنهن جون ڳليل اکيون ڄڻ اڃان تائين حنا جي انتظار ۾ هجن.

**غلام رسول پرهياڙ**
ميرپوربٺورو

# تاريخ

امجوءِ هوٽل ۾ اچڻ سان بئنچ تي ويهندي مونکان پڇيو، ”بابا سائين، اڄ ڪهڙي تاريخ آهي؟“

آءٌ اخبار پڙهي رهيو هئس. اخبار ۾ تاريخ جانچي بي دليءَ سان چيم، ”ڏهين.“

هُو به ان هوٽل تي چانهه پيئڻ ايندو آهي، جتي آءٌ پيئندو آهيان. پاڻ ڳائڻ وڄائڻ واري گهراڻي سان تعلق رکي ٿو، انڪري منجهس عاجزي ۽ نِوڙت حد درجي جي آهي. جنهن سان به ڳالهائيندو ته انڪي بابا سائين چئي مخاطب ٿيندو. ڳالهين جو ڳهير آهي، اهڙي جاڙي هٿندو جو وجي ٿيا ست خير. آءٌ ساڻس گهڻو گهرو ڪونه ٿيان. اڳ ۾ ٿورو حجائتو ٿيس پوءِ ڦاسجي ويو هئس. ڪڏهن چوندو، ”سائين، ”چانهه جي اڌڙي پيار.“ ڪڏهن چوندو، ”ڏهه رو پيا ڏي“ اجا به سندس جيڪا ڳالهه خراب لڳندي اها هيءَ ته پاڻ چرس پيئندو آهي. چانهه پي چرس جو سگريٽ دڪائيندو، پوءِ هٿندو ڦوڪون. آئون سگريٽ ڪان پنج وکون پري ڀڄان، چرس واري سگريٽ جو دونهون هيڪاري ڏکيو لڳي. وري جي اخبار پيو پڙهندس ته اچي ڳالهين ۾ پوندو. سندس قصا ڪَنڻ جا نه هوندا. چوندو، ”آءٌ بڻيادو فنڪار آهيان. منهنجو مرحوم پيءُ شيرل، خانصاحب ڳائڻو هو. هن جهڙو باجو ڪنهن نه وڄايو. ان سان گڏ ڳائيندو هئس، ساڙهي پائي گهنگرو ٻڌي نچندو هئس. شهزادو جوان هئس. پيسن سان ڪيسا ڀريا پيا هوندا هئا. هاسيڪار حيدرآباد فلمون ڏسڻ ويندو هئس، جيڪا نئين فلم لڳندي هئي اها ڏسندو هئس. مانڻ ويٺا هئا ڪهڙي پرواهه.“ ائين چئي قميص جو ڪالر درست ڪرڻ لڳندو. ڪيڏي مهل بي سُري آواز سان مهدي حسن جو ڳايل ڪو غزل جهونگاريندو. گلي جو حال ڪونهيس، انڪري لڳندو نڙي ۾ ڪا شئي ڦاٿل اٿس. سندس ڳالهيون منهنجو اخبار تان ڌيان هٽائي ڇڏينديون ته بيزار ٿي پوندو آهيان. انڪري منهن ڪونه ڏيانس. گهڻو پيو وچڙندو ته وڌ ۾ وڌ ڪنڌ لوڏي هاءُ ۾ هاءِ ملائي جان ڇڏائيندو آهيان. ان ڏينهن مونکان تاريخ پڇي وري هيو سوال ڪيائين، ”تاريخون حڪومت ٺاهيندي آهي بابا؟“

”واهه سائين واهه. ڏسو نه حڪومت ڪيترا سُٺا ڪم پئي ڪري. اسان لاءِ تاريخون پئي ٺاهي.“

مونکي سندس اها ڳالهه دلچسپ لڳي. پنهنجي عينڪ جي ٿلهن شيشن مان مٿس نگاهه وڌم. هن نڙيءَ کي ياڄ ڏيئي هٿ هلائي وڏي جهيلار سان چيو، ”الله جو قسم بابا!“

امجوءَ جي ان چوڻ تي مونکان ٽهڪ نڪري ويو.

◙

# لوڪ ادب



ولي محمد وفا هوت
چرواڻ

## بيت

(ڏينهن)

**چنڇر** چڪ پرين لئي، ويتر وئي وڌي،
سور سينجريا سڄڻ جا، رهه رهه دل رڌي،
مڃ منٿ مسڪين جي، صفا ڳالهه سڌي،
پيهر ڪر ٻڌي، پرين پنهنجي پيار ۾.

ايرندي ڏينهن آچر جي من ڪيو ماتم،
دلبر تنهنجي در جو خاص آهيان خادم،
مان ڳولو تنهنجي ڳولن جو، تون 'هوت' منهنجو حاڪم،
پيچ پڪو پاتم، هردم دوست حبيب سين.

**سومر** سڪ سڄڻ جي، ساهه وڌو ساڙي،
روئان ڳوڙها رت جا، ڳلن تان ڳاڙي،
اوڏو ٿي عجيب تون، پرين اچ پاڙي،
پرين وچ پاڙي، ڪيل وعدا 'وفا' سان.

**اڱاري** ڏينهن اوهان لئي، باس هيم باسي،
ڪانگل مون کي ڏي اچي، خبر ڪا خاصي،
عجيب مون ايري تي، ڪر ڪَهل ٻه قياسي،
پرين لئي پياسي، هردم دلڙي 'هوت' جي.

**اربع** ڏينهن اوهان لئي اڳڻ اُجاريان،
وفا وڻ واهڻ جا، مڙئي واسايان،
سڄي جُوءِ جاني لئي، عطر اوتايان،
تول وهاڻا تڪيا، سيجون سجايان،
ويجهو ويهاريان، راڻا توکي روح ۾.

خاصي ڏينهن **خميس** جي، ويهي نهاريم واٽ،
لڳي سختي ساهه کي، اندر منجهه اُساٽ،
بره باهه ٻيڙ ٿي، دود دُکيا دونهاٽ،
روز ڪيان ريهاٽ، ملڻ لئي محبوب جي.

ڏسندي ڏينهن **جمعي** جي ٿيا سُوڻ ٻه سوايا،
ڪيل عرض عاجز جا، ڪٽي آکي اڱايا،
پرين پير پريت جا، گهر ۾ گهمايا،
ٿيا لايا سجايا، وريا ورق وصال جا.

•••



**معمور يوسفاڻي**
عمرڪوٽ

# پرولي، ٽوڪ، هنر ۽ ٻول*

’پرولي‘ لفظ ’پروڻ‘ مصدر مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي پوئڻ، پوچ ڪرڻ وغيره.

پرولي لفظ اصل ۾ ’پروئيل‘ آهي، جيڪو پروڻ مصدر مان نڪتل فعلي صورت ”اسم مفعول“ آهي، جيڪو ’پروئيل‘ مان ’پروئل‘ ۽ پوءِ ’پروئلي‘ ٿيو، جنهن مان ’پرولي‘ بڻيو آهي.

پروئلي يا پروليءَ مان مراد آهي، اها شيءِ جيڪا مالها وانگر پوتل هجي، جنهن ۾ گهڻا مڻيا (مڻڪا) يا گهڻيون لڙهيون هجن.

هيءُ مضمون هونئن ته ”آڏيءَ“ سان ملندڙ آهي، پر گهاڙيٽي ۾ ان کان مختلف آهي.

’آڏيءَ‘ ۾ هڪ مصرع يا ٻه مصرعون (ٻه ٽڪون) هونديون آهن، پر پروليءَ ۾ ٻن کان وڌيڪ مصرعون يا لڙهيون هونديون آهن.

ڪي پروليون ٻن مصرعن واريون به هونديون آهن، پر انهن ۾ وري گهڻن لفظن يا گهڻين معنائن جي لڙھ هوندي آهي، جيئن ”ٻڙ پروليءَ“ ۽ ”پريت پروليءَ“ ۾ آهي. ٻي طرف پروليءَ جو اهو قانون آهي ته ان جي ’ڏيٺيءَ‘ يا ’پيڇيءَ‘ مان ڪلہ هڪ لڙھ جي شڪل ۾ هجي، جيئن ’پلر پرولي‘، ’ٻگ پرولي‘، ’پور پرولي‘ ۽ ’پانڌ پروليءَ‘ ۾ آهي.

’پروليءَ‘ جا مختلف روپ هيٺين طرح آهن.

(1) پلر پرولي (2) ٻگ پرولي (3) پور پرولي (4) ٻڙ پرولي (5) پريت پرولي، (6) ڏٽ پرولي (7) پانڌ پرولي

## پانڌ پرولي

هن قسم جي پروليءَ جي ڏي- وٺ انهن سان ٿيندي آهي، جن سان ’پانڌ‘ اٽڪندو آهي يا پانڌ ٻڌبو آهي.

هن ڏِس ۾ پرولي ڏيڻ واريون، ڪنواريتن جي طرف جون عورتون هونديون آهن ۽ پڇڻ وارا گهوٽيتن جي طرف جا ڪي سڄاڻ يا سگهڙ مرد هوندا آهن. جيڪي جهيمڻ جوڙيندا آهن.

هن قسم جي پرولين ۾ ’جهيمڻ‘، ’ڪٽ‘، ’واٽ‘ ۽ ’سيج‘ وغيره ٻڌيون وينديون آهن، جن سڀني ۾ ”جهيمڻ ٻڌڻ“ خاص رسم آهي. جنهن جي ٻڌڻ لاءِ توڙي جوڙڻ لاءِ ڪئين نمونا هوندا آهن.

’جهيمڻ‘ جي معنيٰ آهي ’ڪاٺو‘ ۽ اهو تڏهن ٻڌبو آهي، جڏهن ڄاڃي چٽي ۾ ويٺل هوندا آهن ۽ ’ڪاٺو‘ سندن اڳيان رکيو ويندو آهي. هو اڃا هٿ نه وجهن، ڪاٺي ڏي هٿ مس وڌائيندا، ته ڪاٺو آڻيندڙ عورتون گيت ڳائينديون، هيٺين طرح جهيمڻ ٻڌنديون آهن.

## جهيمڻ ٻڌڻ:

آيا ’ڄاڃي‘، ٻلي آيا، ڏسيون ڏوري، هلي آيا!

---

• مرحوم محمد عمر ’معمور‘ يوسفاڻي صاحب جو علمي ۽ ادبي پورهيو گهڻ رُخو آهي. جهڙيءَ طرح سندن نثر ۽ نظم ۾ ڪتابن جو تعداد 80 کن آهي، تهڙيءَ طرح سندن سهيڙيل ۽ سرجيل لوڪ ادب جو مواد به 5-4 ڪتابن جيترو آهي. پاڻ لوڪ ادب اسڪيم ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي سڏ تي پراڻي ٿرپارڪر ضلعي جي لوڪ ادب جي تمام گهڻي سهيڙ ڪري ڏنائون. لوڪ ادب جي شايع ٿيل گهڻن سارن ڪتابن ۾ اها سهيڙ موجود آهي. معمور صاحب جو نالو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي A- ڪيٽيگري جي سُگهڙن ۾ شامل هو، پاڻ جهمور جو آواز، ملوڪن جي مجلس، ساٿيهہ جا سينگار ۽ سُگهڙن جي بين پروگرامن ۾ لوڪ ادب جي مختلف صنفن کي پيش ڪندا رهيا، ساڳي طرح ريڊيو پاڪستان ڪراچي ۽ P.T.V تي پڻ ڪافي لوڪ ادب جا پروگرام ڪيائون. پاڻ پنهنجي دور جي نمائنده سُگهڙن جا دوست ۽ ڪچهرين جا ڪوڏيا هئا. پاڻ هڪ محقق جي حيثيت سان لوڪ ادب جي صنفن تي پڻ لکيائون. سندن انهيءَ مواد مان سندن فرزند محترم ڪرم الله يوسفاڻي تماهي مهراڻ لاءِ خصوصي طور مواد موڪليو آهي. جيڪو سندن شڪريہ ادائي سان مهراڻ ۾ سلسليوار شايع ڪريون ٿا. هي ان سلسلي جو چوٿون مضمون آهي. (ايڊيٽر)

(8)

جاڏو جبل جهڙو، جبل بہ ناهي
سير ڪري ملڪن ۾، سياح بہ ناهي
پاٽي ڪٽي پاڻ سان، اجيو بہ ناهي
ٽڏي ٽڏي چانوَ سندس، وڻ بہ ناهي
ڪارو ڪارو ڏونهين جهڙو، جبل بہ ناهي
اڇو اڇو ميٽ جهڙو، ميٽ بہ ناهي
ڪجي تہ ڪنبائي، شينهن بہ ناهي
بيهي نہ ٿو هڪ هنڌ، بال بہ ناهي
جواب: (20، 20، 200)

(9)

ڳلئي راڳ سريلا، گويو بہ ناهي
نچي ٽپي ناز مان، نينگر بہ ناهي
ڦوڪجي تہ وڏو ٿئي، بال بہ ناهي
ڦوڪڻ سان ڦاٽيو پوي، ڦوڪڻو بہ ناهي
چار ڄنگهون پڇ ڊگهو، سانڊو بہ ناهي
پڇ بنان پسار ڪري، ٻانڊو بہ ناهي.
جواب: (4، 10، 4، 200)

(10)

گول گول چاهي جيان، چاهو بہ ناهي،
ڏاڙهي اٿس مڙد جيان، مڙد بہ ناهي،
ويس اٿس گيڙو پر صوفي بہ ناهي،
پريل آهي پاٽيءَ سان، ڪلي بہ ناهي،
پنا اٿس ڪميءَ جهڙا، ڪُمي بہ ناهي.
(جواب: 50، 1، 200، 10، 30)

## ابجد جي ڳڻپ

| ابجد | هوز | حطي | ڪلمن |
|---|---|---|---|
| ا: 1 | ه: 5 | ح: 8 | ڪ: 20 |
| ب: 2 | و: 6 | ط: 9 | ل: 30 |
| ج: 3 | ز: 7 | ي: 10 | م: 40 |
| د: 4 | | | ن: 50 |

*****

| سعفص | قرشت | ثخذ | ضظغ |
|---|---|---|---|
| س: 60 | ق: 100 | ث: 500 | ض: 800 |
| ع: 70 | ر: 200 | خ: 600 | ظ: 900 |
| ف: 80 | ش: 300 | ذ: 700 | غ: 1000 |
| ص: 90 | ت: 400 | | |

## ڏٺ پروليون

ڪاٺي ڪڙايو نہ ڪري، وني ڪري نہ وڏاڻ،
پاڳ نہ سونهي سرتي، سٽڻ ٻٽي مياڻ.
جواب: ورڪونهي

تارن ميڙ تہ ڏسجي، سوڍو سنگ نہ ڏي،
راهي منزل ڪان پري، گاڏي گس مٽي.
جواب: واٽ ڪونهي

فوج نہ روڪي ٿي رهي، راڻي راڄ ڪري،
حاڪم پردو نہ ٿيو، صاحب سيءَ مري.
جواب: ڪوٽ ڪونهي

مرد وانيو ٿي رهيو، مدعي ڪيئن مَجي،
پٽواري پٽيل ڪان، ٿو واريو ڊل وٺي.
جواب: ليک ڪونهي

ڏڻ نہ مليو ڏٽي ڪي، هَٽُ نہ ٻَٽُ ڄڏي،
چيلهہ نہ چٽي سُور ڪان، دلڙي ننڊ ڪري.
جواب: داڳ ڪونهي

چرٽي لوهہ نہ وڍيو، هاري هر نہ وهي،
ونيءَ وَر نہ قبوليو، موٽيو ڄڃ وڃي.
جواب: لاڳ ڪونهي

ڏوڙي ڏوڙيءَ نہ جهلي، گهر پڻ آهي گرم،
ڪبوتر ڦبي رهيو، عاشق منجهہ الم.
جواب: دري ڪونهي

لاري مٽي نہ چوڪ ڪان، ڏگ نہ ڏڪ هنيو،
راهہ نہ رٿ قبول ڪئي، رلي راڄ ويو.
جواب: هٽ ڪونهي

ملهہ نہ وڙهيو ملهہ سان، ٿو حشمت ساڻ هلي،
سگهڙ سوڪڙي نہ ڏي، ليکو نہ ڳڻجي.
جواب: جوڙ ڪونهي

گاڏيءَ چاڪ چگو ٻلو، هرگز ڪين هلي،
ڏرتي واندي گهر اڳيان، پوڪي نہ سگهجي.
جواب: پٽو ڪونهي



سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ جي هدايت موجب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
جي مزار تي سيد سڪندر علي شاهه (سيڪريٽري)، ڊاڪٽر اسد ’جمال‘ پلي، تاج جويو، ڊاڪٽر
فياض لطيف، ڊاڪٽر الطاف جوکيو، ارشد بلوچ، عنايت بلوچ، نفيس احمد ناشاد، غلام حيدر ڪچي،
كم علي چانڊيو، اياز سومرو ۽ حافظ احمدالدين انڍڙ گلن جي چادر چاڙهي دعا گهُري رهيا آهن

[06-04-2022]





سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ جي صدارت هيٺ بورڊ آف گورنرس جي اجلاس ۾ سيد سڪندر علي شاهه (سيڪريٽري) ۽ بورڊ جي معزز ميمبرن: ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ، ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو، ميڊم نذير ناز، ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، ڊاڪٽر ڪريم احمد خواجه، سيد شبير شاهه ’هاتف‘، ڊاڪٽر اسد ’جمال‘ پلي ۽ محترم مختيار ملڪ شرڪت ڪئي

[12-4-2022]



سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ بورڊ جي ملازمن سان ڪارڪردگيءَ جي حوالي سان ميٽنگ دوران

[12-4-2022]




سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف آرٽ اينڊ ڊزائين شعبي جي شاگردن جي سنڌي ادبي بورڊ جي
دؤري دؤران نڪتل ڪجھ تصويرون

[20-05-2022]



## نامياري چترڪار ڊاڪٽر سعيد منگيءَ جا ناهيل آرٽ جا شاهڪار نمونا







اعليٰ حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ‘طالب الموليٰ’ پنهنجي مختلف النوع علمي، ادبي، قومي، تعليمي ۽ ثقافتي خدمتن جي سلسلي ۾ جا شهرت، دوام حاصل ڪئي آهي، اهائي سندن تعارف لاءِ ڪافي آهي. سندن محبوب ۽ جامع صفات شخصيت ۽ فن، ڪنهن بہ رسمي تعارف جا محتاج ناهن.

جيستائين سندن فني مقام جو تعلق آهي، افسوس آهي جو اڄ تائين ڪنهن بہ ناقد محقق ان متعلق علمي ۽ فني لحاظ سان تنقيدي جائزو نہ ورتو آهي؛ ڪنهن بہ اهل قلم، سندن فن جي خصوصيات تي بحث نہ ڪيو آهي. ورنہ سندن شعرو شاعري، سنڌي ادب ۾ جو مقام حاصل ڪيو آهي، اهو ائين نظرانداز ڪرڻ جهڙو ناهي. هن قسم جي مختلف النوع اصناف تي مشتمل رنگين ۽ دلنشين، فڪر انگيز ۽ رقت خيز، روان ۽ دوان، چست ۽ برمحل، پختہ ۽ شستہ ڪلام اگر يورپ تائين پهچي ها تہ پوءِ هوند ڪيٽس ۽ بائرن جي جمالياتي شاعري سان مقابلي ۾ اڇي ها. ذوق جماليات جي لطيف ڪان لطيف خيالات، واردات، ڪيفيات ۽ حسيات جي عڪاسي ۽ ترجماني جا حضرت طالب الموليٰ جي ڪلام ۾ موجود آهي، ان جو مثال نئو ملي سگهي. نہ فقط پاڻ ڪلاسيڪي اصناف، دوهي، بيت، ڪافي ۽ وائيءَ کي نئين سر اوجر ڏيئي، ان جي پراڻن قدرن ۽ پراڻن معيارن ۾ جديد فن ۽ جديد ماحول جي اثرات کي سموهيو اٿن، پر ان سان گڏ، تغزل جي صنف ۾ بہ پنهنجي جدت افڪار ۽ جدت فن سان استادانہ اضافو ڪيو اٿن. سندن ڪلام جو مجموعي تاثر، ذوق جماليات جي تشڪيل بہ آهي، تہ انسان جي اخلاقي قدرن جي تڪميل بہ آهي؛ سندن ڪلام ۾ زبان جي سلاست ۽ رواني‌ءَ سان گڏ، بيان جي رنگيني ۽ شيريني بہ آهي. اهل دل ۽ اهل نظر لاءِ خيال آفريني ۽ نڪتہ طرازي بہ آهي. زباندانن لاءِ سنڌي زبان جي لغوي صحت ۽ درست استعمال لاءِ نادر مثال بہ آهي، ۽ منجهس خيالات جي افاديت سان گڏ، محاورات ۽ اصطلاحات جو وافر ذخيرو بہ موجود آهي، ۽ هڪ صاحب ذوق ۽ شعر فهم جي اعليٰ ۽ اُچي شعري معيار جي تسڪين لاءِ جاذب نگاهہ عنصر بہ آهي.

**مولانا غلام محمد گرامي**

رسالو ‘مهراڻ’ 1969/1ع تان ورتل

# متفرقه

صرف ٿورن لفظن کان سواءِ سمجهاڻي ئي ڏيندو آهيان ته جيئن شاعر پاڻ ان طرح شعر ۾ ڦيرڦار ڪري. ان جو مطلب هي آهي ته تجربو حاصل ڪري، نه ته پرائي آسري تي رهي اڳتي ترقي گهٽ ڪري سگهندو.

4. اوهان اصلاح بابت لکڻ کان هرگز هرگز نه گهٻرائيندا ۽ نه ڪي حجاب ڪندا.
5. آءٌ اصلاح جي اهڙين ئي دشواز گذار رستن مان لنگهيو آهيان ۽ لنگهي رهيو آهيان.
6. جيڪو به اصلاح ڪريان ٿو اهو مڪمل اصلاح نه سمجهڻ گهرجي مڪمل اصلاح ڪو استاد ڪندو.

هاڻي اوهان جي غزل جو هڪ هڪ شعر لکندو ۽ ان ۾ اصلاح ڪندو يا اصلاح بابت تشريح ڪندو ويندس. اميد آهي ته ان سمجهاڻي موجب پنهنجي غزل کي اوهان پاڻ ئي درست ڪري وري مون ڏي موڪليندا ۽ ان بعد آخري راءِ لکي موڪليندس. اهو طريقو اگرچه ڊيگهه وارو آهي مگر منهنجي نظر ۾ بيحد مفيد آهي. ان شاءَ الله الرحمٰن ته انهي طرح اوهان کي ڪافي کان زياده مهارت حاصل ٿي ويندي.

مطلع آهي ته:

مسرت کي دل مان ڌڪاري ڇڏيوسين
رڳو فرطِ غم سان گذاري ڇڏيوسين

مطلع جي پهرين مصرع درست آهي. ٻي مصرع به وزن جي لحاظ کان صحيح آهي مگر مفهوم غلط آهي. يعني مطلب هي ٿو نڪري ته فرطِ غم سان گذاري ڇڏيوسين ۽ هاڻي وري خوش ۽ بهار آهيون. پهرين مصرع جو مطلب آهي ته دل مان مسرت کي هميشه ڪاڻ ڌڪاري ڇڏيوسين. تنهنڪري ٻي مصرع ۾ مفهوم اهڙو هجي جنهن جو مقصد هن طرح ٺيڪ ڪپي ته غم سان گذاري رهيا آهيون، "ڇڏيوسين" جملو ٻڌائي ٿو ته اهو غم وارو زمانو ختم ٿيو. تنهنڪري پنهنجي مرضي سان مطلع جو مفهوم درست ڪريو. ٻيون شعر هن طرح آهي ته:

ميارون تون مُردَن تي کهڙيون رکين ٿو
جڏهن پاڻ جيئري ئي ماري ڇڏيوسين

ڏاڍو سٺو شعر آهي، ڏاڍو پسند آيو. مگر پهرين مصرع ۾ "تون مردن تي" جي جاءِ تي "پلا هاڻ" آڻڻ گهرجي، ڇو ته "مردن" جمع آهي ۽ ٻي مصرع ۾ لفظ "پاڻ" واحد آهي. ٻيو ته ٻي مصرع ۾ لفظ "ماري" مٿئين "مردن" لفظ جو مفهوم به ادا ڪري ڇڏي ٿو. هن طرح شعر زياده زوردار ٿيندو ته:

ميارون پلا هاڻ کهڙيون رکين ٿو
جڏهن پاڻ جيئري ئي ماري ڇڏيوسين (خوب)

اگرچه مٿئين شعر ۾ يار سان ئي شاعر مخاطب آهي ۽ هر ڪو اها ڳالهه سمجهي ٿو. تاهم شعر ۾ "يار" جو لفظ اچڻ هيڪاري وڌيڪ آهي. ائين اهو خيال ضرور رکجي. مثلاً "هاڻ" جي جاءِ تي لفظ "يار" آڻڻ سان مسئلو حل ٿي وڃي ٿو. پر "هاڻ" لفظ ڪيبو ڪونه. ڇو ته ان لفظ ۾ زور آهي.

شعر نمبر 3:

سنڌ واٽ کي پنهنجي لڙڪن سان ڌوئي
۽ پنبڻن سان ان کي ٻهاري ڇڏيوسين

واٽون هميشه ٻهاربيون آهن، ڌوئبيون ڪونه آهن؛ تنهنڪري ان شعر مان ڌوئڻ جو مفهوم ۽ لفظ ڪڍي ڇڏڻ ڪپي. شعر جي ٻي مصرع درست آهي.

شعر نمبر4:

اسان پاڻ لهرين ۾ لڙهندا رهياسين
اوهان کي تہ آخر ڪناري ڇڏيوسين

ان شعر جي ٻي مصرع ۾ ”ڪناري“ جي بدران ”اُڪاري“ لفظ وجهڻ کپي تہ عمدو شعر ٿي پوندو. اهڙا موقعا بہ ڪيئي ٿيندا آهن، ڪنهن کي اُڪارڻ وارو پاڻ لهرن ۾ پيو لڙهندو آهي. جو تہ هو پاڻ فدا ڪري ٻي کي بچائيندو آهي.

شعر نمبر5:

ٻلا ناخدا جو پروسو رکون چو
جڏهن خود کي موجن سهاري ڇڏيوسين

ان شعر ۾ ”موجن“ ۽ ”سهاري“ لفظن جي وچ ۾ ”جي“ لازمي طرح اچڻ گهرجي ۽ ”پَرَوُسو“ جي بدران سنڌي محاوري موجب ”پَروَسَو“ لکڻ گهرجي. جو تہ روزمره جي زبان ۾ بہ ” پَرَوُسو“ جي بدران ”پَرَوُسو“ ئي لفظ ونندا آهيون ۽ اهو غلطِ عام آهي، تنهنڪري ان کي صحيح سمجهڻ گهرجي. ”غلطِ عام“ ۽ ”غلط عوام“ ان موضوع تي اميد تہ ڪنهن ٻي موقعي تي تفصيل سان لکبو. شعر کي درست اوهان ڪريو مگر مثال طور ”آءٌ“ بہ لکان ٿو تہ هن طرح اهو شعر هئڻ کپي تہ:

ٻلا ناخدا جو رکون ”پَروَسَو“ چو
جڏهن پاڻُ هُن جي سهاري ڇڏيوسين

اهو صرف سمجهاڻي لاءِ لکيو اٿم. اهو شعر ئي بهترين ٿيندو آهي، جنهن ۾ روزمره جي زبان ۽ محاورا وغيره ڪم آيل هجن.

شعر نمبر6:

نصيحت لئي آيو جڏهن ميڪده ۾
اتي شيخ کي ٻي پياري ڇڏيوسين

پهرين مصرع ”لئي“ جو الف گم ٿو ڪرڻو پوي، اهو نہ ٺيڪ ڪپي. اتي لفظ ”لاءِ“ يا ”لئي“ اچڻ کپي، اهڙي طرح جو ”ء“ جو اچار بہ زبان مان نڪري ۽ ”شيخ“ جي بدران ”واعظ“ يا ”محتسب“ جو نالو هئڻ کپي. جو تہ نصيحت ڪرڻ لاءِ اهي ئي ٻئي حضرت چٽا ٿيندا آهن. ٻيو تہ پوئين سٽ ۾ لفظ ”شراب“ يا ”مي“ جو بہ اچڻ گهرجي. اگرچہ ”پياري“ مان ساڳيو مفهوم ادا ٿئي ٿو. اهو شعر هن طرح هئڻ کپي:

نصيحت جي لئي اوچتو آيو واعظ
تہ ان کي بہ مي مان پياري ڇڏيوسين
(شعر درست پاڻ ڪندا)

شعر نمبر 7:

جڏهن يار پنهنجي تو دل تان ٻلايو
تڏهن پاڻ پنهنجو وساري ڇڏيوسين
(خوب)

”ٻلايو“ لفظ اردو زبان جو بگڙيل لفظ جو استعمال نہ ڪجي. جڏهن اسان وٽ پنهنجو لفظ ”وساريو“ موجود آهي ۽ ٻيو تہ لفظ ”تو“، ”يار“ ۽ ”پنهنجي“ لفظن جي وچ ۾ آڻڻ کپي تہ گرامر موجب غلطي نہ ٿيندي. اهو شعر هن طرح هجي تہ:

جڏهين يار تو پنهنجي دل تان وساريو
تڏهن پاڻ پنهنجو وساري ڇڏيوسين

هيو تہ ”جڏهين“ جي بدران ”جڏهن“ لکڻ کپي. هروڀرو ”ي“ کي زور تي حزف چو ڪجي، جڏهن ”ي“ کان سواءِ بہ نہ لفظ ۾ ۽ نہ مفهوم ۾ فرق پيدا ٿئي ٿو.

شعر نمبر 8:

وهي نير جنهن ڪر ڏنو تيل جو
هزارن چراغن کي ٻاري ڇڏيوسين

مٿئين شعر جي پهرين مصرع ۾ وزن جي بہ عظيم غلطي آهي. يعني اوهان غلط لکي رهيا آهيو ”فعولن فعولن فعولن فعولن“ جي وزن تي پر انهي سٽ جو وزن ٿئي ٿو ”فعولن فعولن فعل“ تنهنڪري وزن پوري ڪرڻ لاءِ لفظ ”اڄ“ وجهڻو پوندو، تڏهن وزن پورو ٿيندو. هيو تہ ان ئي مصرع ۾ ”وهي“ جي بدران ”وهيو“ آڻڻ کپي. درحقيقت نير (پاڻي) تہ باهہ وسائيندو آهي ۽ هت آهي ٻارڻ جو ذڪر. ان ڪري اها مصرع ئي بدلائي ڪنهن ٻي مفهوم ۾ لکو ۽ پاڻ لکو، آءٌ نٿو لکان.

شعر نمبر 9:

ڪناري تي پهچي پڇن هڪ ٻئي کان ٿا
تہ ثابت ڪي ڪنهن جي پناري ڇڏيوسين

مٿين، مصرع ۾ لفظ ”ٿا“ وڌيڪ آيل آهي. وزن وڌي ٿو وجي اهو يعني وزن ٿيندو ”فعولن فعولن فعولن فعولن فعو“ جو سراسر غلط آهي ”ٿا“ ڪڍي ڇڏڻ سان وزن بہ درست ٿو ٿئي ۽ مطلب بہ ساڳيو ۽ صحيح ٿو رهي. هيو تہ ان مصرع ۾ اهو ظاهر ڪيل نہ آهي تہ ڪير ٿا هڪ ٻئي کان پڇن. تنهنڪري نئين مصرع لکو ۽ اهو واضح ڪريو تہ ڪير ٿا هڪٻئي کان پڇن.

اوهان جو غزل مٿيون اوهان جو ئي هٿ اکرين لکيل آهي جو موٽائي ٿو موڪليان تہ ان تي نظرثاني ڪريو تہ مٿان لکڻ ۾ ئي ڪا اوهان کان غلطي تہ نہ ٿيل آهي ۽ مٿان اصل صحيح لکيل آهي.



(1)



(2)



(3)



(4)

پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي ئي رنگ ۽ ڍنگ ۾ جهڙي نموني پاڻ پتوڙيو آهي اها هڪ اڻٿڪ ۽ مسلسل جدوجهد آهي، اچو تہ اسين سندس سيني رخن تي روشني وجهون.

**(الف) صحافيءَ جي حيثيت ۾:**

سہ ماهي 'مهراڻ' جي سوانح نمبر 1957ع موجب: "ڪراچيءَ جي رهائش وارو مولانا جي زندگيءَ جو حصو خاصي اهميت رکي ٿو، خاص ڪري سنڌي صحافت، صحيح معنيٰ ۾ انهيءَ دور ۾ ئي وجود ۾ آئي. ان وقت نہ ڪي سنڌي اخبارون ۽ رسالا ڳڻتي تعداد ۾ ۽ اعليٰ معيار جا هئا، ۽ نہ وري ماڻهن کي صحافت سان دلچسپي هئي. حتيٰ ڪہ پڙهيل طبقي جو بہ انهيءَ ڏانهن ڪو خاص متوجہ ڪونہ هو. اهوئي دور هو، جڏهن مولانا صاحب سنڌي صحافت کي سنوارڻ جو ڪم پنهنجي سر کنيو.

"1920ع ۾ جڏهن روزانہ 'الوحيد' اخبار جاري ڪئي وئي تہ مولانا صاحب انهيءَ جو پهريون نائب ايڊيٽر ٿي رهيو. 'صحيفئہ قادريہ' ۽ 'الحق' رسالا سندس محنت ۽ محبت جي رنگ ۾ رتل نظر اچن ٿا. هن صاحب 1923ع ۾ هڪ رسالو 'توحيد' نالي جاري ڪيو ۽ انهيءَ کان پورا پنج سال پوءِ پير حزب الله شاهہ عرف جيئل شاهہ شهيد جي سرپرستيءَ هيٺ سکر مان 'الحزب' هفتيوار اخبار جاري ڪئي ۽ ٿوري عرصي کان پوءِ وري اچي 'الوحيد' ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. آخر ۾ جڏهن ڪن اڻٽر سببن ڪري 'الوحيد' کي الوداع چيائون تہ پوءِ شهيد الله بخش جي جاري ڪيل 'آزاد' اخبار جي ايڊيٽري سنڀاليائون."

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب پنهنجي ڪتاب سنڌي نثر جي تاريخ ۾ مولانا دين محمد وفائي مرحوم کي خراج تحسين پيش ڪندي لکي ٿو تہ: "مولانا صاحب، صحافت جي ميدان ۾، پنهنجي دور ۾، سيني کان گوءِ کٽي ويو. هن ڏس ۾ لازوال خدمت ڪيائين. ڌن ۽ دولت کي ڪڏهن بہ اهميت نہ ڏنائين ۽ جڏهن بہ اهڙي آزمائش جو وقت آيو تہ هن لالچ کي لت هڻي پنهنجي اصولن کي بي داغ بنائي ڇڏيو. سندس زندگيءَ جو مطالعو ڪندي اسان کي خبر پوي ٿي تہ سياست ۾ مٿس عبيدالله سنڌي، مولانا امروٽي صاحب، الله بخش سومري، کان وٺي ابوالڪلام آزاد ۽ مولانا شوڪت علي وغيره جن جهڙي شخصيتن جو ڪافي اثر هو."

**(ب) ادبي خدمتون:**

وفائي صاحب رڳو سياست ۽ صحافت جي قيد ۾ بند ٿي نہ رهيو، ليڪن سندس اورچ طبيعت هن کي اجا بہ اڳتي وڌي اچڻ تي مجبور ڪيو. هن جي قلم جي مس نہ رڳو صحافت جي سونهن بني، پر هن انهيءَ جي استعمال کي اجا بہ وسيع ڪري ڇڏيو. اهوئي سبب آهي جو هن ڪيترن ئي شخصي ڪتبخانن ۾ ورق گرداني ڪري ڪافي ڪتاب لکيا. 'مهراڻ' سوانح نمبر 1957ع ۾ سندس لکيل ڪتابن جي وچور هن ريت ملي ٿي:

1. تاريخ محمد مصطفيٰ، 2. صديق اڪبر، 3. فاروق اعظم، 4. سيرت عثمان، 5. حيدر ڪرار، 6. خاتونِ جنت، 7. غوث اعظم، 8. نو مسلم هندو راڻيون، 9. راحت الروح تذڪره مخدوم نوح هالائي، 10. توحيد اسلام ترجمہ تقويتہ الايمان، 11. اعتقاد صحيح، 12. مقصد زندگي، 13. الختم علي فم الخصم، 14. لاجواب تحرير، 15. قرآني صداقت، 16. هندو ڌرم ۽ قرباني، 17. الهام الباري ترجمہ تجريد البخاري پنج جلد، 18. ترجمو فتوح الغيوب (تصوف، نامڪمل)، 19. تذڪره مشاهير سنڌ (نامڪمل)، 20. اظهار الڪرامتہ في الخلافتہ والامامتہ، 21. انڪارحسين. انهيءَ کان سواءِ 'لطف اللطيف' ۽ 'شاهہ جي رسالي جو مطالعو' پڻ سندس لکيل آهن."

هن صاحب نہ رڳو مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب ئي لکيا هئا، پر ان سان گڏوگڏ ڪيترن ئي مختلف موضوعن تي مضمون بہ لکيا هئا، سندس مضمون نويسيءَ تي تنقيد ڪندي ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب پنهنجي ڪتاب 'سنڌي نثر جي تاريخ' ۾ لکي ٿو تہ: "سندس مضمون ۽ مقالا، هر موضوع تي لکيل آهن. اسلاميات، سياسيات، اخلاقيات ۽ سماجي بهبوديءَ وارن موضوعن تي لکيل مضمون ۽ مقالا وعظ ۽ نصيحت جهڙي اهميت رکن ٿا. مسلمانن ۾ جاڳرتا آڻڻ لاءِ انهيءَ قسم جا ڪيترائي مقالا لکيائين. پنهنجن مضمونن ۽ مقالن ۾ مولانا صاحب جيڪا

ٻولي ڪتب آندي آهي، سا پختي، پائيدار ۽ لغت جو ڀنڊار آهي. هن جو هر مضمون، موزون ۽ وڻندڙ عبارت وارو ۽ سليس نثر ۾ آهي. سياسي، سماجي، ديني ۽ علمي مضمونن ۽ مقالن ۾ سندس بيان جي طرز ۽ ادائگيءَ جو حسن، پراثر ۽ پرڪشش آهي."

**(ب) مذهبي خدمتون:**

وفائي صاحب جي مذهبي زندگيءَ کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ ۾ ڪيترن ئي شخصيتن جو هٿ آهي. ٻالپڻي دوران نو سال سندس والد هن جي ڪچڙن ۽ ننڍڙن مذهبي خيالن جي غويچن جي سرابي ڪئي ۽ انهن ۾ پنهنجو رنگ پريو. ان کان پوءِ طالبعلميءَ جي زماني ۾ هو پورا پنج سال سنڌ جي مشهور عالم ۽ بزرگ مولانا ابوالفيض غلام عمر صاحب جتوئي سوني جتوئي تعلقي لاڙڪاڻي جي نظر هيٺ رهيا، جن جي شفقت ڪيس رچائي ريٽو ڪري ڇڏيو. وفائي صاحب جن جڏهن پهريون دفعو ڪراچيءَ ۾ آيا ته ان عرصي دوران سندس ملاقات مخدوم حسن الله پاٽائيءَ سان ٿي جيڪو نه رڳو عالم هو پر ان کان سواءِ عابد ۽ زاهد به هو. ظاهر آهي ته ان کان به پنهنجي لياقت ۽ ذهانت سبب ڪجھ نه ڪجھ تاثر ورتو هوندائون. هن ڏس ۾ سنڌن راٽيپور واري عرصي کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي. ان ڪانسواءِ ٺٽاه ۾ رهندي به مولوي صاحب ڪيترين ئي علمي ۽ مذهبي شخصيتن جي صحبت ماڻي هئي، جن مان قدوة العارفين حضرت پير سيد محمد رشدالله به هڪ هئا.

مٿي ذڪر ڪيل مذهبي شخصيتن کان متاثر ٿي، وفائي صاحب مذهبي ميدان ۽ صحافت کي نئين راھ ۽ نئون ٻول ڏنو، جنهن سنڌي صحافت تي دور رس اثر ڇڏيو.

هن ٻين مشغولين سان گڏوگڏ پنهنجي مذهبي پرچار کي عام ڪرڻ لاءِ وس کان ڪين گھٽايو سندس مذهبي جذبات جو اندازو سندس ئي تحرير (توحيد اپريل 1925ع) مان لڳائي سگهجي ٿو، پاڻ لکن ٿا ته: "توحيد جي جاري ڪرڻ جو مقصد آهي ته، عام طرح سنڌ جي مسلمانن جي اصلاح ڪجي، ۽ کين مذهبي ۽ تاريخي روايت کان واقف ڪيو وڃي. ازانسواءِ، سنڌ جي مسلمانن ۾ تبليغ ۽ اشاعت اسلام جو جذبو پيدا ڪيو وڃي."

وفائي صاحب، تبليغ ۽ اشاعت ڪندي تاريخ محمد مصطفيٰ، صديق اڪبر، فاروق اعظم، سيرت عثمان حيدر ڪرار ۽ ٻيا اهم ڪتاب تحرير ڪري ٿو ۽ ٻئي طرف پنهنجي مخالف فرقن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري اچي ٿو ۽ الختم علي فم الخصم (رد قادياني) ۽ انڪار حسين (رد شيع) جهڙا ڪتاب لکي ٿو.

سندس مذهبي پاليسي ۽ پروگرام جو ٽيون رخ غير اسلام مذهبن ڏانهن مڙيل نظر اچي ٿو. انهيءَ جي تفصيلي جائزي وٺڻ لاءِ اسين هتي مسٽر ڪريم بخش خالد جي لکيل مضمون (پاڪستان تحريڪ جو پس منظر سنڌ ۾- نئين زندگي آگسٽ 1971ع) جا ٻه اقتباس ڏيون ٿا.

"1923ع ۾ شڌي تحريڪ سببان لاڙڪاڻي ۽ شهدادڪوٽ جا سنجوڳي شيخ مرتد ٿيڻ تي هئا. پنچات اڳيان هن گريه و زاري ڪئي ته کين واپس پنهنجي ڏاڏاڻي ڌرم ۾ داخل ڪيو وڃي. راٽيپور جي مجاهد پير حضرت ابومحمد صالح شاھ کي خبر پئي. مولانا دين محمد "وفائي" حرڪت ۾ آيو. مولانا محمد صديق راٽيپوري سندس مدد لاءِ نڪري نروار ٿيو. 'الڪاشف' رسالو جاري ٿيو. تبليغي سرگرميون زور وٺي ويون ۽ انهيءَ فتني کي ٻنجو ڏنو ويو."

انهيءَ ڏس ۾ اسين 'مهراڻ' سوانح نمبر 1957ع جو مطالعو ڪندي اهو معلوم ڪيون ٿا ته مولانا صاحب کي 1926ع ۾ انهيءَ ئي مذهبي تحريڪ ۾ حصي وٺڻ لاءِ ڪراچي کان ٻاهر رهڻو پيو، جنهنڪري ماهوار رسالو 'توحيد' بند ٿي ويو.

"هندن جي مذهب اسلام دشمني 1935ع ۾ نروار ٿي پئي جڏهن نٿورام، راج پال جي انهيءَ ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جنهن ۾ پيغمبرِ اسلام محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي شان ۾ گستاخي ڪئي وئي هئي. نه صرف ايترو پر هندن مذهب اسلام خلاف هڪ منظم سازش هلائي ۽ ان لاءِ ادبي ميدان کي استعمال ڪري ڇڏيو. 'سندري'، 'نٽڪ مهاراجا ڏاهر سين'، 'تاريخ اسلام'، 'قتل حقيقت راءِ'، 'وير درگاداس' ان ڇڪتاڻ جو نتيجو آهن. وفائي صاحب به هن ڏس ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو ۽ 'قرآني الله ميان جي صنعت' جي جواب ۾ 'قرآني صداقت' ۽ 'قرآني الله

ميان جي تصوير' جي جواب ۾ 'لاجواب تحرير' ڪتاب لکيا."

**(ب) وفائي صاحب جو سياسي روپ:**

انگريزن جي اُرهه زورائين ۽ وعدي خلافين برصغير جي هرهڪ محب وطن کي گهڻين ۾ نڪري اچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. ترڪي ڪافي عرصي کان مسلمانن جي اتحاد جو مظهر رهيو. ويهين صديءَ جي ابتدا ۾ ترڪي سلطنت ڪمزور ساهه کڻڻ لڳي ۽ انهيءَ وقت ترڪيءَ کي 'يورپ جو بيمار مرد' سڏيو ويندو هو. 1912ع ۾ بلقاني رياستن، جن ۾ يونان به شامل هو، گڏجي ترڪيءَ تي حملو ڪيو ۽ هن جنگ ۾ سئلونيڪا جي ايراضي ترڪن جي هٿن مان نڪري وئي، جنهن تي برطانيه جي وزيراعظم مسٽر لُسڪئڻ تبصرو ڪندي چيو ته: "سئلونيڪا عيسائين جو هڪ دروازو آهي." برطانيه جي هن پاليسي برصغير جي مسلمانن جون اکيون کولي ڇڏيون. اڳتي هلي پوري دنيا کي مهاڀاري لڙائيءَ جو منهن ڏسڻو پيو. ترڪي سلطنت هڪ ٿي ڏک ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي. جنهن جي نتيجي ۾ برصغير ۾ 'خلافتِ تحريڪ' جو بنياد پيو. وفائي صاحب هن پس منظر جو تاءُ کائي وڏو ٿيو ۽ شعوري زندگيءَ ۾ قدم رکندي ئي پنهنجو پاڻ ملهايو. ڪنهن تفصيل ۾ وڃڻ کانسواءِ 'جنب گذاريم جن سين' مان هڪ اقتباس ڏجي ٿو:

"پهريون مهاڀاري جنگ جي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ، خلافتِ تحريڪ شروع ٿي، ان ۾ هن (وفائي صاحب) شرڪت ڪئي، ان وقت مولوي فيض الڪريم موري واري ڪن آفيسرن جي چُرچ تي ترڪيءَ جي خليفي خلاف ۽ مڪي شريف جي فائدي ۾ هڪ رسالو 'تحقيق الخلافته' لکيو. جنهن تي ڪيترن عالمن ۽ پيرن ڪان ڪامورن ذريعي صحيحون ورتيون، ڇپائي، ان کي عام ماڻهن ۾ ورهايو ويو. ان جي رد ۾ مولانا تاج محمود امروٽيءَ جي نظرداري هيٺ وفائي صاحب رسالو 'اظهار الڪرامته' تي لاڙڪاڻي ۾ منعقد ٿيل خلافت ڪانفرنس جي موقعي تي ڇپائي ورهايو ويو."

انهيءَ ڪانفرنس ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا عبدالباري لکنوي ۽ مولانا شوڪت علي شريڪ ٿيا هئا. ۽ جلد ئي پوءِ وفائي صاحب کي جميعت العلماءِ سنڌ جو ناظم مقرر ڪيو ويو هو.

مولانا وفائي صاحب جي سياسي ڪردار ۽ خدمت کي چڱيءَ ريت سمجهڻ لاءِ اسان کي هيٺين ٻن اقتباسن کي به وسارڻ نه گهرجي.

سه ماهي 'مهراڻ' سوانح نمبر 1957ع جي صفحي 182 موجب: "سن 1939ع ۾ مولانا عبيدالله سنڌي صاحب سنڌ ۾ موٽي آيو ۽ سنڌ ۾ به عبيد الاهي تحريڪ شروع ڪيائين. مولانا صاحب انهيءَ تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن ٿي رهيو، ايتريقدر جو سال 1943ع ۾ تحريڪ سان والهانه محبت هئڻ سبب ڪيس 'الوحيد' سان لاڳيتن ٽيويهن سالن جي پراڻن رشتن کي به ٽوڙڻو پيو."

جناب جي.ايم.سيد پنهنجي ڪتاب 'جنب گذاريم جن سين' جي صفحي 322-323 تي لکي ٿو ته: "مولوي صاحب جا مرحوم الله بخش سومري، وزيراعظم سنڌ سان دوستانا تعلقات هئا. هن وزيراعظميءَ جي چارج وٺڻ بعد 29 مارچ 1928ع تي، پنهنجي حڪومت جي پاليسيءَ بابت هڪ بيان ڪڍيو هو. ان ۾ عهد ڪيو هئائين ته هو وس آهر مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي وطن ڏي واپس آڻڻ جي ڪوشش ڪندو. پنهنجي بيان ۾ اهڙو ذڪر ڪرڻ ۽ پوءِ مولانا جي اچڻ تي هن جو استقبال لاءِ وڃڻ، وغيره ۾ مٿس مولوي صاحب (وفائي) جي ذاتي اثر جو ڪافي دخل هو. انهيءَ ڪري جڏهن مسلم ليگ ۽ (خانبهادر) الله بخش جي وچ ۾ اختلاف وڌي ويا، ته هن (وفائي صاحب) الوحيد مان استعيفا ڏني، الله بخش وزارت طرفان نئين جاري ڪيل اخبار 'آزاد' جي ايڊيٽريءَ جو ڪم سنڀاليو."

وفائي صاحب جي سياسي زندگيءَ جو جائزو وٺڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته هو صاحب پنهنجي نظرين ۽ اصولن جي پيٽ ۾ اڻ وسرندڙ ڪارناما سرانجام ڏنا.

**(ت) وفائي صاحب ۽ سنڌي ٻولي:**

اعرابن جو مسئلو' سنڌي ٻولي جي تاريخ ۾ وڏي حيثيت رکي ٿو. مرحوم علامه دائودپوٽه 1939ع ۾ تعليم کاتي جو اعليٰ آفيسر هو. هن جي نظرداري هيٺ ان زماني ۾ سنڌي درسي ڪتاب ڇپجي رهيا هئا. اهي ڪتاب ڪراچيءَ ۾ رام پريس ۾ ڇاپيا ٿي ويا ۽ رام پريس مهاسڀائي خيالن وارن هندو اڳواڻن جو اکاڙو



**دليپ ڪوٺاري**

مِٺي

# سائين پمون مل عرف پرمانند 'پياسي'

## (ورهاڱي کان اڳ واري دور جو نرالو ۽ نمائندو ڪوي)

ٿر جي مٽيادار مٽيءَ مان ڪيئي هيرا لعل موتي ۽ ماڻڪ پيدا ٿيا آهن، جن جي جوت ۽ جرڪاٽ جو تيج محسوس ڪرڻ لاءِ ماضيءَ جي مهيا ٿي سگهندڙ محفوظ ڪاڳرن کي ڳولڻ ڦولڻ ڦولهڻ ۽ ڇنڊڇاڻ جي ضرورت آهي. ڏڙن ۾ ڏبيل ۽ پٽن جي پُوري واريءَ مان بہ جڳ موهيندڙ ڪردار جنميا آهن. ٿر جي ريگستاني خاڪ ۾ پڻ صديون پراڻا گُٿاتا ۽ گمڀير گوهر لڪا پيا آهن؛ دير بس وارياسي خزاني جو ڏوڙ ڏاٽيو (ڏوڙ ڇاٽيو/ ڏوڙ ڏوئيو) ٽيڻ ۽ پنهنجي مٽيءَ جا سون ورنا سپوت ڳولي لهڻ جي آهي.



سائين پَمُون مل (پرمانند) ولد آٽندرام 'پياسِي' لوهاڻي جو جنم 04- اپريل 1895ع ڌاري ٿر جي ننڍَ جي هُڳاءَ سان واسيل نگرِي اسلام ڪوٽ شهر ۾ ٿيو. استاد پمون مل پرمانند 'پياسي' ٿر جي تدريسي تاريخ جو هڪ اهڙو مثالي معلم رهيو آهي، جنهن کان حياتيءَ ۽ قلمي اتساهه پرائيندڙن ۾: ڀڳت کيمچند آسناڻي، ڪامريڊ روچي رام وڪيل، وشنداس نهالچند ڀباڻي وڪيل، ولي رام ولڀ، سروپچندر 'شاد'، ۽ هري موٽواڻي اِسلامڪوٽِي وغيره سميت سنڌ جا ڪيئي شاعر، اديب، سماج سڌارڪ، سهيوڳي عملڪار ۽ ڪامياب پيشيور شامل آهن. سائين پمون مل عرف پرمانند 'پياسي' "ساٽيهہ سجاڳيءَ" واري دور جو بيحد ڀلوڙ ۽ ٻالڪ ذهنن تي دائمي نقش ڇڏيندڙ نرالو ۽ نمائنده شاعر ٿي رهيو آهي. هُو پنهنجي عملي ۽ شخصيتي ڏِکُ ۾ هڪ باڪِردار ناصح ۽ فطرتي جِيون جو پرچار ڪرڻ وارو مهربان مُبلغ هو. هُو توازن ڀري شاگرد دوستيءَ جو قائل ٽيچر هو، جنهن ۾ نصابي تعليم غير نصابي سرگرمين جي وڻندڙ واهڻ وسيلي سان وديارٿين (شاگردن) ۾ ورڇي بہ ويندي هجي، اُنهن جي لڪل صلاحيتن کي اجاگر بہ ڪيو ويندو هجي تہ سکيا جا سمورا سبق رهنمائي ۽ احترام واري انداز ۾ ئي منتقل ٿيندا هجن. استاد پمون مل ويدڪ حڪمت وسيلي اڳهن جو آڌر ٿيڻ ۽ مصيبت ماريلن جو مداوا ڪرڻ ۾ دلي اطمينان پائيندو هو. انگريزي تعليم کي هٿي وٺرائڻ، صحتمند جيوت سرگرمين کي عملي ڪارج طور ورتڻ، غريب شاگردن جي مالي معاونت ڪرڻ ۽ ڳگدامن جي علاج معالجي جا مرڪز کولرائڻ جهڙن بهتر سماجي ڪمن ۾ بہ سائين پمون 'پياسي' اڳيرو رهيو. هٽ چوٽ فضول خرچي، ڏيکائي ڏيج پوتہ، نشي نوشي جي علتن، ناريءَ وِديا کان ناڪار وغيره جهڙين اڻ سونهائيندڙ معاشرتي روايتن کي لوڏي ڪيڻ لاءِ بہ هن عملي ۽ تحريري صورتن ۾ ڪردار ادا ڪيو.

اُستاد احمد خان جي هن هوشيار شاگرد اِسلام ڪوٽ مان ئي سِنڌِي فائنل جو امتحان نمايان ڪاميابيءَ سان پاس ڪرڻ کانپوءِ ٽيچرس ٽِريننگ

مُحبت ڪان ڪير ماڻو،
پرٿويءَ تي پُهچڻ ڪان اڳُ ۾،
بدن سَچو بَدلاڻو،
بادل روئي روئي ٿيو ساڻو....
موه سندِي هِيءُ مهٽي مايا،
سو نينهن سَندو نذراڻو،
سُڏڪن سان ٻوليو هي ساجن!
نهيل چڏيوم نِڪاڻو
بادل روئِي روئِي ٿيو ساڻو....

آخرِ ۾ اِسلام ڪوٽ (ٿر) جي ڄائي ۽ پنهنجي دور ۾ مقامي سطح تي انتهائي نمايان رهندڙ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي وڏن شاعرن جي وساريل همعصر سرجٹهار سائين پمون مل (پرمانند) 'پياسيءَ' جي هڪ گِيت ۾ 'سارنگ' جي مَڌُرتا، سَرِلتا ۽ موسيقيت جي ردَم ڀَري آهنگ سان ڇٽيل منظرنامي ڪان محظوظ ٿيندي؛ ساهتڪ اتهاس جي هن نرالي ڪويءَ جي ڪلام جي مثالن ڪان موڪلاڻي ڪريون ٿا:

ٿلُ: سارنگ سئنا ساري آنديم ٿُرت ڪري تياري وي،
رم ڄهم ڇٽڪارن سان سرس سُونهي سواري وي!
وِڄُـــڙيُـــون ور ور ڏئِـــي وَراڪــــا،
جوٽين جــنــگ ٿيون جــاري وي،
ڪــڙ ڪــڙ ڪَڙڪــا، ڀڙڀڙ ڀڙڪا،
هــرهــر ڪــن هيڪاري وي- سارنگ.....

سائين پَمُون مل 'پِياسِي' 96 سالن جي ڄمار ۾ 1991ع ڌاري لاڏاڻو ڪيو. سندس پونيئرن ۾ ٻه پُٽ ۽ ٻه نياڻيون شامل رهيا آهن. هڪ پُٽ سال ڏيڍ کن اڳ گذاري ويل ڊاڪٽر ڪينپار مل 'اُداسِي' آسناڻي ماهرِ صحت ۽ اعليٰ طِبي مُنتظم هُجڻ سان گڏ؛ شاعِريءَ سان بہ شغف رکندو هو، جنهن جا ٽي چار پُستڪ بہ ڇَپرا ٿيل آهن ۽ ٻيو سابق تحصيلدار (مُختيار ڪار) درويش وشن داس آسناڻي جي نالي سان ڄاتو سُڃاتو وڃي ٿو.

(حوالو: 'اِسلام ڪوٽ شهر جي تاريخ'، جوڙيندڙ: وشنداس نهالچند ڀاٽي وڪيل)

نوان ڪتاب





سمجهيو ويندو هو. ان ۾ شريڪ ٿي برگزيده شاعرن ۽ بزرگن جو سماع طور پڙهيو ويندڙ ڪلام پڙهي سماع ذريعي روحاني فيض حاصل ڪندا هئا ۽ ان طريقي کين پاڻ ۾ جوڙي رکيو هو.

ٻاجهاري ڏاتي تعاليٰ جي مهرباني سان سائين جن جي خاندان جا سڀ بزرگ ديندار، عالم، فاضل، حافظ ۽ ڪامل درويش هئا. سندن دينداري ۽ وضعداري واري ماحول جي ڪري الله تعاليٰ جي نعمتن ۽ رحمتن جي نوازش اهڙي ٿي جو سندن وڏا ڀاءُ مرحوم عبدالخالق پلي جن وقت جي ڪامل ولي حضرت مولانا محمد عثمان قرآني عليہ رحمة جي مدرسي مان ڪجهه وقت تعليم حاصل ڪري بعد ۾ جيڏ عالم مولانا محمد علي جوڻيجو صاحب وٽ ڳوٺ حاجي محمد عالم پلي ۾ دستاربندي ڪيائون، ان مٿان وري سون تي سوهاڳو اهو جو سندن استاد حضرت مولانا محمد عثمان قرآني صاحب جن ديوبند جي مدرسي مان فارغ التحصيل ٿي آيا هئا ۽ سندن مدرسي مان بيشمار شاگرد فيضياب ٿيا، جن جو تعداد هزارن ۾ هو، ۽ سندن شاگرد جماعتن جي حوالي سان، پهرين، ٻين يا اڳتي جماعت جي نمبر سان سڃاتا ويندا هئا.

**دور طالب العلمي:** سائينجن جي خانداني بزرگن جو وڏو تعداد عالم، فاضل ۽ حافظ هجڻ ۽ ڳوٺ جي آس پاس ديني مدرسن جي موجودگيءَ واري ماحول کيس علم جو عاشق بنايو ۽ پاڻ معاشي حالتون موافق نہ هجڻ، سرڪاري اسڪول ڏورانهين هنڌن تي هجڻ ۽ گذر سفر لاءِ ڪيتي ٻاڙي کي گڏوگڏ جاري رکندي مختلف ڏورانهن مدرسن ۽ مڪتبن مان پيرين پنڌ ڪري تعليم حاصل ڪيائون. علماء حق ۽ ساڃاهه وندن جي صحبت، مذهبي، ادبي ۽ تاريخي ڪتابن جي مطالعي جي ڪري کين حڪمت، دانائي ۽ اخلاقيات جو عروج حاصل ٿيو.

10 ڊسمبر 1985ع جو ڏينهن منهنجي زندگيءَ جو يادگار ڏينهن هو. انهي ڏينهن تي آئون جونيئر اسڪول ٽيچر جي مقرريءَ جو آرڊر کڻي گورنمينٽ (پراونشيئلائيزڊ) هاءِ اسڪول عمرڪوٽ جي هيڊ ماسٽر سائين حاجي احمد علي ميمڻ مرحوم جي آفيس ۾ دخلڪار ٿيڻ لاءِ اچي حاضر ٿيس مگر هن موصوف 1985ع واري جنرل اليڪشن ۽ ماضيءَ ۾ B.I.S.E حيدرآباد طرفان منعقد ٿيندڙ نائين ۽ ڏهين جي صرف انگلش جي پرچن دوران سندس موجودگيءَ ۾ پيش آيل اڻ سهائيندڙ واقعي کي جواز بڻائي داخلڪار ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ فائيل واپس ڪيائين. موٽ ۾ مون بحث ڪندي منٿ ميڙ ڪئي پر سائين ڪون پئي مڃيو، انهيءَ ڪشمڪش دوران هڪ سفيد پوش، ڏکو ۽ سهڻي قد ڪاٺ وارو بزرگ شخص جنهن جا وارا گهڻي ڀاڱي اڇا، جسم ڀريل، رنگ ڪليل، چپن تي هلڪي مرڪ، آفيس ۾ داخل ٿيو. منهنجي چهري جا تاثرات ڀانپيندي ئي سائين وڏي سان مخاطب ٿي چيائين تہ ”اهميت واري شيءِ ماڻهو جا جذبات آهن جي انهن کي مجروح ڪيو ويو تہ اسانجا صدقا، خيراتون ۽ نفلي عبادتون سڀ بيڪار وينديون، جان مال، عزت و ناموس ڪنهن ڪم ڪون ايندا. خدا جا ٻندا جڳ مان رڳي ڀلائي ساڻ نيندين. سائين جا جملا اجا اڌورا هئا تہ هيڊ ماسٽر فائيل واپس گهريو ۽ سائنس ٽيچر رميش ڪمار کي دخلڪار رپورٽ ٽائيپ ڪرڻ لاءِ هدايت ڏنائين. شايد سائين جا اهي معني خيز جملا سندس تعارف ڪرائڻ لاء ڪافي هئا ۽ مونکي يقين ٿي ويو تہ جنهن جي ملڻ جو طلبگار هيس ان مهربان کي اڄ ڏاتي تعالي منهنجي مدد لاء موڪلي ڇڏيو آهي. تنهنڪري ڏکهي تعارف جي ضرورت محسوس ڪونہ ڪيم، پر سائين جن جي حوصلہ افزائيءَ لاءِ کين مبارڪون ڏيندي ۽ چڱ ڀلائيءَ جو پڇندي جهيڻي آواز سان پڇي ورتائين تہ ”ادا ڪنهن بہ شيءِ جي ضرورت هجي تہ حجاب نہ ڪجانءِ.“

سندس ٻن فقرن اهڙو متاثر ڪيو جو سائين سان گڏ جيڪي ٻہ چار مهينا گذاريم ان دوران سندن پيرڏ ونڻ ۾ اڳيرو رهيس. کيس تحقيق واري ڪم ۾ وڌيڪ وقت ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس ۽ هر وقت پنهنجيون خدمتون آڇيندو رهيس. فرصت واري وقت ۾ تاريخي قصيدن، ڳوڙهن، ڳاهن، ڏوهن، چندن، ڳجهارتن ۽ لوڪ شاعريءَ جي مختلف صنفن متعلق سمجهاڻيون ڏيڻ روز جو معمول بڻائي ڇڏيو هيوسين.

پاڻ ڀٽ ڌڻيءَ رحه جي رسالي جا پارکو ۽ شارح هئا جو سڄي رسالي جي سيني سُرن جي اختصار کي هڪ لڙهي ۾ پروئي، درياهه کي ڪوزي ۾ بند ڪري سلمعين جي نذر ڪيائون ۽ ملڪي سطح تي وڏي مڃتا ماڻيائون. سنڌي نظم ۽ نثر جا ته پاڻ بي تاج بادشاهه هئا. لاکيڻي لطيف رحه جي رسالي تي جامع ۽ جاندار انداز ۾ تحقيق ڪرڻ فقط سندس ئي ڪمال هو. ساڳيءَ طرح ٿر، ڏاٽ ۽ ناري جي علائقن سان وابسته لوڪ ادب سهيڙي ان کي سنڌ ادبي بورڊ جي سهڪار سان ڇپائي پڌرو ڪرائڻ، ناري پٽ جي قديم تهذيب و ثقافت، پراڻ ۽ هاڪڙي درياهه جي وهڪرن، ڪيئي جُڳ اڳي تباهه ٿيل شهرن، قديم پڙن ۽ مساڻن متعلق مواد سهيڙي ڇپائي پڌرو ڪرائڻ سندس ئي ڪارناما آهن. ان لاءِ ائين چوڻ ۾ ڪو واڌاءُ ڪون ٿيندو ته ٿر ۽ ناري پٽ ۾ سندس حيثيت جو ڪوبه اديب يا محقق ڪونه هو. عربي ۽ فارسي ٻوليءَ جو ماهر سائين علامه محمد ادريس جوڻيجو صاحب جيڪو ماضيءَ ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول عالم پلي جو هيڊ ماسٽر رهي چڪو آهي ۽ هن وقت پاڻ مدرسه دارالفيوض ايمرڊي اوريئينٽل ڊگري ڪاليج حاجي محمد عالم پلي جا پرنسپال آهن ۽ يوناني جي سهيڙيل رياضيءَ جي ڪتاب تي مهارت رکندڙ استاد ڪريمداد ولد مولانا هدايت الله راهومون جن نجي ڪچهرين ۾ اڪثر ذڪر ڪندي ٻڌائيندا هئا ته:

"ايليمينٽري اسڪول حيدرآباد" جيڪا مرد استادن لاءِ مشهور تربيتگاهه هئي، جتي ايس-وي ۽ جي-وي جا تربيتي ڪورس ڪرايا ويندا هئا، اُتي جا انتهائي سينئر ۽ تجربيڪار استاد به سائين معمور صاحب جن جي تعريف ڪندا هئا.

مرحوم جي سڃاڻپ هڪ عاشق رسول خاتم النبيين ﷺ جي هئي. پاڻ راسخ العقيده، الله تعالي جا صالح ٻانها ۽ ايمان جي جذبي سان سرشار اديب هئا. تنهنڪري پاڻ نه صرف هر خيال اديبن ۽ شاعرن سان گهڻو ميل جول رکيائون پر اسلام کان متاثر ٿي انهن جا سعادت ڀريا نالا پنهنجن پٽن تي رکيائون.

جن ماڻهن پنهنجي ذاتي مفاد خاطر ۽ ادب کي نوان لاڙا ڏيڻ جي بهاني سنڌي ادب جو حُليو بگاڙڻ، بي راهه روي اختيار ڪرڻ ۽ مذهب ۽ عقيدت جي اصلاح جي نالي ۾ جديديت جو جيڪو چوغو پاتو، پاڻ انهن جي سخت مخالف رهيا ۽ قلمي جهاد ڪندا رهيا. لادين ماڻهن جي ۽ نه ڪڏهن دوستي رکيائون ۽ نه ڪڏهن انهن جي همت افزائي ڪيائون.

پاڻ مرحوم جان محمد جمالي سان گڏ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن (پ.ٽ.الف) جي بنيادي ميمبرن مان هئا، ايسوسيئيشن جا سينئر صدر پڻ رهيا، استادن جي هن پليٽ فارم تان استادن جي حقن لاءِ تمام گهڻي جدوجهد ڪيائون، پاڻ ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي به پنهنجي سُگهڙائپ جا جوهر ۽ شاعرانه ۽ محققانه علمي موتي ونڊيائون.

پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جا ميمبر ٽماهي 'مهراڻ' جي ايڊيٽوريل بورڊ جا ميمبر پڻ رهيا. سندن پنهنجن ڪتابن کان سواءِ سندن حياتي تي مختلف اديبن جي لکيل مضمونن تي مشتمل ٻه ڪتاب: (1) بيباڪ شخصيت ۽ (2) جيڏو سڄ سُهاءُ مطالعو معمور جو جي سيريل تحت شايع ٿي چڪا آهن. هن سلسلي جو ٽيون ڪتاب زير ترتيب آهي. پاڻ پنهنجي زندگيءَ جي حصي جو ادبي ڪم ڪري لاتعداد تحقيقي مضمون ۽ مقالا ۽ 89 ڪتاب لکي 24 ڊسمبر 1993ع تي هن فاني جهان مان الوداع ڪيائون. الله پاڪ سندن دنيوي لغشون معاف فرمائي ۽ اڳين جهان ۾ خوش ۽ آباد رکي. آمين

ثمينه ميمڻ
ڄامشورو



# خان محمد پنهور هن صديءَ جو بي لوث سماج سڌارڪ

سنڌي سماج جي بهتري ۽ ترقيءَ لاءِ توڙي تعليمي ميدان ۾ ويجهي ماضيءَ ۾ پاڻ پتوڙيندڙ شخصيتن ۾ سنڌ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ آراضي، تعلقي سيوهڻ ۾ جنم وٺندڙ ڊاڪٽر خان محمد پنهور جو شمار انتهائي سٺن لفظن ۾ ياد ڪيو ويندڙن ۾ ٿئي ٿو. ڊاڪٽر خان محمد پنهور 27 جون 1949ع تي جنم ورتو، ٻالڪپڻ کان جواني تائين بنا ٽڪ ٽڪ پيچڻ جي، بنا ساهه پٽڻ جي بغير ڪنهن ميار، بغير ڪنهن جي تنقيد ورنائڻ جي پنهنجي مشن ۾ جنبيل رهيو، صحافت ۽ سماجي ڪم سندس رڳن ۽ روح ۾ سمايل هئا. ڳوٺ کان ويندي ڪراچي پوءِ حيدرآباد واري آخري سفر جي پڄاڻي ڄامشورو ۾ ڪيائين، تعليم جو سلسلو به مسافريءَ دوران طئي ڪيائين. پرائمري تعليم آراضي شهر، مڊل پيان سعيد آباد، مئٽرڪ دادو، بي.اي هالا ڪاليج، ايم.اي ڪراچي يونيورسٽي مان. قدرت ڊاڪٽر پنهور کي پيدا هڪ غريب گهر ۾ ڪيو هئو، پر ڪانئس وڏا ۽ بهترين ڪم ڪرايائين. محبت پڻ ملڪ جي ناميارن شخصيتن وٽان سکڻ جو ڏانءُ هن کي قدرت طرفان خاص عطئي طور نصيب ٿيو هئو. ڪنهن سان ڪيئن ڳالهائجي اهو هن کي آيو ئي ڪونه.

زندگيءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ صحافت سان پيچ اٽڪايائين ۽ آخر تائين صحافيءَ واري زندگي گذاريائين، ڳوٺ کان 'عبرت' ۽ 'مهراڻ' اخبات سان وابسته رهيو، وري جڏهن تعليم سانگي حيدرآباد پهتو ته 'عبرت' اخبار سان لاڳاپيل رهيو، اتي ماما موجي (پير مظهرالحق) جهڙن دوستن سان ٻارڙن جي ٻاري توڙي ٻارن جي ادب لاءِ خاص طور وک وڌايائون. نوڪريءَ جي شروعات وفاقي حڪومت جي طرفان نڪرندڙ ''نئين زندگي' رسالي جي جوائنٽ ايڊيٽر طور ڪيائين. مولانا عبدالواحد سنڌي ۽ ان کان پوءِ شمشيرالحيدريءَ جهڙن وڏن اديبن هوندي پاڻ مڃايائين، اديبن ادب دوستن کي 'نئين زندگي' ۾ متعارف ڪرايائين، وري انهي ڪاٽي ۾ حيدرآباد ڊويزن ۾ ٻهريون ريجنل انفرميشن آفيسر مقرر ٿيو، ته به اها صحافت واري تنوار، شيخ



اياز جي وائيس چانسلر واري زماني ۾ شيخ صاحب طرفان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ صحافت جو شعبو قائم ڪرڻ واري آڇ تي اچي سنڌ يونيورسٽي وسايائين، نوان دوست نوان ساٿي گڏجي صحافت جي شعبي کي مڃايائين. انهيءَ دوران ڪيترائي رسالا ۽ ميگزين، سندس ادارت ۾ نڪتا. 'سرتاج'، 'مارئي'، 'ٻالڪ'، 'نئون نياپو'، 'سنڌي پبليڪيشن' ۽ 'پارس' رسالي کي آخر تائين اولاد وانگر پيار ۽ پاڀوهه سان ڏسندو ۽ ان لاءِ صلاحون ڏيندو هو، اهو ٻلي نواب شاهه ۾ نئين روشني اسڪولن واري پروجيڪٽ سان هجي يا جناح اسپتال جي آءِ سي يو ۽ 16 وارڊ ۾ هجي، پر اهو ئي جملو 'پارس' رسالي جو ڇا ٿيو ۽

مجيد پنهور جيڪو 'پارس' رسالي جو مئنيجنگ ايڊيٽر هو، ان سان هر وقت صلاح مشورو ڪندو هو. سدائين سنڌ جي تاريخ ساز شخصيتن سان رهيو ۽ انهن جي ئي پيروڪار ۽ انهن جي واٽ هلندو رهيو، شيخ عبدالمجيد سنڌي ته سنڌس روحاني مرشد هئو، پيري مريدي جو قائل ته ڪونه هو، پر ان افيشل شيخ سنڌيءَ سان جيڪا عقيدت هئي انهن جي ذڪر لاءِ ڪي لفظ مهيا ڪونه آهن. شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ سان سنڌس محبت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته آخري ڏينهن ۾ اسپتال جي بستري تي هوندي، سنڌس ڳالهائڻ واري سگهه جواب ڏيئي چڪي هئي، بيوسي ۽ بي حسيءَ واري اسان جي هن سماج ۾ اسان واٽڙن وانگر ڪڏهن ڊاڪٽرن، ڪڏهن انتظاميه، ڪڏهن پاڻ کي پيئي پاراتو ڏنوسين، انهي ڏينهن ۾ شايد اپريل مهيني جا پهريان ڏينهن هئا، اسان آزمودي خاطر پڇندا هئاسين. پائو شيخ صاحب جي ورسي پيئي اچي ڪارڊ توهان جي نالي سان ڇپائڻا آهن، پر اسان کي شيخ صاحب جي تاريخ چڱي طرح ياد ڪونهي، پوءِ اسان کيس ڪا بي تاريخ ٻڌائيندا هئاسين پلي ڪٿي ڪيڏي به غشيءَ جي حالت ۾ هجي، آهستي اکيون کولي ڇچريل آواز ۾ ٻڌائيندو هئو 24 مئي. سنڌس ان ئي حالت ۾ هڪ دفعو سنڌس استاد پروفيسر ذڪريا ساجد کيس ايل.ايم.سي اسپتال ڏسڻ هليو، ساڳيو ئي حال بند اکيون "خان مين ذڪريا ساجد هون" گهڻي ڪوشش جي باوجود جڏهن آواز ساٿ ڪو نه ڏنو ته اکين مان ڳوڙها ڳاڙي پنهنجي استاد جي پليڪار لاءِ اٿڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ ائين محترم تاج جوئي وارن سان آيل "ڪونج" جي ايڊيٽر سرڳواسي محترم هري موٽوانيءَ سان پڻ ملي ڇچريل آواز ۾ ساٽس حال احوال ورتائين. پير حسام الدين راشدي طرفان ڏنل ڪئمرا ۽ ريڊيو سڄي عمر ياد رکيائين، سائين جي.ايم.سيد، رئيس ڪريم بخش نظاماڻي، حاتم علوي، قاضي فيض محمد، ڊاڪٽر غلام علي الانا، پير علي محمد شاهه راشدي، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، سائين غلام مصطفيٰ شاهه، سائين ايچ ايم خواجه، شمشيرالحيدري، ڊاڪٽر سليمان شيخ، هدايت بلوچ، تاجل بيوس، منصور عالم ابڙو، سڪندرالزمان ميمڻ، رسول بخش گچيراڻي، نياز پنهور، روشن ٻگهيو، خالد شمس الحسن، خير محمد ڪوڪر، ولي محمد روشن، ناز سنائي آخر تائين جيستائين سينسز ۾ هئا سنڌس حافظي تي رهيا. شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جو جڏهن به تذڪرو ڪندو هو ته انتهائي احترام سان. شيخ صاحب جي آخري ڏينهن جو تذڪرو ائين ڪندو هو ته شيخ صاحب هڪ دفعي پلجي پيا ۽ اسان کيس ڳولڻ لاءِ سخت پريشان هجون ۽ وري چوندو هو شيخ صاحب جڏهن سخت ضعيف ٿي پيا ته نماز به اشارن سان پڙهندا هئا. شيخ صاحب جي راهه تي هلندي آخر تائين انتهائي غريبي حال ۾ پنهور صاحب زندگي گذاري. سدائين سرڪاري گهر ۾ رهيو پڇاڙيءَ ۾ جڏهن حافظو ڪمزور ٿي ويس ته ڪيترين ڳالهيون پلجي ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي نوڪريءَ جي رٽائرمينٽ جي درخواست ٻه ٻه دفعا يونيورسٽي انتظاميه کي ڏيئي ايندو هئو. بيماريءَ جي بستري تي اشارن سان نماز ادا ڪندو هو.

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) جو بنياد 1972ع ۾ ڪراچي ۾ پيو، ۽ مرڪزي اڳواڻن ۾ خان محمد پنهور جو نالو سرفهرست آهي، ۽ انهي پليٽ فارم تان سنڌ ليول تي گهٽيون عملي ڪوششون ورتائين جيڪي ساراهه جوڳيون آهن.

سنڌ ڳوٺ سڌار سنگتن جا ساٿي پراڻا دوست سڀ کيس نالن سان ياد هوندا هئا. جڏهن به ڳڏجاڻي ٿيندي هئي ته سڀني نوجوانن کي انتهائي ۽ محبت سان سمجهائڻ، رهنمائي ڪرڻ اهڙي نموني جو سنڌس ان حڪم تي باقاعدي پيروي ڪن. شيخ عبدالمجيد سنڌي اڪيڊمي جيڪا شيخ صاحب جي زندگيءَ ۾ ئي قائم ڪيائون، ان جي پليٽ فارم تان شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي شخصيت کي اجاگر ڪرڻ سنڌس ڪم کي نوجوان نسل کي روشناس ڪرائڻ، سنڌ جي تاريخ ساز شخصيتن جي ياد ۾ ميڙاڪا ڪرائڻ، سنڌي صحافت جي حوالي سان

قومي ليول تي سيمينار ۽ ڪانفرنسون ڪرائڻ، سنڌي ٻولي، سنڌي ساهت، سنڌي ادب، سنڌي سماج جي ڀلائيءَ جي لاءِ هر وقت تڙپ، هر وقت جُستجو سندس زندگيءَ جو وڏو مقصد هئو، جيستائين صحت ساٿ ڏنس آخر تائين جتي به ويو هر دوست کي ڳولي ان سان مليو، ٻنا ميار جي ڪير سندس خيال ڪري ٿو نٿو ڪري، ڪير هن سان ملڻ آيو نه آيو، 'اهين دي او چالي سانون اپڻي توڙ نڀاوڻ ڏي.' اسان ڪڏهن ڪيس چوندا هئاسين "ٻائو هُو ته توهان کي فون تي به ڪونه ٿا پڇن ته علامه مشرقيءَ جو مثال ڏيندو هئو، ٻڌائيندو هو ته جڏهن علامه مشرقيءَ کان سندس سڀ ساٿي ۽ دوست پاسيرا ٿي ويا ته هُو انهن کي خط لکي هدايت ڪندو هو ته فلاڻا تون فلاڻون ڪم ڪري ڇڏجان، فلاڻا تون فلاڻي کي هيئن چئجان. ڪنهن علامه صاحب کي چيو ته اهي ته هاڻي توهان کي ڇڏي ويا آهن ته جواب ڏيندو هو ته بابا انهن ڇڏيو آهي اسان ته ڪونه ڇڏيو آهي نه. تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ته ڊاڪٽر خان محمد پنهور جو خاص سلوگن هوندو هئو. پڙهو اڳتي وڌو، ڪنهن کان پڇندو هئو. "بابا ڇا پڙهيو آهين ۽ چوندو هو سائين ايم.اي ڪئي آهي. هن سبجيڪٽ" ۾، ته چوندو هوس "بابا ايم.فل ۾ داخلا وٺ، پوءِ پي.ايڇ.ڊي ڪري اڳتي وڌو، رڳو ٻين کي مدد ڪيو انهن کي اڳتي وڌايو"، ڊاڪٽر خان محمد پنهور سڄي زندگي صاف ۽ سٿري نموني گذاري آخر تائين بيمار هوندي ڪنهن کي ميار نه ڏنائين، پر وري به ٻين جو خيال ڪيائين. ڊاڪٽر خان محمد پنهور گهڻ پاسائين شخصيت هئو، صحافت ادب ۽ سماج، ساهت ۽ سڀني شعبن ۾ هميشه محنت سان نالو ڪمايائين ۽ انهن سان نڀايائين. 27 مئي 1999ع تي صبح جو سوا ائين وڳي، ايل.ايم.سي حيدرآباد جي آءِ.سي.يو وارڊ ۾ دم ڏنيءَ حوالي ڪيائين. خدا کيس جنت ۾ جايون ڏئي ۽ نوجوانن کي سندس رهيل مشن کي پورو ڪرڻ جي توفيق ڏئي.

## نوان ڪتاب







'وفا' منظور چوهاڻ
شڪارپور

# نقش ناياب منگي عاشقِ شڪارپور

شڪارپور سان محبت ڪندڙ شڪارپور جو رهاڪو حق نواز عرف امام بخش المعروف ادبي نالو نقش ناياب منگي به ادبي قد ڪاٺ ۾ تحقيق جي فيلڊ ۾ سيني ڪان نمايان بيٺو آهي. نقش ناياب منگي جنهن جي قلم مان ڪيئي اهم ۽ وقتائتا مقالا اسان جي سامهون آيا آهن، جن مقالن جي هڪ پنهنجي جداگانه حيثيت آهي، نقش ناياب منگيءَ جا اهي شڪارپور تي لکيل ليک نه صرف شڪارپور سان محبت جا چٽا ثبوت به آهن پر شڪارپور بابت سندن راءِ به آهن ساٿس دِلي لڳاءُ به آهن ته شڪارپور واقعي شڪارپور هئي ۽ آهي. نقش ناياب منگي جنهن شڪارپور سان پيار ڪيو. ان جي هڪ هڪ شيءِ کي سانڍيو، سنڀاريو ۽ حفاظت ڪئي، بلڪ هن بين جي نظرن ۾ فالتو شين مان تحقيق ڪري راهه ڏسي ۽ شڪارپور جي تاريخ جا نوان رُخ کوليا.

نقش ناياب منگي زندگيءَ ۾ ڪجهه ڪرڻ جو ٻيو نانءُ هو، سندن اٿي ويهڻي، رهڻي ڪهڻيءَ ۾ شڪارپوري لهجو، طريقو پيو ظاهر ٿيندو هو. جتي به هُو هجي، شهر ۾ توڙي ٻاهر، ادبي پروگرامن توڙي نجي ڪچهرين ۾ ذڪر هميشه شڪارپور جو پيو هلندو هو. هُو ڄاڻو هو، سمجهُو هو، شڪارپور جا موضوع کولي، ان مان نيون ڳالهيون پيو ڳوليندو هو، اهوئي سبب آهي، جو سندس لکڻين ۾ پئي شڪارپور جي سار، گفتار ۽ پيار پيو ظاهر ٿيندو هو.

'شڪارپور هڪ اڀياس' هڪ عام ڪتاب نه آهي، پر اها شڪارپور جي تاريخ آهي، جاگرافي آهي، تپو آهي، ديهه آهي، وارڊ/يوسي آهي، تعلقو آهي، ضلعو آهي، صوبو آهي، ملڪ آهي، سندس سڄي عمر جي جمع پونجي آهي، هڙ آهي، ڳنڍ آهي، جنهن کي کولڻ سان ۽ پڙهڻ سان ان مان املهه نقطا، ڏس پتو، راهه ملي ٿي، ڪنهن کي شڪارپور جي ڄاڻ نه آهي ته شڪارپور ڇا هئي؟ ڪيئن هئي؟ انهي سوال جو جواب اسان کي سندس هن ڪتاب مان ملي ويندو.



'شڪارپور هڪ اڀياس' ڪتاب جنهن ۾ ڪيئي اهم مقالا اچي وڃن ٿا. 'شڪارپور نئيي ڪند ۾ ساڳي نالي وارا شهر' مضمون ۾ شڪارپور نانءُ سان اڏيل شهرن بابت تعارف، تاريخي ڇنڊڇاڻ سان گڏ هيءُ هڪ اهم معلوماتي مضمون آهي، شڪارپور دائودپوٽن واري شڪارپور پنهورن (خداآباد) واري معاملي کي حل ڪيو ويو آهي. جنهن معاملي تي تاريخدان ۽ محقق مونجهاري جو شڪار ٿيا، جن هڪڙي شڪارپور سمجهي تاريخ ۾ مونجهارا پيدا ڪيا.

'سنڌ جو اُسرندڙ شهر شڪارپور' ڪتاب ۾ شامل ٻيو مضمون مرليڌر آڏواڻي جو ترجمو آهي. جنهن ۾ شڪارپور جي اهميت جي ڄاڻ ڏنل آهي ۽ اهو سرسري جائزو شڪارپور جي اهميت کي ظاهر ڪري ٿو.

'شڪارپور تي ڪيل تحقيق جو اڀياس' ڪيل اڀياس ۾ جنهن ۾ ڪتاب جو نالو چونڊيو ويو، هن اڀياس ۾ نقش ناياب جا قيمتي رايا، غلط حوالن جي درستگي ۽ نشاندهي ملي ٿي.

**علي نواز آريسر**
حيدرآباد



# منڇر جو ماڻهو محمد عثمان ميمڻ

سنڌ جي مردم خيز سرزمين مان ڪيترائي تخليق جا سرچشما ڦٽي نڪتا آهن. هن ڌرتي ڪيترن ئي اهڙن ماڻهن کي جنم ڏنو آهي، جيڪي صرف ڌرتي ماءُ جي ناموس ۽ بقا لاءِ هميشه ڪوشان رهيا آهن، اهڙن ماڻهن ۾ منڇر ڪنڌيءَ تي تاريخي شهر بوبڪ ۾ پهرين اپريل 1952ع تي جنم وٺندڙ محمد عثمان ميمڻ جو به شمار ٿئي ٿو. سندس ناناڻا ٺٽيا آهن، سندس ڏاڏو ورهاڱي کان اڳ لڏي اچي دادوءَ ۾ ويٺو، سندس ذهني اوسر دادوءَ ۾ ٿي. دادو جنهن لاءِ مشهور آهي ته پوري سنڌ جو گرم کان گرم علائقو آهي ۽ دادوءَ جا ماڻهو پڻ گرم/ سخت مزاج جا هوندا آهن، پر الائي ڇو محمد عثمان ان جي ابتڙ، انتهائي مٺيڙو ۽ وٺندڙ سڀاءُ، نياز ۽ نوڙت، ڪابه هٺ وڏائي نه. محمد عثمان پرائمري کان فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم مدرسه دارالفيوض دادوءَ مان محمد سليمان صدائي ۽ محمد مجتبيٰ ملڪاڻيءَ کان، قرآن پاڪ ۽ قرات قاري محمد قاسم چانڊيي کان حاصل ڪيائين. پوءِ ٽئين درجي تائين انهي مدرسي ۾ قائم پرائمري اسڪول مان پڙهي، پرائمري مين اسڪول دادوءَ مان، پنجون درجو پاس ڪري ڇهون ڪلاس پرمانند هرداس پائلٽ هاءِ اسڪول دادو ۾ داخل ٿي ميٽرڪ تائين پڙهيو. انٽر سائنس پڙهڻ لاءِ جاميه مليه ڪاليج ملير سٽي ۾ داخل ٿيو. اتي محمودالحسن سندس دوست ۽ پرنسپال رهيو. اتي ئي مولانا مودودي ۽ سبط حسن سان ميلاپ ٿيو ۽ ڪامريڊ نازش سان سندس ويجهڙائپ ٿي ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ بهرو ورتائين. بعد ۾ پي ٽي وي لاءِ عبدالڪريم بلوچ ۽ هارون رند آڊيشن ورتس. ڪي سال ٽي.وي تي سنڌي پروگرام ۽ ڊراما اسڪرين لکيائين. سندس والد سنڌ جي جيلن جو وڏو مودي هو، ڪراچيءَ مان موٽي اچي پيءُ جو ٻانهن ٻيلي ٿيو. اتي قيدين کي کاڌ خوراڪ پهچائيندي، ان وقت جي وڏن اسيرن خان ولي خان، جنرل شيروف ۽ ٻين سان لاڳاپو ٿيس، جو انهن کي لِکي لِکي ڪتاب ور ۾ رجهي پهچائيندو هو، يا سندن خط پڻ پوسٽ ڪندو هو. پيءُ جي وفات 1975ع ۾ ٿيس ته عملي زندگيءَ ۾ پير پاتائين، جيلن جي ٺيڪيداريءَ کي مڪروهه سمجهندي روڊن، عمارتن وغيره جي ٺيڪيداري ڪيائين. پر اتي به ڏيتي ليتي جي جهنجهٽ ڪري هٿ ڪڍي ٻيا مختلف روزگار ڪيائين، جن ۾ ميڊيڪل اسٽور، لوهه جو ڪم، ڪاغذ جو ڪم ۽ ڪمپيوٽر ٺاهڻ ۽ وڪڻڻ شامل آهن. پر ڊراما ۽ ڳائڻ سندس وِرونهه رهيا. هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪم ڪري ٿو، ڪي ڌرتيءَ جي جنگ وڙهڻ لاءِ ميدان جنگ ۾ عمل پيرا آهن ته ڪي وري عثمان صاحب جهڙا قلم جي جنگ وڙهندي پنهنجي ڌرتي، پنهنجي ٻولي، پنهنجي ثقافت ۽ پنهنجي ورثن کي دنيا ۾ متعارف ڪرائڻ کي اهم سمجهندا آهن. اسان وٽ سنڌ ۾ هر موضوع تي تمام گهڻو لکيو ويو آهي ۽ لکجي پيو، پر ڪجهه اهڙا به پاسا آهن. جن تي تمام گهٽ لکيو ويو آهي خاص طور تي آرڪيالاجي، قديم آثار وغيره.

تحقيق جو ميدان انتهائي ڏکيو آهي، ڪا به تحقيق ڪرڻ لاءِ رت کي ولوڙڻو پئي ٿو، خاص طور تي قديم آثارن جي تحقيق آئون سمجهان ٿو، انتهائي ڪٺن ڪم آهي، ان ڏس ۾ محمد عثمان ميمڻ ۽ حاڪم علي شاهه بخاريٰ پاران تيار ڪيل ”سنڌ جي قديم آثارن جي ڊئريڪٽري“ ۽ بلوچستان جي قديم آثارن جي ڊائريڪٽري“ جو مطالعو ڪري سگهجي ٿو. هنن ڊائريڪٽريز ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جا تقريبن ماڳ مڪان اچي چُڪا آهن، اها تمام اعليٰ قسم جي تحقيق آهي. هن تحقيق جي روشنيءَ ۾ ماڳن مڪانن جي اهڙي ته ترتيبوار ڄاڻ ڏني وئي آهي، جو جاگرافيائي لحاظ کان ڪٿي ڏسجي ته ان جي ماڳ نقشو، ان جي خوبصورتي ۽ ان جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو آهي. هي اهڙي تحقيق آهي جو ايندڙ وقت ۾ اگر انهن آثارن

جو نقشو بہ منجي وجي، تڏهن بہ ان جي ڳولا آسان طريقي سان ڪري سگهجي ٿي، جو تہ واضح ڄاڻايو ويو آهي تہ فلاڻو ماڳ سنڌ جي ڳولي تي، زميني ۽ آسماني سطح تي هيتري سينٽي ميٽرن تي موجود آهي. اهڙيءَ طرح ڏکڻ ايشيا جي ٻولين ۽ لپين وارو سندس اعليٰ قسم جو ڪم آهي. هن ۾ ڏکڻ ايشيا جي سڀني ٻولين جو جائزو ورتو ويو آهي ۽ انهن ٻولين ۾ سنڌي ٻولي ڪٿي بيٺل آهي، هندڪو، پراچين توڙي ٻين ٻولين ۾ سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ اهميت کي اجاگر ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه موسيقيءَ تي 'سنگيت سنسار' ۽ 'ڏيهي پرڏيهي ساز' پڻ اعليٰ قسم جي تحقيق آهن. هنن ۾ نہ صرف سُرن جا نالا ڏنا ويا آهن، پر گائڪيءَ جا انداز، آلاپ، سُر، تال، لئہ کان ويندي وقت بہ ٻڌايل آهي تہ ڪهڙي راڳڻي ڪهڙي ٽائيم ڳائي سگهجي ٿي ۽ ڏيهي پرڏيهي ساز ۾ پڻ سنڌ کان علاوه ٻين ملڪن جي سازن جي مڪمل ڄاڻ ڏني وئي آهي. يا وري تعميراتي لغت جو جائزو وٺجي تہ هي ڪم بہ ڪنهن مهارت کان گهٽ ڪونهي. هن ڪم ۾ بہ وڏي محنت ٿيل ڏسجي ٿي. مثال طور گنبذ لفظ جي تہ اسان کي خبر آهي، پر ان جي مڪمل معلومات کان ڪي ٿورا ماڻهو واقف هوندا. اهڙيءَ طرح هر تحقيق ٻئي کان مٿاهين آهي. ٻئنڪاري ۽ واپار واري لغت بہ اعليٰ قسم جي تحقيق آهي. مجموعي طور تي اسان پنهنجي سونهن ساک سان چئي سگهون ٿا تہ هي ڪم ڪنهن عام ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهہ ناهن، جيڪي ڪم هنن فقير صفت ماڻهن ڪري ڏيکاريا. هنن ڪمن تي اسان جي نوجوانن کي غور ڪرڻ گهرجي، اصولي ۽ اخلاقي قدرن کي ڏسجي تہ هي ڪم اسان جي ادارن ۽ اسان جي نوجوانن جي ذميواري آهن، پر وري بہ شابس آهي، ههڙن فقير صفت ماڻهن کي جن عمر جي آخري گهڙين تائين بہ پنهنجي محنت ۽ جانفشانيءَ سان نڀائيندا رهيا، نہ تہ ان عمر جا ماڻهو تہ بستري حوالي ٿي ويندا آهن.

آئون سمجهان ٿو تہ اهو عشق آهي، جنهن هيڏو سارو ڪم ڪرايو. هي اهڙا موضوع آهن، جن تي ان انداز سان هن کان ڀهرين تحقيق ناهي ٿي سگهي، ان تي اڃا بہ تحقيق جي تمام گهڻي ضرورت آهي. ان کان علاوه سندس هڪ ٻيو پاسو جيڪو گهڻو اهم آهي، اُهو آهي (ڊرامو) محمد عثمان ميمڻ ڊرامي لکڻ جي شروعات 1975ع کان ڪئي. سندس ڀهريون ڊرامو 'پسي ڳاڙها گل' آهي، جيڪو هارون رند پي ٽي وي تي ڀهريون پيرو پروڊيوس ڪيو ۽ ٻيو ڊرامو 'چريو'، جيڪو هارون رند پي ٽي وي تي پروڊيوس ڪيو. ان ڪانپوءِ پاڻ لڳاتار 30 کن ڊراما پي ٽي وي لاءِ لکيا. جڏهن ڪي ٽي اين ۽ سنڌ ٽي وي چئنل کُليا تہ 2005ع کان هن انهن لاءِ لکڻ شروع ڪيو، ڪي ٽي اين ۽ سنڌ ٽي وي تان نشر ٿيندڙ سندس ڊرامن بيحد مقبوليت ماڻي. ان کان علاوه سندس هڪ ڊرامو 'ٻاڻي منٽي جهوپڙا' ڪي ٽي اين طرفان منان عباسي منڇر جي پس منظر ۾ پيش ڪيو جيڪو ٿير توڙي ٻوليءَ جي لحاظ کان ڪي ٽي اين جي مُک سيريل شمار ٿئي ٿو. هن ڪي ٽي اين تي 'حوا'، 'آئينو' نالي سيريل ڪانسواءِ درجن کان مٿي 5 ڊيز لکيا. سندس 80 قسطن تي مشتمل سيريل 'روپ راڻي' جيڪا سنڌ جي محبتي ڪردار سونيتي ۽ ان دور جي سياسي عڪاسي ڪري ٿي. ساڳي وقت محمد عثمان سنڌ ٽي ويءَ تي بہ ڪافي لکيو. جن ۾ گهڻو ڪري سيريل ۽ 5 ڊيز آهن. سيريل ۾ 'شانتي' سندس بهترين سيريل آهي، جيڪا اڌ کان مٿي ٿري زبان ۾ لکيل آهي. هيءَ ڀهرين سيريل آهي جنهن ۾ ڪردارن مقامي ٻوليءَ ۾ ڳالهايو آهي، جيئن فلمن ۾ ڳالهايو ويندو آهي. لمانت گل هن جا گيت ڪمپوز ڪيا ۽ مائي ڌائي انهن کي ڳايو آهي. هن کان اڳ سندس سيريل 'وارث' بہ بهترين ڊرامن ۾ شمار ٿئي ٿي. جيڪا 60 قسطن تي مشتمل هئي. هيڏيون وڏيون مسلسل قسطون لکڻ ۽ انهن جو شاندار تسلسل بحال رکڻ ڪافي اوکو ڪم آهي، جيڪو پاڻ ذميداريءَ سان نڀائيو. 5- ڊيز ۾ سندس ڊرامو گهڻو پسند ڪيو ويو، جيڪو سنڌ ٽي وي تان هليو. هن نسيم کرل، اياز قادري، ڪرشن چندر کان سواءِ هندستان جي مرهٽي ۽ تيلگو زبانن جي ڪهاڻين کي سنڌي ويس ڏئي ڊراماٽائيز ڪيو.

سندس اڻڇپيل ڪتابن ۾: سنڌ جي قديم آثارن جي ڊائريڪٽري (ڀاڱو 2،) منڇر جي آبي جيوتہ ڏکڻ ايشيا جا ناچ، جديد فلسفي جا باني، جيوٽيون (ٻہ ڀاڱا) سنڌ ۽ سنڌو تهذيب جا ماڳ، جنهن ۾ 200 ماڳن تي ڪم ٿيل آهي. ان کان علاوه سنڌ جي درگاهن تي بہ هڪ ڪتاب تيار ڪيل آهي.

سندس ڊراما نج پچ اسان جي سماج جي عڪاسي ڪندڙ آهن، ڪردارن جي چونڊ بہ ڪمال جي آهي. هو ماڻهن جي اندر ۾ گهڙي سندن ڏکن دردن کي

ڳولهي لهي ٿو. محمد عثمان ميمڻ پنهنجي سڄي زندگي جدوجهد ۾ گذاري، پاڻ بنيادي طور تي ڪميونسٽ سوچ رکندڙ ماڻهو هو، ان ڪري شروعاتي زندگي ڪميونسٽ لڏي سان گذري، پر جڏهن ڏٺائين ته سياست جو سج لهندو پيو وڃي ته آهستي آهستي سياست کان پاسيرو ٿيندو ويو ۽ مطالعي مشاهدي ۾ مشغول ٿيندو ويو، ان وچ ۾ ڪيس ڪيترائي ڀيرا مختلف ادارن ۾ نوڪرين جون آفرون به ٿيون، ڪيس 1974ع ۾ شيخ اياز سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرر جي آڇ ڪئي ۽ پٽي صاحب طرفان ڊپٽي ڊائريڪٽر آڊٽ ريلوي جي آڇ ڪي به قبول نہ ڪيائين، پر هن فقير صفت ۽ آزاد سوچ رکندڙ انسان، پابندي واري زندگي قبولڻ کان انڪار ڪيو، واقعي جنهن ماڻهو سڄي زندگي پنهنجي دل ۽ دماغ جي چوڻ تي ڪم ڪيو هجي، اهو ماڻهو ڪنهن جي ماتحت ڪيئن ٿو ڪم ڪري سگهي، اهڙيءَ طرح سائين محمد عثمان ميمڻ پنهنجي پوري زندگي سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي خدمت ۾ گذاريندو رهيو ۽ 2009ع ۾ جڏهن سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرپرسن ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ سيڪريٽري تاج جويي انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪرڻ جي آڇ ڪئي تہ پاڻ خوشيءَ سان قبول ڪيائين. ۽ باقاعدي ان ۾ محنت ۽ جفاڪشيءَ سان ڪم ڪري 11 جلد ڇپائي لائق بڻايائين. ان وقت مون کي حيرت ٿي هئي تہ هن ماڻهو ان نوڪريءَ لاءِ 'ها' ڪيئن ڪئي، پر پوءِ هڪ ڀيري پاڻ ٻڌايائين تہ انسائيڪلوپيڊيا جو خواب منهنجو پراڻو هو ۽ ان جو 1992ع ۾ مون ڪجهه سِرا وغيره ٺاهي ڪم ڪيو هو، اهڙي ڪم جي آڇ کي آئون ڪيئن ٿو ٺڪرائي سگهان. ساڻس گڏ ڀهرئين جلد کان وٺي چوٿين جلد تائين مون ڪم ڪيو هو، ان دوران مون محسوس ڪيو تہ سندس هن ڪم سان عشق آهي، پاڻ هن عشق ۾ اهڙو تہ اُلوپ ٿيل هو، جو ڪڏهن ڪڏهن مون جهڙن دوستن کي بہ ڪم ڪار جي حوالي سان بخش ڪونہ ڪندو هو، ۽ سائينءَ جو اهڙو رَويو شعبي ۾ ڪم ڪندڙ ڪيترن ئي دوستن کي ناگوار بہ لڳندو هو، پر آئون دعويٰ سان چوان ٿو تہ سندس اهو رويو ڊڪٽيٽراڻو هرگز نہ هو، ان رويي ۾ پڻ محبت ۽ سندس ڪميٽمينٽ هئڻ جي شاهدي ملي ٿي، هونئن بہ ڪنهن نميوار سيٽ تي ويهڻ ٿو تہ ڪيترن ئي دوستن جون رنجشون برداشت ڪرڻيون پون ٿيون.

عثمان صاحب جي زندگيءَ جو گهڻو عرصو استاد بخاريءَ سان گذريو، ان بعد جڏهن سائين حاڪم علي شاهہ بخاريءَ سان سِڪ جو سڳڙو ٻڌو تہ 'مون ۾ آهين تون' ٻڌجي ويا. چوويهہ ڪلاڪ گڏ، اڄ تائين جيترا بہ ڪتاب ڇپيا آهن، انهن ۾ بہ ٻئي گڏ، ائين ڪٿي چئجي تہ هنن جا جسم ٻہ ۽ رُوح هڪ اٿن ۽ جڏهن حاڪم علي شاهہ بخاري هي جهان ڇڏيو تہ پاڻ بہ ڄڻ تہ ويڳاڻو ٿي ويو هو ۽ گهڻو عرصو زنده رهي نہ سگهيو، هُن پار وڃي ساڻس ساٿ ۾ سلهاڙيو.

ان کان علاوه پاڻ، سائين جي.ايم سيد، شيخ اياز، نظير عباسي، نياز همايوني، عبدالواحد آريسر، انور پيرزادي، بدر ابڙي، اشتياق انصاريءَ سان بہ انتهائي ويجهو رهيو. اميد تہ سنڌ جو ايندڙ نسل هنن ماڻهن جو قدر ڪندي، سندس اڌ ۾ ڇڏيل ڪم کي اڳتي کڻي فخر سان چوندا تہ اسان جا وڏا ايڏا تہ مهذب هئا، جو هنن پنهنجي ورثن کي بہ دنيا ۾ اُجاگر ڪيو، جو اڄ اسين پوري دنيا ۾ فخر وچان ڳاٽ اوچو ڪري جيئون پيا، سنڌ جي هن املهہ ماڻڪ ڪجهہ عرصو بيماريءَ سان جهيڙيندي 8 ڊسمبر 2021ع تي هيءُ جهان ڇڏيو، ڪيس سوين آلين اکين سان پنهنجي اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

عثمان صاحب پونئيرن ۾ ٻہ پُٽ احسان ۽ رضوان ۽ ٽن نياڻين جو غمزده اولاد هن دنيا ۾ ڇڏيو آهي.

ڪتاب جو ليکڪ نهايت سچائيءَ ۽ بيباڪيءَ کان ڪم وٺندي چئي ٿو، ”جيڪو لکڻو هو اهو ڪهاڻين ۾ آهي، منهنجو حال ڪهاڻين ۾ ڳوليو، جيڪو لکڻو هو، سو ڪهاڻين ۾ لکي ڇڏيو هو، اچو تہ پير عبيد جي ڪهاڻين ۾ جهاتي پايون، هو هڪ وطن پرست سچاڻ ليکڪ آهي، جنهن کي وطن جو درد سرس آهي.

”مون کي پنهنجو آواز يونيورسٽيءَ جي ديس پرست شاگرد جو پڙلاءُ مان محسوس ٿيو، ائين چئي وکون کڻي گيلري ۾ وجي ويٺس، ڪئمپس تي ٽڏي شام جا رنگ وکريل هئا. ٻاهر هيٺ شاگرد اجرڪن ۽ گرم ڪپڙن ۾ هئا. (ص 37)

”جي وقت موٽ کائي تہ سيڪجهہ تياڳي ڳري قيمت ۾ اچي رهندس.“ (ص 30)

سنڌ ۾ پاڻي جون ڍنيون هزارين هونديون، شهيدن جي خون جون ڍنيون ۽ ماڳ تہ هر قدم تي هر دور ارغونن ۽ ترخانن جو ورجاءُ آ.

هي ڪهاڻي ”وڻجارا اڏي ويا“ ۾ ڪردارن جي تاريخ جي پڙلاءَ ۾ وطن، وطن جي ماڳ، مڪان سان سلهاڙيل آرٽ جو ذڪر آرٽسٽڪ انداز ۾ ڪري ٿو. لکي ٿو: ”سڀ گل، ٻوٽا، سنڌ ۾ سدائين ڏاريا ٻاهريان!؟“

هنن جي چنتا، ڳڻ ڳوت ۾ سنڌ جي شهرن ڳوٺ جا منگهہ ماڙيون ايري پيون.

”ماڙيون شهر جا مک چهرا ۽ منگهہ، نڪ اکيون ٿينديون آهن.“

جمشيد نسروانجي ٿڌو ساهہ پريندي چيو.

”نہ نڪ نہ سسيون پوءِ ساهہ پيا کڻون، ڳالهين ..........

”اهو ڏک پنهنجي جاءِ تي پر پنهنجو ساهہ ڏرتيءَ سان شهر جي هڪ تاريخي جاءِ حيدر منزل....؟“

اسان جو ڪهاڻيڪار انتهائي ذهانت سان وطن سان سلهاڙيل درد کي شاندار آرٽسٽڪ انداز ۾ بيان ڪري ٿو، لکي ٿو: ايگزيبيشن هال جي در تي ساڳيا ٺهڪ، آرٽ لورز جا سنجيده مک.

"Sorry".

هرچندراءِ وشنداس جمشيد نسروانجي جينئس آرٽسٽ چترڪار نجيب شاهہ سان ٽڪرائيندي بچيا.

"Its all right".

نجيب شاهہ جي مک تي لازوال مرڪ ۽ هٿن ۾ رنگن جا برش هئا.

ڪمال جون تصويرون ۽ اسڪيچ هئا.

ڪنهن صبح جو سج جا ڪِرڻا موهٽا پئلس ۽ Icon Tower جي مهاڙيءَ تي تلڪ جيان وسيل هئا. چوڪيدار ماهوٽا پئلس جي گيٽ تي بيٺل هئا. هڪ عملدار آفيس ۽ عجائب خاني مان ڦيرو پائي پوئين پاسي ڪليل پٽر اورانگهي مورتين پاسي ويو تہ اوچتو رڙ نڪري ويس:

”مورتيون گم آهن.....!!؟؟“

”هن جي رڙ چوڌس پڙاڏو ڪري Icon Tower سان ٽڪرائجي موٽي آيون.“

”وڻجارا ڪنجي ويا!!“

مورتين جو پراسرار آواز هوائن سان وڃي مليو.

ڏسو! ڪهاڻيڪار ڪيڏي شاندار انداز ۾ ڌرتي ڌڻين جي دانهن آرٽسڪ انداز ۾ ورجائي آهي، جيڪا مادرِ وطن اندر ٿيندڙ ڏاڍ ۽ انياءُ جي ڪهاڻي آهي، ڪهاڻي جا نتيجا ڏورس (Un-Folded) آهن.

هُو مابرن عشق جي انداز ۾ بہ پروسي ٿو ۽ پڙ کان خبردار ڪري ٿو، دل ۾ درد ۽ مامتا جهڙي محبت جو مِناس ماڻڻ لاءِ ماڻهن کي اندر اُجارڻ سيکاري ٿو. رونق افروز رمزن سان معجزن، بحث مباحثن مان فيض پرائڻ جو فن سيکاري ٿو، جڏهن هُو جهوڪ پَسي ٿو تہ جهڙي پوي ٿو ۽ هن دنيا ۾ سندس مشاهدن مان گهڻو ڪجهہ سيکارڻ چاهي ٿو. رولو ڪُتي کان پٽي پائي ۽ چندي جي پيتي کان عمل ۽ گيڙو مستري ۽ ماشاءالله کان نوڪري ۽ ڏيئي ۽ زال جي صلاح کان پوندو تائين دنيا جا سڀ رنگ ۽ ڍنگ ۽ ساٿيهہ سان ٿيندڙ ستم محسوس ڪري سبق سيکارڻ جو بهترين درس ۽ محبت جي ڳالهہ ڪري ٿو.

مطلب تہ ڊاڪٽر صاحب خالق ۽ سندس مخلوق سان محبت ماڻڻ جون منزلون ڏيکاري ۽ سيکاري ٿو.

”هُو سڀ ڪنهن کي پرينءَ جي راهہ ڏسي ٿو، بشرطيڪ نيڻن ۾ نينهن هجي ۽ ڳالهہ ۾ ڳڻ هجي.“

سندس ڪهاڻيون ڪافي وقت کان ٽماهي ’مهراڻ‘ ۾ مسلسل شايع ٿينديون رهن ٿيون، ۽ هُو جڻ تہ ٽماهي ’مهراڻ‘ جو خاص ڪهاڻيڪار بہ آهي تہ مطالعو ڪندڙ پڻ آهي. اهڙي طرح ٽماهي ’مهراڻ‘جي پڙهندڙن سن سندس لاڳيتو رابطو آهي، ائين ٿو لڳي تہ هُو پنهنجي اڌ ۾ جڏيل ڳالهہ کي پوري بہ ٽماهي ’مهراڻ‘ جي صفحن ۾ ئي ڪندو.

## نوان ڪتاب






پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو
شڪارپور



# ديوان گل ۽ سنڌي صورتخطيءَ جو تحقيقي جائزو

سال 2022ع ۾ سنڌي ادب ۾ جن اهم ڪتابن جو اضافو ٿيو آهي، انهن ۾ ”ديوان گل ۽ سنڌي صورتخطيءَ جو تحقيقي جائزو“ (آخوند گل محمد جو سنڌي ٻوليءَ ۾ 54 اکرن وارو پهريون ديوان) شامل آهي، جيڪو ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب جي علمي ۽ ادبي تحقيق جو نهايت شاندار ڪارنامو آهي.

ڊاڪٽر سومري صاحب علمي ۽ ادبي ميدان ۾ جيڪي تصنيفون اسان کي ڏنيون آهن، سي سندس گهري مطالعي، ڳوڙهي سوچ، اعليٰ معياري تحقيق ۽ انفرادي اسلوب ۽ حاصلات جا منفرد مثال قائم ڪري، همعصر دور جي علمي ۽ تحقيقي ماحول ۾ منفرد جاءِ والاريندا. ”ديوان گل“ آخوند گل محمد ’گل‘ (1796ع - 1858ع) هالائي جو سنڌي زبان جي ادب ۾ عروضي فن تحت چيل غزلن جو پهريون ديوان آهي، مگر ان حيثيت ۽ اهميت کان سواءِ اهو علمي، ادبي، فڪري ۽ فني پهلوئن جي لحاظ کان ايترو تہ همہ گير آهي، جو خليفي گل جي احساس ۽ ادراڪ جا ڪيترائي زاويہ ظاهر ڪري ٿو. جن ڏانهن جهڙيءَ ريت ڊاڪٽر سومري صاحب گهرائيءَ سان نهاريو آهي، تهڙيءَ طرح اڳ ڪي ٿيا محقق گهٽ متوجهہ ٿيا، ان ڪري ڊاڪٽر سومري صاحب جي تحقيق وڌيڪ متوجهہ ڪري ٿي. ديوان گل جو سٽاءُ هن ريت سٽيو ويو آهي:

مهاڳ- مقدمو- پس منظر- انگريزن جي دور ۾ سنڌي صورتخطيءَ بابت ڪشمڪش جو آغاز ۽ انجام- سنڌي صورتخطيءَ بابت ايلس- ٽرمپ تنازع، سنڌي صورتخطي- ڇا سنڌي صورتخطي انگريزن ڏني؟ آخوند گل طرفان صورتخطيءَ تي تنقيد ۽ صوتياتي اصول- آخوند گل جي حياتيءَ جو احوال- آخوند گل جي شاعري ۽ فڪر- ديوان گل جي تمهيد (بمبئي ڇاپو 1858ع) جديد صورت ۾- ديوان گل جو متن- ديوان گل- بمبئي ڇاپو 1858ع مڪمل عڪس- ديوان گل- قلمي نسخو 1275ھ مڪمل عڪس.

مٿين عنوانن کان سواءِ ست ضميما پڻ ڏنا ويا آهن. ڪل صفحا ٽي سئو پنجاسي آهن ڊبل ڪرائون سائيز ۾ هيءُ تحقيقي شهپارو بيحد قيمتي ۽ مفيد ثابت ٿيندو، جو ادبي تحقيق ۾ محققن لاءِ بنيادي حيثيت جو حامل رهندو.




مٿي پيش ڪيل سٽاءَ جو مقصد اهو آهي تہ پڙهندڙن کي حقيقتون آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي سگهن.

ڊاڪٽر سومري صاحب مهاڳ جي ابتدائي صفحن تي تت رقم ڪيو آهي، جنهن ۾ اهم ڳالهيون هي آهن:

هن سلسلي ۾ هڪ ٻي مليل اهم شاهدي وري هن ريت آهي.

ٽماهي مهراڻ: 4- 1967ع ۾ هڪ مضمون بعنوان ”سنڌي رسم الخط جي تاريخ“ جي عنوان سان شايع ٿيو، جو اصل ۾ سنڌ جي هڪ سابق انگريز گورنر جو لکيل هو، جنهن جو اردو ترجمو ’معاف‘ اعظم ڳڙهه 6- 1943ع ۾ ڇپيو هو. ان جو سنڌي ترجمو مهراڻ 4- 1967ع ۾ ڏنل آهي. ان ۾ چئو چيو ويو آهي ته، ”ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جي حڪم تي عربي حروف تهجيءَ جي حق ۾ ڪيو ويو. ان فيصلي اچڻ تي، سرفريئر، حيدرآباد جي ڪليڪٽر ايلس کي اهو ڪم سپرد ڪيو هو ته هُو عربي حروف تهجيءَ کي تيار ڪرائي. موجوده عربي سنڌي حروف ان جي ڪوشش جو نتيجو آهن. پر سنڌيءَ ۾ ٻاونجاهه حروف آهن ۽ ان جي مقابلي ۾ عربيءَ ۾ رڳا اُٺيهه حرف آهن. ان سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لهجن ۽ انهن جي صوتي اثرات ۽ خصوصيات کي قائم رکڻ لاءِ ان گهٽتائيءَ کي ٽبڪن جي وسيلي سان پورو ڪيو ويو. (ص 136)

### ايلس جي قابليت ۽ عمل جو اعتراف:

ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس، انگريزي، عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ تعليم لاءِ اسڪولن ۾ في fee وٺڻ جي هدايت ڪئي هئي، پر ايلس سماجي صورتحال ۽ تعليمي ترقيءَ طرف سوچي هڪ ڏاهي عملدار جي حيثيت سان ان هدايت سان اختلاف ڪيو ۽ سنڌيءَ ۾ تعليم کي مفت جاري رکڻ جو اثرائتو مشورو ڏنو، جو قبول ڪيو ويو. ايلس چيو ته هوند جيڪي شاگرد ورنيڪيولر اسڪولن ۾ ضلعي سطح تي سنڌيءَ ۾ وڏي اهليت جو مظاهرو ڪن ته انهن کي اسڪالرشپ ڏئي انگريزي اسڪولن ۾ پڙهايو وڃي(11). سندس غير معمولي خدمتن جي قدردانيءَ طور سندس نالي سان ”ايلس پرائيز“ قائم ڪيو ويو، جو سنڌيءَ ۾ خاص صلاحيت جو مظاهرو ڪندڙ شاگردن کي ڏنو ويندو هو. اهڙو انعام مرزا قليچ بيگ کي 1872ع ۾ مئٽرڪ جي امتحان ۾ هڪ ڪتاب جي صورت ۾ حاصل ڪيو، محقق ڊاڪٽر سومري صاحب ضميمي ۾ ان جو عڪس ڏنو آهي.



ايلس- بيشڪ جهڙو تصويرن ۾ ڏسجي ٿو.

تهڙو حشمت، همت ۽ حوصلي وارو مرد چئي سگهجي ٿو، سندس لکيڙهه پڙهي نه رڳو هن جي دانشمندي پئي محسوس ٿئي، پر هُو ان جي پختي اظهار ۽ پنهنجي راءِ قائم ڪرڻ وارو مدبر محقق ۽ حاصلات تي مضبوطيءَ سان بيهڻ واري جي حيثيت سان آڏو اچي ٿو.

ڊاڪٽر سومري صاحب جي موجوده تحقيق سان ته ايلس جي سنڌي صورتخطيءَ لاءِ ڪيل خدمتن کي ايترو نروار ڪيو ويو آهي، جو سنڌي علم، ادب ۽ سماج ۾ سندس مانُ ۽ مرتبو هيڪانو وڌي ويندو ۽ ڪيس تاريخ ۾ احترام لائق منفرد مقام حاصل رهندو.

### سنڌي صورتخطيءَ بابت ايلس- ٽرمپ تنازعو:

هن عنوان هيٺ محقق ڊاڪٽر سومري صاحب، انهن ٻنهي عملدارن جي اختلافي نقطن سان پڻ روشناس ڪرايو آهي جن جو مختصر پيرايي ۾ ذڪر ڪجي ٿو. 12- سيپٽمبر 1854ع تي ڪرسچن مشن ٽرسٽ وارن جي دعوت تي جرمن مشنري ارنيسٽ ٽرمپ ڪراچيءَ پهتو. هو لسانيات جو ماهر هو، ان ڪري

هن ايلس جي تشڪيل ڏنل صورتخطيءَ تي تنقيد ڪئي. هو سنڌيءَ لاءِ اردوءَ جي رسم الخط جو حمايتي هو. هن نومبر 1854ع ۾ "سنڌي الف- بي بابت جامع اسڪيم" جي عنوان هيٺ تفصيلي رپورٽ تيار ڪري هيڊ آفيس لنڊن ڏياري موڪلي. اها هن بمبئي سرڪار کي پڻ موڪلي ۽ فريئر کي بہ روبرو ڏني. هن ايلس جي مقرر ڪيل صورتخطيءَ جي حرفن تي ڏنل ٽٻڪن تي اعتراض ڪيا، جن جو ايلس ڪيس مدلل علمي ۽ لساني جواب ڏنو. ٽرمپ سنڌيءَ جي وسرڳ آوازن: 'ڦ' ۽ 'ڄ' کي اردو وانگر 'پھ' ۽ 'ڇھ' وانگر لکڻ تي زور ڏنو. انهن لاءِ ايلس تاريخي دليل طور چيو تہ سنڌيءَ ۾ اهي صدين کان 'ڦ' ۽ 'ڄ' جي صورت ۾ لکيا ويا آهن ۽ لکڻ ۾ سولا آهن، مگر ٽرمپ، ايلس جي دليلن کي سمجهڻ کان قاصر هو. ڊاڪٽر سومري صاحب ٽرمپ جي شاهہ جي رسالي ۾ ڪم آندل صورتخطي ايلس سان سورهن حرفن تي اختلاف ۽ ڪن ٻين معاملن تي لکيو آهي.

### سنڌي صورتخطيءَ بابت ڪاميٽي ناهڻ واري غلط فهمي:

ديوان گل جي تحقيقي مقدمي ۾ هي عنوان نهايت اهم ۽ دلچسپ آهي. مٿي پيش ڪيل حقيقتن مطابق ايلس اهڙي ڪاميٽي ناهڻ جي مخالفت ڪئي هئي، جنهن سان فريئر پڻ متفق هو. "ڪاميٽي ناهڻ وارو اختراع سڀ کان پهرين محمد صديق ميمڻ پنهنجي تصنيف "سنڌ جي ادبي تاريخ" ۾ ڪيو جنهن ۾ هن اٺن ميمبرن جا نالا ڄاڻايا جن ۾ مرزا صادق علي بيگ جو نالو بہ شامل هو.

محمد صديق ميمڻ جي اختراع کي پوءِ پيرومل مهرچند، غلام علي الانا، ۽ عبدالڪريم لغاري، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي توڙي ٻين ان مغالطي کي ورجايو. سال 1986ع ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو ڪتاب "اوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون" ڇپيو، جو پوءِ سنڌ ۾ پڻ ڇاپيو ويو. تنهن ۾ ان ڳالهہ کي ڇنو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ، "هي جو چيو وڃي ٿو تہ مرزا قليچ بيگ جو مربي پاءُ مرزا صادق علي بيگ، ان ڪاميٽيءَ جو ميمبر هو، جيڪا سنڌ جي اسسٽنٽ ڪمشنر ايلس پنهنجي صدارت هيٺ عربي، فارسي اکرن جي آڌار تي، سنڌيءَ لاءِ الف- بي جو هڪ نئون سرشتو تيار ڪرڻ لاءِ مقرر ڪئي هئي، سا ڳالهہ شڪي آهي. ڇاڪاڻ جو اها ڪاميٽي 1853ع ۾ ٺهي هئي، جنهن وقت مرزا صادق علي بيگ جي عمر اٺ سال هئي.

مختلف ڪتابن جي ورق گردانيءَ ۾ مرزا صادق علي بيگ جي خاندان مان اها ڳالهہ پڪيءَ طرح معلوم ٿي تہ هو سن 1845ع ۾ ڄائو هو، پر ان جي تصديق ڪوبہ ڪري ڪونہ سگهيو تہ هو ڪو مذڪوره ڪاميٽيءَ جو ميمبر بہ هو. اها ڳالهہ پوءِ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پنهنجي ڪتاب "ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ" (سنڌي ٻوليءَ جون لپيون)، جيڪو جون 1999ع ۾ ڇپيو، تنهن ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جا نالا ڏيندي ورجائي. (ص ص 162 ۽ 163)

ڊاڪٽر جيٽلي جي ڪتاب "اوائلي شايع سنڌي لوڪ ڪهاڻيون" کان پوءِ عبدالقيوم صائب ٽماهي 'مهراڻ' 1989/2ع جي رسالي ۾ هڪ خط شايع ڪرايو، جنهن ۾ ڊاڪٽر جيٽلي جي ڳالهہ جي وضاحت ۾ چوي ٿو تہ، "مرزا قليچ بيگ جي پوٽي مرزا محمد حبيب وٽ مرزا صادق علي بيگ جي قلمي ڪتاب "اخلاق محسني" جي فوٽو ڪاپي ڏسڻ جو وجهہ مليو، جنهن ۾ هو ان ڳالهہ تي روشني وجهي ٿو تہ "آءٌ ٽيرهن سال تعليم کاتي جو ترجمان هوس ۽ انهيءَ وقت ۾ ٻين سرڪاري ڪمن سان گڏ سائينس پرائمر، جهڙو علم طبق الارض، علم ڪيميا، علم جغرفيہ وغيره کاتي کي گهربل ڪتاب انگريزيءَ تان ترجمو ڪري تيار ڪندو هوس ۽ ورنيڪيولر لٽريچر ڪميٽي سنڌ جو سيڪريٽري ٿي، جيڪي ڪتاب ڪاميٽيءَ وٽ پيش ٿيندا هئا، تن تي رايا ڏيندو ۽ اصلاح ڪندو هوس." انهيءَ عبارت مان معلوم ٿئي ٿو تہ مرزا صادق علي بيگ، ايلس واري سنڌيءَ لاءِ الف- ب جو هڪ نئون سرشتو تيار ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيل ڪاميٽيءَ جو ميمبر ڪين هو." (ص 187)

صورتخطي سنڌ ۾ صدين کان رائج هئي. انگريز سرڪار ان کي هڪ مقرر صورت ڏيڻي نافذ ڪيو. ان لحاظ کان ڏسبو ته انگريزن طرفان مقرر ٿيل صورتخطي قديم سنڌي صورتخطيءَ جو تسلسل آهي. ان ۾ ڪلهه نئين خاص ڳالهه ڪانهي، سواءِ ان جي ته ڪجهه حرفن ۾ ٽبڪن جي بيهڪ مقرر ڪئي وئي." جيڪا درحقيقت خود ٽرمپ جي لکيل گرامر ۾ سنڌي الف- بي جي ڏنل جدول مان پوري ريت واضح ٿئي ٿي(13).




ان شاندار تاليف جو تحقيقي مقدمو وڏي محنت ۽ تحقيقي معيار وارو آهي، جنهن لاءِ محقق اناويهن سنڌي، ڇهن اردو، پنجن انگريزي ڪتابن ۽ پنجن قلمي مسودن جي اڀياس سان لکيو آهي، سو سندس يادگار ڪارنامو آهي. ان جي اعتراف ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڄام شوري اهو مقدمو الڳ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪري، هڪ طرف محقق جي عزت افزائي ڪئي آهي ته ٻي طرف "مقدمي لطيفي" ۽ "شاهه جي رسالي جو مقدمو" جدا ڇپرائڻ واري روايت کي قائم رکي، سنڌي ادبي بورڊ ادب ۽ تحقيق نوازيءَ جي نميواري سرانجام ڏني آهي، اڳ ۾ ڪلاسيڪي ۽ اساسي شاعريءَ جا مقدما ڇپيا آهن، پر هي عروضي فن تحت ترتيب ڏنل ڀهرين ديوان جو ڀهريون دفعو اعليٰ معياري مقدمو آهي، جنهن جو جيترو اعتراف ڪجي گهٽ آهي.

## حوالا:


1. سومرو، عبدالغفار ڊاڪٽر: "ديوان گل ۽ سنڌي صورتخطيءَ جو تحقيقي جائزو"، 2022ع ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ ڄام شورو.
2. Ramsay Muir, The Making of British India, P.299
3. هندي اردو تنازعہ: ڊاڪٽر فرمان فتح پوري، ص 452
4. Hamida Khuhro, The Making of Modern Sindh, P. 224
5. Hamida Khuhro, op.cit. 229
6. Hamida Khuhro, of.cit. 235
7. Allah Rakhio Butt, The Nineteenth Century Book Trede in Sindhi Thesis, P.90
8. Hamida Khuhro, 235, B.H.Ellis, Report, P. 14
9. Hamida Khuhro, p. 238, B.H.Ellis, Report, P.15
10. Hamida Khuhro, op.cit. P.255
11. Dr.N.A.Baloch 1969, Ellis Report, March 1856.
12. Dr. Butt, Thesis, 1988, P.90.
13. Trump Ernest, Grammar of The Sindhi Language, SLA & EFT, Appendix-II, PP. 534-535



ڊاڪٽر اسد جمال 'پلي'
عمرڪوٽ

# ڪتاب: ناوَ هلندِي رَهي (شاعري)
## شاعر: نياز پنهور

محترم نياز پنهور جي شاعري جو هيءُ ڪتاب 'پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور سنڌ طرفان تازو ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو آهي.

ادا نياز جو نالو سنڌي ادب ۾ ڄاتل سڃاتل، مقبول ۽ مشهور آهي، هن جيئن ٻاراڻي دؤر کان پنهنجي قلم کي سنڀاليو ۽ متحرڪ ڪيو آهي، تسلسل سان لکيو آهي ۽ ان جي مَس کي ٺرڻ ٺپرڻ ڏنو ئي ناهي، وقت جي وهڪرن سان سندس ذهن ۾ ٻاراڻ جي ٻوليءَ ۾ پختگي ۽ رواني روان دوان رهي آهي، سندس ٻاراڻا ٻول جيڪي گُل ڦُل ۽ مهراڻ (روزانه) کان شروع ٿيا انهن جي اجتماعي شڪل وري 1981ع ۾ سندس ڪتاب 'ڪوڏ ۽ سپون' جي نالي سان پڙهندڙ تائين پهچي ٿي ۽ سندس ڪجهه ڊراما ٽيليويزن جي اسڪرين تي ظاهر ٿين ٿا. ساڳئي دور ۾ ريڊيو حيدرآباد تان گهڻيون ساريون سندس تقريرون به سامعين جي گوش گذار ٿين ٿيون.

نياز صاحب سنڌي ادب جي مختلف اسٽيجن تي پرسڪون ۽ ڊگهيون تقريرون ڪندي پڻ نظر اچي ٿو، هونئن ته هُو سڄي سنڌ ۾ نظر اچي ٿو پر حيدرآباد جي اڪثر ميڙاڪن ۾ موجود هوندو آهي ۽ پنهنجي مدلل راءِ سان موضوع سان انصاف ڪري ٿو.

تازو محترم نياز پنهور صاحب جا خاڪن جا ٻه ڪتاب پڻ منظر تي آيا آهن. هونئن ته اسان وٽ سنڌيءَ خاڪن تي ماڳهين آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪتاب آهن، پر انهن ۾ به سندس لکيل خاڪن کي خاص انفراديت حاصل آهي، هنن سڀني ادبي ڪمن سان گڏ سندس صحافت وارو ڪردار تمام اهم آهي. سندس صحافتي لکڻين ۾ جيڪا سختي ۽ سچ جي شوخي آهي اها سندس صحافتي ڪردار جي بيباڪيءَ جي شاهد آهي. هن هڪ دلير صحافيءَ وانگيان ڪڏهن به پنهنجي ذاتي تعلقات ۽ دنياداري جي معاملن کي صحافت جي تيز نوڪ واري قلم سان وچڙايو به ناهي ته وري ڪڏهن ونگار به ناهي وهيو، هن سچي حقيقت کي پرکڻ لاءِ سندس 'ڪالم' گواهه آهن.

ٻي طرف سندس اندر جو معصوم شاعر وري هن ڪتاب ۾ سندس شاعرانه جهلڪيون پسائي ٿو، نياز صاحب جي هن ڪتاب ۾ سندس 71 غزل، 21 نظم، 53 دوها ۽ فرد، 6 وايون، 4 گيت ۽ 2 ترائيل شايع ٿيل آهن. هُو انهيءَ ڳالهه جو قائل آهي ته:



هيءَ سونهن سجائي آ پيارا،
ٻي ڳالهه اجائي آ پيارا،
جا توکي ساريندي گذري،
سا رات سجائي آ پيارا.

سندس شاعري سندرتا پريت پٽي جو ميلاپ آهي، هو خارجي حوادث کي داخلي دنيا ۾ آڻي ٿو ڇڏي.

سندس روح کي وقت جيڪي رهنڊڙا هڻي ٿو، هُو انهي تي پيار جي پٽي رکي پنهنجي اظهار جي سليقي ۾ لڪايو ڇڏي:

راتين ۾ مان رلندو آهيان
آ مون کان چنڊ رٺل پيارا!

سڀ نينهن نگر مُرڪيو آهي
تو ڳل سان لاتو آ پيارا.

نياز جي غزلن ۾ روايتن کان وٺي جديديت تائين جون سڀ جهلڪون آهن ۽ هو انهن ۾ ڪامياب انڪري آهي جو هو غزل جي فن کان نه صرف آگاهه آهي پر ان تي عمل پيرا پڻ آهي. سندس ننڍڙا ننڍڙا نظم پر اندر کي ڌاڍو ڇُهن ٿا. سندس نظم ۾ جيڪو ردم آهي ان جو راز آهي ٿي سندس فن تي دسترس. هڪ نظم جو مثال وٺو:

اسين
آزاد
ماڻهو
۽ حياتي
قيد
خانو آ.

هن نظم جي محور Vertical axis کي Transverse axis ۾ تبديل ڪريو ته عروض جي عاليشان شڪل ٺهندي.

اسين آزاد ماڻهو ۽ حياتي قيدخانو آ

اهڙيءَ طرح سندس سيني نظمن ۾ فن جي پختگي موجود آهي، سندس وايون ۽ ٻي شاعري به نياز جي پنهنجي دور جي معتبر ۽ پختي شاعر هجڻ جي گواهه آهي. سندس فن سان گڏ سندس فڪر جو هڳاءُ به ڪو غير ڪونهي، هو شروع کان آخر تائين 'سنڌ' ۽ 'سنڌ' آهي، هو سنڌ جي هر ڪنهن منفي ڪردار کان انڪاري ۽ سنڌ جي هر ڪنهن حب رکندڙ ڪردار سان محبت ڪندڙ آهي.

چڙهيا سچ چئي،
سوليءَ مٿي ڪي سڄڻ.

وري ٻي وائي جي سڳنڌ هينئن ٿو ڳولي ته:

ڦهلي آ سڳنڌ،
جت ڪٿ منهنجي پونءِ تي.

نياز جي شاعريءَ مان هڪ ٻي ڳالهه اسان تائين واضح ٿي اچي ٿي ته سنڌي شاعرن ڪنهن به دؤر ۾ پڙهندڙن کي مايوس نه ڪيو آهي، اگر ڪي شاعر پنهنجين من مستين سان شاعريءَ جي فن ۾ ٿورا گهڻا جهول پيدا ڪن ٿا ته اتي وري اهڙا پختا شاعر اچي انهيءَ دؤر ۾ پنهنجي فن جي جادوگريءَ سان پڙهندڙ جي من کي موهين ٿا، انهيءَ ڳالهه جي تصديق نياز جي هن ڪتاب مان ٿئي ٿي ته "ناوَ هلندي رهي" ٿي.

ضلعي بدين ۾ ٿي. پاڻ سنڌ ۾ سهروردي سلسلي جا وڏا بزرگ هئا. ۽ سندن خانقاهه ۽ خاندان مان تمام وڏا بزرگ پيدا ٿيندا رهيا، جن سهروردي فيض جي درياهه کي سنڌ ۾ روان دوان رکيو. حضرت پيرمحمد اشرف شاهه جون ڪشف ۽ ڪرامت جو گهڻيون روايتون مشهور آهن. ان سان گڏ پير صاحب جي شاعري جو به وڏو ذخيرو موجود آهي جيڪو رسالي جي صورت ۾ ڪافي دفعا شايع ٿي چڪو آهي سندن رسالي جو هڪ ايڊيشن 1994ع ۾ 'ڪلام اشرف' جي نالي سان محترم نياز همايوني جي ترتيب ۾ پڻ شايع تي چڪو آهي. سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ پير صاحب جي شاعري جو مٿاهون مقام آهي ۽ سندس شاعري مولودن جي محفل ۾ اڪثر پڙهي وڃي ٿي. پير صاحب جي وفات 1277هه مطابق 1861ع ۾ ٿي.

هن خاندان جي جن ٻين بزرگن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ موجود آهن انهن ۾ پير حاجي جان محمد قريشي، پير حاجي خان محمد قريشي، پير حاجي تاج محمد شاهه، پير حاجي عبدالجليل قريشي، پير حاجي عبدالله شاهه، ڊاڪٽر پير ابراهيم خليل، پير محمد بشير قريشي پير محمد اسماعيل صادق ۽ پير عبدالحميد (موجوده سجاده نشين) ۽ سندن فرزند ڊاڪٽر پير محمد علي قريشي شامل آهن. ان کانسواءِ پير جي ٻئي اولاد جو پڻ سوايو ذڪر موجود آهي.

سهروردي سلسلي جي هِن فيضور خاندان ۽ سنڌي ڪلاسيڪي شاعري جي هن سر موڙ شاعر جي ذڪر سان ڀرپور هن ڪتاب جي ليکڪ ۽ سهڙيندڙ محترم پيرتاج محمد قريشي صاحب سنڌي ادب ۾ هڪ اهم ڪتاب جو اضافو ڪيو آهي

هن ڪتاب ۾ هڪ خاص ڳالهه اهم آهي ته هن خاندان جا بزرگ ديني علوم مان فيضياب ٿي، ديني خدمتون ڪرڻ سان گڏ دنياوي علمن خاص طرح جديد سائنس علمن جهڙوڪ ميڊيڪل سائنس ۽ انجنيئرنگ جي شعبي ۾ به تعليم يافته آهن ۽ مختلف عهدن تي شاندار خدمتون سرانجام ڏيندا رهيا آهن.

## نوان ڪتاب






# ڪاروانِ ادب (ڪاس) طرفان متياريءَ ۾ منعقد ڪيل مشاعري جون تصويرون




ڪاروانِ ادب (ڪاس) طرفان متياري ۾ منعقد ڪيل مشاعري ۾۔ ڊاڪٽر اسد جمال پلي شعر پڙهندي، پاسي ۾ وينل اسٽيج سيڪريٽري پير بهاءالدين 'بهاءَ' سرهنديءَ ميزبان پير مجدد سرهندي



ڪاروانِ ادب (ڪاس) طرفان متياري ۾ منعقد ڪيل مشاعري ۾۔ ڊاڪٽر اسد جمال پلي، پير مجدد سرهنديءَ مشاعري جي صدارتي پينل کان حضرت خواجه شاهه عبدالرحيم سرهندي رح ادبي ايوارڊ وصول ڪندي



**خالد ساحل ڪيريو**

موري

# سنڌ جي ناماياري محقق، مؤرخ ۽ سماج سڌارڪ رسول بخش گچيرائيءَ جي ڪتاب "گچيرو" جي رونمائي تقريب

موري ۾ سنڌ جي نالي واري محقق ۽ مؤرخ رسول بخش گچيرائيءَ جي لکيل ڪتاب گچيرو (شهر، شخصيتون، ثقافت ۽ ادارا) جي مهورتي تقريب 13 فيبروري 2022ع تي يونائيٽيڊ پبلڪ هاءِ اسڪول بلاءِ پاس ٽائون ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ موري پاران منعقد ڪئي وئي. تقريب جي صدارت سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي خزانچي مارو جمالي ڪئي. مهمانن ۾ ڊاڪٽر برڪت ملڪ، سيد منظور علي شاهه، سبحان سوز جتوئي، احسان زنگيجو، زاهد حسين سومرو، اسلم عباسي ۽ عزيز ڪورائي جن هئا.

پروگرام جي شروعات لطيف سائينءَ جي وائيءَ سان ٿي، جنهن بعد نوجوان شاعر ۽ محقق خالد ساحل ڪيريي ۽ رضا لانگاهه رسول بخش گچيرائيءَ کي سنڌ جي سوکڙي ٽوپي ۽ اجرڪ، سڪندر علي جروار، مظهر علي ميمڻ، افتخار حسين ٻگهيو، ڊاڪٽر نظام الدين ڏاهري، گل محمد ٻگهيي ۽ ٻين اجرڪ جا تحفا ۽ گلن جا هار پيش ڪيا.

تقريب جي آجياڻي ۾ سنگت جي سيڪريٽري رضا لانگاهه چيو ته زنده قومون پنهنجي محسنن کي جيئري ماڻ بخشينديون آهن. رسول بخش گچيرائي تحقيقي ۽ تاريخي ادب ۾ اڻ ڪتاب لکي تاريخ جا ڪيترائي رهيل پاسا نروار ڪيا آهن ۽ گچيري جي وساريل تاريخ کي محفوظ ڪري هن هڪ انمول ڪتاب ڏنو آهي. هن آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا.

خالد ساحل ڪيريي ڪتاب بابت مقالو پڙهندي چيو ته رسول بخش گچيري جي قديم تاريخ جهڙن موضوعن تي نئون تحقيقي ڪم منظر عام تي آڻي، تاريخ نويسن لاءِ نوان علمي، ادبي ۽ تاريخي بحث آندا آهن، جيڪي سندس محنت، جاکوڙ ۽ نئين تحقيق جو نتيجو آهن. ڪتاب ۾ گچيري جي اوائلي تاريخي پس منظر، ماڳن مڪانن، آثار قديمه، سماجي زندگيءَ، تاريخي واقعن ۽ لاڳاپيل موضوعن کي نميواري سان دليلن سان لکي هن پيدا ڪيل گهڻن مونجهارن کي حل ڪري واضح ڪيو آهي. ڪتاب ۾ پوئين لکيل تاريخ سان ڪٿي سندس اختلاف ته ڪٿي هم آهنگي آهي.

محبتي ملاح چيو ته ڪتاب ۾ استعمال ڪيل ٻولي ساهتي جي ثقافت ۽ رنگ واري آهي. هيءُ ڪتاب تاريخي ادب ۾ اهم اضافو آهي.

سڳا موري جي صدر اسلم عباسي چيو ته رسول بخش گچيرائي سنڌ جي قديم شهر گچيري جي تاريخ کي قلم بند ڪرڻ تي جس لهڻي. اميد آهي ته مستقبل ۾ هن ڪتاب جا ايندڙ ڀيا ڀاڱا پڻ ڪيترن ئي تاريخي واقعن ۽ نئين مواد تي مبني هوندا.

سيد منظور علي شاهه چيو ته گچيرائيءَ جون علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتون تاريخ جو هڪ باب بڻيل آهن. ڪتاب ۾ هن مخدوم غلام محمد قريشي بگائي، مخدوم هنگوري ۽ ٻين نامور شخصيتن جي جاڻ پريي ذڪر سان گڏ گچيري جي ڪيترين ئي صدين جي تاريخ محفوظ ڪئي آهي. سندس علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتون تاريخ جو هڪ باب بڻيل آهن.

زاهد حسين سومري چيو ته رسول بخش گچيرائي بلالي تحريڪ، مخدوم هنگوري، ڪلهوڙن ۽ انگريزن جي دور حڪومت تي گهري نظر وڌي آهي. هن هميشه تاريخ جا نوان رخ نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

احسان زنگيجي چيو ته ڪتاب ۾ سائين رسول بخش محمد بن قاسم، راجا ڏاهر، انگريزن جي حڪومت ۽ اوائلي تاريخي آثارن بابت معلوماتي ذڪر ڪيو آهي. ڪيس مبارڪباد پيش ڪجي ٿي.

سبحان سوز جتوئي چيو ته سنڌي ادبي سنگت کي جس آهي جنهن هن تاريخي ڪتاب جي مهورت ڪرائي ڪتاب جي ليکڪ رسول بخش گچيرائي کي ماڻ بخشيو آهي. ليکڪ گچيري جي

**پروفيسر اعجاز علي شاهہ رضوي**
حيدرآباد



# سيوهڻ ۾ سيد ثابت علي شاهہ تي لکيل ٽن ڪتابن جي تقريب رونمائي

جديد سنڌي مرثيي جي باني شاعر سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائيءَ جي 212 ساليانی ورسيءَ جي سلسلي ۾ سيد ثابت علي شاهہ يادگار ڪميٽي سنڌ پاران سيوهڻ شريف ۾ ورسيءَ جا ٻہ روزه پروگرام منعقد ڪيا ويا. پهرئين ڏينهن 29 مارچ 2022ع تي روشن تارا اسڪول جي هال ۾ سنڌي ادبي سنگت سيوهڻ ۽ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن جي تعاون سان زوار عبدالستار درس جي سيد ثابت علي شاهہ شخصيت، شاعري ۽ سندس دور جي حالتن تي لکيل 3 ڪتابن: (1) سيد ثابت علي شاهہ جي دور جون علمي ادبي حالتون، (2) احوال سيد ثابت علي شاهہ ۽ سندس اڻڇپيل ڪلام، (3) سنڌي مرثيي کے پانچ سال (اردو) جي رونمائيءَ واري تقريب منعقد ڪئي وئي. جنهن جي صدارت پروفيسر امداد سروري ڪئي، خاص مهمان فهيم ٻبر ۽ اعزازي مهمان خيرمحمد ٻرڙو ۽ زوار حسين لغاري هئا.

تقريب ۾ ڪتابن جي رونمائيءَ کان پوءِ تقريب کي زوار عبدالستار درس، نظيرحيات سيوهاڻي، مير حاجن مير، خيرمحمد ٻرڙو، فهيم ٻبر، زوار نياز حسين لغاري ۽ پروفيسر اعجاز علي شاهہ رضوي ۽ ٻين خطاب ڪيو، تقريب کان پوءِ آيل مهمانن جي مانُ ۾ آجياڻو ڏنو ويو.

جڏهن تہ 30 مارچ 2022ع تي ڏينهن جو سيد




ثابت علي شاهہ جي مزار ڪربلا سيوهڻ شريف ۾ 10 بجي صبح جو قرآن خواني ڪرائي وئي ۽ بعد ۾ سيد ثابت علي شاهہ جي ايصال ثواب لاءِ مجلس عزا برپا ڪئي وئي، جنهن کي مولوي زاهد حسين جعفري خطاب ڪيو. جڏهن تہ مختلف شعراءِ ڪرام سيد صاحب کي منظوم خراج حسين پيش ڪيو، بعد ۾ يادگار ڪميٽي پاران نياز جو اهتمام ڪيو ويو، ان موقعي تي مختلف ادبي تنظيمن ۽ شخصيتن پاران سيد ثابت علي شاهہ جي مزار تي گل پاشي ۽ چادرون چاڙهڻ جو سلسلو سڄو ڏينهن جاري رهيو.



**رسول بخش تميمي**

جاتي

# غالبِ سنڌ - فيض بخشاپوري جي ورسي

تاريخ 11 مئي بروز اربع فيض آباد (لڳ بخشاپور) ۾ سنڌ جي بهترين شاعر 'غالب سنڌ- فيض بخشاپوري جي ورسي تمام شان ۽ شوڪت سان ملهائي وئي. هن ورسيءَ جي صدارت جناب پير خالد سلطان باهو صاحب (پنجاب) ڪئي، جڏهن ته مهمانن ۾ ڊاڪٽر الطاف اثير، ڊاڪٽر اسد جمال پلي ۽ محترم رسول بخش تميمي صاحب هئا. ساڳئي وقت جناب انجم چنا، عطا حسين بجاراڻي، آغا نياز مگسي ۽ ٻين مقررين ۽ شاعرن شرڪت ڪئي.

مقررين ٻڌايو ته حضرت فيض الله خان 'فيض بخشاپوري' ولد مصري خان ٻومڪي 1924ع تي بخشاپور ۾ پيدا ٿيو، ڪين ننڍپڻ کان شاعري جو شوق هو. پاڻ پاڪستان جي نامور شاعرن ۾ شامل هئا، ٻين زبانن سان گڏ، سندن سنڌي ۽ اردو ڪلام گهڻو مشهور ٿيو. ڪيس سنڌي سان گڏ اردو زبان جي شاعرن ۾ يڪسان مقبوليت حاصل هئي. ڪيس جميعت الشعراءِ سنڌ طرفان 'غالب سنڌ' جو خطاب مليل هو. پهريائين سندس شاعري جا ننڍا ننڍا چار ڪتاب شايع ٿيا، بعد ۾ 1910ع ۾ جناب نواز علي ٻومڪي صاحب، فيض صاحب جو سڀ ڪلام 'ڪلياتِ فيض' جي نالي سان شايع ڪرايو. ڪلياتِ فيض جي اشاعت ۾ پروفيسر قلندر شاهه لڪياري، ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري ۽ سيف الله خالد يوسفاڻي صاحب سندس ٻانهن ٻيلي رهيا. فيض بخشاپوري صاحب کي صدارتي ايوارڊ پڻ مليو. پاڻ ملڪ جي تمام اهم مشاعرن جي صدارت پڻ ڪيائون. پاڻ غزل کي غزل جي اصل رنگ ۾ پيش ڪيائون، جنهن ڪري سندن غزل ۾ 'تغزل' آهي ۽ پاڻ بجا طور شهنشاهه تغزل آهن. حضرت فيض بخشاپوري 14 مئي 1992ع تي انتقال ڪيو. سندن وفات بعد تسلسل سان هر سال سندن ورسيءَ جو پروگرام تمام وڏي شان شوڪت سان ملهائبو رهيو آهي. جنهن ۾ ملڪ جا چوٽيءَ جا سنڌي، اردو، بلوچي، پنجابي، سرائڪي، پشتو ۽ ٻين زبانن جا شاعر چئني صوبن مان شريڪ ٿيندا رهيا آهن. سندن شاعريءَ ۾ غزل سان گڏ نظم به شاندار آهن. پاڻ عاشقِ رسولﷺ شاعر آهن، حمد سان گڏ سندن نعت ۾ تمام گهڻو سُرور سمايل آهي.

محفل ۾ جناب پير خالد سلطان باهو صاحب تصوف تي تمام بهترين ڳالهايو. سندس چوڻ هو ته هن وقت دنيا مادي ذريعن جي خلفشار ۾ ڦاٿل آهي، جنهن ڪري هرڪو ماڻهو ذهني دٻاءُ جو شڪار ٿيندو وڃي. هنن سڀني مسئلن جو حل تصوف جي تعليمات ۾ آهي، بشرطيڪ اسان تصوف جي صحيح ڳس کي سڃاڻون. محترم رسول بخش تميمي صاحب فيض صاحب جي شاعرانه خوبين کي محققانه طريقي سان بيان ڪيو. جناب ڊاڪٽر الطاف اثير صاحب، فيض صاحب جي يادگيرين تي تفصيلي خطاب ڪيو. ڊاڪٽر اسد جمال پليءَ فيض صاحب جي فن ۽ فڪر تي ڳالهايو. هن چيو ته فيض صاحب پنهنجي دور جو استاد شاعر هو، سنڌ ۾ سندن شاگردن جو وڏو تعداد پڻ موجود آهي. ڪافي شاعرن فيض صاحب کي پنهنجا شاعرانه نذرانهٔ عقيدت پڻ پيش ڪيا. پروگرام جي ميزبان جناب نواز علي ٻومڪي صاحب سڀني آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا ۽ مڙني مهمانن کي اجرڪون اوڍايون، رات جي ماني بعد پروگرام جو پهريون ڏينهن پورو ٿيو، ٻئي ڏينهن شام جو محفل موسيقي ٿي، جنهن ۾ علائقي جي بهترين راڳين فيض صاحب جو ڪلام ڳائي محفل کي جهومائي ڇڏيو. هن سنجي پروگرام جي ڪمپيئرنگ محترم راحت نياز پنو صاحب جي ذمي هئي.




غالب سنڌ فيض بخشاپوري جي ورسي جي موقعي تي فيض آباد ۾ منعقد ٿيل مشاعري ۾ ـ حضرت پير خالد سلطان باهو (صدر)، جناب الطاف اثيم صاحب، ڊاڪٽر اسد جمال پلي ۽ نواز علي 'نواز' ڏومڪي ميزبان



غالب سنڌ فيض بخشاپوري جي ورسي جي موقعي تي فيض آباد ۾ منعقد ٿيل مشاعري ۾ سامعين

ميمڻ، خادم سنائي، مخدوم آفتاب پنّي، غلام علي ميمڻ، طفيل صدر، عبيد الله صدر، عطاء الرحمان صدر، حاجي صادق سنائي، اسلم سنائي، شهاب سنائي، خالد صدر، سائين علي اختر ميمڻ، سائين غلام رضا قريشي، حفيظ الله ميمڻ، جاويد احمد ميمڻ، فقير محمد صالح ميمڻ، زبير ميمڻ، هالا اولڊ پيرس سٽي گروپ، ابڙا فيملي، مبشر ميمڻ، شهزاد ميمڻ، فياض ميمڻ، سائين صادق ميمڻ، غلام محمد ميمڻ، شعيب واسي، زبير عمراڻي، وقاص عمراڻي، سعيد ميمڻ، فلڪ نوهيب صدر، ارسلان مصطفي، شاهنواز پرٽ، محمد ابراهيم ميمڻ، قمرالدين پينجارو، وحيد صدر، عرفان چانڊيو، طاهر ظفر ابڙو، راشد ابڙو، عبدالرزاق چوهاڻ، آفتاب احمد نوح پوٽو، سائين رفيق (ڪوري) ميمڻ، عاطف رفيق انصاري، راحيل ابڙو، فائق فهيم ابڙو، شاوا خان، امير علي رند، سائين علي بخش حيدري، محسن علي رضا، جواد مفتون، منان، اسلم پنّو، سهيل ميمڻ، افتخار قمر ابڙو، اسامہ ابڙو، ڊاڪٽر سريش جيسواڻي، عبدالطيف ميمڻ، فهد ميمڻ، حنين عبيد صدر، سجاد حسين ميمڻ سميت مختلف علمي ادبي ڌرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مقررين وڌيڪ چيو تہ سهيل فيصل ابڙو بي پناھ خداداد صلاحيتن جو مالڪ هو، ساھ جي آخري گهڙيءَ تائين رب تعالي جي حضور ۾ شڪريو بجا آڻيندو رهيو. هن جي وڇوڙي نہ صرف هالا مگر سموري سنڌ جي علمي، ادبي لڏي کي سوڳوار بڻائي ڇڏيو آهي. سهيل نوجوان نسل لاءِ همت ۽ اُتساھ جو سبب بڻيل رهيو. تعزيتي ڪڏجاڻيءَ جي ڪارروائي امان الله صدر هلائي، جڏهن تہ ڪڏجاڻيءَ جي پڄاڻيءَ تي سهيل فيصل ابڙو جي مغفرت لاءِ ڏٽيءَ ۾ دعا ڪئي ويئي.

## نوان ڪتاب





مانواري ايڊيٽر صاحب
رسالو ٽماهي ’مهراڻ‘

السلام عليڪم:

سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيل ٽماهي ’مهراڻ‘ 2021/2ع نظر مان گذريو، جنهن ۾ محترم رسول بخش گڇيرائي جو تحقيقي مضمون ”مخدوم قاضي غلام محمد گڇيرائي بن محمد پريل قريش ملتاني رحه“ مطالعي هيٺ آيو. هن مضمون ۾ ڪيترين ئي روايتون غلط ۽ مستند تاريخي تذڪرن خانداني روايتن جي برخلاف بيان ڪيون ويون آهن، جنهنڪري مناسب سمجهيم ته اوهان کي خط جي ذريعي انهن مان ڪجهه حقيقتن کان آگاهي ڏيان.

(1) مضمون ۾ مخدوم غلام محمد بگائي کي ”قاضي“ جي لقب سان ”گڇيري“ شهر سان لکيو ويو آهي. اهو لقب ”قاضي“ ۽ ڳوٺ ”گڇيرو“ حقيقتن ۽ مستند حوالن جي برعڪس آهي. ڇاڪاڻ ته هيءَ بزرگ تاريخي، علمي ۽ ادبي تذڪرن ۾ ”مخدوم غلام محمد بگائي“ جي نالي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو ۽ ان نالي سان ذڪر هيٺ آيو آهي ته اڄ تائين ڪنهن به ڪتاب يا تذڪري ۾ ڪيس ”قاضي“ جي لقب ۽ ”گڇيري“ شهر جو رهاڪو نه ڄاڻايل آهي. مثال طور:

(1) ملفوظات پير محمد راشدي روضي ڌڻي
(2) تذڪره مخدومان کهڙا
(3) مثنوي يوسف زليخا
(4) مرغوب الاحاب
(5) مڪتوبات لواري شريف
(6) مڪتوبات نورمحمد شاهه ڪنڌائي وغيره

مٿين مڙني قلمي ڪتابن توڙي شايع ٿيل سڀني علمي ادبي ڪتابن ۽ تذڪرن ۾ مخدوم صاحب توڙي سندس خاندان جي هر هڪ فرد جي نالي سان ”مخدوم“ ۽ ”بگائي“ لفظ ئي شامل ملي ٿو. ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي لکي ٿو ته بُگن جو تاريخي ڳوٺڙو گڇيري جي ڏکڻ ۾ ڏيڍ ڪوهه ڪن جي پنڌ تي ۽ شاهپور جهانيان کان ٽي ميل اُتر اولهه جي ڪنڌ تي واقع آهي. بُگا ساهتيءَ جي هڪ قديم قوم آهي ۽ ٻگهين جو پاڙو معلوم ٿئي ٿو. مخدوم غلام محمد هن ڳوٺ جو وينل هو. (ساهتيءَ جا قديم علمي مرڪز قلمي، ص 424-425)

مطلب ته ڳوٺ ”بگا“ گڇيري کان الڳ ڳوٺ موجود هو ۽ اها ڳالهه به غور طلب آهي ته اصل ۾ ”بگا“ لفظ ”ٻگهيا“ جي بگڙيل صورت آهي ۽ اها به حقيقت آهي ته مخدوم غلام محمد بگائي اتان جي ٻگهين مان ئي شادي ڪئي هئي.

(2) مخدوم صاحب جي ڄمڻ جو سن 1078هه لکيو ويو آهي.

مخدوم بگائي جي ڄمڻ جو مذڪوره سن ڪنهن به لحاظ کان درست نظر ڪونه ٿو اچي، ڇاڪاڻ ته مٿي بيان ٿيل قلمي ڪتابن توڙي تاريخي ادبي تذڪرن ۾ ڪيس ٻارهين صدي هجريءَ جي مشاهيرن ۾ شمار ڪيو ويو آهي ۽ سندس حالاتِ زندگيءَ ۾ هيٺيان مستند حوالا موجود آهن:

(1) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ته مخدوم غلام محمد بگائي، مخدوم عبدالرحمٰن کهڙوي جي شهادت سال 1145هه واري واقعي تي هڪ طويل مرثيو لکيو هو، جيڪو پوءِ جڏهن ميان نورمحمد ڪلهوڙي (1163هه/1750ع ڌاري) پنهنجي حڪمرانيءَ جي آخر ۾ دادو واري ”خداآباد“ کي ڇڏي، شاهپور جهانيان نزد مورو پرسان ”محمد آباد“ جي نالي سان نئون تختگاهه قائم ڪري اچي رهيو، تڏهن مخدوم صاحب کي اهو موقعو مليو جو پنهنجو لکيل شعر جمع نماز کان پوءِ ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي روبرو مسجد ۾ پڙهيائين.“ (قصيده برده، ص 25)

(2) علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکن ٿا ته مخدوم غلام محمد بُگائي حضرت سلطان اولالياء (1125هه- 1188هه) لواري شريف واري جو دست بيعت مريد هو، (ماهوار پيغام ڪراچي، سيپٽمبر- آڪٽوبر 1982ع، ص 109)

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ته سنڌي زبان ۾ ”قصيده برده“ جو پهريون (منظوم) ترجمو مخدوم غلام محمد بگائي جو ملي ٿو. هي شرح مخدوم صاحب سن 1182هه/1768ع ۾ لکيو. (قصيده برده، ص 22)

مذڪوره ٽنهي مستند حوالن مطابق مخدوم صاحب ٻارهين صديءَ جا بزرگ آهن، نڪي يارهين صدي جا.

(3) مخدوم ميان فيض محمد گڇيرائيءَ کي مخدوم غلام محمد بگائيءَ جو پوٽو لکڻ.

اهو به بلڪل غلط آهي، ڇاڪاڻ ته مخدوم ميان فيض محمد گڇيرائي، مخدوم ميان محمد شريف جو پٽ ۽ صاحب ’فتويٰ مخدوم محمدؒ صادق گڇيرائي جو وڏو ڀاءُ هو. هو خواجه قاضي احمد قريشي دمائي جو مريد ۽ خليفو هو، ’مڪتوبات خواجه قاضي احمد‘ ۾ سندس ڏانهن هڪ خط لکيل ملي ٿو. اهو خط ۽ سندس مختصر احوال ڊاڪٽر عبدالغفار سومري صاحب جي تازي شايع ٿيل ڪتاب ’معارف خواجه قاضي احمد‘ (ص 24-60) ۾ پڻ موجود آهي.

(4) مخدوم غلام محمد بگائي کي مخدوم ابوالقاسم نقشبندي ٺٽوي، مخدوم ميان محمد خواجه ابوالمساڪين ٺٽوي جو مريد ۽ خليفو شمار ڪرڻ بعد ڪيس سلطان اولالياء خواجه محمد زمان لواري شريف واري جو مريد لکيو ويو آهي.

اها ڳالهه پڻ تاريخي حقائق جي بلڪل خلاف آهي، اصل ۾ تاريخي تذڪرن، طريقتي شجرن توڙي مخدوم صاحب جي مريدن ۽ معتقدن جي روايتن موجب مخدوم غلام محمد بگائي ۽ سندس خاندان درگاهه قاضي احمد قريشي دمائي جي معرفت درگاهه لواري شريف جا مريد ۽ خليفا آهن. (سيد غلام

محمد شاهه "گدا" بياض شجره طريقت لواريه (قلمي) ۽ حافظ محمد افضل تونيه القادري، رموز لطائف و شجره طريقت، ص 75)

(5) مخدوم غلام محمد بگائي جو خدا آباد وجي ميان نورمحمد ڪلهوڙي کي مخدوم عبدالرحمٰن کهڙوي جي شهادت تي چيل واقعاتي مرثيو پڙهي ٻڌائڻ ۽ ڪلهوڙي حڪمران طرفان ڪيس ملاحن ذريعي درياءَ ۾ ٻوڙائي شهيد ڪرائڻ.

جيئن ته مخدوم غلام محمد بگائيءَ جي ولادت ۽ وفات جا سن ڪنهن به تذڪري ۾ ڪونه ٿا ملن، ليڪن مستند حوالن، هڪ حضرت خواجه قاضي احمد قريشي دمائي (وصال 1223هه) جي معرفت حضرت سلطان اولالياءَ (وصال 1188هه) جو مريد ٿيڻ، ٻيو 'قصيده برده' جو منظوم شرح 1182هه ۾ لکڻ ۽ ٽيون ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جو تذڪره بزرگان کهڙا جي بياض مان مخدوم صاحب جو لکيل قطعه تاريخ سن 1188هه جو نقل. (شاهه عبداللطيف ۽ 12 ۽ 13 صدي هجريءَ جا ڪي ٻيا شاعر، ص 21)

مذڪوره مستند ٽنهي حوالن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته مخدوم غلام محمد بگائي سال 1188هه کان سنت پوءِ وفات ڪئي آهي. باقي شهادت واري ڳالهه غير مستند آهي، ڇاڪاڻ ته ان جو ڪنهن به تاريخي، علمي ۽ ادبي تذڪرن ۾ ثبوت ڪونه ٿو ملي ۽ هن خاندان جي ڪنهن به فرد توڙي درگاهه بگائي جي هزارين مريدن ۽ معتقدن کان ڪڏهن به ٻڌڻ ۾ نه آيو آهي ته ڪيس ميان نورمحمد ڪلهوڙي درياءَ ۾ ٻوڙائي شهيد ڪرايو هو.

**پروفيسر جوٽيجو سائين بخش قبولائي**
ڏوڪري، ضلع لاڙڪاڻو



ٽر خان محمد پنهور جي 23هين ورسيءَ جي موقعي تي مزار تي: ثمينه ميمڻ (ايڊيٽر ٽماهي مهراڻ)
ر خان محمد پنهور، عبدالمجيد پنهور، مشتاق پنهور، سارنگ پنهور ۽ مهمير سارنگ پنهور (پوٽو)
دعا گهري رهيا آهن

[27-05-2022]




م 'روح رهاڻ' پاران نامور سماج سڌارڪ، اديب ۽ صحافي ڊاڪٽر خان محمد پنهور جي 23هين
سيءَ جي تقريب ۾ اسٽيج تي ويٺل ساڄي کان: ڊاڪٽر فهيم نوناري، محترم سليم چنا،
محترم ڊاڪٽر قاضي خادم (صدارت) محترم ناصر پنهور ۽ غلام مصطفيٰ سولنگي

[29-05-2022]

"MEHRAN" (Regd. No: NS-20)Quarterly

